# شاھ جو رسالو

مرتب ڪيل

علامه آءِ. آءِ. قاضي

سنڌي ادبي بورڊ

# رسالو

(پيغام)

## شاهه عبداللطيف جو

(١١٠٢-١١٦٥ھ)


مرتب ڪيل

علامه امداد علي امام علي قاضي

بار. ايٽ. لا

سابق وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

١٤٠٦ھ/١٩٨٦ع



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چاپو پھريون ١٩٦١ع ڪاپيون ٻه هزار
چاپو ٻيو ١٩٨٦ع ڪاپيون ٻه هزار

قيمت: هڪ سو رپيا
[ Price: Rs. 100.00 ]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ، بڪ اسٽال
ڄامشورو ۽ حيدرآباد سنڌ

---

هي ڪتاب محمدحسين ترڪ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ
جي پاران، سنڌي ادبي بورڊ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ ڇاپيو،
۽ شايع ڪيو.

# فهرست


| سر | صفحو |
|---|---|
| ۱. ڪلياڻ | ۱ |
| ۲. يمن ڪلياڻ | ۱۹ |
| ۳. کنڀات | ٦۷ |
| ۴. سورٺ | ۸۹ |
| ۵. آسا | ۱۰۹ |
| ٦. پرڀاتي | ۱۳۹ |
| ۷. رام ڪلي | ۱۴۹ |
| ۸. کاھوڙي | ۲۰۹ |
| ۹. پورب | ۲۲۵ |
| ۱۰. بلاول | ۲۳۹ |
| ۱۱. سارنگ | ۲۵۹ |
| ۱۲. سريراڳ | ۲۸۱ |
| ۱۳. سامونڊي | ۳۱۷ |
| ۱۴. ڪاموڏ | ۳۴۱ |
| ۱۵. آبري | ۳۵۳ |
| ۱٦. معذوري | ۴۰۹ |
| ۱۷. ديسي | ۴۴۱ |
| ۱۸. ڪوھياري | ۴۸۵ |
| ۱۹. حسيني | ۵۰۹ |
| ۲۰. ليلا چنيسر | ۵۷۳ |
| ۲۱. مومل راڻو | ۵۸۹ |
| ۲۲. بروو سنڌي | ٦۳۱ |

٢٣. ڏهر ٦٤٥
٢٤. گهاتو ٦٦٩
٢٥. ڪاپائتي ٦٧٣
٢٦. رپ ٦٨١
٢٧. ڪارايل ٦٩١
٢٨. مارئي ٧٠١
٢٩. سهٽي ٧٥٥

# مهاڳ

سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف رحہ جون ورسيون ١٩٤٠ع کان پوءِ ذوق شوق سان ملهائڻ شروع ٿيون. پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد، شاهہ جا اهي سالگره جشن ويتروڌي پيماني تي ملهايا ويا آهن، جن ۾ ملڪ جي صدر ۽ ٻين اعليٰ ڪارڪنن، ٻاهرين سفارتخانن جي نمايندن توڙي سفيرن، ۽ ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي اديبن ۽ شاعرن شموليت پئي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري وقت بوقت شاهہ جي سوانح توڙي شاعريءَ بابت موزون ڪتابن جي طلب ٿيندي رهي آهي، ۽ خصوصاً شاهہ جي رسالي جي هڪ مستند متن بابت تقاضا وڌندي رهي آهي.

ملڪي اديبن توڙي ٻاهرين عالمن جي عام مطالعي واري انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ سنہ ١٩٦٠ع ۾ شاهہ جي شاعرانہ پرواز ۽ فڪر بابت هڪ جامع ڪتاب توڙي شاهہ جي ڪلام جي هڪ معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم علامہ امداد علي صاحب قاضي جن جي حوالي ڪيو، جن مان ڪلام جو متن هينئر شايع ٿي رهيو آهي.

هت انهيءَ ڳالهہ جتائڻ جي ضرورت ڪانهي تہ شاهہ جي ڪلام جو مرتب ٿيل هيءُ متن، شاهہ جي وڏي ۾ وڏي عالم ۽ ڄاڻو جي گهري غور ۽ فڪر جو نتيجو آهي. علامہ قاضي صاحب جن گذريل سٺ سالن کان وٺي شاهہ جي ڪلام جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري شاهہ جي ڪلام جي متن جي هيءَ تاليف ۽ ترتيب ڄڻ هڪ روشن دماغ مفڪر جي سٺ سالن جي گهري غور ۽ ويچار جو ثمر آهي. صرف ڪلام جي صحيح متن قائم ڪرڻ ۽ ان کي صحيح طور ڇاپائي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پڻ دانا مؤلف هڪ سال کان وڌيڪ مسلسل ڪوشش ۽ توجہ کان ڪم ورتو آهي.

متن جي هن اشاعت جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾ شاهہ جي ڪلام جو، نفس مضمون توڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان، کرو

مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ان کي انهيءَ فطري ترتيب موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو شاهه جي زندگيءَ جي جدا جدا منزلن سان مناسبت ۽ مطابقت جو امڪان آهي. انهيءَ لحاظ سان هيءَ اشاعت اڳين مڙني ڇاپن کان اتم ۽ اعليٰ آهي. رسالي جا اڳيان ڇاپا يا ته محض بيتن جا 'مجموعا' آهن، جن ۾ شاهه جي بيتن سان گڏ ٻين ڪن شاعرن جا بيت پڻ شامل آهن، ۽ يا ته وري اهڙن 'مجموعن' جي زياده صاف صورت آهن، جن ۾ فقط شاهه جي بيتن کي ڇيڻي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن اشاعت ۾ شاهه جي مستند ڪلام جي سلسليوار سٽاءَ ۽ ترتيب کي خاص طرح مدِنظر رکيو ويو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هيءُ پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. شاعر جي زندگي ۽ فڪر جي درجيوار مرحلن مطابق، ڪلام جي هيءَ ترتيب خود شاعر جي سوانح حيات جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻاهرين ٻڌل زباني روايتن جي برعڪس، خود شاعر جي پنهنجي ڪلام جي تسلسل ۾ سندس زندگيءَ جي مختلف مرحلن جا اهڃاڻ موجود آهن. هيءُ هڪ عجب اتفاق آهي جو روشن دماغ ۽ داناءَ مؤلف جي گهري غور ۽ ويچار بعد هن اشاعت ۾، شاهه جي ڪلام جي جيڪا داستانن ۽ سُرن وار ترتيب وجود ۾ آئي آهي، ان ۾ انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقاءَ جي اعليٰ مرحلن جو عڪس موجود آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان پڙهندڙن لاءِ هن اشاعت جو مطالعو اڻ سڌيءَ طرح پڻ فائدي کان خالي نه آهي.

متن ۾ بيتن جون پڙهڻيون موجوده عام رائج اچارن مطابق ڏنيون ويون آهن. انهيءَ ڪري، شروع کان پراڻي صورتخطيءَ جي استعمال سببان پوين ڇاپن ۾ جيڪي لفظن جي پڙهڻين جون غلطيون هلنديون پئي آيون، تن جي تصحيح ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ هيءُ متن رسالي جي مختلف ڇاپن توڙي قلمي نسخن جي پڙهڻين تي

غور بعد قائم ڪيو ويو آهي، تہ بہ رسمي طور هيٺ حاشين ۾ جدا جدا پڙهئيون ڪين ڏنيون ويون آهن؛ انهيءَ لاءِ تہ هيءُ جلد اجايو ضخيم نہ ٿي پئي ۽ پڻ پڙهندڙن جو ڌيان متن ۾ ڪلام جي حسن ۽ ڪمال کان هٽي حاشين طرف نہ ٿئي. البتہ عام فائدي خاطر متن جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي ڏني وئي آهي، جا اميد تہ پڙهندڙ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

پريس لاءِ صاف ڪاپي لکڻ، پهرين پروفن پڙهڻ ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي تيار ڪرڻ ۾ ميرمحمد نظامائي، ليڪچرر شعبہ سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، مؤلف جي مدد ڪئي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پريس جي عملي هن ڪي ٿوري عرصي ۾ ڇاپڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ اهي سڀيئي صاحب شڪري جا لائق آهن.

جيدرآباد
١- مئي، ١٩٦١ع

نبي بخش بلوچ
'ڊين فيڪلٽي آف آرٽس'
سنڌ يونيورسٽي

# ناشر طرفان ٻه چار لفظ

سنڌي ادبي بورڊ کي اهو فخر حاصل آهي جو ان حضرت علامه آءِ.آءِ. قاضي صاحب جو مرتب ڪيل حضرت شاهه عبداللطيف جو رسالو (پيغام) ۱۹۶۱ع ۾ شايع ڪيو هو.

انهي رسالي جي ايتري ته ضرورت هئي جو اهو رسالو ٿوريئي وقت اندر مڪمل طرح سان کپي ويو.

تنهنڪري انهي رسالي جو وري ٻيو ايڊيشن سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي جو توهان صاحبن جي هٿن ۾ آهي.

اميد ته شاهه صاحب جي روحاني رازن جا شائقين هن رسالي مان گهڻي ۾ گهڻو فيض حاصل ڪندا.

المخلص

(محمد حسين ترڪ)

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو

۴-شوال ۱۴۰۶ هجري

مطابق ۱۲-جون ۱۹۸۶ع

# ڪليات

## داستان پهريون

( ١ )

اَولِ اَللہ، عَليم، آعلي، عالمَ جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آه قديم،
والِي، واحد، وحدہٗ، رازق، رب، رحيم،
سو ساراه سچو ڌڻي، چئي حمد، حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙُون جوڙ جهان جِي.

( ٢ )

وحدہٗ لاشَريڪَ لہٗ، جڏهن چيو جن،
تَن مڃيو محمدَ ڪارڻِي، هيجان ساڻ هنيَن،
تڏهن مِنجهان تَن، آوَتَرِ ڪونہ اوليو.

( ٣ )

وحدہٗ لاشريڪَ لہٗ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا،
ڪِ تو ڪنين نہ سُئا، جي گهٽ آندر گهوڙا،
ڳاڙِيندين ڳوڙها، جِت شاهد ڏيندءِ سامهان.

( ٤ )

وحدہٗ لاشريڪ لہٗ، اِيءَ وِھائج ويءَ،
ڪثين جي ھارائيِنٔ، ھنڌ تنھنجو ھِيءُ،
ھاٿان ڇونڊ ءِ پِيءُ، پِري جامِ جنت جو.

( ٥ )

وحدہٗ لاشريڪ لہٗ، اِيءُ ھيڪڙائيءُ حق،
ڀائيءُ ڪي ٻڪ، جن وڌو سِي وِرسيا.

( ٦ )

وحدہٗ جي وَڍيا، اِلّاالله آڏَ ڪيا،
محمد رسول ڇِئي، مسلمانَ ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي، اِنھين پِھ پِيا،
تيلانٔ ڏٿيءُ ڏٿا، جيلانٔ ويا وحدت ڳڏجي.

( ٧ )

وحدہٗ جي وڍيا، اِلّا الله سين اورِين،
ھينئُون حقيقت ڳڏيو، طريقت تورِين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندر ڏورِين،
مَڪ نہ سَتا ڪڏھين، ويھي نہ ووڙِين،
ڪلھنئون ڪورِين، عاشق عبداللطيف چئي.

( ٨ )

وحده لاشريڪ لہ، جان تو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نر تئون منجهان نيهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، لا ئين ڪنڌ ھين ڪي.

( ٩ )

وحده لاشريڪ لہ، جن آتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
آوءِ فائق ۾ فرمان، آوتڙ ڪنهن نہ اوليا.

( ١٠ )

آوتڙ ڪنهن نہ اوليا، ستڙ ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، آحد سين عالم،
بي بها بالم، آگي ڪيا آڳهين.

( ١١ )

آگي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نور،
لاخوف عليهم ولاھم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور، آنگ آزل ۾ آن جو.

( ١٢ )

سر ڏونڊيان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڏونڊيان، سر ناه،
هٿ، ڪرايون، آگريون، ويا ڪپجي ڪنہ،
وحدت جي وهانءَ، جي ويا سي وڍيا.

( ۱۳ )

وحدہ جي وڍيا، ڪيا اِلّاالله آڌ،

سي ڏڙ ھِسي سڌ، ڪنھن آياڳيءَ نہ ٿئي.

( ۱۴ )

وحدتا ڪثرت ٿِئي، ڪثرت وحدت ڪُل،

حقُ حقيقي ھيڪڙو، ٻولي ٻِي مَ ڀُل،

ھيءَ ھلاچو ھُل، بالله سندو سڄڻين.

( ۱۵ )

جنھن تون الله ھيڪڙو، وائي ٻِي وسارِ،

تن ۾ تند تنوارِ، سدا سپرين جي.

( ۱۶ )

جنھن تون الله ھيڪڙو، ٻِي وائي وساري ڇڏِ،

آءُ تان تو سين گڏِ، سڄڻ ساہ ٻساہ ۾.

( ۱۷ )

پاڻئي جلّ جلالہ، پاڻئي جانِ جمالُ،

پاڻئي صورت پِرَ جي، پاڻئي حسن ڪمالُ،

پاڻئي پِير مريد ٿِئي، پاڻئي پاڻ خيالُ،

سو سڀوئي حالُ، منجھان ئي معلوم ٿئي.

( ١٨ )

پاڻهي ڀَسي پاڻ کي، پاڻهي محبوبُ،
پاڻهي خلقي خوبُ، پاڻهي طالب تَن جو.

( ١٩ )

سو هيءُ، سو هو، سو آجلّ، سو الله،
سو پرين، سو ڀساهُ، سو ويري، سو واهرو.

( ٢٠ )

سو هيڏانهن، سو هوڏانهن، سوئي مَنِ وسي،
سوئي سو ڀسي، تهين سندي سوجهري.

( ٢١ )

ڙاڏو سو سڏ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هَٿا اکِيهين ڪَڏ، ٻَڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

( ٢٢ )

ايڪ قصر، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪُٺيس ڪِڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرکَ، تيڏانهن صاحبُ سامهُون.

( ٢٣ )

ڪوڙين ڪاپائون تنهنجيون، لِکن لَکَ هزارَ،
جيءُ سيڪنهن جيءُ سين، درسن ڏارو ڏارُ،
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا ڇئي ڪيئن چوان!

وائي

سيڪا پريان ڪون پوجي،
نينهن نيڻين، ڳڻ ڳالهه، وو.
جا ڇتايم ڇت ۾، سڄڻ سا ٿو ٻجهي،
نينهن نيڻين، ڳڻ ڳالهه، وو.
لات جا لطيف جي، سڏ تنهن جو سڄي،
اينهن نيڻين، ڳڻ ڳالهه، وو.

## داستان ٻيو

( ١ )

آڳهي آڳهائي، رنج پريان ڪي رسيو،
ڇڪيم ڇڳائي، سورانگهي سوريءَ تان.

( ٢ )

آلڏا آونڏا وڃ، ڪل ڪڇا اٿي ڪانئين،
آسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيچ،
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

( ٣ )

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

( ۴ )

سوري سڏ ڪري، آڻي عاشقن کي،
جي اٿي سڏ سڪڻ ۾، ته ڪؤم پير پري،
سيسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ پريتون.

( ٥ )

سوري آهه سينگار، آڳهين عاشقن جو،
مڙڻ، موٽڻ مهٽون، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

( ٦ )

سوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لڏيا ڪين لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪونيو ڪناري، آئيو چاڙهي آن کي.

( ٧ )

سوريءَ متي سيڄ، ڪهڙي ليکي سنرا،
جيله لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿي.

( ٨ )

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

( ٩ )

سوريءَ جي سؤ وار، ڏيهاڙُو چنگ چڙهيين،
جم وِرچي چڙهين، سڪڻ جي سچار،
پرت نہ پسين پار، نينهن جتائين نڪيو.

( ١٠ )

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙون،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجهڻ جيئن وڃاءِ،
سيخن ساهہ پچاءِ، جي نالو گيڙءِ نينهن جو.

( ١١ )

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڪَن وِرِيندڙ هٿ ۾،
پسيو پرِ عجيب جي، لِڇيو وڃي لوهہ،
عاشقن اَندوهہ، سدا معشوقن جو.

( ١٢ )

ڪاتي تکي ۾ تئي، مر منياڻي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا.

( ١٣ )

جي تون سڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ هيٺ ۾ ڪنجهہ،
سپيريان جي سور جو، ماڙهن ڏجي نہ منجهہ،
اندر ايءُ آهنج، سانديج سڪائون ڪري.

( ١٤ )

جان وڍُيين تان ويھہ، نہ تہ وٺيو واڻ تون،

ھيءَ تنين جو ڏيھہ، ڪاتي جنين ھٿ ۾.

( ١٥ )

ڪاتي جن ڳري، مان لنؤن لڳي تن سين،

محبت جي ميدان ۾، وڃان ھير پري،

آڏيءَ سر ڌري، مان ڪُھنھون سپرين.

( ١٦ )

آڪِيان آڏين وٽ، پوين مِر سنباھيا،

ڪاٽ تہ ھوين قبول ۾، مچڻ پائين گھٽ،

مٿا مھاين جا، پيا نہ ڏسين ھٽ،

ڪلاڙڪي ھٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وھي.

( ١٧ )

جي آٽي سڪ سرڪ جي، تہ وڃ ڪلاڙڪي ڪاتي،

لاھي رک لطيف چئي، مٿو وٽ ماتي،

تڪ ڏيئي ٻڪ پيءُ تون، گھوٽ منجھان گھاتي،

جو ورنہ وھاٽي، سو مِر وٽ سرو ساھنگو.

( ١٨ )

جي آئيي مڌ سرڪ جي، ته ونءِ ڪلاڙڪي مَٽ،
لاهي رک لطيف چئي، متو ماٿي وٽ،
سِر ڏيئي ۾ سَٽ، پيچ ڪي پيالون.

( ١٩ )

جي آئيي سِڪ سرڪ جي، ته ونءِ ڪلاڙڪي ڪوءِ،
مهيسر جي مد جي، هٽ هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙيين روءِ، تان سِر وٽ سرڪي سگهين.

( ٢٠ )

جي آئيي سِڪ سرڪ جي، ته ونءِ ڪلاڙڪي گهر،
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهت آنهين جي پر،
جي وٺي پويئي ور، ته سهنگي آه سيد چئي.

( ٢١ )

نائي ناه ڪکوه، کين ملهه مهانگو منڌ،
سنباهج سيد چئي، ڪانڌ ڪارڻ ڪنڌ،
هيءَ نين جو هنڌ، مَن پاس مرڻ جي.

( ٢٢ )

عاشق زهر پياڪ، وهه پسيو وهسڻ گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳين لنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڻي ڇڪين چاڪ، ته به آهه نه سلن عام کي.

( ٢٣ )

م ڪر مد شراب جي، جي تون ناريين توهه،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رڳن روح،
ڪاتي چڪ ڪڪوهه، لاهي سر لطيف چئي.

( ٢٤ )

سڌڙيا شراب جون، ڪوهه پچارون ڪن،
جه ڪات ڪلالن ڪڍيا، ته موٽيو پوءِ وڃن،
پڪون سي پين، سر جنهين جا ست ۾.

( ٢٥ )

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾،
سي مر ڪن پچار، هڪيا جن جي هٽ ۾.

( ٢٦ )

ديڳيين دوڳ ڪڙهن، جت ڪڙيين ڪڙڪو نه لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چڪندا چڏيا.

( ۲۷ )

سسئي سي ڪهڙن، جي وائينڌڙ وچ ۾،
آءُ ڪين پيو پڇن، سڙو جن سنباهيو.

( ۲۸ )

اَصل عاشق پانهنجي، سسئي نہ ساڻدين،
لاهيو سِرُ لطيف چئي، ساهُ سلاڙيو ڏين،
ڪلهنئون ڪانئين، پڇن پوءِ پريتئون.

( ۲۹ )

اَصل عاشقن جو، سِرُ نہ ساڻيڻ ڪم،
سؤ سسنئان آڳرو، سندو دوسان دم،
هيءُ هڏو ءُ چم، پڪ پريان جيءَ نہ پڙي.

( ۳۰ )

جي مٿي وٽ مِڙن، تہ سيڪنهين سڌ ٿئي،
سِرُ ڏني سٽ جڙي، تہ عاشق ايئن آچن،
لذاتي لين، ملهہ مهانگا سپرين.

( ۳۱ )

ملهہ مهانگو قطرو، سِڪن شهادت،
آسان عبادت، نظر ناز پرين جا.

## وائي

منڍ پيندي مون، ساڄن سهي سڃاتو،
هي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهوسون،
ساڄن سهي سڃاتو.
پريان سندي پار جي، آندر آڳ اٿون،
ساڄن سهي سڃاتو.
جيئن ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون،
ساڄن سهي سڃاتو.
آلا! عبداللطيف چئي، آهين تونهين تون،
ساڄن سهي سڃاتو.

## داستان ٽيون

( ١ )

اٺياري آئي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ٿي هٿي ويا، پيڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نه وڻي هاڻ مون.

( ٢ )

هڏ نه وڻي هاڻ مون، ويڄن جو وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ٿي هادي ٿيو.

( ٣ )

حبيب نبي هادي ٿيو، رهنما راحت،
پيڙا ليائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لت،
سپيريان صحت، ڏنيم منجهان ڏکندي.

( ٤ )

اور ڏکندو آو ٿئي، هادي جنهن حبيب،
تر تفاوت نہ ڪري، تنهن کي ڪو طبيب،
رهنما رقيب، ساڻو صحت سپرين.

( ٥ )

ساڻو صحت سپرينءَ، آهي نہ آزار،
مجلس وير متو ٿئي، ڪوئيندي قهار،
خنجر تنهن خوب هڻي، جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساه جيون.

( ٦ )

رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سيڪهين،
لڇڻ، ڪڇڻ نہ ٿيو، جانب ري جباب،
سوئي سنڌيندم سپرينءَ، ڪيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.

( ٧ )

سوئِي راهه رڏ ڪري، سوئِي رهنما،
وَ تعزّ مَن تشاءُ و تذلّ مَن تشاءُ.

( ٨ )

جاڻِي ٻجهي جن، تو سين سور سڄ ڪِي،
تون ڪيئن سنديون تن، ٻر سين ٻچارون ڪرين؟

( ٩ )

ٻر ٻر ٻچيائون، عشق جي اسباب ڪي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسائون،
آخر والعصر جو، اِينهين آتائون،
تهان پوء آئون، سڪان ٿِي سلام ڪي.

( ١٠ )

سڪين ڪه سلام ڪي، ڪرين ڪه نه سلام،
پيا در تن حرام، اِيءُ در جنين ديکيو.

( ١١ )

مٺايان مٺو گهٽو، ڪڙو ناه ڪلام،
سڪوت ٿي سلام، پريان سندي پار جو.

( ١٢ )

ڀريان سنڌ ي پار جي، مڙني مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيٽ ڪري.

( ١٣ )

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، اِيءَ پروڙج بات،
هتِ ڪاتي ڳڙ وات، ٻڇو ٻر پرين جي.

( ١٤ )

حبيبن هيڪار، منجهان مِهر مذ ڪيو،
سو مون سپ چمار، اورڻ آهوئي ٿيو.

( ١٥ )

پاپوهي هيڪار، مونهان ٻچيو سڄڻين،
'الست بربڪم'، چيائون جنهن وار،
سنڌ ي سور ڪنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.

( ١٦ )

پاپوهيو ٻچنِ، 'ڪٿي هٿ حبيب جو؟'
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪنِ،
عاشق آجل سامهان، اوئچي ڳاٽ اچن،
ڪسڻ قرب جنِ، مرڻ تنِ مشاهدو.

١٧

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهن ماڻ،
نيزي هيٺان نينهن جي، ٻاسي ڪر م ٻاڻ،
ڇل، وڃائي ڇاڻ، عاشق آجل سامهون.

١٨

ڪوڻ قريبن جو، عين تڙڻ آهِ،
ايءَ الٽي ڳالهڙي، سِڪ ورندي ساهُ،
آسر هڏ م لاهِ، ڇنن ڳنڍڻ اَن جو.

١٩

ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سي ٿِي ماءُ مهن، سي ٿِي راحت روح جِي.

٢٠

ڪهي سو ڪر لهي، ڪوئي سو قريب،
اِها عادت سکيو، هر زمان حبيب،
تنجي سو طبيب، سو ٿِي راحت روح جِي.

٢١

ڪهن ۽ ڪوئين، ايءَ ٻر سندي سچئين،
سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنيِ ڏيهاڻي ڏين،
ويٺا وره وئين، آءَ واڍوڙيا وهاءُ تون.

## وائي

ٺيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو.
ڪي ڏينهڙا ٻاجهه جي، آڇي شال عجيب،
دارون منهنجي درد جو.
ٻرين آڇي پاڻ ڪيو، سندو غور غريب،
دارون منهنجي درد جو.
ڏکندو سيوئي ڏورِ ڪيو، منجهوَن تن طبيب،
دارون منهنجي درد جو.
آديون عبداللطيف چئي، هاتڪ آهِ حبيب،
دارون منهنجي درد جو.

# يمن ڪلياڻ

## داستان پهريون

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تونءِ درد جي دواءِ،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفاءِ، ميان! مريضن کي.

٢

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جو دارون،
دوا آهن دل کي، تنهنجيون تنواروُن،
ڪريان ٿي ڪارون، جئن ٻڪي ڀِڻڻون نه ٿئي.

٣

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تولهين ڏٺِن ڏبُ،
تون ڏِيين، تون لاهيين، تون هادي، تون ربُّ،
آهي اِي عجبُ، جئن وارِيو وِيچ وِهارِيين.

۴

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون داروُن کي دردن،
تون ذِيهن، تون لاهِين، ذاترُ کي ذَکندن،
تڏهن ڦٽيون فرقَ ڪن، جڏهن آمر ڪريو آنِ کي.

٥

جانْ ڪي ڪري طبيبُ، داروُن هِن درد جا،
هٿيو سي حبيبُ، آکوڙيو آڏَ ڪري.

٦

هڻَ حبيبَ هٿَ ڪٽي، ٽِيڪ م، ٽورو لاءِ،
ٻرينْ ٿنهنجي گهاءِ، مَران ته مانُ لهان.

٧

هڻَ حبيبَ هٿَ ڪٽي، دل ۾ ٿِي دانْهيانْ،
ڪِچان تان ڪوڪَ ٿئي، صبر آءُ نه سهان،
ڪنهن کي اِيئن چوان، ته مون کي ماريو سڄڻين.

٨

هڻَ حبيبَ هٿَ ڪٽي، ٻڪا لهي پاڻُ،
ماگهين مون مِنهن ٿئي، جهوليءَ وجهان پاڻُ،
اِنَ پر ساڄن ساڻُ، مانَ مقابلو مون ٿئي.

٩

جت حبيب هٽن، ناڻڪ پري نينهن جي،
تتي طبيبن، وِڃا وڃي وسري.

١٠

هٽي جي حبيب، محبتي ميا ڪري،
پڇان ڪون طبيب، هوند گهائن مين ٿي گهاريان.

١١

چوري چنگ، پنگ لهي، حبيبن هنيوس،
پڄهان پاڻ لڳوس، ڪانارئو ڪر ڪٽي.

١٢

ڪانارئا ڪٽڪن، جنين لوهه لڳن ء،
محبت جي ميدان ۾، پيا لال لڃن،
پاٽهي پڌن پنيون، پاٽهي چڪنا ڪن،
وٽان واڍوڙين، رهي آڇجي راتڙي.

١٣

رهي آڇجي راتڙي، تن واڍوڙين وٽاءِ،
جن ڪي سور سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءِ،
لڪائي لوڪاءِ، پاٽهي پڌن پنيون.

١٤

آڄ ٻڻ ڪنجھو ڪنجھه، واڍوڙڪي منھين،
جي ٻڌ ٻيئڻ سنجھه، ھوءِ پنيون، ھوءِ پنيون.

١٥

آڄ ٻڻ کھڙي دانھن، واڍوڙڪي منھين؟
وڃ ورائي ٻانھن، ڇوري چاڪ نھاريا.

١٦

ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين،
تائين پاسي توڙ، اوري ڪن نه آسرو.

١٧

سدا آھي سور جي، واڍوڙين وائي،
جيڪا آئن من ۾، سلڻ نه سائي،
اوڙڪ آھائي، ڳوليو لھڻ ڳالھڙي.

١٨

سگھن سڌ نه سور جي، ته گھايل ڪئن گھارين،
پيل پاسو پٽ تان، واڍوڙيل نه وارين،
ٻر ۾ ٻجڻ ٻرينءَ لئي، ھئي! ھنجھون ھارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وھامي راتڙي.

١٩

سکھنِ سڌِ نہ سور جي، تا رنگنِ رنجوري،
پيا آھن پٽ تي، مٿن ماموري،
لگين لؤن لطيف چئي، سدا جي سوري،
ھرتِ جن پوري، تن رويو وھامي راتڙي.

٢٠

آيلِ آنِ نہ وسھان، ھنجھون جي ھارينِ،
اٿيو آب اکين ۾، ڏيھہ کي ڏيکارينِ،
سڄڻ جي سارينِ، سي نکي رون نہ چون کي.

## وائي

ورسيا ويچ ويچارا، دل ۾ درد پرينِ جو.
اٿو ويچا، ۾ وھو، وچو ڏيپ کٿي،
دل ۾ درد پرينِ جو.
پکي ڏيندا پاڄھہ جي، آيا سور ڏٿي،
آيا جيءَ جيارا،
دل ۾ درد پرينِ جو.

# داستان پيو

۱

تن طبيب نہ تون، جو سڌ نہ لهين سور جي،
ڏک پنهنجون ڏيهون، ڪڏ ڪٺي ۽ پون،
ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

۲

ڏاريئي دنيا ڪارڻ ڏيهون، تن جو تون نہ طبيب،
ايندو آڄ عجيب، شادي ڏيندو صحت جي.

۳

تن طبيب نہ گڏيا، ڪنيس ڪويڄڻ،
ڏيئي ڏاڀ ڏڏڻ، پاڻان ڏيل ڏکوئيو.

۴

آهي گهڻو آگهڻ جو، ترس طبيبن،
ڪيو ورس ويڄڻ، تان ڪريءَ ري ڪين ٿئي.

۵

ترس طبيبن جو، جڏن ڪيو نہ ذات،
جو ويڄڻ جي وٽ، دارونئا تنهن دور ٿيا.

۶

آگهائي سگها ٿيا، جي ويئا وٽ ويڄڻ،
ترسي طبيبن، ڇيئي هوند چڱا ڪيا.

٧

ويچنِ سين وائيءَ پيا، ڪِري نہ ڪيائُون،
جي پنڌِ پاريائون، تہ سِکهائي سکها ٿيا.

٨

ويچنِ سين وائيءَ پيا، ڪِري ڪنِ نہ پاڻ،
آگها اِنَ آهجاڻِ، پسو! سُور سِجهائيا.

٩

پاڙي ويچ هنام، تان مون سُور نہ پچيا،
تيلاهين پيامِ، مورِيسر آڪين ۾.

١٠

هاريا تو هِري، ڪپچ ڪايا سين ڪيو،
ڪريين جي ڪِري، تہ نون توانون ٿئين.

١١

جي پائين پرينِ مڙان، سِک چوران ڪِي ذاتِ،
جاڪِڻ جشنَ جن ڪِي، سُک نہ ساري راتِ،
آڇي پڇي آئيا، وائي ڪنِ نہ واتِ،
سلي سوريءَ چاڙهيا، پيان ڪنِ نہ باتِ،
توڻي ڪسن ڪاتِ، ساڳي سلنِ ڪينڪي.

١٢

تڙي طبيبن، گهائل گهران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ ڇهون ڪري، ڪڙيون مور نہ ڪن،
دوست جي درسن سين، ٻئي ٽار ٽپن.
ورچيو ويج وڃن، آءٌ تہ ٻرينم آبهان.

١٣

ويجن وٺي ٽي، دوس ٻيهي در آئيو،
صحت جي سريرءِ، ڪل ڪرين پيٺي،
پيڙ پري ويئي، آچن ساڻ عجيب جي.

١٤

وڏي جن وڏياس، وري ويج ٽي سي ٽيا،
ترت ٻڌائون پٽيون، روز ڪيائون راس،
هينئڙا تنين پاس، گهار تہ گهايل نہ ٿئين.

١٥

هاربا ويج، سياس! سڌ نہ لهين سور جي،
ٻريان ڪي چونڊياس، تہ ترس طبيبن ڇڏيو.

١٦

ويج! م ٻڪي ذي، آلا! چڳي م ٿيان،
سجن مان اچي، ڪر لاهو ٽي ڪڌهين.

١٧

ويھڻ ويجنِ وٽِ، جي سگھين تہ سگھو ٿئين،
آڳين عادت مٽِ، تہ آڳھا! عاجز نہ ٿئين.

١٨

ھئين ويجنِ وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين؟
سر ڏيئي ۾ سٽِ، ڪوہ نہ ڪيئي ڏيڙا؟

١٩

دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويج مون،
ڪي ڏيندا ٻاجھہ جي، نھاري نارُون،
جن سيڻ لھن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي.

٢٠

آگھنِ مڙي آج، ڪيو سڏ صحت ڪي،
ڏور ڏکندا ڀج، مھريءَ منھن ڏيکاريو.

## وائي

آچي مار لھيج، ساڄن، سور توھانجي آءٌ ماري،
سور تنھنجي جي مران، تان مون ڏوھ نہ ڏيج،
ساڄن سور تنھنجي آءٌ ماري.
ڏيڻ پيري ھٿڙا، دارون دوست ڪريج،
ساڄن سور تنھنجي آءٌ ماري.

## داستان ڏيون

١

هٿي هٿي! وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻڪين ٻري باهہ،
ڀسو مچ متاءِ، جي ويساهہ نہ وسهو.

٢

هٿي هٿي! وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻڪين مڪي ٻوءِ،
آچي ڀسو روءِ، جي ويساهہ نہ وسهو!

٣

ڪانڊين ٽانڊين ٻاٻرين، پچان مڙ پيئي،
جيرا جگر ٻڪيون، سيخن ۾ ڏيئي،
ويچنئون ويئي، ڏي وهيٽي سجڻين.

٤

مڙ جو سچيو سڄڻين، پر پيڏيءَ ڏيئي،
ڪان ڪرنگهر ڪپيو، پڪن مڙ پيهي،
جيرا جگر ٻڪيون، ٻاماريون پيئي،
ويچنئون ويئي، ڏي وهيٽي سجڻين.

٥

سر جو سچيو سڄڻين، ڀنگا ڀاڻ پري،
ويو وجودان نڪري، ڪڙڪڙ ڪان ڪري،
اچو پير پري، ته ڪ نريو هٿ حبيب جو.

٦

سر جو سچيو سڄڻين، ڀِهر ڀاڻ پري،
چمڪيو سو چوهه مان، ڪڙڪڙ ڪان ڪري،
جيرا جگر بڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي، تاڻيان تير نه نڪري.

٧

سر جو سچيو سڄڻين، سيگ منجهان سيلو،
نمگر نڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو ڀيلو،
هٿن مين حيلو، جانب جيڏو ني ڪيو.

٨

ڏگهايوم ڏئين، چيرو آندر جندڙي،
لڳي سيخ وجود ۾، سندي نينهن نئين،
مشاهدي تهين، مون کي وڏو مڇ ۾.

٩

جي تتو تن تنور جئن، تہ چنڊي ساڻ چماءِ،
آئي آڳ ادب جي، ٻاري جان جلاءِ،
برقعا اندر بازيون، پنهنجون سڀ پچاءِ،
لڇڻ، لؤن لطيف چئي، پڌر هڏ م پاءِ،
متان لوڪ لکاءِ، وصالان وڃ ٿئي.

١٠

آچا تنوراءِ، ڪالهہ ڪلهياسون سڄڻين،
من تايائون تڪڙو، وحدت جي وڏاءِ،
محبتين مٽاءِ، مچ مورائين نہ لهي.

١١

پچائي پهاڻ، جن رسائيو رڪ کي،
تنين سندو چاڻ، آهي آڳڙين کي.

١٢

چڙهيو چڪاسڻ چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آئي پاڻ آڙاءِ، ڪئي ڪوري وچ ۾.

١٣

ڏنهن ڏيئي ڏمر وار، آج پڻ آڪڙبن جي،
ٻاري مڇ مجاز جو، اوتيائون آڳار،
ڏوڌيا ٿيءَ م ڏار، جم ڪڇو رک ڪٽيون ٿئي

١٤

ڏوڌا تون نه ڏنئين، آڳ اوڏو نه وڃين.
الا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين.
اپو ايءَ چئين، ته آءُ آڪڙيو آهيان.

١٥

سر ساندا ڪري، پڇج ڳهر لهار جو،
ڏکن هيٺ ڏري، مان ڳڏينئي رک سين.

١٦

سهين جئن ساندا، ڏکن متي ڏڪڙا،
وهه وڃائي پاڻ، ڏي ڏياڻون ڏگرين.

١٧

هئي! ٻر آڳارن، ٻڏاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪاٺيا، ٻيو ڏوڏي منجهه ڏڳن،
پاڻان لهارن، ميڙي رکيا مڇ لئي.

١٨

ٻاريو آڇهائين، ٻرين آڇهايو ٻارين،
مون کي ٽا مارين، لٽا لهارن جا.

١٩

آج آڪڙيا آئيا، سوڍا سراڻي،
پياري ٻاٽي، تيغون ڪندا تکيون.

٢٠

آج آڪڙيا آئيا، سائو ڪپي سڄاڻ،
لاهيندا موريان، رڪ ڪريندا پڌرو.

٢١

مرها ڏنم سي، جن ساڃاءَ سراڻ سين،
تيغ تنين جي ڪپي، ڪٽ نہ لڳي ڪڌهين.

٢٢

ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏکن،
مترڪن منهن ڪليا، ساندائيون سکن،
آج ٻڻ آڪڙين، ميڙو آهي مچ تي.

٢٣

چکي مٺي مٽن جي، آڪڙيا آيا،
ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورله وٺايا،
گهورن سين گهايا، ٻڻ تان ٻري ٽيو.

( ٢٤ )

ڪانئيا تن ڪنيو، اڄهائڻ آونداهه،
جن اندر ٻري باهه، سڌ تني کي سيڪا.

وائي

جيءَ جيارو، جيءَ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
ٻرين جيءَ ٻچار، سيڻن جيءَ سنيار، جڏڙو جيءَ جياريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
آڇيو تن عميق مال، ٻرين ٻوج ٻياريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
مرض مريضن تان، اشاري ساڻ آتاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
ڪرم ڪريمن جي مون کي، آهڪيءَ مان اڪاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
سنئون منهن ڪري سپرين، آئين نرمل نور نهاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.
سائلن جئن سڌ ڪري، آئين طالبن کي تاريو،
منهنجو جيءَ جياريو.

# داستان چوٿون

( ۱ )

ايڪ پيالو، ہہ چٺا، عشق نہ ڪري اِينءَ،
اِيکيا جي لِکڻ ۾، سي قُربِ رَسندا ڪينءَ؟
هٿڻ ڪيا هِينءَ، وانجِٺا پسّ وِصالَ کان.

( ۲ )

ايڪ پيالو، ہہ چٺا، عشق نہ اِئين ڪري،
آئِي سي ايڪ ٿيا، جي گتا نينهن گهري،
ڏٺي ڏار ڏري، خلت خنجر آئيو.

( ۳ )

ايڪ پيالو، ہہ چٺا، عشق نہ ڪري آڏ،
اِيءَ جا ساغر سڏ، ڪيئي جا قوال سين.

( ۴ )

آکيون اوڏاهين ڪٺي، جيڏانهن قاتل ڪَل،
مٿو ڪن نہ مَل، هِڪ برابر پانهنجو.

( ٥ )

جيڏانهن قاتل ڪوڙ، اکيون اوڏاهين ڪٺي؛
وه تنين جي ووڙ، جنين سانگ نہ ساه جو.

( ٦ )

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماڪي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچ ڪي پياليون.

( ٧ )

هوندو هڏ م رڪ، لئي پياڪن پانهنجو،
وٺي واناڙئن کي، تان پياري پرڪ،
سا لڪ لهي ٿي لڪ، جا تو اِيندي آن سين.

( ٨ )

هوندو هڏ م سنڌ، لئي پياڪن پانهنجو،
پوڄ پيارج پنهيڙا، ويندا وئيو ڪنڌ،
تہ هٿ تنهنجي هنڌ، موکي ڪو مانُ لهي.

( ٩ )

گهٽن ۽ گهٽڪن، وتيون پين وه گاڏيون،
’برخيز بده ساقي‘، پيار کي پرين،
ڪين نہ پرچن، مت تڪيائون سنجهيان.

( ١٠ )

آئي آتر واھ، موڪيءَ مٽ اُپٽيا،
متارا تنهن ساءِ، آچن سر منباھيو.

( ١١ )

موڪيءَ مٽ اُپٽيا، آچا آڳ ڏار،
ايندا تو دربار، وہ پئندا وٽيون.

( ١٢ )

موڪي منڌ پيار، اونچو اونچي مٽ مان،
ڏيندي ڏاتارن کي، وٽيءَ وجهہ ۾ وار،
سر ڪٽي، سردار، آڳہ تنهنجي آئيا.

( ١٣ )

موڪيءَ مٽو نہ گهريا، وہ نہ وهائيا،
سرڪيءَ ڪاڻ سيد چئي، آئي تي آئيا،
جي ڳالن ڳگائيا، تن ٻئن ھاسي هيون.

( ١٤ )

موڪيءَ سندي مٽ ۾، سري سڀ پيو،
قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهہ ڪلاڙ جو.

( ١٥ )

موکيءَ سنڌي مَٽ ۾، ڪو جو زهر ذرو،
پنڌي پوشيدن کي، پيو ڪونہ پرو،
مٺو مهاڻن جو، کيو کهر کرو،
اُمڙن کيپ ڪرو، ڪنهن جنهن کهر ڪڳانيا.

( ١٦ )

منهن وِجهيو مٽن ۾، موکي آهي روءِ،
متارا مري ويا، آگهن آڇي نہ ڪوءِ،
متارنئون پوءِ، مٺا مٽ مٽي ٿيا.

( ١٧ )

نہ سي آگهن آکڙيا، نہ سا سٽ سري،
ڪنورا قاتل جا، جن پيتا پاڻ پري،
اٿي پهر التيا، ڌرتيءَ سِر ڌري،
ويٺي آجهامي اُن جي، ٻٽي بس ڪري،
ساريو سور چڙي، موکي متارن جا.

( ١٨ )

وِجهج واڙ تي، ميخاني جِي ماڪ،
ٿيندي سڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ،
پره جا پياڪ، جہ سي آگهن آٿيا.

( ۱۹ )

مرِي ڪين ڪيو، وڃڻ موڪِيءَ جي ماريا،
ڪو جو سخن ڪلاڙجو، ڀِتي تي ڀيو،
تهان پوءِ ٿِيو، مرڻ متارن جو.

( ۲۰ )

جہ سي آگڙِ آئيا، سرو ڪندا سچ،
سائِي ٿيندين اُچ، هِي ڀِتو، هو آڻ ڪين!

( ۲۱ )

موڪِي چوڪِي نہ ٿِئي، اَصل اوچِي ذات،
وتيون ڏيئِي وات، متارا جنهن ماريا.

( ۲۲ )

متارا مري وِيا، موڪِي تون نہ مرين!
ڪيهيءَ ڀر پربڻ، ڏڪِي ڏاتارن ري؟

( ۲۳ )

متارا مري ويا، موڪِي تون ٻي مر،
تنهنجو ڏوس ڏمر، ڪولہ سهندو آن ري.

( ۲۴ )

آچا ڪوزي ماڪ، مٽ، ڪنڪا، ڪٽ گهٺا،
لاهِي ويهہ م لاڪ، موڪِي متارن جا.

( ٢٥ )

ڪنڌ ڪنارو، منهن وڻي، عادت جنين ايءَ،
تنين تڪون ڏيون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سبيءَ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

( ٢٦ )

هٿ ڪٽيو سڌ ڪري، موڪي ماءَ گهري،
نه ڪنهن ماريا جنگ ۾، نه ڪنهن سور پري،
اوري هٿا ته آئيا، جڪس ويا پري،
روئان ڪيئن ڪري، مادر متارن کي.

( ٢٧ )

سر ڏيئي ست جوڙ، ڪنهن پر ڪلاڙن سين،
ڪاتي، ڪرت ڪپار ۾، خنجر آئي ڪوڙ،
مرٿا منهن ۾ موڙ، وتي ٿي وڌ لهي.

( ٢٨ )

وٽ وٽ وڃيءَ ۾، مٽ مٽ منڌ پيو،
قدر ڪيف ڪلاڙ جو، پياڪن پيو،
آچن ڏرس ڏڪان تي، ڪنڌ تبول ڪيو،
سرها سر ڏيو، چکن سرڪ سيد چئي.

( ٢٩ )

آئي ٿيءُ آڳار، ڪامي ڪردارن سين!
پسين سي پٽار، ٻر ٻيٽہ جن سين.

( ٣٠ )

ڪلاڙڻيون ڪاءِ، مَت نہ سگهين مون هيڻان!
روئندي رات وهاءِ، ڇڪائيندي ٻئيون.

## وائي

ميٺن جي منيار، جڏو جيءُ جياريو.
ڪرم ڪريمن جي، آهڪيءُ ويس آڪاريو،
جڏو جيءُ جياريو.
سالڪن جئن ساٿ ڪري، طيرن جئن تنواريو،
جڏو جيءُ جياريو.
سئون منهن ڪري سپرين، تان نرمل نور نهاريو،
جڏو جيءُ جياريو.
مرض مريضن تان، اشاري ساڻ آتاريو،
جڏو جيءُ جياريو.

## وائي

دوس پيهي در آئيو، ٿيو مِلڻ جو ساعيو،

ڏينهين پڇاڙون آئي اسان ڪي، مولي مُحب مِلائيو،

ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

وِيو وِڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واهہ وِرائيو،

ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

هو جنهين جو ڏَس ڏورانهون، اوڏو اَج سو آئيو،

ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

عبداللطيف چئي، آچي عَجيبن، پاڻ فضل فرمائيو،

ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

## داستان پنجون

( ۱ )

صوفي سالم سي ويا، جي آڪثر سين آڌيار،

بازي بازندڻ ڪي، آهي آو پسار،

پريان سين پهڪار، رنديءَ رسائي ڪيا.

( ٢ )

صوفيءَ سير سين ۾، جئن رکن ۾ ساھ،
سا نہ ڪري ڳالھڙي، جئن ھر يون ھروڙي ھساھ،
آھس اِيءَ گناھ، جي ڪا ڪري پڌري.

( ٣ )

صوفي چائين، سڌ ڪرين، صوفن ايءَ نہ صلاح،
ڪاٽي رک ڪلاھ، اڇلي وجھ آڳ ۾.

( ٤ )

جي ڪلاھ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم نيءَ،
وہ وني ھٿ ڪري، ھر پيالو پيءَ،
ھنڌ تنين جو ھيءَ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

( ٥ )

صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تھان ھوءَ ٿيو، جٿي ھسڻ ھرينءَ جو.

( ٦ )

صوفي لاڪوفي، ڪو نہ پائنس ڪير،
منجھان ٿي منجھ، وڙھي، ٻڌر نہ آھس ٻير،
جنين سائس وير، ٿئي تنين جو واھرو.

( ٧ )

ڏني ڏکويا، آڻ ڏني راضي رهيا،
صوفي تِنَ ٿيا، جِنَ ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

( ٨ )

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمون کوڙِ،
جلي تون زبان سين، چارئي پهر چورِ،
فڪر سين فرقان ۾، اِسم آعظم ڏورِ،
پيا در وچي ۾ ووڙ، اِيءَ آملهه اِئائين سپجي.

( ٩ )

عالم آءٌ ساڻ، پريو ٿو پير ڪري،
پاڻ نه آهي چاڻ، مانڊيءَ منڊ پکيڙيو.

( ١٠ )

طالب ڪثر، سونهن سر، آندر روميءَ راءِ،
ماڙهو اِت ڪياءِ، منڊ نه پسين منڊيو!

( ١١ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِيءَ روميءَ جيءَ روءِ،
جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ١٢ )

طالب ڪثر، سونهن سر، روميءَ چيو آهي،
تاڙي جي لاهي، ته منجهن مشاهدو ٿئي.

( ۱۳ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جِي رماڻ،
ڀِهرين وِجائڻ پاڻ، پسڻ ہوءِ پِرينءَ کي.

( ۱۴ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جِي راحت،
جنين ڏِني ست، تنين ڪچيو ڪينڪِي.

( ۱۵ )

طالب ڪٿر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جِي اوطاق،
جي پِچي در فراق، تہ منجهيين مشاهدو ٿئي.

( ۱۶ )

ظاهر ۾ زاني، فڪر منجهہ فنا ٿيا،
تنين کي تعليم جي، ڪُڙہ آندر ڪالي،
حرف حقاني، دور ڪيائون دل ۾.

( ۱۷ )

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر فرهي هٿ ۾، مات مطالع ڪن،
ہنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

( ١٨ )

وسر يوم سبق، ٻهر ٻن سٽ نہ سنيران،
آيا هيءَ ورق، ھٿي مطالع نہ ٿيو.

( ١٩ )

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تونهين تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

( ٢٠ )

سا سٽ نہ سارين، الف جنهن جي آڪ ۾،
ناحق نهارين، پنا پيا پرين لئي.

( ٢١ )

سا سٽ ساريائون، الف جنهن جي آڪ ۾،
'لا مقصود في الدارين'، ان ۾ آتائون،
سگهر سوئائون، ٿيا رسيلا رحمان سين.

( ٢٢ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهين جي،
آئيون تنين ڪي، واڌايون وصال جيون.

( ٢٣ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهيون جن،
منجهان تن جسن، حرف نہ مڃي هيڪڙو.

( ٢٤ )

اَکَر پڙهي آيا ڳِپا، قاضِي ٿِين ڪتاءَ،
پيرين ۾ پائِين، اهڙا اِيئَن نه آءُ!
اِن سَرڪِيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي.

( ٢٥ )

عاشق عزازيل، پيا مِڙئي سڌڙيا،
مَنجهان سڪ سبِيل، لعنتِي لال ٿِيو.

( ٢٦ )

جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سَبق سابق جو،
پِهرين سَجاتم پانهنجي، نَفس جو لِهو،
جت عِرفانَ آصل ۾، نَبي روحنِ روز ڪيو،
وَرِي وَرَق پِيو، گَڏيم وِڏِ وِصال جو.

( ٢٧ )

آکَر چَئي هيڪڙي، پَهون جي نہ پَجهنِ،
ڪوہ ڪبو ڪي تن، سَجي سَٽائي ڳالهڙي.

( ٢٨ )

پڙهيو نا پڙهنِ، ڪڙهنِ ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوہ چڙهنِ، جِئَن ورق ورائِن وِترا.

( ٢٩ )

پڙهيو پڙهيجاهه، سبق اُنهيءَ سُور جو،
ميم رکجا من ۾، الف تنهن آڪياهه،
چِتا چوريجاهه، اِها لات لطيف چئي.

( ٣٠ )

آڪر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسارِ،
اندر تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

( ٣١ )

ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف پڙهو ٿي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس ٿئي.

( ٣٢ )

جو الف ڪان اوري ٿيو، الف آهو ئي آهه،
لوڪان تون لڪاءِ، ته داخل ٿئين نه دال سين.

( ٣٣ )

جِئَن جِئَن ورق ورائيين، تِئَن تِئَن ڏنو ڏوهه،
تنهن ڪهڙيءَ ڪبو ڪوهه، جي رهڙيءَ رهيو نه سپرين.

( ۳۴ )

ڪوڙين ڪتابن پڙهين، جزون جانِ ڪي تانِ،

پهنيءَ رِيءَ پريانِ، سوڌي ساڃاهہ نہ ٿئي.

( ۳۵ )

ڪاتبِ، لِکين جِنِ، لايو لامُ الف سين،

آسان سَجڻ تِنِ، رهيو آهي روح ۾.

( ۳۶ )

ڪوهہ ٿو ڪاڳر ڪورِئين، وِنو وِڃائين مَس،

ڏورِ تِنائين ڏَس، آ ڪر جنائين جَڙيا.

( ۳۷ )

تِهڙا چاليها نہ چاليهہ، جِهڙو پَسڻ پِرينءَ جو،

ڪِهڙي ڪاتبِ، تون ڪرينِ، مٿي مِنن پيهہ،

جي ورق وارين وِيهہ، تہ بہ آ ڪر آهوئي هيڪڙو.

( ۳۸ )

شهرُ ڏِسي سرهو ٿِئين، ڏِٺئي نہ بازار،

جو وڪر وڪارِنِ ۾، ڏِڪيو ڪِهڙيءَ ڏارِ،

تون تِنين سين گهارِ، تہ لهين لِکَ لطيف چئي.

( ۳۹ )

تن ڪَڏِي، مَن حجرو، ڪيم چاليها رَک،
ڪه نه پُوچيو پوڇين، آنئي پهر آلـک،
تان تون پاڻ پرک، سيڪنهن ڏانهن سامهون.

( ۴۰ )

سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهه،
آحدا جي آرک ٿيا، سي ڪاٿر ڪيا ڪاهه،
محب منجهينْ من ماهه، مون آڇاٿندي ᶻ آجهيو.

وائي

وَتِڙيو هوت وَڃن، وو! جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

آ جنينْ جي آهيان، ڪڙي م ٿيان تن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

گهورِيان گهٽينْ پتيين، سندي پاڇه، پين،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

مَر مران، مارينِ مون، پرزا پرزا ڪنِ،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

آ ميائي گهورئِي، جي سان مَحب مِلنِ،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

## وائي

وسارج م وڃڻ، جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

لوئيون سهڻ لوڪ جا، وهائيءَ ٽيوڻ وڃڻ،

جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

آصل آسارن جا، ستي ويڙا سين،

جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

جيڏيون، جي ماڻ وسهو، ننڊ م هيريو نيڻ،

جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

راتڙيون جاڳڻ جي، سي آءُ ڪنڌڙي سين،

جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

آڌيءَ رات آئي ڪري، جهل تون ننڊان نيڻ،

جوڻ ہ ٻي ڏينهڙا.

## داستان ڇهون

( ١ )

دانوڌي ڏيون ڪري، رڪڻ ڪونهي رنگ،

ڪهوڙيءَ هيٺ آينگ، ڪاهيو پاڪرئين هٿي.

( ۲ )

دانودي ڏيون ڪري، رڪن ڪونهي چيت،
گهوڙيءَ هيٺ سچيت، ڪاهيو پاڪرئين هٿي.

( ۳ )

اوقابيل! آڪين ۾، توکي باري بان،
آپو آڳرايون ڪرين، ماڪ هٿيو مستان،
جانب تون زبان، آڪين سين ايذا ڪرين.

( ۴ )

اوقابيل آڪين ۾، توکي تڪا تير،
ساڄن! اِنهي سيگ سين، ڦٿيئي گهڻا فقير،
پيو ۾ مارج مير، تنهنجو پهريون ئي پورو ٿيو.

( ۵ )

اوقابيل آڪين ۾، تير تڪا توکي،
ساڄن اِنهي سور جي، ڪل نہ آ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي، چاڙهي لوهہ لطيف چئي.

( ٦ )

اوقابيل آڪين سين، تير چلايا تو،
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نہ ٿئي.

( ٧ )

جي هو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، ته سِينو سِپر رکَ،
مَنهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چَنڪا چَڪَ،
سَوري پانءُ ۾ شڪَ، عاشق ڻِيءَ ته آبهين.

( ٨ )

جي هو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، ته سِينو سِپر ڏِيجِ،
مَنهن ۾ معشوقن جا، جهالَو ڻِي جهليجِ،
پاهان پڳ ۾ ڏِيجِ، عاشق ڻِيءَ ته آبهين.

( ٩ )

جي هو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، ته نِئي ڏَج سِينو،
ڪجي نه ڪِينو، وجي در دوستن جي.

( ١٠ )

پائي ڪانَ ڪمانَ ۾، ميان! مار مُ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ڻِي توکي لڳي.

( ١١ )

ڪيو چِڏين ڪانَ، هڏ نه هٽائين ڻا،
ڻيا جي نِيشانَ، ته ڀرئين سان پورا هٽا.

( ١٢ )

لوري جت لڳوم، آت آيو ئي آهيان،
سوره پرين سندوم، مان پاڄهائي ييو هٽي.

( ١٣ )

محبت جي ميدان ۾، عاشق، ٿيءَ آچام،
سمهان سل سيد چئي، ڪندئي تير تمام،
ڪهج ڪوم ڪلام، جم دوسنئون دور ٿئين.

( ١٤ )

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پيان،
سر وڍڻ، ڏڙ ڌار ڌرڻ، اي سينگار سندان،
ڏيندا سون ڏنان، مٿا محبوبن لئي.

( ١٥ )

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگرين، متان ڪڇئين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٦ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ م ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، دوسن آڳيان ڌر،
عشق نانگ آهر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٧ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪرم سانگ،
سوريءَ سيرين جي، چڙهه ته ٿئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٨ )

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي ڪُو ڪاهي،
چڙ آسانگا آرواح جا، لاهوتي لاهي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٩ )

عشق نہ آهي راند، جنهن ڪيلن ٿا گهڙو،
جيءَ جسي ۾ جان جي، پڇي جو هيڪاند،
مسي نيزي پاند، آچل تہ به آڏ ٿئي.

داستان ستون

( ١ )

عاشقن الله جي، محبت رکي من،
سندي مڪ پرين، تن ۾ آهي تن جي.

( ٢ )

عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، تن ۾ اِها تات،
انهن ڪان ڪي سات، سڄڻ ويل نه وسري.

( ٣ )

عاشقن الله، ويروتار نه وسري،
آهه ڪريندي ساهه، ڪڏهن ويندو نڪري.

( ٤ )

عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيبائي هيڪڙي.

( ٥ )

عاشق ايئن نه هون، جئن تون سڄين آڳرين،
وڃي در دوستن جي، رت ڏيهائي رون،
پيءُ پر ڪنهن نه پون، ماڪر محبوبن سين.

( ٦ )

جان عاشق مٿي رت، تان دعويٰ ڪري ۾ نينهن جي
سائو منهن، سونهن وئي، سڪ اِيءَ شرط،
نه ڪي ڪوڙ ڪرت، مٿان سر سؤدا ڪري.

( ٧ )

آچا تو منجهاءِ، ڪِڪ ڇڻي رتَ نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، ڪَئن جهليندين گهاءِ،
سو تون ڪجاڙَ ناءِ، سڪ جون سڌون ڪرين.

( ٨ )

سِڪ اِيءَ نہ سڌ، جئن لڪيو لياڪا پائيين،
ڇُٽي پريان جي نہ ڇِنين، مَٿي اَگَڻ اَڌ،
اِيءَ پڻ ڪوڙي سڌ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ٩ )

سِڪ نہ آهي سَٽري، ڪڻ ڪروڙي ڪير،
ڪسڻ ڏاران ڪير، ڪري سڌ سِڪڻ جي.

( ١٠ )

دردَ نہ آئي دل ۾، تہ سِڪڻ ڪرم سڌ،
ڇُٽي پريان جي نہ ڇِنين، اَگڻ مَٿي اَڌ،
اِيءَ تان ڪوڙي سڌ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ١١ )

سِڪڻ ۾ سوري، ڇُٽي اڪر هيڪڙي،
وڃڻ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
پنهين جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نہ ٿئي.

( ١٢ )

جي ڪين سگهن سِڪ، ته تہ ڪنديون،
پاسي تنين ۾ لِڪ، نينهن نہ سڃاڻن جي.

( ١٣ )

جي لياڪا لوڪ جا، جانءِ جانءِ سي نہ لياءِ،
تان تان ٿئي نہ ماءِ، ٻورو پسڻ پرين جو.

( ١٤ )

عاشق، معشوقن جي، وٺي ويهه ڪري،
جم وِرچي چڙهين، سندي دوست دري!
ڏيندا ڀڪي ڀاڄه جي، وڃڻ لُپ لري:
آسان تان نہ سري، تو ڪئن سري سپرين؟

( ١٥ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج سير،
آچي پڇندءِ پاڻهي، پر تان پري پير،
پلائن جو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

( ١٦ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج در،
آچي پڇندءِ سپرين، لهندءِ سر سير،
پلائيءَ جو پر، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

( ١٧ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويھہ دُڪان،
اُنِ پيھِ پرينِ جي، ڪَٽيءَ وڃي پاڻ،
تہ تون تنين ساڻ، سدا رهين سُرخرو.

( ١٨ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويھہ گهٽ،
جِم وڃي ڇڏيين، موڪيءَ مندو مٽ،
ڪري سِر جي سٽ، پيج ڪي پياليون.

( ١٩ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويھج رند،
پيارينديءَ پاٺيي، ميخاني جو مند،
ڪِيم ڪيج تون ڪنڌ، اوڏو ٿي آن ڪي.

( ٢٠ )

عاشق جُؤ م آن ڪي، م ڪي جُؤ معشوق،
خالق جُؤ م خام تون، م ڪي جُؤ مخلوق،
سِلج تنهن سانوڪ، جو ناقصيائي نڱيو.

## وائي

سپريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوسن جي سوري سر هڃي،
عاشق آنکهن چڙهيا، پيو سيڪو پڃي،
پچج پوءِ پريتئون، پهرين سر سڃي،
عاقل ٿي اوچون ٿيا، پورو ڪين پڃي.

## داستان اٺون

( ١ )

هر هر هرائي، وڃڻ در دوستن جي،
ٻاڙي ڏانهين ٻرين جي، اَڄ م آوائي!
اَلڙ ٿي م اَڄ تون، واٽاڙن وائي،
لائندءِ لطيف چئي، سوران سرهائي،
ڳجهو ڳالهائي، ٻرت وڃجي پاڻ ۾.

( ٢ )

جان جان ناهه ضرور، تان تان ناهه طبيب ڪو،
جه سو سريو سور، ته ڪر ويج ور پيو.

( ٣ )

سور جنين کي سريو، سري تن صحت،
مٿي مصيبت، آهي عاشقن کي.

( ٤ )

سي ٿي سور طبيب، جنين سورن سڄ ڪي،
جو لکيو هت لطيف چئي، سوئي ڪن قريب،
جي نوازيا نصيب، دارونءَ سي درست ڪيا.

( ٥ )

جي پياري پاڻ، ته ڪرهو ٿي پاٽي پيئن،
آڳي اِن نياڻ، آڻ ڪوئيو ڪون ڳهڙي.

( ٦ )

آڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سچي جيهي سون، منهن نه پيئي ماڙهين.

( ٧ )

آڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سا سهين ٿيي سون، آمر عطا جنهن جو.

( ٨ )

جيڪي ڏنائون، سو مان ڳڻ ڳنڊ ٿيو،
سون کي ڇپائون، توڪي اِنهي توڪ سين.

( ٩ )

جيڪي ڏنائون، سو سِرَ ڏيئي سَهه ڇندڙا!

مَ ڇئو ڇنائون، اِي پَڻ ڳَنڍيو سڄڻين.

( ١٠ )

جيڪي ڏنائون، سو سِهوڻي صحتِ،

مَ چئو آزار آن کي، مَ ڪِي مُصيبت،

ڪَهڻ قَريبت، جو ڪوڻُ پر پِرينِ جي.

( ١١ )

ڇِڻِ توءِ مَ ڇِڻُ، ڀاءِ آميري آنِ سين،

جي هو اوڳِڻ ڪنئي، آسَنهين! تون ڳُڻانئي ڳِڻُ،

پاندَ جهليو تون پِڻُ، هِن سَنهاري سڱ ۾.

( ١٢ )

نمي ڪمي نهار تون، ڏَمرُ وڏو ڏَکُ،

منجها صبر سَکُ، جي سَنوارِيا! سَمجهين.

( ١٣ )

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،

ٺِيئي ساجائو، جي آپِيين اِنهِين ڀِر تي.

( ١٤ )

ڏمر پاسو ڏک سين، ڪاند ڪٺوري هوءِ،
والله مع الصّابرين، آکو ايہين چوءِ.

( ١٥ )

ڪر! ڪمندن ڪنيو، هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

( ١٦ )

ڪمندڙن گهر ڪين، چوندڙ چڱا نہ ٿيا،
ويٺئون ويڌ ٻئي، هٿ نہ اچي ڪينءَ.

( ١٧ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان وراڻي،
آڳہ آڱراٽي جو ڪري، خطا سو کاڻي،
ٻاند م ٻاڻي، ويو ڪيٻي وارو ڪين کي.

( ١٨ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان وراڻي وڃ،
ميٺي ميٺ سيد چئي، من ماري ڪر ميڄ،
ڪاند وڏيائي ڪيڄ، ڪيٻي منجهان ڪين ٿئي.

( ١٩ )

ڪنين ڪين پرائيو، ڪيٻي منجهان ڪين،
جي هو سڻائي سيگ، تہ زهہ چٻي جوکو ٿئي.

( ٢٠ )

ستي ويٺ ڪنن سين، ورائج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِيءَ ڳري،
تن سچي ساھہ سري، جن ماريو نفس مات سين.

( ٢١ )

چوندن ڪيم چئيج، ويٺ ورائي سامهون،
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر ڪي ڏيج،
ويٺ م ورائيج، تہ سپ در سهاڳي ٿئين.

( ٢٢ )

آڻ چوندن م چئو، چوندن چيو وسار،
آٽ ئي پهر ادب سين، پر اِهائي پار،
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي سنجهہ وهار، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.

( ٢٣ )

ڪيئن مائيندا من ۾، خودي ۽ خداءِ،
پن ترازين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!

( ٢٤ )

جنين سنديءَ بوڏ ۾، پتو پتين جيءَ،
تون! تنين سين بيءَ، اوڏا آڏي پڪڙا.

( ٢٥ )

وڃي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ٿئي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

( ٢٦ )

وڃي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا آڏي ھکڙا.

وائي

يار سڄڻ جي فراق، ڙي جيڏيون آئون ماري!
در دوسن جي ڪئين جو هوندا، مون جيھا مشتاق،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
جاني ڪاني محبوبن جي، آھ حسن جي ھاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
سرمو سهي ڪر آکين جو، خاص ٻريان جي خاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!

داستان ٻيون

( ١ )

پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نه لچيا، مڙيا مٿي سچ،
سندا ڪچين ڪچ، ويچارن وڃائيا.

( ٢ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، پسي سچ م سوڙ،
سهائي سپيرين جي، کھڙ ته نيين گھوٽ،
آڇا تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهين.

( ٣ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته ڇيري پئو ڇاٽي،
تان تان تاڻج توڏي، جان آڳ نه آجهاٽي،
وسهه وهاٽي، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٤ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته آچي آڳ آجهاءِ،
پڇڻ گھڻا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٥ )

پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آئيو وجهن آڳ ۾، جيءَ پنهنجو جي،
جيري جنهين جي، لڳا نيزا نيهن جا.

( ٦ )

پَري پَتَنگ آئِيا، سِري وِٽ ساهِي،
آچي پيا آگِ ۾، ڪَڏي سي ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٽان ڪوري وِچ ۾.

( ٧ )

پَري پَتَنگ آئِيا، سِري سَهائي جهل،
ڪندا ڪَنڌَ آچل، متو ڏيندا مَچ کي.

( ٨ )

پري پَتَنگ آئِيا، مَٿي مَچ مِڙي،
وِيندا تان نہ ڦِري، متو ڏيندا مَچ کي.

# ڪنيات

## داستان پهريون

( ١ )

پلاڻيءَ جا پير، پيشانيءَ ۾ پرين جي،
اڳرِ اڪنڊين جي، ڏي پاٻوهي پير،
قمر ٻاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

( ٢ )

پلاڻي آهين، پرين پلاڻيءَ پانهنجي،
سپاجها سِر چڙهيو، ڏورا ٻو نہ ڏين،
مان ڏي مديون ٿين، سڄڻ سچاين ۾.

( ٣ )

هت تو ٻسين پرينءَ ڪي، تون چنڊ آهوڻي،
آڏت چِنج اَن ڪي، ڏيانءَ جو روڻي،
هيڪانديءَ هوڻي، سانگ ۾ ٻوي سڄڻين.

( ٤ )

مَرَ هيڪاندا هُونِ پِرِينءَ، سانگ ۾ وڃنِ سيڻ،
رهيا آهِنِ رُوح ۾، نتَ جنين جا نيڻ،
وِماسيا جِنِ ويڻ، تُو تارِيءَ تڪي تَنِ هينئُون.

( ٥ )

ڪِلان تان ڪامِي هِينئُون، رُوئان تان راندِ،
آڪَرِّيُون وِيسالَد، پِرِينءَ گَڏجِي ڪَنديُون.

( ٦ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئين، هَنئين وَڏو پَندَ،
هلندي حَبِيبَنِ ڏي، ڪَرها موڙ ۾ ڪَنڌَ،
پَنڌَڻ موئِي پَنڌَ، جو پَهچائِي پِرِين ڪي.

( ٧ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئين، پائِي گهرجي پَلَ،
آهر ۾ ايلاچِيُون، چَندَن چري چَلَ،
مُون تو سين ڳالهڙِي، ٻِئِي ڪَنهِين ۾ سَلَ،
هاهَرَ ڪندو هَلَ، تہ ڪِجايُون ڪَرَنِ ڪِي.

( ٨ )

راتِ سهائي، پون سنئين، ٻرت نئين، ٻنڌ پور،
ميا! محبوبن جي، هلي وانءُ حضور،
جي چٽڪن چت ۾، سي ڪئن سڄڻ ڏور،
الله لڳ آسور، اتان ئي تي آءُ تون.

( ٩ )

اَڄ ٻڻ آچائي، چوڏهينءَ ماه چنڊ جي،
مون گهر مون ٻرين جي، آچڻ جي وائي،
مون گهر واڌائي، هيئي ڪام ڪرن ۾.

( ١٠ )

اَڄ ٻڻ آمارو، چوڏهينءَ ماه چنڊ جو،
مون گهر مون ٻرين جي، آچڻ جو وارو،
سڄڻ سوپارو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

( ١١ )

چوڏهينءَ چنڊ آيريو، آوٽيه ٻسيس عام،
منس ناه ملام، جيڪين ٻچين ٻچ سو.

( ١٢ )

چوڏهينءَ چنڊ تون اڀرين، مهسين ڪريين سنگار،
ڏلڪ ٻريان جي نه ٻرين، جي ڏيلن ڪريين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

( ١٣ )

مهسين سڄڻ اڀري، چوراسي چنڊن،
بالله، ري ٻرين، سڀ اونداهي پانئيان.

( ١٤ )

چنڊا تنهنجي ذات، پاڙيان تان نه پرين سين،
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

( ١٥ )

چنڊا چٽائي تنهنجي، سياهيءَ ۾ سور،
لايان لال لڱن کي، چندن پري پور،
ڪومائو ڪپور، مون واجهائيندي پرينءَ کي.

( ١٦ )

چنڊ لڪينئي منڊ، سنجهيئي سيخ نيين،
ڪر اونداهي آنڊ، ته ملان محبوبن کي.

( ١٧ )

چنڊا! چئين حق، جي وڙهين جي وچرئين،
ٻه آکيون ٽيو نڪ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرينءَ جي.

( ١٨ )

چنڊ چئين سچ، جي مٿيين نه پائيين،
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڪچ،
منهن ۾ ٻريئي مچ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرينءَ جي.

( ١٩ )

ڪتي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪومائو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

( ٢٠ )

اونداهيءَ آڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتن سان، ٻيهي ويو پڙلاءُ ۾.

( ٢١ )

تارا تيليءَ روءِ، لڏا لالن اڀرئين،
جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سجئين.

( ۲۲ )

توڏانھن گھڻو نھاريان، تارا تيلاھين،
سڄڻ جيڏاھين، تون تيڏاھين آيرئين.

( ۲۳ )

ھن تاري، ھن ھيٺ، ھت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏھين.

( ۲۴ )

ھن تاري، ھن ھنڌ، ھت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏھين.

( ۲۵ )

ھن تاري ھن جاءِ، ھت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏھين.

( ۲۶ )

تارا، تر، ترو ڪٽيون، سٿن ڦلڙيون،
ڪوءِ! سي راتڙيون، جي مون پرينءَ پڄاڻان پئيون.

وائي

جيڏيون! ھيءَ ضرور، آيل ڪٿن رھندو پرينءَ ري.
سکھو ساعت نہ جندڙو، آئي ٻھر ملور،
آيل ڪٿن رھندو پرينءَ ري.

مَن ۾ مشتاقن جي، ساڄن! تنهنجو سُور،
آيل ڪٿن رهندو پرينءَ ري.
پيرين آءٌ نه پهچي، ڏيهه پريان جو ڏور،
آيل ڪٿن رهندو پرينءَ ري.
وڃي ويل سيڪهين، هينئڙو پرينءَ حضور،
آيل ڪٿن رهندو پرينءَ ري.

## وائي

(٢)

اَڱڻ آيم اِيهي، يا آلا! مون سارينديي سپرين.
مشڪ عطر مون پرين، سڪيم چم سيئي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
تن جنين جو طالبو، روح تنين سين رهي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
ساڄن سنديءَ مولهن جي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهي؟
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
تيو لطف، لطيف چئي، دوس آيو در ايهي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.

## وائي

( ٣ )

وَهِلي وَنۡءُ ۾ وِهامِي، رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

شمع ٻينديس شب ۾، اِنَ خوشيءَ کان ڪامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

بابوئن سنڌيءَ باهِ جِئن، پَران شالَ آجهامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

پِرتِ جا پيتم جِي، سا ڪِين پَروڙي عامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

مون کي مون پِرين جو، آهي دَردُ دوامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

هو جو لنؤن، لطيف چئي، مون کي آهِ مُدامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

روشن ٿيا رَجِن ۾، جي هَنان لنؤن اِنهين لامِي،

رَهُ راتِ، رائينديس پِرينءَ کي.

ڪاري ما قيام مٿين، هوت جنهن جو حامي،
ره راتِ، راڻيندِيس ڀرين کي.
آيم تنهن لوڪ سين، جيسين مان چون سوامي،
ره راتِ، راڻيندِيس ڀرين کي.

## داستان پيو

( ١ )

ناسيندي نگاه، ڀهرين ڪج ڀرين ذي،
احوال عاجزن جا، آکج لڪ الله،
روز نهارن راه، اکيون اوهان جي آسري.

( ٢ )

ناسيندي نظر، ڀهرين ڪج ڀرين ذي،
قمر ڪهج قريب کي، نست آ نبر،
ٻي پيٺي ناهم پر، آکيون اوهان جي آسري.

( ٣ )

ناسيندي نرت، ڀهرين ڪج ڀرين ذي،
قمر ڪهج قريب کي، ساري ساڻ سرت،
پيو پروسو نہ پت، آکيون اوهان جي آسري.

( ٤ )

ناسيندي نهار، پرين ڪج پرين ڏي،
اڄ جي ڏئين سنيها، چئج چنڊ آپار،
ساڄن! سڀ چمار، آکيون اوهان جي آسري.

( ٥ )

چڱا چنڊ! چئيج، سنيها کي سڄڻين،
متان آگڻ آيري، پرين جي پئيج،
جهيڻون ڳالهائيج، پرين وجهي هٿڙا.

( ٦ )

اڄ جي ڏيئين سنيها، مي تون چنڊ! پلءِ پنڌ،
چئج حال حبيب کي، نئي نوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏاهين پنڌ، جيڏانهه عالم آسرو.

( ٧ )

آيو چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور،
پرين اڄ نه اچڻي، پاپل ڏئي نه پور،
جنهن تي چڙهي آسور، سنجهي سڄڻ سيڻيان.

( ٨ )

آءٌ آڪنديائي مران، پرين پلاءِ، پر ڏور،
بابل ڏٺي نہ ٻور، هنڌ نہ جوڳي پيڙي.

( ٩ )

ڏٺي! ڪريندين ڪڏهين، حياتيءَ هيڪاند؟
من ۾ مشتاقن جي، ڪي رنجائي راند،
پرين ڏيساندر پاند، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١٠ )

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير؟
آڇي لالن نہ ڏيين، متي پلنڪن پير؟
تني ورونهن وير، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١١ )

وڏڙو ۾ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ! ٻن! ٻلاٽيان، اولاٽيو نہ آئيي.

( ١٢ )

پلاٽيان پيو، اولاٽيو نہ آئيي،
جيڏانهن وڪ ويو، آيو ترسي اوڏهين.

( ١٣ )

ڪَرهو نہ ڪِي ڪانُ، پِرِين آءٌ نہ پُڄِي،

جو مون رات رساڻيُ، نيڻِي ساڄن ساڻ،

مون نہ وهِيڻو پاڻ! وڃِي نيڻ نِچوئِيان.

( ١٤ )

ڪَرها! ڪَسَرَ چَڏِ، وِڪون وجهہ وَڌنديون،

هيڪر حبيبن ساں، مون ڪي نيڻي گڏِ،

مَچڻ پوندي هڏِ، آهون آڪنڊين جون.

( ١٥ )

ڪرها! ڪَسَر چَڏِ، وِڪ وَڌندي پاءِ،

مُنهنجو هلڻ آتهين، جِتي جانب جاءِ،

توڪِي چندن چارِيان، پيو وِڪ لائِي ڪاءِ،

اِيهين آتُ! اُتاءِ، جِئن هوندي‌ءَ رات هت مِڙون.

( ١٦ )

ڪَسَرَ چڏ ڪنوات، وِڪون وجهہ وَڌنديون،

سِنئين سَپِيرِين جِي، وِنڪِي پاڻ‌ءِ م واتَ،

چڏ جهوري، ڏي جهاتَ، تہ هوندي‌ءَ رات هت مڙون.

(١٧)

ڪرها، ڪر مچاڻ، پيئڪو ۽ پانهنجو،
اصل آهي آنهنجو، ناليرو نڏاڻ،
ڪرها، اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڱائيون.

(١٨)

ميا، مچ منٿ، آج منهنجي ڪرها،
جهاڳيندي جر پٽيون، متان ڪرئين ڪٽ،
سپيريان جي سٽ، سون ڪي نيٺي ميڙئين.

(١٩)

چندن جا چوپا ڪري، چري نہ مصريءَ سنگ،
آڪين متي آنگ، مي ڪي محبوب جا.

(٢٠)

آئي پڌم وڻ جاءِ، مان سڪريون چري،
ڪڏاتورو ڪرهو، لڪيو لائي ڪاءِ،
اِن سبي سندي ماءِ، سون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيا.

(٢١)

چانگا چندن نہ چرين، سيا ٻيين نہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃين، تڪيو چڏيين توڪ،
لائي وڃان لوڪ، تو ڪهڙي آڪر آئڙي.

( ٢٢ )

ڳلِ ڳانا ياقوت جا، موتين ڳتيس مالَ،
ڪَڍيئي جي ڪرها، هيڏي هايئين حالَ،
چندنِ چاريئين جالَ، جي مون رات رسائيين.

( ٢٣ )

ڳلِ ڳانا ياقوت جا، موتي منجهه مهارِ،
چانگا چندن چاريئين، آڻي ٻهر آبارِ،
سنديءَ پيءَ پچارِ، جي مون رات رسائيين.

( ٢٤ )

ميا! تو مهار، سڄي پاپان سون جي،
چاريئين چندنِ چونيون، نايو سينديءَ ڏارِ،
سنديءَ پيءَ پچارِ، جي مون راتِ رسائيين.

( ٢٥ )

اٺَ نہ وڃي وڪَ سين، چري نہ لاٺون،
ميي ڪي مجاز جو، توهي ۾ ٿاٺون،
پٽاري پاٺون، مرندي سينءَ نہ مٽيو.

( ٢٦ )

آٽ نہ وڃي وڳ سين، چري نہ چانگو،
لڳيس نانگ نينهن جي، نهوڙيو نانگو،
ڇڏي سر سانگو، رڙهي رند پرين جي.

( ٢٧ )

ويهي منجهين وڳ، ڪئوريءَ ڏار چري،
ماءِ! منهنجي ڪرهي، پڌر پڳ نہ لڳ،
جڳ سين جهڙو جڳ، هيئين سين هت چري.

( ٢٨ )

پور نہ چري پور، ڇڏيو تور تڪون ڪري،
مونين هٿي موتيو، ڪرهو رات ڪپور،
ميو ٿيو مخمور، چندن چکي آئيو.

( ٢٩ )

آڄ نہ آکيءَ ڏار، ڪرهو جئن ڪالهہ هئو،
اگهہ آيو نہ ڪري، پاهوري پچار،
جيڪس منجهہ قطار، ڪا ول چنائين وه جي.

( ٣٠ )

مِيي ماڪائِي، وِڏو واتِ وِلين ڪي،
خبر نِي ڪيٽ ڏِٽين ڪي، وِڏوٺا واهي،
ڪرهي ڪاڪت چڏبي، وريس نہ وائي،
چانگي چريائي، ويئي ويچاري وسري.

( ٣١ )

مٿيون لهي ماهہ، جي تو چانگا چنيون،
ونڙيرن وہ ماہ، آجا تو مهنديون.

( ٣٢ )

تو نير، ڏہ ڏاوٺيون، هنڌرهن هيڏ پياسِ،
جڏهن سجڻ يادِ پياسِ، چرڪ چنايئين هيڪڙي.

( ٣٣ )

تو نير پائي، جانءُ مون هينئڙو جهليو،
ونڙو چنائي، پونئينءَ رات پرين ڏي.

( ٣٤ )

ڪائي نہ ڪنٿهار، چندنَ جا چوپا ڪري،
آگر اوڏو نہ وڃي، سر ڪنڌ لهي نہ سار،
لائي جيءَ لغار، ميو متارو ڪيو.

( ۳۵ )

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪنهن پنيولئين ڪرها،
اڪين مٿي آکيا، ٻڙ ۾ پير گناءِ،
وڪ ڪِ وسرياءِ، ٻڌو جنهن گهاٽي وهين.

( ۳۶ )

وني سيٽ سوٽ، پاءِ پنهنجي ڪرهي،
وليون واس ورنيون، ٻهريون مٿي پٽ،
چانگي چکي چٽ، ته پوءِ نه رهندو پيندڙي.

( ۳۷ )

ڪين جو ڪيڏاهين، چانگو چکي آئيو.
تاٽيو تيڏاهين، نيٽ چنايو نڪري.

( ۳۸ )

ڪرهي ڪي ڪئين، وڏم پينڌ پلڻ جا،
ليڙو لاٽيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئين،
چانگي سندي چِت ۾، صاحب وجهه سنئين،
اوباهيوس آئين، لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ٣٩ )

ڪَرھا توڪي ڪامَ، مُون سچو ڀَسي سڄڻين،
مانَ پروڙي مامَ، ساگاھي سنئين وھين.

( ٤٠ )

آئي آڙائينسِ، چڙيو ته چيڪ ٿيو،
ڪارايان، ڪِڙيو وَڃي، ڀِلاٽي ڀائينسِ،
ڏاوڻِ تنھن ڏائينسِ، جِنُ چري ۽ چِنگھي پٽو.

( ٤١ )

دو دَستي، دو پير، سِيني سنگھر رَڪ جي،
ماءُ! منھنجي ڪرھي، تازي قُلن ھير،
تنھن ڪامڻ ڪندي ڪير، جو مُنھين وٽ مس رھي

( ٤٢ )

ڪَنيانڙي تڙ وري، آيي تڙ واجھاءِ،
مانَ آڇھون ڪاءِ، سُواڏائي سڄڻين.

( ٤٣ )

چانگي چِڻي چِڪياس مَٽاء آڪ نه آلھي،
جِنھن وَلِ گھٽا وِھاڻيا، اَنَ سين آر لِڳياسِ،
چوڏاري چندنُ وڻُ، پڇي ھوج پياسِ،
راڙي رَت ڪِياس، ھن ڪَڏاتوري ڪرھي.

( ٤٤ )

جِنان ڪوڙ ۾ ڪانئيون، ھنجين لکئين ھاءُ،
ميو تنھن ماڳاءُ، ڏيھاڻي ڏار چري.

( ٤٥ )

جِنان ڪوڙ ۾ ڪانئيون، ھنجين لکين ھن،
تِنان چاڻي چکيون، ميي رتو من،
تنھن وِل سندو ھن، ڪوماڻو ڪوڙين لھي.

( ٤٦ )

لڪ لاکيڻو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي ڪِڏومِ،
اَگَھِ سونھن ٽيومِ، ملھ مھانگو م چئو.

( ٤٧ )

لڪ لاکيڻو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي چوڙ،
اِھا سٽ سيد چئي، جنھين تنھين جوڙ،
ترت رساڻي توڙ، جھ ھلاٽيو تہ ھرينءُ مڙي.

( ٤٨ )

لڪ لاکيڻو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي ڪاھ،
ايلاچيون آھر ۾، ھوج ميي ڪي ھاءِ،
ڪٿ نہ ڪندو ڪاءِ، جھ ھلاٽيو تہ ھرينءُ مڙي.

## وائي

( ١ )

آهيان ڪالهہ ڙيون، ماءُ مرادون پريڻ سين.

جي مان پيون پرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتڙيون،

ماءُ مرادون پرينءَ سين.

جي مان اوريون پرينءَ سين، ور سي راتڙيون،

ماءُ مرادون پرينءَ سين.

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، هاتيم جهاتڙيون،

ماءُ مرادون پرينءَ سين.

آڏيءَ، عبداللطيف چئي، ڪهڻ ڪاتڙيون،

ماءُ مرادون پرينءَ سين.

## وائي

( ٢ )

سڏين سپر نہ هون، نينهن نباهي نہ ٿئي،

ڪاريءَ رات رت ڦڙا، جانڻ جان نيڻ نہ رون،

نينهن نباهي نہ ٿئي.

سونهن جنين سهڻون، ٻرڙ تي سيڙي پسون،
نينهن نباهي نه ٿئي.
جن مسافر سپرين، سي مر روئــو رون،
نينهن نباهي نه ٿئي.

## وائي

( ٣ )

توڙي تڙپين تون، يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!
مون کي سو مشاهدو، جي منهن نه ڏئين مون،
يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!
مون پيا دَر گهڻا نهاريا، آهين تونهين تون،
يا آلا! تو دَر توءِ نه ڇڏيان!

# سورٺ

## داستان پهريون

( ١ )

آلله جي آس ڪري، هليو هٿائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راهه ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
وينتي واحد در، تنهن دم ڪيائين،
"سپاجها سائين! راهه ريجهائين راڳ سين."

( ٢ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاچڪ آيو جت، سر جيئون صدائون هٿ.

( ٣ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هيءُ،
مال نه مڱي مڱڻون، جاچڪ گهري جيءُ،
"ودي، وهلو ٿيءُ، ساعت صبر نه سهان."

( ۴ )

”پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هون،
اونچو تون عرش تي، آءُ پورو سٿي پون،
ڪئن تسندين تون، هيءُ سر سوالي مڱڻون.“

( ٥ )

”پرديسان پنڌ ڪري، آيس آڳاهينءَ ماءِ،
جي وهائيءَ ويرم ٿئي، ته مون هينئري هلاءِ،
سونهارا سورٺ ور، ڳالهه هينئين سين لاءِ،
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وچان ويرين آئيو.“

( ٦ )

”پرديسان پنڌ ڪري، سٿي آيس شان،
مڱان ڪهڙيءَ مت سين، نسورو نادان،
سو ڪو ڏياريين ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.“

( ٧ )

”سرديءَ سالم نه رهان، گرميءَ ٿيان گداز،
آمن ڏيج آمان تون، سائل هٿي ساز،
رباب‌يءَ کي راز، خالص ڏيج خايل جو.“

( ۸ )

”سَردِيءَ سالُم نہ رهان، ڪوسي سهان ڪان،
آمَنَ ڏيج آمانَ تون، دوَرِ ڪري پيا دان،
پانڌيا! ڪانءِ ڀان، وِجهج پڪ پينار تي.“

( ۹ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، جاچڪ وٺي جيءَ،
ڪنا ’نارُ حاميه‘، هاڻ بچائج هيءَ،
والي ڏِيارثي ويءَ، جِت آهِ ’جنّاتَ عدنِ‘.“

( ۱۰ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، هِهڙو وٺي حالَ،
اوناٺيج عليل جو، مهاجها! سوالَ،
اڳهِ مٺي آنهنجي، ڪهي ڪي قوالَ،
ڀلا! ڪري ڀالَ، آمَنَ ڏيو آن ڪي.“

( ۱۱ )

”تو دَرِ آيس راڄيا، پيا دَرِ ڪري ڏور،
سائلَ ٿو سين هٿي، هردمِ آنَ حضور،
پيو نہ مگي مور، آمَنَ ڏيو آن ڪي.“

( ۱۲ )

"تو دَرِ آيس راڄيا، پيا دَر دُور ڪري،
ڏولهہ تو درٻارِ ۾، آيس ٻير ٻري،
مَڱڻون آئون نہ مال جو، منهنجو پَنڌ پري،
وري ڪين وري، مٿي ڏاران مَڱڻون."

( ۱۳ )

"تو دَرِ آيس راڄيا، پيا دَر ڏيئي ٻن،
ڪهان جو ڪماچ سين، سو سڻ سڀاجهي ڪن،
جا مَڱ منهنجي مَنِ، سا توکي مَعلُم سڀڪا."

( ۱۴ )

"پيا دَر ڏيئي ٻن، آيس تنهنجي دَرِ،
سونهارا سورٺ ور، ڪا منهنجي ڪر،
ٻلا! ٻيري ٻرِ، ٻالهو ٻاند ٻينار جو."

وائي

تنهنجيءَ تند تنوار، يار! مون مَن موهيو.
مِلهي آئيس مڱڻان، گڏجي ۾ گرنار،
يار! مون مَن موهيو.

سِر جي صَدا چڏِ تون، ڏِيانءِ ڏيج آپار،
يارا! مون مَن موهيو.
دانَ ڏِيانءِ ڏِهرا، هَزارين هَزار،
يارا! مون مَن موهيو.

## داستان پهريون

( ١ )

جاچڪ جهونا ڳڙه ۾، ڪو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪَڍي ڪينرو، وِيهِي وَڄائيو،
شهر سڄوئي سُر سين، تندن تپايو،
دايون دَرِ مانديون ٿيون، پاڻ پاڏايو،
بيجل ٻولايو، تہ آهيان سوالي سِر جو.

( ٢ )

ساري راتِ صاحب کي، ڳڙه پر ڳايائين،
آنس ماڻڪ مِينهن جِئن، هٿِ نہ ڇتائين،
تي لائق لَڏائين، جِئن هو ميراثي مڱڻون.

( ٣ )

نِرتي تَنَدَ نِيازَ سين، پيچل پرائي،
راڇا رَتولَنِ ۾ وَرنائي وائي،
ڪونايائين ڪوتَ ۾، پارتَ پاجھائي،
راڇا، راڳائي، هَرِدوئي هيڪ ٿيا.

( ٤ )

نِرتي تَنَدَ نِيازَ سين، پرائي پيچل،
راڇا رَتولَنِ ۾، آونائي آمل،
رازَ ڪِيائين راءِ سين، ڪِنھن موچاريءَ مھل،
'انا اَحمد بلا ميم'، سين هَنئي سائل،
ڪِنھن ڪنھن پيئي ڪَل، تہ هَرِدوئي هيڪ ٿيا.

( ٥ )

ڪنينْ ڪَنينْ ماڙهئين، هيئي ڪَل ڪائي،
رَسيا جي رمز ڪي، تَنِ پارسي پائي،
'اَلانسانُ سِرّي و اَنا سِرّہ'، وَرتي اِيءَ وائي،
راڇا، راڳائي، هَرِدوئي هيڪ ٿيا.

( ٦ )

راڄا رنگ محل ۾، جاڳ سر زمين،
جا هنيائين هٿن ميں، ما سڀ بالا بين،
جت اچي نہ آردابيگيون، آت ڪوتابو آمين،
”تازي ڏيوس ٽڪرو، جوهر پائي زين“
پيو مڱي ڪين، ڏاران سر سيد چئي.

( ٧ )

راڄا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪاريا مڱڻي، طرح تنبي ڪي تان،
”مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪان،
ڪارڻ رب رحمان، سر وڏي، سلطان ڏي.“

( ٨ )

سر جي هڻائين هليو، چارڻ چتائي،
سو سوڙا جهلي نہ مال جا، تو ماٺڪ موٽائي،
”تو در آيس تي، جئن تو ناه نہ سڪيو.“

( ٩ )

”هائي ٻَٽ ڪَٽان، مُون تان مُور نہ مڱيو،
تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽان،
هاڻي ڪارڻ هيڪڙي، آن ڪا تند هٽان؟
جا مٿي تو مٽيان، تنهن سر جو آهيان سيڪڙو.“

( ١٠ )

”جي سيرائي مڱٽان، اُڌون پڻ منجهان تن،
ڪين ڪہ منهنجي ڪن، اِرٿ منجهاران آن جي.“

( ١١ )

”ڪا جا ڳالهہ ڳري، ٻيجلٿا ٻڌاءِ مون،
پهڻين جنهن ڪرنار ۾، تندن تان ڪري،
ڪ تو ٻنڌ ڀري، ڪ مڱ جهليندين مڱٽان!“

( ١٢ )

”مڱ نہ جهليان مورهين، نہ مون ٻنڌ ڀري،
ڳنڍي آيس ڳالهڙي، ڳجهي تو ڳري،
سا سمجهج، سورٺ ور، ويندس ڪين وري،
پريان پير ڀري، تو لئي آئيو آهيان.“

( ١٣ )

مڱ نہ تسي مڱڻون، نہ ملڪ، نہ مال،
ڏانئڻون ڏور ٿئي، ڪا جا ڳنس ڳالهہ،
آهي اِنَ خيال، تہ ڏيئي ٿيان ڏاتار سين.

( ١٤ )

سِر مڱي، سِر گهري، سِر ريءَ ٿئي نہ صلاح،
غريبنئون نہ گذري، تو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪڍي ساه،
خالق سنجهہ صباح، ڪون ڇڏيندو ڪٿهين.

( ١٥ )

سوٽي، مڱڻهارا! شال م آچين ڪڏهين،
آئي پهر اَجل جو، ڪنهن و منجهہ ڪپار،
جنهن تو سڀ چمار، هنيا ڇٽ ڇڻن سين.

وائي

ڏنو راءِ ڏياچ، هيءُ سر صاحب تان صدقو.
ڇڏي هليو هتهين، راڻيون، پنهنجا راڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو.

آگهيو ڏر الله جي، ڪوڙين هنس ڪاج،
هيءَ سر صاحب تان صدقو.
سگي وتو سگٺي، ڪهي ساڻ ڪماچ،
هيءَ سر صاحب تان صدقو.

# داستان ٽيون

( ١ )

ڪين جو ٻيجل ٻوليو، پنيءَ ويهي پان،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
"آءٌ مڱڻهار، مڱڻان! مقابل ميدان،
گهوريان لک، لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
متو هيءَ مزمان، هلي آءٌ ته هت ڏيئين."

( ٢ )

آءٌ متاهون مڱڻان، چڙهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راجا منجهه رتول،
ٻيجل توسين ٻول، وهائيءَ وڏڻ جي.

( ٣ )

محلين آيو مڱڻون، ساز ڪٺي سرندو،
سر جي صدا سر ۾، گهور هٿي گهرندو،
هٿي ريءَ سلوڪ جي، چارڻ نہ چرندو،
جهوناڳڙه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

( ٤ )

محلين آيو مڱڻون، ڪٺي ساز سري،
لڳي تند تنبور جي، پيا ڪوٽ ڪري،
هنڌين ماڪين هوءِ ٿي، تنهنجي، پيچل! دانهن پري،
جهوناڳڙه جهري، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

( ٥ )

ڏاتار ۽ مڱڻي، ڪون وسيلو وچ،
سائي تال تندن جي، سائي چارڻ چت،
جي هتي، جي هت، تہ ڳالهہ مڙيائي هيڪڙي.

( ٦ )

”جاچڪا تو جهار، ڏہ پيرا ڏياچ چني،
جنهن ۾ سال نہ سريءَ جيترو، تنهن تون طمعدار،
جي آچيني ڪم ڪپار، تہ ويہ پيرا وڌي ڏيئين.“

( ٧ )

”ھلي ٿي پار، جان سون نيڻ ھٿي نهاريا،
چوري رکيم چت ۾، ڏسين جا ڏاتار،
ھيءُ سر توھان ڏار، پيچي ڪنهن نہ پوليو.“

( ٨ )

”سو جيءُ، مڱڻهارا! ۾ ھوءِ، جنهن تو سٿي سر منو ڪيو،
جو سون مل مور نہ سچي، تان جي سو گهريوءِ،
تہ جڳان جڳ ڏنوءِ، ڏونگو ڏاتارن ڪي.“

( ٩ )

”متو متائن گهوريان، متو تو متان،
سو سون ٿيي نہ ھٿان، جنهن تون لائق، مڱڻان.“

( ١٠ )

”متو متائن گهوريان، متو تو متاءِ،
ھڏو ھيءُ ھٿ ڪري، جاجڪ وھلو جاءِ،
تون سين آنيراءِ، جم واچا ۾ ولهو وھين.“

( ١١ )

”سؤ سرن ھائي، جي تند برابر توريان،
آتل اوڏاھين ٿئي، جيڏالهن پيچل ھرائي،
سڪٿون ھڏ آھي، سر ۾ سچو ناھ ڪين.“

( ١٢ )

”مٿي آتي منهنجي، جي هٿا مِرن سو هزار،
تہ تنهنجيءَ تند تنوار، هرهر وڍير هيڪڙو.“

( ١٣ )

”مٿي آتي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ واريو واريو وڍيان، سڀيءَ کي سو وار،
تہ پڻ تند تنوار، مونهان مٿائون، مڱڻان!“

( ١٤ )

”جو تو ڏين، ڏياچ! لاهيو اي سر سيڪو ڏي،
ڪين ناهِ جهڙو ڏي، جو سند ٿئي سوالين.“

( ١٥ )

”ڏين گهڻون ڏهلو، سڀي ڏين سک،
سو تان، ڏياچ! ڏک، جو تعلق رکي تند سين.“

( ١٦ )

”جو تعلق رکي تند سين، سو ڪين پلؤ پاءِ،
سون کي م موٽاءِ، آنءَ آڪاهون آئيو.“

( ١٧ )

پسي پات پر ٿيو، سندو جادم جود،
”مڱ وهاڻيءَ، مڱڻان! مٿو هير موجود،
بلڪ آهي بود، ناڪسيءَ نابود م.“

( ١٨ )

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، رمي رهيو رات،
صدا جي سيد چئي، وائي ڪيائين وات،
ڏيهہ ڏنا تنهن ذات، سيين سگهڙ ڪي.

( ١٩ )

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، پير ڀري پاتا،
صدا جي، سيد چئي، وائي ڪيائين واتا،
تنهن تي راڄ راضي ٿيو، دل وڏي داتا،
مرڪي مڙ ماتا، روڙي راءِ ڏياچ جي.

وائي

مٿو ۾ ڪنڪار، يار! ڏاڻ ڏيندو سئين، سگهڙن!
جاچڪ! جهونا ڳڙهه ۾، هل تہ ٿيهون يار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، سگهڙن!
متان ڪا منهنجي ڪرين، ڳلا جي گفتار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، سگهڙن!
مٿي آتي منهنجي، جي هون سر هزار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، سگهڙن!

هر هر وڍيان هيڪڙو، تنهنجيءَ تند تنوار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!
لڄيندي نه لاهيان، ڪينهي منجهه ڪپار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!

## داستان چوٿون

( ١ )

ريءَ مصلحت مڱڻان، قصر ڪين آچن،
نور تجلو نور سين، نميو نيڻ ڀسن،
خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوٺا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سندا ڏاڻ ڏسين،
تيلانهون ملڪ ڏڻن، مڃيو مڱڻهار کي.

( ٢ )

"مر تہ آئين مڱڻان، مام پروڙي مون،
جيڪا ڳاهہ ڳالهائيين، سا سڀ سمجهيسون،
تنهن ۾ تسيج تون، جيڪين هوني هٿ ۾."

( ٣ )

”چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهہِ اِيءَ،
هڻي آيو هڻن سين، جهرو ڪيو جيءَ،
رات منهنجو ريءَ، ڪاٽيو تو ڪماچ سين.“

( ٤ )

”تانءَ نہ آهي تند جو، روُن روُن ڪري راز،
هنڌڙ سندا هڏڙا، سڀڪو ڇڏي ساز،
سڀ ڏٻي شهباز، ٿيءُ نہ ٿوڪ پرائيين.“

( ٥ )

تند تنهنجي تان، ڪهيو سو قبول پيو،
سِرُ نہ آهي سڀ ٭ پر پيو ڪي مگج دان،
خاڪ ميئءُ جو بانءُ، ڪاٽيان پوءِ ڪجهہ ناهي.

( ٦ )

”چارڻ! ٻولِ ڪينءَ پيو، جو گهريئي سو گهوريان،
گهر، سورٺ نہ ٻڙي، جان تندن برابر توريان،
ٻجهي آهيم ٻالهڙي، آءٌ اوري تان اوريان،
ڪِ ڪلهنئون ڪوريان، ڪِ، جاجڪ! جسي سين ڏيئين؟“

(۷)

چارڻ چنگ، ٻنگ لهي، وڃايو وڏاڻ،
سر تان هڏ آسان، پر مڱڻهار مٿي وهي.

(۸)

”ڳجهه ٻنهنجي ڳجهه ۾، رند! رسائي لاءِ،
آجل آيو آهي، پنيءَ تو ٻلاٽيو.“

(۹)

”وڏي سر ٽيءَ سرهو، م ڪين آهه، م ڪاءِ،
جاجڪ! تو مٿاءِ، ملڪ مڙوئي گهوريان.“

(۱۰)

ٽيئي ٻرچيا پاڻ ۾، تند، ڪنارو، ڪنڌ،
”تنهن جهوئي ناهه ڪين، جو تو چارڻ ڪيو ٻند،
ايءُ شڪر الحمد، جئن مٿو گهريئي، مڱڻان!

(۱۱)

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واڄو ولاتي،
هنئي تند حضور ۾، تنهن پارس ٻراتي،
ڏسندي ڏياچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪڍي تنهن ڪاتي، وڏو ڪرت ڪپار ۾.

( ١٢ )

گل چنو گرنار جو، ہنڻ ڦبون ہنين،
سنہسين سورت جهڙيون، آپيون اوسارين،
چوڻا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
نارِيون ناز ڪرين: "راڄا رات رمڪيوا!"

( ١٣ )

ہاسنگ جنهن پيش ڪيو، تنهن ڏنو ڪين ڏياچ،
سٿو نيئي ماچ، وڃي ڏور، ڏڪ ٿيو.

( ١٤ )

ڏنو ڪين ڏياچ، تو سائل سڪائي،
منهن تي موٽائي، سٿو هنيس مڱڻي.

( ١٥ )

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما هنيا ڪنگهار،
ٿيو راڳ، روپ سو، لڳي تند تنوار،
سو ڏٺين پٽين ٻار، پسوا راڄا راضي ٿيو.

( ١٦ )

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما ڪٿيہ ڪنگهار،
نہ ڪو راڳ نہ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
تهان پوء مڱڻهار، ڏاو سر ڏياچ ڪي.

## وائي

آلوِداع! ووا آلوِداع! ووا آلوِداع! جاني ڪيوءِ جُدا،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

هڻ تون تند طريق جي، ووا! واڄٽ سڀ واري،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

سورٺ سرتن وِچ ۾، ووا! آهي اوساري،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

”ڏيندو سانءِ،“ ڏياچ چئي، ”هيءُ سِر سينگاري،“

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

هيءُ جو آيو مڱڻون، سو مُتارا ماري،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

دوس دوستان دور ڪيو، تو ڏيا ڏيکاري،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

ڪنڌ منهنجو ڪاٽيو، نينهن سندي نعري،

هئي هئي! سورٺ نِي ساري.

# آسا

## داستان پهريون

( ١ )

لَڳان نَبي لاحَدَ ۾، هادِي لَهان نَہ حَدَ،
سِپيرِيان جي سُونهن جو، نَہ ڪو قَدَ نَہ مَدَ،
هِتِ سِڪَڻ بي عَدَدَ، هِتِ پِرين پَروا ناهِ ڪو

( ٢ )

"آءٌ" سين آنَ پارِ، ڪَڍهن تان ڪونَہ پيو،
"اِنَّ اَللّٰهَ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرِ" نيئي ٻِيائي ٻارِ،
هيڪڙائِيءَ وٺ هارِ، هَنجون جي 'هَمَهْ' جون.

( ٣ )

ٻنِ ٻِيائِي سِپِرين، پاڻان مون کي پَلِ،
"آءٌ" اورِيان جهلِ، توکي رَسِي "تَون" ڏٿِي.

( ٤ )

توکي رَسِي "تَون" ڏٿِي، مَيوئِي جمالَ،
ڪونهي ٻِيو خِيالَ، جي شارِڪَ شَڪَ وِڃائِيين.

( ٥ )

”آءٌ“ اوريان جهلِ تون، ڇڏيمِ ڀاڻ ڀڄار،
شِرڪ ساڻ سَتار، گهڻان گهاريمِ ڏينهڙا.

( ٦ )

عينَ شِرڪ اِيءُ، جڏهن ٻي شِرڪ پاڻهين پاڻ کي،
وِڃائي وَجود کي، ڀاڻان ڀاسي ٿيءُ،
هڏهين ڪونهي ’هيءُ‘، ’هو‘ ٻڻ ڪِينهين هن ري.

( ٧ )

هو ٻڻ ڪِينهين هن ري، هيِ نہ هَنهان ڌار،
”اَلاِنسَانُ سِرِي وَ اَنَا سِرّہٗ“ پروڙج ڀچار،
ڪندا ويا تنوار، عالِم عارف اهڙي.

( ٨ )

نَڪا اِبتدا عبدَ جي، نَڪا اِنتها،
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ کي ويا.

( ٩ )

”اَنَا عَبدَ“ مَعبودَ تون، اِتِ نہ ڪو شِرڪ نہ شڪّ،
ڀچارون ڀِرينِ جون، محبتين مڙڪ،
سو سيوڻي حق، جنهن ۾ ڀسڻ ڀِرينءَ کي.

( ١٠ )

سِرَ نايو سجدا ڪرين، تَنَ تَواضعَ تو نَ،

هُو جو مڻڪو مَن جو، سهجان سارِين سو نَ،

ڪُوڙا ٽِيندءِ ڪون، ڏوٿين ڦوڪئي فائدو.

( ١١ )

جانْ جانْ هَسْين پاڻَ ڪي، تانْ تانْ ناهِ نمازَ،

سڀ وِڃائي سازَ، تِهانْ هوءِ تڪبير چئو.

( ١٢ )

جانْ جانْ هَسين پاڻ ڪي، تانْ تانْ ناهِ سَجُودَ،

وِڃائي وَجودَ، تِهان هوءِ تڪبير چئو.

( ١٣ )

وِرد وَظيفا وِسريا، نَ ڪا رهي نمازَ،

هينئڙو بحريءَ بازَ، چوري ڪيو چنبن ۾.

( ١٤ )

نابوديءَ نيئي، عبدَ کي آعليٰ ڪيو،

مورت جي مخفي ٿيا، صورت ۾ سيئي،

ڪبي آت ڪيهي، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

( ١٥ )

تعظيما ترڪ ٿيا، واجھاٽيان ويا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهہ ڪا.

( ١٦ )

ڪالھ پريان جي ڳجھ جي، ڪالهہ مڙيائي ڳجھ،
هينئڙا اڄھ مَ منجھ، تہ پرينئان پري نہ ٿئين.

( ١٧ )

صورت سوجھ مَ تنهن جي، تون پڻ پڇين جو،
سخن آهي سو، جو منهن مقابل نہ ٿئي.

( ١٨ )

سچائي نہ صورت ري، صورت هڏ مَ سوجھ،
ٿي ٻاراٽي ٻوجھ، وڃائي وجود کي.

( ١٩ )

سي فاني ٿيا "في الله"، جن وڃايو وجود،
نہ تن قيام نہ قاعدو، نڪين ڪن سجود،
جيلانهن ٿيا نابود، تيلانهن رسيا بود کي.

## وائي

ڀرڻ ن پوءِ، موٽي، موٽي م وِهامي راتِ،

راهَ رمندڙي روءِ.

ڀر ڪي قادر ڪوه ڏنوءِ؟

راهَ رمندڙي روءِ.

ڄڙهيا دادِين ڏونگرين، سيٽِن سانگ نہ ڪوءِ،

راهَ رمندڙي روءِ.

آچي اورانهون ٿِئي، شال ساجن سانگ سندوءِ،

راهَ رمندڙي روءِ.

وِيئي واٽ نِهاريان، مَن ڀِرين ڀاڄهہ پوءِ،

راهَ رمندڙي روءِ.

## داستان پهريون

( ۱ )

آپرندي سِج، پِرين جي نہ پسنديون،

ڪِڏي هيٺي ڏِج، آڪڙيون ڪانگن ڪي.

( ۲ )

آپرندي سِج سان، پِرين جي نہ پسنديون،

ڪِڏي ڪي ڪانگان، نِوالا نيڻ ڏيان.

( ٣ )

مون کي آکڙين، وڏا لوڙا لائيا،
تہ ٻئي ٻرين ٻسن، ڪٺان جي ڪر سامهيون.

( ٤ )

نيرانان ٿي ليڙ، نيڻي آڄ ٻر ٻن ڪي،
ستر ڪاڏا ڪيڙ، جي ڏٺو منهن محبوب جو.

( ٥ )

تن نيڻن ڪي نيران، جن ساجهر سڄڻ ڏيٺيا،
تہ جيءُ جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.

( ٦ )

آکيون علي الصباح، دوست ڏيکڻ آئيون،
آپينديون آرداس ۾، ٻي نہ ڪنديون ڪا،
رچنديون ري ٻاہ، ٻرچنديون ٻرين سين.

( ٧ )

ڪي جو ڪيڏانهين، آکيون ڏسي آئيون،
تائين تيڏانهين، ٻيون ٻاڻ مهاڙيون.

( ٨ )

ڪِي جو ڪَنهين پارِ، آ ڪِيوَن ڏِسِي آئِيوَن،
ٽِيوَن ديوانِيوَن دِل ۾، آپر لِڳِين آر،
تِهان پوءِ قَرار، سَتِيوَن ڪِين سِيدَ چئِي.

( ٩ )

ڪِي جو وَڃِي اَڄ، آ ڪِيوَن ڏِسِي آئِيوَن،
سيڻن جي سيڄ، لالَن ڪيوَن لَطِيف چئِي.

( ١٠ )

ڪِي جو وَڃِي ڪالهه، آ ڪِيوَن ڏِسِي آئِيوَن،
لالَن ڪِيوَن لَطِيف چئِي، جانِبَ جي جَمال،
ٽِيا نيڻ نهال، جنِين دِلبرَ ديکِيو.

( ١١ )

آ ڪِين ڪِي آهِين، عَجَب جهَڙِيوَن عادَتُون،
سور پرائي ڏِيهه جا، وَڃِيو وِهائِين،
آتي لنئُون لائِين، جِتِ حاجَت ناهِ هٿيار جِي.

( ١٢ )

آ ڪَرِين آرام، ڪَڏهن تان ڪو نه ڪِيو،
هيون مَنجهه حمام، ڪاٿِيوَن ڪَورِي وِچ ۾

( ١٣ )

آکِين کي آئون، جانْ کي جهلون ہائيان،
لَتاڙي لوڪ کي، ساڃَن سوڻائون،
مون کي مَنائون، پاڻ پرچي آئيون.

( ١٤ )

آکِين کي آهين، وَڏا وَجهہ وِڙهڻ جا،
مَندي آيون مامرو، جهيڙو نہ لاهين،
جِئَن سي ڪَڪَر آيَ ہ، آکيون تِئَن آهين،
جهڙِ ڦڙِ نہ لاهين، وَسنِ ساوڻ مينهن جِئَن.

( ١٥ )

آکيون تان عِيدَ، ڪانهي عِيدَ آکِين ري،
خوشي ۽ خريدَ، وِڃي ويچارِين وِسري.

( ١٦ )

آکَڙِين آرو، مونهان پُڇي نہ ڪِيو،
آتِي وَڃي آڙِيون، جتِ چوڻ نہ چارو،
هِينئڙو ويچارو، وائون جهليو وِڃهلي.

( ١٧ )

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَڻ لئِي،
جِئَن جِئَن ٻرين ٻَسَنِ، تِئَن تِئَن نشا نِينهَن جا.

( ١٨ )

وَسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَڻ لئِي،
ڏِيئي ڏِسي آئِيوُن، تو ۽ تَلاشُون ڪَنِ،
ڏِيوُن نَہ ڏِاهِنِ، ٻسَڻ منجهان ٻِرِينِ جِي.

( ١٩ )

ڏَسنِ ڏِيهاڙِي، توءِ تَرسنِ اوڏهِينِ،
آيا سُجاڻِي، نيڻ نِهاري ٻرين کي.

( ٢٠ )

لَڌي آيا لَعلَ، پيرنِ سين ٻَنڌَ ڪَرِي،
ساڄنَ آکِيون جِي کَٽِي، تَہ ڪوڙين ٻانيان ٻالَ،
مَنهنجِي ناهِ مَجالَ، تَہ ڪو وِيڻَ وَرائِي وارِيان.

( ٢١ )

آتي نِي آهِينِ، جِتِي آٽِي چِڏيئِي،
سي سَباجهون آکِيون، ماڳ نَہ مَنائِينِ،
جِي آتي لِڪ لاهِينِ، تَہ ڪَڍِي ڪانگنِ کي ڏِيان.

( ٢٢ )

آکڙيون پرينِ ري، جيڪي پيو پسن،
تہ ڪڍي کي ڪانگن، نِوالا نِين ڏيان.

( ٢٣ )

اُپيون آهين اُتِ، جتي آئي چڙهيئي،
پيو پروسو نہ پِتِ، اَکيون اوهان جي آسري.

( ٢٤ )

اَک اُلِتي ڏارِ، وانُ اُلٽو عام سين،
جي لِهوارو لوڪ وهي، تہ تون اوچو وہ اوپارِ،
سَنجهان نوچ نِهارِ، وانُ پنيرو پرينءَ ڏي.

( ٢٥ )

تان جي تِين ماڻهان، پنيرا سونهن،
سنئون ورائي سپرين، منهن جي مانُ ڏي ڪنِ،
رکون سپ رچنِ، تِن ۾ تازائي ٿئي.

( ٢٦ )

اَکيون سي ئي ڏارِ، جنِ سين ڏسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نِهارِ، گهڻو ريسارا سپرين.

( ٢٧ )

آ ڪين مون کي اوچتو، آتي آڙايو،

لنئون تنِ لڙايو، جتِ ڪڇڻ نئي ڪونڪو.

## وائي

اي ميان سڄڻ، توري اوري، ڪئن رهندا نيڻ سنهينجا.

جنِ جو وارث تون، جنِ جو آڌر تون.

اتون تيس لائق پون.

جئان آلهي اپري، تونئي تهان پري.

توء وڃجي تنِ ڏي، آ ڪيون پير ڪري.

## داستان ڏيون

( ١ )

موهينده مجاز، گهٽين ٿورين ڏينهڙين،

هئان چڏ م باز، تون هاريا حقيقت جو.

( ٢ )

هي جي مجازياڻيون منهن ۾، ديک م تون سين تن،

ڪين مجاتو ميرين، نهاري ليٽنِ،

پرين سي پسن، پئي جنهن پونيون.

( ٣ )

ساهہ سين سڄاڻان، ساهہ سين سان پرين،
اِهي ئي تاڻان، آڇي رهيا روح ۾.

( ٤ )

مون کي ماءِ مجاز، پيچاري جڏن پڇيو،
هٿن چڏي هاج، ويٺي سار سنڌن مان.

( ٥ )

منهنجي جان جدا ڪئي، حقيقت هٿي،
ساهہ هيڪ پرين ري، سگهان ڪين ڪٿي،
ڏٺي ٿي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾.

( ٦ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ڏري،
تہ وڃن وڻ ٻري، اوپڙ آيڙي ڪونہ ڪو.

( ٧ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪري زبان،
تہ ناڪر نڪي ڪان، لڳي سانت مرڻ ڪي.

( ٨ )

سَنْئِين سَوْنهائي سِيڪا، ڪا سَون مَنجهائي،
طَلَبَ ۾ تَحْصِيل، اورِيان ئِي آئِي،
مان تَندَ تتِ لائِي، جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

( ٩ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيَ خاڪِيءَ جو خِيالُ،
جانِبَ جو جمالُ، پَسَّان ئِي پَرِي ٿِيو.

( ١٠ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيَ خيالُ خاڪِي،
پِرِينِ جِي پاڪِي، پَسَّان ئِي پَرِي ٿِئي.

( ١١ )

پِرِين نہ آ ڪَڙِين ۾، هِينئون نہ حاضر جِنِ،
سِي هَوْنهين جاڙَ جِينِ، تَلها تاتا سَڪِتا.

( ١٢ )

آ ڪَينِهِنِي وِيهہ، تہ آئون واري ڏِڪيان،
توکي ڏِسي نہ ڏِيهہ، آئون نہ پَسان ڪِي پِيو.

( ١٣ )

وَنين ۾ ٿِي وِيھ، تارَن ۾ ڪر تڪيو،
پِرين آڪينَ ۾ پيھ، تہ آئون آچارو ٿيان.

( ١٤ )

سِڪ سِڪائي سِڪ، سڪ نہ آهي سٿري،
لَڪ لِڪوڙي لِڪ، تہ ڪَرَن خبر نہ ٿئي.

( ١٥ )

جي خبر ٿِي ڪَرَن ڪي، تہ مون ڪي ڪندا ڪوهہ،
صورت سُپرينِ جي، ڏِٺي ڪونهي ڏوھہ،
لوريءَ لِڱيءِ لوھہ، جنهين رت رُئاريو.

( ١٦ )

ڪَرَ جا ڪَڏَ ڪَنٿي، پوڻ ڪارڻ پِرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پئي، غيبتي غار ٿيو.

( ١٧ )

آلا! ڪَر جِنِ، مدي جن جي من ۾،
آسان ۽ پرينِ جون اميدون پسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي اِنهيءَ سور ۾.

( ١٨ )

ڪَرَ ڪارِيندو ٿيِي، مائو جن پِريتڙو،
جوش جلايا جيِي، ماري تَنِ ماتَ ڪِيو.

( ١٩ )

ڪَرَ ڪي ڪَپَرَ ڪاءِ، نانگ مَٿيارو نڪري،
آيِي جو اوناءِ، سَرَ پَرَ سَندَيِ سَجڻين.

( ٢٠ )

ڪَرَ تو ڪَرايون ڪرين، هَرَ هَرَ هَڇارا،
پورايَئِي پِرينِ جا، چوڏاري چارا،
مرين نہ مَنهن ڪارا، سڙي اِنهيءَ سور ۾؟

( ٢١ )

ڇَڇو سَنئيِون ڪَنِ، لوڪان ليڪي ڏنگيون،
سَندي سِپيرِينِ، ۾ پَروَڙَ ڏاڪڙو.

( ٢٢ )

نَڪو ڏِيکُهہ نہ ويل، نَڪو مَنهن نہ مَهاڙِ ڪا،
اِيَ اِهوئي ڪيل، ڪَورَ پَروَڙي ڪِين ڪِي.

( ٢٣ )

حوصلو حيرت جو، ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سندو حق، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٤ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي ٿيو وڇون،
محبت جون ميڇون، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٥ )

حوصلو حيرت جو، آهِ نہ مٿي عام،
محبت سندي مام، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٦ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي لڄائُو،
ويچارو ڪاٺو، ڏسي ٿيو ڏسڻ ڪي.

( ٢٧ )

مٿي هاٿيءَ سين مامرو، آڇي پيو آنڌن،
مناڙين هٿن سين، آڪيين ڪين ٻسن،
’في الحقيقت‘ فيل کي، سڃا سڃاڻن،
سندي مردارن، بصيرت بينا ڪري.

## وائي

( ١ )

وَجْهَ مَنجهہ خَليلَ، آندرِ آذَرّ آهيين،
سَدَ ۾ ڪرِ صِحَتَ جِي، آچا تّون عَليلَ،
نااو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَليلَ،
مَنهَن ۾ مُسلِمانَ تّون، قَلبَ تان قَليلَ،
وِترَ جي وِصالَ ۾، دُوئِي ناهِ دَليلَ.

## وائي

( ٢ )

آللّه سائِين! سائِين! پُٺان پرِيَنَئُون ۾ پانهين،
مّون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
جِتي ڏيرو دوستَ جو، سا ڪِئُن جُوءِ آڳاڙهين،
مّون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
قَلَمَ جَنِ جي هَٿَ ۾، سي سِيڻ سَباجها سائِين،
مّون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
بَنديءَ جي بابَ ۾ شالَ ۾ لِکَنِ لائِين،
مّون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪين مڃاتو ڪل،
تازي طويلن ۾، آهه اِحاطو جهل،
هتا جي آمل، سي حسابان هيڄي ويا.

( ٢ )

محروم ٿي سري ويا، ماهر ٿي نہ مٺا،
چڙيءَ جنن ڇهنج پري، لڌيائون لٺا،
حباب ٿي هٺا، آنهيءَ واديءَ وچ ۾.

( ٣ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪلُ سڃاڻي ڪٿن.
جانب منجهان جنن، ماهر ٿي منجهي پيا.

( ٤ )

ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنان وڃ،
آهي اِي آهچ، سٽي مٽائيج تون.

( ٥ )

وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ ٻڻ وڃاء،
لوڪان پاڻ لڪاء، لڪڻان ٻڻ لڪيج تون.

( ٦ )

هَٿَنِ سين هاج ڪَرِ، نيٽَنِ سين نِهارِ،
آيا آڳَڻِ ٻارِ، سَسُ سَنهنجا سِپرِين.

( ٧ )

آسين سِڪهون جنِ ڪَي، آسين ٻڻ سيئي،
’لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ‘، اوڏانهن وَڃ ٻيهي،
تِهان منجهيئي، ٻارِک ٻرِکج حَقّ ڪَي.

( ٨ )

چَپ ڪَرِ، چَپَ ۾ چورِ، ٻورِ آڪِيون، ڏِکِ ڪَنُ،
ٻاٽِي اِي پيٽ ۾ پرِ، رَهُ آڏورو آنُ،
تہ هوءَ جا مَرِرت منجهاران سَن، تنهن جو مشاهِد و ماٺئين.

( ٩ )

ڏِسَڻ ڏِسين جي، تہ هَمہ ڪي حَقّ چئين،
شارِڪ شَڪَ ۾ نِي، آنڌا اِنهيءَ ڳالهہ ۾.

( ١٠ )

آڏو جو اِثبات ڪي، سو شرڪ لاهي شَڪَ،
هٿي جنهن ۾ حق، تنهن نَفيءَ جِهڙو ناهِ ڪي.

( ١١ )

نَفيءَ سَندي ذاهه سين، پَچي پَچيائُون،
پِرَّا جي پائُڻ جا، پِيري پَڳائُون،
آسِين ۽ آئُون، آتِڻ هَئي نہ آنِ جي.

( ١٢ )

وَڏي تان اِنَ واٽَ ۾، پيلَپَ پِيائي،
آهي آونداهِيءَ جو، شِرڪ سَهائي،
چِڻي چِٽائي، آلِفَ جي عينڪ ۾.

( ١٣ )

اِنَ ۾ نہ اِيمانُ، جِنَ ڪَلمي گو ڪوڙائِيين،
دَغا تَنهنجي دِل ۾، شِرڪ ۽ شيطانُ،
مَنهن ۾ مُسلمانُ، اندرِ آذَرُ آهيين.

( ١٤ )

ڪوڙو تون ڪُفرَ سين، ڪافرُ م ڪوٺاءِ،
هندو هَڏِ نہ آهيين، جِيو تو نہ جِڳاءِ،
تِلڪ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪ سين.

( ١٥ )

مَنهن ۾ مومِڻ جهڙو، اندر ۾ اِبليس،
اِهڙو خام خبيث، ڪِڍي ڪوه نہ ڇڏئين؟

( ١٦ )

مَنهن تہ مومِڻ جهڙو، سيرت شيطاني،
بازي بيراني، ڪِڍي ڪوه نہ ڇڏئين؟

( ١٧ )

مَنهن تہ آهير يانئي اُجرو، قلب ۾ ڪارو،
پُهران زيب زبان سين، دل ۾ هچارو،
اِن پر ويچارو، ويجهو ناه وِصال سين.

( ١٨ )

تون ڪا ڪاني پاءِ، وِنين ۾ وصال جي.
دو بينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ،
سپيرِيان جي سونهن ۾، رخنون ڪونہ رهاءِ،
آکِ آشهد چاءِ، تہ مسلماني مائنين.

( ١٩ )

اينءَ چوندي ڪير، تہ آئون ساجاري سڄڻين،
دائم اِن ديار جا، ڦرلدا پسان ڦير،
جن حضوري هير، ڪري تغيري تن سين.

( ٢٠ )

سون، تون، آئون، آسين، چارئي چتان لاهِ،
سندي دوزخ باهہ، تہ توءِ اوڏيائي نہ آچي.

( ٢١ )

سُرمون سياهيءَ جو، رنن کي رهاءِ،
ڪانِي ڪارائيءَ جي، مُرِس ٿِي مَ پاءِ،
آڪين مَ آنڪاءِ، لالائي لالن جي.

( ٢٢ )

سُرمون سفيديءَ جو، جنبي پاتو جن،
تذهن ڏٺي تن، آڇائي عالم.

( ٢٣ )

سُرمون سُرخيءَ جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ربّي جيهڙي.

( ٢٤ )

جي فارسي سکيو گولو، توءِ غلام،
جو پَڌو پِنِ ڳالهين، سو ڪيئن چائي چام؟
آچيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
اِيَ عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿيو.

( ٢٥ )

آوَڳڻ رَسي سيڪو، ڳِئين پرين رَنام،
ليڪِيءِ جي لِسانَ سين، سي ڪَر ڪِين ڪِيام،
پاڻَ وِڃائِي پانهنجا، تورا ڌَڪَ هَنيام،
بندَگِي شَرمندگِي، اها ميڙ مَڪيام،
پِرين تَڏِ پَرچيام، 'آءٌ' جَڏِ آتَ ڳِئي.

( ٢٦ )

آوَڳڻ رَسي سيڪو، ڳِئين پِرين رَنام،
ڀَهون پاروتِنِ ء، ڪِي ڪَبيرا ڪِيام،
تيلانِهين مَريام، سَڪَنئون سور گهٽا.

( ٢٧ )

آلَتيءِ جا هَينئان، سا نَہ سَلَتيءِ ساهَ ڪَي،
سِپيرِيان جي ڳالهڙِي، لِڪايَم لوڪان،
وِيئي سون وَسان، پَدَرِ پيئي پِرينءَ ري.

( ٢٨ )

مون تان لِڪائِي گهڻون، پرُ رَوَئِڻَ ڪِي روشنُ،
رَسيو رِيزالَنِ کَي، مَنجهان زَردِيءَ ظَنُ،
وِيري سون وَرَنُ، ڳالِهہ ڪيائين ڳجهہ جي.

( ٢٩ )

عاشقَ پائڻين اِئَن، تہ آءٌ سِڪ ڪِنهن ڪي نہ سَلان،
وِچِ رَهَندي ڪِئَن، وَهِنِ آڪيوَن وِرچِي هِينئُوَن.

( ٣٠ )

مَتيوَن سَپ مَنجهاءِ، توَن پاڻَ چِڏي آو چاڻَ،
پِهرِين پاڻَ قِتو ڪري، پِرِين پوءِ پَچاڻَ،
وِچاءِ وَحدَتَ ساڻَ، ڪَسافَتَ ڪَثرَت جِي.

( ٣١ )

آندَرِ رَهِي نَہ گَهتَ، سَپيرِيان جِي ڪِالهڙي،
چاڪَرِ سَهِي نَہ سَتَ، جَهہ مِهراڻَ موجَ ڪِي.

( ٣٢ )

’پاڻَ‘ پَردو پاڻَ ڪِي، سَٽِي ڪَر سَنپالَ،
وِچان جو وِصالَ، سو تان هَڻَ هِنَ جو.

( ٣٣ )

’پاڻَ‘ هَردو پاڻَ ڪي، طالِبَ سَٽِجِ توَن،
نَڪا هان نَہ هوَن، پَردا سَپِ پاسِي ٿِيا.

( ٣٤ )

’مون‘ مونهين ۾ سچي، مون کي ’مون‘ جڳاءِ،
مونهين منجهان ’مون‘ ٿئي، مونهين جي ساڃاءِ،
ڪجهه ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پنڌڙو.

( ٣٥ )

آنهين اِئن جڳاءِ، آنءَ کي اِئن نہ چوڻو،
بنہ جنهن جيءَ ذاتِ جو، آئي آهہ الله،
تهہ نہ پڇي ماهہ، گنديءَ نينهن نہ سچي.

( ٣٦ )

نظر نزديڪون، سهي نہ سگهان ساعت سيئن،
پسڻ پري سندون، آئون نالي ڪيڙي لجهران.

( ٣٧ )

علتي آرام، پسي علت آئيو،
حسن جو حق جو، سو خامي پائيئي خام،
آڇي ٿيا اِسلام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

( ٣٨ )

رتي جا رهاڻ، سا پيءُ پهتي نہ ٿئي،
ڪنهن ڪر وجهي ڪاڻ، ٻاٽان نينهن نڪيرئو.

( ۳۹ )

رَسَڻ نہ آهي ريتِ، ڀڄڻ پاهتِ ناهہ ڪو،
پَسو سَنجهہ پريتِ، جِيهائي جوڙ وهي.

( ۴۰ )

مون کي مون ڀرينِ، ڀڏي وڌو تارِ ۾،
آيا اِيئن چونِ، مڃڻ پاند ڀسائيين.

( ۴۱ )

ڀيو جو ڀاتارِ، سو پِستان ڪئن پالهو رهي؟
مالڪ مون سيڪارِ، ڪو ڀہ اِنهين ڀاند جو.

( ۴۲ )

شَرِيعَتَ سَڄاڻ، ڪَر طَرِيقَتَ تَڪيو،
هيئنڙون حَقيقَتَ هيرِ تون، ماڳ مَعرِفَتَ چاڻ،
هَڄج ثابوتيءَ ماڻ، تہ پَسڻ ڪان ڀالهو رهين.

( ۴۳ )

ڪوڙي ڪِج م ڪَڌهين، ڦِڪي پائِج ڦانگ،
ساري سَناسينِ جڻن، لائِق رَکِج لانگ،
تہ چارِئي چادر ڀاند، اوسا ڪٽي آڪرين.

( ٤٤ )

مَتوئي سيج گهرين، جفا ڏين نہ جان،
صُلح ري سيٽان، متان نونڏين نہ چڙهين ۔

( ٤٥ )

مَتوئي سيج گهرين، جفا ڏين نہ جيءَ،
ڀتي ڏاران ٻيءَ، مڇڻ نونڏين نہ چڙهين ۔

( ٤٦ )

صُلح جن سچڻ سين، سيج ماڻيندا سي،
’اَلَّذِينَ آمَنُو اوَكَانُوايَتَّقُونَ‘، اِنَ پر آيا جي،
نيئي نونڏن تي، ڏکي جهٽي چاڙهيا ۔

( ٤٧ )

جي ٿيا حلّ حبيب سين، سمهڻ تن ثواب،
نيڻ هيرائي ننڊ سين، خوش ڪيائون خواب،
اوسيڙو عذاب، دلشان تنين ڏور ٿيو ۔

( ٤٨ )

تن تسبيح من مڻيون، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
’وَحْدَهُ لَاشَرِيكَ لَهُ‘ اهو راڳ رڳن،
سي متائي سونهن، ننڊ عبادت آن جي ۔

## وائي

( ١ )

جيڏيون آئون ڪا ڀاڻ وهيٺي آهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

واڳون ڏٺيون هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪرهل ڪاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

جيڏانهن واريندم سپرين، پير اوڏانهين پائيان،
ڪا مون سار لهيجا.

قلم ڪاتب هٿ ۾، آئون ڪا لِک لِکئي مان لاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

## وائي

( ٢ )

ڪي آنهين منجهہ آهي، هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا،
اِن دَرِ سيئي آڳهيا، جن کي ڪونہ چتائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

ڏاريان پائين ڏاريون، ڀاڻ ڀريان سين ڪائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

'اِنَّ اَوۡلِيَائِيۡ تَحۡتَ قَبَائِيۡ'، پنهنجا پاڻ پراهي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

'لَا يَعۡرِفُوۡنَهُمۡ غَيۡرِيۡ'، ٻر ڪي ڪين پسائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

پنهنجون ڇڏي پٽ ۾، رڙه آنين جي رائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

خدمت ڪري خلق سين، پاند ڳچيءَ ۾ پائي،

هوءَ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

# پرڀاتي

## داستان ڀيرين

( ۱ )

اِيَ نَہ ڀانئِ ڀير، جِئَن ڪينرَ ڪيريءَ ڪَنگيو،
سُونهاري صُبوحَ مين، وِجهي ويئين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪِيرتِ ڏاران مَگُنوَ.

( ۲ )

سَتو ڪِئَن نِنڊُوَن ڪَرِئين، روئِي راتِ وِهاءِ،
سِيان ساز سنداءِ، ڀِيا هوندا ڀَٽَ ۾.

( ۳ )

روءُ وِهائي روءِ، سَتو ڪِئَن ننڊُون ڪَرِئين؛
سِيان ساز سندوءِ، ڀيو هوندو ڀَٽَ ۾.

( ۴ )

سيراندِيءَ ساز ڪيو، سَمهين ساري راتِ،
جاجِڪائي ذاتِ، اِئَن نَہ هُئِي آکَهين.

( ۵ )

جنهين سک ناهہ کو، چارڻ سي چنجن،
رڄن راهہ ٻڄن، مٿي ڪلهن ڪينرا.

( ٦ )

آڪي ائن نہ هير، اِن در سندي مگڻين،
جڻن ڏکها ڪري ٻير، سڄيون راتيون سمهين.

( ۷ )

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين،
اٿي آذي نہ ڪرئين، سپڙ ساڻ سهٽ،
روُنجهي راتِ آهنيا، پينيون پاليٽ،
ميڙي تنان مٽ، چوندي پريا چارٽين.

( ۸ )

موڙهو پٽين مگڻان، ڪيڏانهن هئين ڪالهہ،
لنگها! ڇڏ لطيف چئي، اجهو جا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر تہ قيمت آٿيين.

( ۹ )

لڪي جي ٻجهن، پڌر پوءِ م آن سين،
ننڍي وڏي ڪالهڙي، سڄي تا سمجهن،
تون ڪئن آکيان تن، وڃيو وللين وات سين.

( ۱۰ )

چاڻي هڏ ۾ چاڻ، اِي ڏ ر آهوجهن جو،
اِن ڏ رِ سيڻي آکيا، جن نہ ياڻيو ہاڻ،
رِيجهاڻو راڇاڻ، آهي آهوجهن جو.

( ۱۱ )

ٻجهان ٻاجهہ ٿِئي، ٻاجهاڻون ٻيلي ڏ ٿِي،
سپڙ سا سٿِي، جيڪا چارڻ چِت ۾.

( ۱۲ )

جيڪي ڏ ڏن ڏ ي، گِجهيان ٿِي گجهہ ۾،
سو جي سٿن ڪڏهين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تہ ساز مڙيئي سي، هوند ٻٿون ڪن پلڪ ۾.

( ۱۳ )

اَتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪبو ڪوهہ،
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو سپوني ڏ وہ،
تون پارس، آئون لوہ، جي سچين، تہ سون ٿيان.

( ۱۴ )

ڏاتِ نہ آھي ذاتِ تي، جو وھي سو لھي،
آريون آپوجھن جون، سپرٌ چام سھي،
جو راۃ وڻ رات رھي، تنھن کي جکي جان کي تان لھي.

( ۱۵ )

طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻان،
ڏکي ڪندءِ ڏار، ماڻڪ ڏيئي مٺ ۾.

( ۱۶ )

ڏڏ ٿي ڏانُ گھريج تون، چڏي وچا جي وائي،
سپر رات سنباھيا، تازي تو لائي،
جو چاٺي نہ ڪائي، تنھن سين پيلي ڏٺيءَ باجھ کي.

( ۱۷ )

ڪرِه آکيان ڪپ، ڏيھاٺي ڏاتار جي،
لنگھا! لاه م لڪ سينءَ، متان چانئٺ چپ،
مڱڻھارن مپ، ڪونھي پيو ڪيرت ري.

( ۱۸ )

آٺيو آپوجھاۃ، سپرٌ جو سڏ ٿيو،
جئن آئين ڪيرت ڪٿ نہ سکيا، تئن ھاڻان ريڏو راۃ،
مگو مون مَلاءِ، آئون اوھان جو آھيان.

( ١٩ )

ہوليون ہيلي جون ڪري، پاسي پر پيو،
سٺائي ستن کي، وهائي وِيو،
جاٺي ڪين پيو، سر سڪيوئي هيڪڙو.

( ٢٠ )

سِپڙ ساه پساه، جاجڪ جِم وسارئين،
ريهي رہي سنديون، تندون تنبي کي ہاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اکيان وچي آن جي.

( ٢١ )

چارڻ وس نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرت جي ڪري،
جنين سندو مڱڻون، هٿ تنين جي آه،
جي ڪارائينس تہ ڪاءِ، جي سمهارينس تہ سمهي.

( ٢٢ )

جڏو ڦڏو ڏڏ، پاڻ ڪوناہي مڱڻون،
نہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو گڏ،
سپر ڪريو مڏ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين.

( ٢٣ )

ميرا پسي مڱڻان، سپر سڌ ڪيا،

سڀوجھن سڻا، آڀوجھن آسرو.

( ٢٤ )

صبوح جو سھاڳ، مڱڻھارن مائيو،

ڏنائون ڏاتار کي، وڏيءَ ويرِ وڏاڳ،

وس منھنجي ناھ ڪا، سيڻن ھٿ سھاڳ،

ھرين سين ڀاڳ، مان نماڻيءَ نصيب ٿئي.

( ٢٥ )

ڏاتار ڏک ڪيا، پاڻان مٿي مڱڻي،

مون در ڇڏيو، مڱڻان! مڱين ڪوھ ٻيا؛

تڏھن تو پيا، وچيان ولھا ڏيڻڙا.

( ٢٦ )

جو ڏيھاڻي تو ڏي، مڱ تنھين کي مڱڻان،

ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ مڱين جي،

صباح توھين کي، موٽي ڏيندا منھن ×.

( ٢٧ )

ڪانئي سمي تنبير، جنِ رِيجهايا راڄيا،
وِڻڙا وڏيءَ وير، ڪلهي رکي ڪينرا.

( ٢٨ )

آڄ نہ سڄي آڪيئن، ڪا تنبيرن تنوار،
مڙهيون مڱڻهار، ڀوري ڪنهن پارِ ويا.

( ٢٩ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون صاحب، آئون مڱ،
ڀڃي تنهنجو ڀڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٠ )

تون سير آئون سيڪڙو، تون پارس آئون ڀينار،
ڏسندي ني ڏاتار، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣١ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏڏ،
سڻي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٢ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهہ،
تون پارس، آئون لوهہ، جي سڃين تہ سون ٿيان.

( ٣٣ )

ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،
مينھن منڊائتا وسان، سدا وسين تون،
جي گھر اچين مون، تہ ميربانيءَ مان لھان.

( ٣٤ )

اُڀريو تارو، آئي ور وھاڱ ڏي،
سڀڙ ريسارو، چت پر ڪي چارٽين.

وائي

( ١ )

ٻئي دَرِ وانءَ م ڪيڏانھين، آلا! تون ڄام مڱندين مڱڻا،

ڦير م ھينئون، ڪنڌ، ڪياڙي، ٽيندءِ ھاڄ ھٿائين،
آلا تون ڄام مڱندين مڱڻا.

ماڻڪ، موتي، مال خزينا، ڏيندءِ ٻيلي سائين،
آلا تون ڄام مڱندين مڱڻا.

ورچي تون وھاڱ ڪان، متان ڏيين پاھين،
آلا تون ڄام مڱندين مڱڻا.

دَرِ داتا مڱ مڱڻا، آنڌا ھونئين اوڏاھين،
آلا تون ڄام مڱندين مڱڻا.

پِيائيون وِجهي ھِن کي، سمو کڻ سوائي،
آلا تون چام مگندين مگّان.
”اِنَّ اللّٰهَ وِترٌ يحِبُّ الوِترِ“، وحدت واک وڌائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.
پنھنجي طرف ھاٿيئين، سائل سڏيائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.
جِتي جوانن کي، ڪوني ڪٺائين،
آلا تون چام مگيندين مگّان.
آتي عشاقن کي، الفت آهي ڏنائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.
”الانسانُ سِرّي وَ انا سِرُّهُ“، اِن ھِر آتائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.
ڪِجهه ڪجهاندر ڳالھيون، راز نہ رکيائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.
ھسو ھينارن جي، ھٿ ۽ ھاڻ وڌائين،
آلا تون چام مگندين مگّان.

## وائي

( ۲ )

وَڏڙا ڏاڍَ ڏِنائين، ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو،
آنڌا سَندا آئيا، سخا مَڏ وِڌائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.
ڪِينَ مَنجهان جو ڪِي ڪري، سو نہ ساراهِيِنِ سائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.
"وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ"، آهي سَبِ آتائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.
نَوازِيائين نُطفو، مَنجهان ڪِينَ ڪِڍيائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.
حِرفَتَ حَرِيفَنِ جِي، ڀِڄِي سَبِ ڀَڳائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.
حاسِدَ سَبِ حَزَنَ ۾، مُدعي ماڻ مَٺائين،
ڪِيائين رَخْتَ رِيزالَنِ جو.

# رام ڪلي

## داستان پهريون

( ١ )

جوڳيڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
پري جن پاري، اُئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٢ )

جوڳيڙا جهان ۾، هٿا منجهہ حمام،
آرامان آرڪ ٿيا، اوڏا نہ آرام،
ڪياٿون قيام، اُئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣ )

سَتر سنگڙينِ سين، لحظي لاٿائون،
ڪينرَ ڪني آهيان، انهين جي آئون،
مون کي ماريائون، اُئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤ )

لڪين ڪيا لسان سين، لاهوتينِ لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، اُئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٥ )

ڳوليان ۽ ڳنڍيان، وِيا وِيراڳي نڪري،
صُحبت جا سَنڌيان، آئون نہ جِيندي اَنِ ري.

( ٦ )

مَران منو پِنيان، نِهاريان ليٽانِ،
سَخنَ جي سنڌانِ، آئون نہ جِيندي اَنِ ري.

( ٧ )

وارو ويراڳِينَ کي، ويل م وِساريجِ،
قدم ڪاپڙِين جا، لِيلائي لهيجِ،
پيرتِ پسيو ہٿ جِي، وجهُ کي وچيجِ،
راتو ڏيهن رڙِيجِ، آئون نہ جِيندي اَنِ ري.

( ٨ )

واچِٽ ويراڳِينَ جا، مون وَٽ وَڏي وَٽ،
سونَ سَپوئي سگِيون، اَسي کِين م کَٽ،
وِيساهِي وِيل ڪَنهِين، پورب وِيندو پَٽ،
هلُ! ڪَنيائون هَٽَ، آئون نہ جِيندي اَنِ ري.

( ٩ )

هٿي هٿي ڪيو هٿ هٿان، جوڳي وڻڻا جاٽ،
پيهي وڻڙا پاٽ، آئون نہ جيندي آن ري.

( ١٠ )

واڇٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو سال،
مقالان مهندِ ٿيا، ڪونهي وٽن قال،
حاصل جنين حال، آئون نہ جيندي آن ري.

( ١١ )

ستي سيج هياس، مون کي آه آٿاريو،
جنين جا ڳاياس، آئون نہ جيندي آن ري.

( ١٢ )

جيڪي مون کي نـي، پکه پائي پاڻ ڏي،
په پروڙيمِ پٽ جا، ڪينر منجهان ڪي،
هاٺي جي هنيئي، آئون نہ جيندي آن ري.

( ١٣ )

جيڪي مون کي نيو، مکه پائي پاڻ مين،
قوت منهنجو ڪاپڙي، سگين منجه سهو،
ڪا ڦري ڦوڪ ڏيو، آئون نہ جيندي آن ري.

( ١٤ )

سُوڙ و سِگَڙِنِ سين، ڪِي جو ڪَهيائون،
هُو جي هَنيائون، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ١٥ )

صُبح سِگَڙِيُون ڪَٽي، وِيا وِچائي ہاڻ،
اِهڙو جَنِ اُهڃاڻ، آئُونِ نَہ جيندي آنِ ري.

( ١٦ )

صُبحِ سِگَڙِيُون ڪَٽي، وِيا ڏَڪائي ڏورِ،
ٿِيا ڏِينارِئان ڏورِ، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ١٧ )

صُبح سِگَڙِيُون ڪَٽي، وِيا وَڃائي وِير،
ڏوريان ڏورِيان، نَہ لَهان، ٻيراڳِينِ ٻهِير،
جَنِ آسَ مَنجهہ عَبِيرَ، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ١٨ )

ميڙِيو ڀاڻَ ڀِرِيُون ڪِيو، جوڳِي جَلائِينِ،
سامِي سِگَڙِنِ سين، خُوديءَ کي کانئِينِ،
هُو جي تارِ ہ تَکائِينِ، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ١٩ )

پَسيو آسَ اَنِ جا، اَچي نہ آرامُ،
ڪِينرَ ڪَنِي آهِيان، تَنين جي تمامُ،
مُون کي ڏِيو ماتامُ، اَئُون نَہ جِيندي اَنِ ري.

( ٢٠ )

پَسيو آسَ اَنِ جا، اَڇنگارُون اَچنِ،
پاٽان وِڏيس پَٽ تِي، لاهي لاهوتِينِ،
جي راڙي مَنجهِہ رَهَنِ، اَئُون نَہ جِيندي اَنِ ري.

( ٢١ )

پَسيو آسَ اَنِ جا، آدُوها اَچنِ،
ڪِينر ڪاپڙِينِ جا، صُبح تان نہ سَجَنِ،
جي راڙي منجهِہ رَهَنِ، اَئُون نَہ جِيندي اَنِ ري.

( ٢٢ )

آسَ وَٽِ آهُون ڪَريان، وَسِ نَہ مُنهِنجي واتُ،
لَکِمِ لاهوتِينِ جو، ڪِينرَ منجهان ڪاتُ،
هلَنَ کي هيهاتُ، اَئُون نَہ جِيندي اَنِ ري.

( ٢٣ )

پَسيو آسَ اَنِ جا، پانهُنِ وِجهان واتُ،
هو جي کَهِيا ڏُنهِنِ قلاتُ، اَئُون نَہ جِيندي اَنِ ري.

( ٢٤ )

وِتِنِ ويٺي آهيان، ڏِسيو ڪين ڏسانِ،
جِنهن جهوئي ناهِ ڪَي، سا ڪا سونهن سنديانِ،
پِسيو ڪين پسانِ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٥ )

بابو بِيڪاري ٿِيا، اَڄ نَہ آسَ وٽِ،
خودي ڪانئي هَليا، پير نَہ لاٿئون پٽِ،
هِئي هِئي! جَنهين هٽِ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٦ )

بابو بِيڪاري ٿِيا، پِچي چِڏيائون پاڻ،
نِسوروئي نينهن جو، نانگن وَٽ نِڌانُ،
سِرڪَنڌ جَنهين ساڻَ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٧ )

بابو بِيڪاري ٿيا، آسَ وَٽِ نَہ آڄ،
ٻولي ٻي نَہ سِگهيا، پاٺان چوندءِ پڄ،
نِسوروئي نينهن جو، سامِين کي سهج،
هِينئان! تَنهين سين هَڄ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٨ )

نانڪا نانيءَ هليا، سامي سيئي،
وهڪ مون ويئي، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٢٩ )

نانڪا نانيءَ هليا، ويچارا وٺا،
ڪينر ڪاپڙين جا، صبح تان نہ سٺا،
هو جي هت هٺا، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣٠ )

نانڪا نانيءَ هليا، چيلهيا چيلهہ ٻڌن،
هو جي هت هلن، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣١ )

نانڪا نانيءَ هليا، ڪينر ڏري ڪنڌ،
ٻريا پورب سامهان، راول ٿيا رند،
هي جي هٺا هن هنڌ، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣٢ )

نانڪا نانيءَ هليا، هٿي! منهينجي حال،
هو جي کهيا ڪالهہ، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣٣ )

نانگا ناني‎ۡ هليا، لوڪان ڪري لِڪ،
وِٺي مون وِهِڪ، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٣٤ )

جِسي سَندو جوڳ ري، مون نَ گهَرجي ساهُ،
سامِي مُنهنجو ساهُ، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٣٥ )

ڪالهوڪو ڪاڏي ويو، جوڳين سَندو جوش،
هِسي تنهن پَٽَ کي، هڏ نَ رهيو هوش،
آسَن ۾ افسوس، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٣٦ )

ويراڳين وَرَن، ڏِسَڻ گهَٽو ڏهلا،
هِڪ ٻولَڻ ٻوڙَنِ سين، پيو سَندا فانين فَنِ،
ڪي گهرجنِ ڪَنِ، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٣٧ )

نانگا ناني‎ۡ هَليا، سِگيون سانَ ڪِٺي،
آيَل آديسين جي، هينئين حَبَ گهٽي،
جنين مُنهن مٽي، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٣٨ )

لانگا نانيءَ هليا، سنبهي سناسي،

آيل آديسين ري، آئون آداسي،

جي هورب پروا سي، آئون نه جيندي آن ري.

( ٣٩ )

پاٺهين وينا پاڻ سين، پر پر پريائين،

هو جي هلڻ سنديون، ڳالهيون ڳالهائين،

وڃڻ وڃائين، آئون نه جيندي آن ري.

( ٤٠ )

پاٺهين وينا پاڻ سين، پر پر پريائين،

سامي سفر هليا، آسڻ اڄهائين،

رخصت روئارين، آئون نه جيندي آن ري.

( ٤١ )

نه ڪي ڪٿن پاڻ سين، نه ڪو ساٿن پاڻ،

اهڙا جن آهجاڻ، آئون نه جيندي آن ري.

( ٤٢ )

وڃائي واٽ ٿيا، جوڳي جڳائي،

هتا جي هائي، آئون نه جيندي آن ري.

( ٤٣ )

جَزو وِڇايو جوڳِيِن، ڪُل مين آهِن ڪُرَ،
آسَڻ جِن عَدَمَ، آئون نَہ جيندي آنِ رِي.

( ٤٤ )

گونڊَرَ گُذارِيو ڪاپڙي، پَڌرِ وِجهن نَہ پاڻ،
تن، آيل آديسين جِي، رَوئان ڪاڻِ رهاڻ،
هتِ نَہ پسجن هاڻ، وِيا ويراڳِي نِڪري.

<u>وائي</u>

سَنڊڙيان سِڱڙِي، ڳالھ ڳجهڙِي، مون مارِيندي ڪَڏهين.
جا وَڄائِين جنتڙا، نہ تنهن نَڙ جهڙي،
مون مارِيندي ڪَڏهين.
مُرلِيءَ ڪِي جنهن مات ڪيو، نَہ تنهن تَل تنبڙِي،
مون مارِيندي ڪَڏهين.
تاريو جِنهن توڏِيءَ ڪِي، نہ سو ڳهنڊ ڳهنڊڙي،
مون مارِيندي ڪَڏهين.
ڏارِيو جِنهن ڏِياچ ڪي، تندُنان تنهن تِڪڙِي،
مون مارِيندي ڪَڏهين.

نہ سِري، نہ سِنڌ ڪا، نڪا هِند هِهڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
ڪوڙين واڇ ڪيترا، لڪين لائون هنڌڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
ڪڙي ڪلاتِن ڪي، محبت وارن مِنڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
مِنائِيان مِنِي ڪهِتون، چونَدا جنِ چڪيئڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
واڻهه اوٺاءِ آنِ ڪي، وِهه م، ڪنِ وِڪڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
بيخود بابو سي ٿيا، پرندي جنِ پڏڙي.
مون مارِيندي ڪِڏهين.
جا ماراهِيلِ سُبحان جي، تنهن واڪاڻ ڪهڙي؟
مون مارِيندي ڪِڏهين.
مهسين سرودنِ ڪي، ھاڻان پوءِ وِجهندڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.
گهاندار سرون سوهِيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي،
مون مارِيندي ڪِڏهين.

## داستان ٻيو

( ١ )

ڪيم ڪاپڙين جي، ڀرئين ڏينهن ڀروڙ،
سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چور،
مدائين سيد چئي، هون سناسي ۽ سور،
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٢ )

ويهي ويراڳين جو، ٻئي ڏينهن ٻڌم حال،
آن جا ڏاڍا ڏوڙ ڀڪليا، جاڳوٽا زوال،
تن جائي چمائون چڙيون، چوٽا چڳيءَ چال،
ويچارا وجود جي، ڪنهن سين ڪن نہ ڳالهہ،
نانگا نيو نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٣ )

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، ڏونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪڙج ڪائيون جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون، تن آديسين آهين،
ڳجهہ نہ ڳالهائين، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٤ )

چوٿين ڏينهن چوڳان ۾، ڪنهن جنهن پهه پيا،
وهم پرِيان جي وڌيا، تن ۾ ڪوڙ ڪها،
آندر آديسين کي، اچن جوش جها،
سامي سون ٿيا، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٥ )

ڪنهن جنهن پور پچائيا، پنجين ڏينهن پٺي،
آندر آديسين کي، سورن شاخ ڪٺي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لهي،
ساري رات سيد چئي، تن ڳوندر ساڻ ڳٺي،
ڪريو ميڻ سهي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٦ )

پيا ڪنهن پرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن ڇٽي،
آندر آديسين کي، ڏريائي ڏٺي،
پري پاجهارا ڪئا، ڪانئي خاڪ ڪٺي،
پنيو پنج ڪٺي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٧ )

سَتين ڏِينهن سيدَ چئي، ڏاکا ڏوتائون،
آپي آلک سامهون، پانهون پڌائون،
وَڏيءَ کنهن وِلاتَ جا، اَهجَ آنداڻون،
روح پَنهنجو رامَ سين، پِر ۾ پوتائون،
کَئيو کداڻون، لِکا پَٽَنِ لوڪ ۾.

( ٨ )

آئين ڏِينهن آپي وِيا، جوڳِي جاءِ بجاءِ،
سا پِر سامي سِکيا، جا پِر جوڳَ جڳاءِ،
ويرو تار وَجودَ ۾، تنِ رامَ رَهيو ئي آهِ،
کنهن جنهن کمائي لاءِ، لِکا پَٽَنِ لوڪ ۾.

( ٩ )

نائين ڏِينهن نيڻانِ، اوجاڳي اَجارِيا،
سپاجهي پاجهہ کِي، سَجائي سيڻانِ،
جِتي نَظَر ناٿَ جو، آتي اوتارانِ،
اهي اَهجاڻانِ، لِکا پَٽَنِ لوڪ ۾.

( ١٠ )

ڏهين ڏينهن ڏک ٿيا، پرينءَ پاڻوهيا، هس!
ورق جي وصال جا، واري ڪيائون وس،
لذائون لطيف چئي، ڳروءَ سندو ڳس،
جوڳي ڪنيو جس، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ١١ )

وريو ويراڳين جو، ڪارهين ڏينهن ڪرم،
جوڳين جاتائون پنيون، هلي ويا حرم،
دائم جهليو دم، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ١٢ )

پارهين ڏينهن پئي، من مرادون پنيون،
جوڳي اِن جاتا ڪي، ٿي سڪيا سپيئي،
سمانا سيئي، جي ڳر ڳڏجي آئيا.

## وائي

ڪلپتي آئيا، هو ماڻهو، آئون هلندي آن سين:
حرص هوائي جن جا، سڪين تان نه سڌائيا،
هو ماڻهو، آئون هلندي آن سين.

تن تکيا تاکي چڙيا، جي اِيهيءَ وروُنهن وڏائيا،
هو ماڻهو، آئون هلندي آن سين.
توشڪون ۾ تکيا، وهاڻا جن وراهيا،
هو ماڻهو، آئون هلندي آن سين.
هلو ته پسون تن کي، جن لنگ لاهوتين لائيا،
هو ماڻهو، آئون هلندي آن سين.

## داستان ڏيون

( ١ )

سناسي ڪنهن سور ۾، وهلوريا وتن،
آئي پهر آلک جو، ڪو وڏ ويراڳين،
سدائين صاحب پيءُ، ٿا ڪاپڙي ڪنين،
جي راتو ڏينهن رمن، هلو ته تکيا پسون تن جا.

( ٢ )

ڪنهن جنهن سناسي سور، جي وتن ۾ وهلور،
پهر پولي پي قري، کهٽ ۾ کهابل کهور،
چت جنين جا چور، هلو ته تکيا پسون تن جا.

( ٣ )

سدائين سفر ۾، رمنِ منجهي راهه،
پرن پورب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جي آلـک مين آگاهه، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٤ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا وهنِ سامهان، عاشق آتر هير،
تسا ڏيئي تن کي، ساڙياٿون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٥ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪن جي ڪنائين،
لاهوتي لطيف چئي، ماڳ نه منائين،
جي خوديءَ کي کائين، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٦ )

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪٽ،
دونهان جن دکائيا، هلي منجهي هٽ،
خاڪ جنين جي کٽ، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٧ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپڙِي، لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي لَطيفُ چَئي، موهيا نہ ڪنهنُ مالَ،
ههڙا جنينِ حالَ، هلو تہ تڪيا پسون تنِ جا.

( ٨ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپڙِي، ڪَنوٽيا ڪَنَ ڍارَ،
هلَنِ جي هنگلاج ڏي، بابو چڏي بارَ،
جي ڪين قبولڻهارَ، هلو تہ تڪيا پسون تنِ جا.

( ٩ )

تَڪيا پسون تنِ جا، هلي منجهان حالَ،
ڪوڙين ڪنوٽينِ جا، پينَر پانيان پالَ،
سامينِ جي سنپالَ، منهنجو چِتَ چگون ڪيو.

( ١٠ )

تَڪيا تاڪيائون، وِيا رَمَندا رامَ ڏي،
ڪِجان خبرَ نہ لهان، تنِ آديسينِ آئون،
ڪنهن ڪُنِ ڪَنيائون! ڪاڏي ويا ڪاپڙِي؟

( ١١ )

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
او تين آرتي ڳاڙئون، منجهان آڪن آب،
سندو ذات جواب، تون ڪيئن پڇين تن ڪي

( ١٢ )

سامي سمر سور، گوندر گبرين ۾،
جڙي پڌائون جان ۾، پيغامن جا پور،
آديسي آسور، وڃائي واٽ ٿيا.

( ١٣ )

سامي سڙهي سنڌياءَ، سامهين مون سيلهه ٿي،
سا تان ڪيهه آڏياءَ، جان نانگا وڃين نڪري.

وائي

آسرو آهي، موني ايندا، مون نه ڇڏيندا، پاڻ پسندا.
ايندا آديسي، وري، دونهيون دکائي،
پٿر وار پر لئي، ويهه تون وڃائي،
ڏک لاهيندا ڏيل جا، ڪجهو ڳالهائي،
مون کي ننيدا پاڻ سين، هي سگ ساڳاهي.

## داستان چوٿون

( ١ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيپي ڇن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ڪيم نن،
پٽ تنهين جي پن، جن ٻجهي نہ ٻجهيو.

( ٢ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيپي ٽوڙ،
جي ڇاپا نہ ڇاهندا، جيءُ تنهن سين جوڙ،
تہ تون ڀڃين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

( ٣ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ هر ڳروءَ جي ٻار،
هوائون هنگلاچ ڏي، ويندي سپ وسار،
نانگا ناٿ نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين.

( ٤ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جيءَ شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾.

( ٥ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڏي،
لانگا نمي ناٿ کي، تابع ٿيج تڏي،
ويراڳي وجود کي، لاشڪ چڏ لڏي،
جو آجهائون آڏي، پري پورب آن ڪان.

( ٦ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڪر،
وڍي وهم وجود جا، ڏيان خاصي ڏر،
تہ ڪنهن پهچين پر، لڪجين لاهوت ۾.

( ٧ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ من پوري منجهہ مار،
دائم دونهين دل ۾، من سين مالها وار،
سہ سيڪا آر، آگي جي آدب سين.

( ٨ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ڪين پيالو پيءُ،
ناہ نهاري هٿ ڪر، "آئون" آت نہ ڏيءُ،
تہ مندو وحدت وڃي، طالب توڙان مائٽين.

( ٩ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته منهن ۾ مندا پاءِ،
ڪنين ڪين وجائيو، جن ڪوڙين ڪڪر وڌاءِ،
چڏ چادر، پڏ چمڙا، جتي تو نه جڳاءِ،
ته ساميڙا سندياءِ، ڳر وٽ ڳلا نه ٿئي.

( ١٠ )

جوڳين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ سونهي جوڳين،
جوڳين سنديءَ جان ۾، ڳجهه ڳجهاندر آهه،
هاءِ مونهين کي واءِ، جا آئون جوڳ نه سگهي.

( ١١ )

جوڳ نه جوڳو تون، ڪرين پچارون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌ پرين جو، ٻي تنهنجي پون،
سامي سيٽن ڌون، روئندائي رت ويا.

( ١٢ )

جوڳي هون نه جيڏرا، ٻائي جوڳ م جي،
هاريا هن ڪنن مين، سڄ سنيهو اِي،
وڃائي وجود کي ٻاڻان ٻاسي ٿي،
هڏهين ڪونهي هي، آسارا "آئون" چوين،

( ۱۳ )

جا جِياري جوڳ ڪي، سا ماڙهن مُصيبت،
سامين سور صحت، جي پورِيا پروڙيين.

( ۱۴ )

جوڳِي! تنهنجي جوڳ ۾، ڳالهِ گهرجي ڳچ،
وِڏيو، ڇيڙيو، ڇڇِريو، پِر ۾ پُو پچ،
سوئِي بارِج مچ، جنهن باهر باق نه نڪري.

( ۱۵ )

جان ڪي جوڳِي ٿِيءُ، نه تَه وَنءُ، نرچا! نڪري،
ڪوهُ تون ڪن ڪپائيين، جان نه سهين تون سيءُ؟
پڇِي پاسي ٿِيءُ، متان، لانگوٽيا لجائيين.

( ۱۶ )

جوڳِي ٿين نه يار، ڪنهن سان قريبن ري،
مَن مُلاقِي جن سين، تن پورب جي پچار،
آئِي پهر آن جي، آه نانيءَ ڏانهن لهار،
لائِي وِيا، لطيف چئي، آندر منجهه آهار،
سامِي ساڻ ستار، لاهوتِي لال ٿيا.

( ۱۷ )

مون ڀورَڀي پڇيا، جوڳِي جاڙ ڪري،
هيون جن ڪَري، سڏيون سنديون سڄڻين.

( ۱۸ )

ڪٿي ڪدائون هليا، جوڳِي جيڏانهين،
آئون پڻ اوڏانهين، تن کي تندون پائيان.

( ۱۹ )

ڳولا جي ڳراه جا، جونا مي جوڳِي،
قتل مي قوڪِي، جنين شڪر سانڍيا.

( ۲۰ )

جِن نا ڀڃن اَنَ کي، تِن جي ڀڃن ڀِندَ،
تہ رڙهي لڏائون رند، لڏين لڪ لطيف چئي.

( ۲۱ )

ڪن ڪورائي ڪاپڙي، جندا! ٿِيءَ جوان،
ڪاهہ تہ لڳيئي ڪان، نانگن هٿان نينهن جو.

( ٢٢ )

نِسورونِي نينهن جو، دِل ۾ دونهون پاءِ،
آٽي آڳ عِشق جي، ٻاري جان جلاءِ،
جنڊان تون جاڳاءِ، جنهن مِين آتش آب ٿئي.

( ٢٣ )

ڪَن ڪورائيين، ڪاپڙي! اِيءُ زنانو جوڳ،
سامي! سُڃاڻ تو پِيو، هيڪ ڏهي پِيو دوڳ،
جَنهين پاليو ڦوڳ، رام تَنهين کي رِيبِيو.

( ٢٤ )

هو جي ڪَن ڪپار جا، سوڌو مي نہ سٽِن،
آندرِ جي آهِنِ، سي سنيهو تَنِ مِين.

( ٢٥ )

هِي ڪَن ڳاڏها وِڪٽِي، ڪَن کي پِيا ڳِنهيچ،
تَنهين ساڻ سٽيچ، سپيرِيان جي ڳالهڙي.

( ٢٦ )

سپيرِيان جي ڳالهِ کي، سامي کي سمجھ،
ٽانگا! تون ٽانيءَ ڏي، آدِيسي ۾ آجھ،
ويهِي تون وجود مان، کولي لِهج گُجھ،
ٻِئي ڏانهن هڏ ۾ ٻجھ، آلک اِتي نِي، ڪاپڙي!

## وائي

راوَل رَهي اِ راتِ، جيڏِيون! مَنهنجو راوَل رَهِي نَ راتِ،

ڪوهُ ڪريندِيس ڪانڌَ ري، وهائي ٻرِياتِ،

مَنهنجو راوَل رَهِي نَ راتِ.

مِٽَ نَ مَعذورِينَ جا، ڪا جا جوڳِي ذاتِ،

مَنهنجو راوَل رَهِي نَ راتِ.

لِکِمِ لاهوتِينَ جو، مَنجهان ڪِينَر ڪاتِ،

مَنهنجو راوَل رَهِي نَ راتِ.

# داستان پنجون

( ١ )

مونا طورِسِينا، سَندا سناسِينِ،

سَجدي ۾ سيَدَ چئي، گوڏا گودڙِينِ،

" اَللهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَي النُّوْرِ "

اهڙي پر پرنِ،

" خَرَّ مُوسيٰ صَعِقاً "، جوڳِي جَنگَ جَلَنِ،

" مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغيٰ "، اهڙيءَ رَوِش رَوَنِ،

”ڪلُّ من عليها فانٍ“، باقِي ڪين بچن،
”فڪانَ قابَ قوسين آوْ آدْنيٰ“، تا نانڪا اِيئن نمن،
مشاهدو محبوب جو، آتي آد يسين،
”بي يبصِر وبي يسمع“، بي وِصال وِمن،
”بي يمشي بي ينطق“، اهڙي چال چلن،
سيد چئي سندين، ڪل ڪچين تون ڪهڙي.

( ٢ )

مونا طورسينا، سندا سناسين،
پورب ڪنيو نہ پاڻ مين، بوڌ بيراڳين،
رِدا آهي راز جي، اوچو آديسين،
قرب ڪاپڙين، نهن چونئي سيئن ڏِڪيو.

( ٣ )

مونا طورسينا، سندا سناسين،
”طالب المولىٰ مذڪر“، اي ڪلام ڪياتون ڪن،
مکن کي سپين پرئين، ٻجهي ڏ نانون ٻن،
آلف آديسين، چوري رکيو چت ۾.

( ٤ )

مونا جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلہ نما قلب ڪري، تن ڪي ڪيائون تراب،
تحقيق جي تڪبير چئي، جسمان ڪيائون جواب،
تن ڪھڙو ڏوھ ثواب، ھادي جنھين حال ٿيو.

( ٥ )

منھن محراب ھرين جو، جامع سڀ جھان،
ڦرھيءَ تان فرقان ڪي، ڪاڙھيائون قرآن،
آڏامي آت ويو، عقل ۽ عرفان،
سيوئي سبحان، ڪيڏانھن ڪري نيتيان.

( ٦ )

مٽيائون ملڪوت ڪي، نڱيا ناسوتان،
جوڳي جبروتان، وچائي واٽ ٿيا.

( ٧ )

پايو منھن مونن ۾، وينا ڏيي وھسن،
جوڳي جاڻا ڪن، آيا آلوھيت ۾.

( ٨ )

آيا آلوهيت ۾، لاهوت لنگھيو جن،
منجھان تن جسن، حرف نہ سڄي هيڪڙو.

( ٩ )

نا اميدي آجڪو، اوچن آديسين،
سدا سڪ وسن، طالب اوءِ تقدير تي.

( ١٠ )

نا اميدي آجڪو، اوچن آديسين،
ڪڏهن تازيءَ پٺ تي، ڪڏهن هيٺ هلن،
سامِيڙا سموند ۾، تنبي جيئن ترن،
جي واڪوءِ وات وڃن، تہ ڪسن ڪڇن ڪينڪي.

( ١١ )

لعل لڪي لعل ٿيا، لعل لڪيو هو جن،
عدم جي اوڙاه تي، ڪيا آسڻ آديسين،
گردانيو گنگن، گرداب ڪي گيان مين.

( ۱۲ )

ڪهڙي پڇين ڪالهه، ڪر نه ڪا اَڄ صباح،
ونءُ تنهين سين واکيو، جو پسين منجهه پساه،
رمز رباني راه، متي حال هوشيار ٿي.

( ۱۳ )

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، تا اهڙي روش رون،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
آيا ايئن چون، ته ڀريو ڪجو ڀانهنجو.

( ۱۴ )

نامرادي نجهرو، عدم اوتارون،
رضا راڄ سندون، مور نه مڱن ڪي ڀيو.

وائي

تن ڪٿن ڳهر وڃائي، هو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا،
ڪري مرڄ ڪاهڙي، ڳر وٽ ڳدائي،
هو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا.

اشارتون اَنِ جيون، وَنهُ ڪِهي تون ڪائِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

نِندَ تنهين ڪي ناهِ ڪا، جا آد يسينِ آئائِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

آهي آنهيءَ ڳالهہ جِي، راول! اِيءَ رباعِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

هيڪائي هيڪ تِيا، ٻڌن ڪانَ ٻيائِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

آڪينِ آرَس چَڌيو، دِل ۾ ناهِ دغائِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

”اِنّ اللہ وِترٌ يُحِبُّ الوِترِ“، اِيءَ آنهين لاءِ آئِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

ريجهائِي رَمُوز سين، ڪاهوڙِينِ آئون ڪِجائِي،
هو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا.

# داستان ڇهون

( ١ )

ڪنهن جنهن ڪٿا ڪات، جٺن سامي مور نہ منرا،
ڏينهان ڏکي ڏيل ۾، سور سڄيائي رات،
سندي جوڳيان ذات، جيجان آہ جدائڙي.

( ٢ )

روح ۾ رهين رام، ٻهر ٻولين ڪي ٻيو،
پيالو ٻر ڪري، جوپ پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪيا تاڪي ڇڏيا.

( ٣ )

رام رهين ۾ روح، ٻهر ٻولين ڪي ٻيو،
سدائين سفر ۾، مٿا ٿين موءِ،
سامين جا صبوح، ماريان گهڻون سيد چئي.

( ۴ )

مٿا موءِ ٿيان، سدا سوٽيتا ڪاپڙي،
ڪوئي ڪنهن نہ پڇيا، تہ ڪي آندر آندوهيان،
جيڪا چماران، ما منجهہ ڪوندر ڳذري.

( ٥ )

ويٺي جنھن وره ٿيا، مٿي سين ميري،
آکيون جنھن جون آلڪ ڏي، پون ڏي نہ پيري،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چرائيا چيري،
لڙڪ لال، لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
نينھن نہ نبيري، سور چرنديءَ سنرو.

( ٦ )

ويٺي جن وره ٿيا، مٿي ميري سانڻ،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چيري وجهي جانڻ،
خودي ڪانئين هاليا، پنيءَ وجهي پاڻ،
سي ڀهر نہ هٿن پاڻ، جن گڏيو گر گربان ۾.

( ٧ )

نانگن ڪين نمائيو، ناٿ نمائيو لينھن،
سڙهن آنا سينھن، جوڳيان سنديءَ ذات ڪي.

( ٨ )

نڪي نمن ناٿ ڪي، ناٿ نہ نمائين،
جاڻا ڪن نہ جوڳ جي، جوڳ نہ جهارين،
آديسي آئين، آهجائيون آلماس جيون.

( ٩ )

پَنا چَر چَرانِّيا، مَنهن ڪانئيا سيءَ،
مانِ مگَن بکيا، نہ ڪا لَڄ نہ ليھہ،
باھو بيکاري ٿيا، نہ ڪو پٽ نہ ڏيءَ،
پسوا جلايا جيءَ، ويراڳين ويراڳ سين.

( ١٠ )

هَر هَر ڪَنِ هرنامُ، ڏون ڏيھائي ڏوتيا،
جَنِ نہ ريجھايو رامُ، ناٿ نہ نَمي تَنِ ڪي.

( ١١ )

ڏونِ ڏيھائي ڏوتيا، هَر هَر ڪَنِ آميس،
جن نہ ماري ميس، ناٿ نہ نمي آن ڪي.

( ١٢ )

گھنڊن پاسي گھنڊِ، گُڏ گُڏارين گودڙيا،
پَليديءَ ڪان پانهنجا، پاڪ رکيائون پنڊ،
نانگا ڪَنِ نہ نِنڊ، وڃِن روندا رام ڏي.

( ١٣ )

تھڙا ڪَرِڄ ڪَڪرا، جھڙا جانئي ڦَلُ،
تن سامين جي سَڌَ مران، جن گودڙين ۾ گَلُ،
آندر ۾ آملُ، ٻھرِ ڪوجھا ڪاھِڙي.

( ۱۴ )

يادَ ڪَرو ڪَنِ گودڙيا، پرَ بازارِين بينا،
ٻڙمنِ سور سبحانَ جِي، اِينِ تنهن ٻينا،
جيلان سَنهن مِينا، تيلان نشا چاڙهيئون نينهن جا.

وائي

تَنِ آڪينَ دِل آڙائي، ٻڙي! جيڏيون!
ڪنهن دَر ڏيان دانهڙي؟
ڦَڪيون ڏيئي ڦِڪيون، ويجنِ آئون وِرچائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَرِ ڏيان دانهڙي؟
حُسن هوتنِ جي آديون، لالچِ آئون لِچائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏيان دانهڙي؟
اُلفتَ ڪرم آنَ مِين، قُربَ جا ڪَڙائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏيان دانهڙي؟
صحبت سپيرينِ جِي، مِٺِي آه مِٺائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏيان دانهڙي؟
آلا! عبداللطيف مِين، وَحدتَ وَٽ وِرهائِي،
ٻڙي! جيڏيون! ڪنهن دَر ڏيان دانهڙي؟

## داستان ستون

( ١ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طاماعو،
سين ھنيائون سڄ ۾، پھر نہ پيناٺو،
آوسر آسائو، اٿي گوندر گڏيا.

( ٢ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طمعدار،
سين ھنيائون سڄ ۾، جوڳي ڪنھن نہ يار،
آوسر جيءَ آذار، اٿي گوندر گڏيا.

( ٣ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، ٻڪ چڪيائون ھوءِ،
ويا نيرانا نڪري، جوڳي منجھان جوءِ،
آوسر آجا آوءِ، اٿي گوندر گڏيا.

( ٤ )

پنن ڪين پٽ ڪٽي، گھرن ڪين گھران،
مھيسي مخلوق جي، آپين ڏور ڏران،
پڇن ڪوہ شرعان، آندر عدالت اَن جي.

( ٥ )

پنن جو پٽ ڪٽي، سو جي سڄاڻن،
تہ بر ۾ بيک لهن، پهر نہ پنن ڪاپڙي.

( ٦ )

آسڪ جن آوير، سي سانجهيءَ رهن سمهي،
لاهوتي لطيف چئي، آڏيءَ ڏين آلير،
ستو لوڪ پسي پيا سامي مٿي سير،
ڪيڏهن ڪندا پير، مڙوئي متو ٿيو.

( ٧ )

وڃينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي،
ميهيسي منهن پانهنجو، ڌاران ڏوڙ نہ ڏون،
وهائيءَ واٽن تي، پاسا ڪوڙيو پون،
ڪنهن کي ايئن نہ چون، تہ آسين آديسي آهيون.

( ٨ )

وڃينءَ وينا رهن، سانجهيءَ رهن سمهي،
ٻڪ مرندي بکيا، ڪنهن ڪان ڪين گهرن،
پيٽ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چسن،
ڦڪي فقيرن، ماڪان هني مات جي.

( ٩ )

ڪَشنِ ساڻَ ڪَشي، ڏِيلَ ڪيائون ڏَہرا،
پِيٽَ نَہ ھيرِيائون پانھنجا، چوريءَ ساڻَ چِسي،
وِيراڳِينِ وسي، رامَ سَدائين رُوح ۾.

( ١٠ )

ڪَشي چِيلھہ ڪَشا، ڏِيلَ ڪيائون ڏَہرا،
لاھوتي لَطِيفُ چئي، تن ڪِي ڏِين تَسا،
گَروءَ جي گَسا، پاسي ڪَنِ نَہ پاڻَ کي.

( ١١ )

آديسِي آديس، ھِتان ڪَري ھَليا،
ڪاپڙِينِ قَلبَ ۾، ڪيو ڏُورانئون ڏِيسُ،
وِيراڳِي نئون وِيسُ، راولَ ڍِڪي رِميا.

( ١٢ )

آھي آڪَڙِينِ ۾ آدِيسِينِ آدَبُ،
تِنِ جو حَسَبُ نَسَبُ ناہ ڪو، نَہ آما نَہ آبُ،
سامِينِ ڪي سَپِين پَرِين، رُوح ۾ رَھِيو رَبُ،
رِي لانگوٽِي لَبُ، پاڇي ڪَٽِنِ نَہ پاڻَ سين.

( ۱۳ )

لانڪوڻي لاهي، وڻ٤ ويراڳين ساموهون،
ٻڌ سورڻ جو سندرو، منجهان سِڪ ساهي،
آنهين وٹ آهي، اوچو ڳالهہ اگهاڙ جي.

( ۱۴ )

لنگ ڪڍيائون لانگ، موڻي ڪن نہ مسحو،
جا اسلامان آڳي هئي، سا سٹائون ٻالڪ،
سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي.

( ۱۵ )

ويراڳي واڳي، ڏين ڏهاڙي ڏيل کي،
راول رتين مولهئين، سامي سهاڳي،
جن سين لنئون لاڳي، سي جوڳي پسان تہ جيان.

( ۱۶ )

ويراڳي واري، آلا! آڳُڻ آئيين،
ڏک لاهيندا ڏيل مان، تهن جنُن تاري،
ايندم اوتاري، ڪين٤ جون ڏيندم خبرون.

( ١٧ )

آرتو آکينِ مان وَهي، مٿي گِلنِ گاڙ،
کوري کَنن وِچ ۾، ڦَچ ڏنائون ڦاڙ،
هٿي توبه تاڙ، نانگا نسورا ٿيا.

( ١٨ )

لاهوتي، لطيف چئي، سڌ نہ کَٿنِ ساڻ،
اِيءُ آديسينِ آهڃاڻ، جنِ تعلق ڇڏيائون تڪيا.

( ١٩ )

جر جرالينِ آگرا، کوري کانينِ کَل،
ماءُ مارينڊمِ اَنِ جا، آڏيا ماڳ محل،
کيائون کانہ کهل، آديون! عبداللطيف چئي.

( ٢٠ )

ٻوڇا کارِ ۾ ٻاڻ کي، کوءِ! راول، ٻنِ رجات،
لباسان لطيف چئي، ٻلِ ويراڳي وات،
منُ ماري ڪر مات، تہ تيرٿ ٻسين تڪيو.

( ٢١ )

ٻوڇا کارِ ۾ ٻاڻ کي، ٻلِ ٻوڇا کان ٻاڻ،
جاٽي ڇڏي جاڻ، ٻرجِ ٻورب ٻنڌ تي.

( ٢٢ )

پوچا ڪارڻ پاڻ کي، جوڳي رکِج جوڳ،
خلق خادمُ جنِ ڪرين، اِيءَ راول وڏو روڳ،
پکن ڪونهي پوڳ، نانڪا وڃن نڳيا.

( ٢٣ )

پوچا ڪارڻ پاڻ کي، سمجهه ڪي سامي،
تي سورن سين سترو، ويهه ۾ وسامي،
خطرا چڏ خامي، ته نانڪا رسين ذات کي.

وائي

مڙينئون موڪل، ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي،
ڪڏهن آتر سامهان، ڪڏهن دونهينءَ جهل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي.
هن سيڪيندي هئڙا، سون ڳاڙهيندي ڳل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي.
جيري چندن ڪاٺ جئن، سور ڏانئم سل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي.

بابو ڪَنِ نہ ٻڌيا، ڪَنَڪا وَلَن وَل،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
آلا عَبدُاللطيف چئي، اِيندم شال آمل،
ڪالهہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.

## داستان اٺون

( ١ )

رَهيا آئيءِ راتِ، صُبحَ وِيندا صابري،
لَڙن لَڙن منجهہ لطيف چئي، ڪرِ تنينِ جي تاتِ،
سندي جوڳِنِ ذاتِ، ٻيري ڪنهن ٻاڳ ٻڙي.

( ٢ )

صُبحَ وِيندا صابري، آڳَهِ آهِينَ آڄَ،
ڪِجِ ڪو ڪاپڙِين مانُ، رُوحَ رڇندو رڄ،
ٻيرَ تَنينِ جا ٻچ، مَتان سِڪِين سَناسين ڪِي.

( ٣ )

جانُ آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي سائِنِ اورِ،
ڏِهہ ڏِهہ ٻيرا ڏينهن ۾، ٻاٽَ مِٺائنِ گهورِ،
وِيا جي هنگلورِ، تہ ڪرمِ ملندءِ ڪاپڙي.

( ٤ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وَٽن وِيهه،
سامي سفر هليا، ڏورِ چِتائي ڏيهه،
چڙهي ڪک ساٿيهه، مٿي گنگا گجيا.

( ٥ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وَٽن وَڃ،
سامي سفر هليا، رائو چِتائي رَڃ،
اهڙو جن آهڃ، سي ڪرم ملنداءِ ڪاپڙي.

( ٦ )

جان آهين اوطاقن ۾، تان ڪي وَٽن آءُ،
ويو تن نہ وسري، لاهوتيڪو لاءُ،
فنا ۾ فراق جو، سامين چکيو ساءُ،
وٽان تو وينداءَ، ڪاپڙي ڪابول ڏي.

( ٧ )

آڄ نہ اوطاقن ۾، جاڳَر جوڳين جو،
ساريو سناسين کي، روندين تان رو،
پس پاريان تو، لاهوتي لڏي ويا.

( ٨ )

آجَ نَہ اوطاقنِ ۾، طالبَ تنوارِين،
آديسيِ آئي ويا، مڙهيون مون سارين،
جي جيءَ کي جيارينِ، سي لاهوتِي لڏي ويا.

( ٩ )

آجَ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِن جوڙ،
ساري سَناسِينِ کي، ڪامي ٿِيس ڪوڙ،
مَن جنينِ سين موڙ، سي لاهوتي لَڏي ويا.

( ١٠ )

آجَ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِين ذات،
ساري سَناسِينِ کي، رُنمِ ساري رات،
مون جنهين جي تاتِ، سي لاهوتِي لڏي ويا.

( ١١ )

آجَ نَہ اوطاقنِ ۾، تازا پَٽَرِ ڪَک،
آديسِي آئي ويا، پيئي آڏامي رَک،
سامِي ڪَٿِي سَنک، وَڄائي واتَ ٿيا.

( ۱۲ )

آج نہ اوطاقن ۾، ڏونهين، ڏنڌ، نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، چت چڪائي چاٽ،
آئون ماريس تنهين ماٽ، جيجان جوڳيڙن جي.

( ۱۳ )

جياسون جوڙ ني، جوڳي ڏٺوسون،
ملا تنهين مون، حاصل ڪي حال ڪيو.

( ۱۴ )

جياسون جوڙ ني، جوڳيءَ لاٿو جار،
سندو پورب پار، آچيائون ايندن ڪي.

( ۱۵ )

جياسون جوڙ ني، جوڳي ڏٺوسون جان،
سگ هو جنهين سان، سامي سو سانهي ٿيو.

( ۱۶ )

جياسون جوڙ ني، لانگو ڏٺوسون نت،
چنجهو هو جو چت، ڪلي سو باغ ٿيو.

( ١٧ )

هٿي! جي هٿا هتِ، تہ مٿن هوند حق ٿيو،
مٿيون، موُرت مت، مانُ وسريون ڪي لهان.

( ١٨ )

هٿي! جي هٿا هانڻ، تہ مٿن هوند حق ٿيو،
پيهي وِيا پاڻ، آڏيا مڙه مارين مون.

( ١٩ )

ڪاپڙي ڪن چير، وِيا وِيراڳِي نڪري،
دل هٿي وِيا دلق سين، ڦورو هڙا فقير،
سگيون منجهہ، سرير، هٿي وِيا حِلم سين.

## وائي

جوڳِي جڳ گهٽان، لا، مون وه وِيراڳِين سين.
ڀاڄِي ڪن نہ پاڻ سين، ٽبي منجهہ ڪٽان، آلا،
مون وه وِيراڳِين سين.
جان ڪي ڏاٽيون ڏوڙ، جان ڪي ڪين چٽان، آلا،
مون وه وِيراڳِين سين.
وِيلي واٽڙين تي، پٽن جڻن پٽان، آلا،
مون وه وِيراڳِين سين.

مارِيو سَناسِين ڪَـي، وِيـئـي هَٿ هَـٿان، آلا،
مون وَهَ وِيراڳِين سين .
آيـل اَدِيسِين جـا، مـون تـي ڳَـن ڳَهٽان، آلا،
مون وَهَ وِيراڳِين سين .

## داستان ڇائون

( ۱ )

جِنَن تا پَڇَن اَنَ ڪي، تِنَن جي پَڇَن پَنڌ،
تہ رِڙهِي لَڏائون رَند، لَتِين لَڪَ لَطِيفُ چئي .

( ۲ )

جِنَن تا پَڇَن اَنَ ڪي، تِنَن جي پَڇَن اَللهُ،
تہ رِڙهِي لَڏائون راهُ، لَتِين لَڪَ لَطِيفُ چئي .

( ۳ )

سِيرِيءَ سيدُ چئي، جِنَن تا پَڇَن اَنَّ،
تَن ڪاپڙِين نہ ڪَنُ، جوڳِي جانئين جاڙَ ٿا .

( ۴ )

ڳَندي ۾ گَراهُ، جِنهن سَناسِيءَ سانڍِيو،
اُنهِيءَ ڪان اَللهُ، آڃان آڳاهُون ٿِيو .

( ٥ )

وِٺو پَڇين پر، ڪَر هِنئار هلڻ جي،
آڄ آديسي مَن، سَپان مرندو سپڪو.

( ٦ )

جو ڪَهندِ سَهندِ سامهون، پرتِ تنهين سين پار،
نينهن نہ لِڀي جنهن جو، تِنهن سين تون م تنوار،
هڏِ م واٽ وسارِ، ٿِيءَ نرالو نِبري.

( ٧ )

پوري ٿِي رهُ، آهِي اجهہ م ڪاپڙي،
الا جي عِشق جا، سي تون سهيو سهُ،
پَچ پاڻ کي پهُ، هِنگلاج هلڻ جو.

( ٨ )

ڏورڻ گهٽون ڏاڪڙو، ڏورِج ري م ڏِٺي،
تان تون هوئِج حجري، جانسين يار جِٺي،
جڏهِن پاسي پاڻ ٿِئي، تڏهن چڏج تڪيو.

( ٩ )

ڏورڻ گهٽون ڏاڪڙو، ڏورِ م ڏيان ڏار،
ڪوڙين لک هزار، اڻ آونڌائيءَ آنڌا ڪيا.

( ١٠ )

تو جو ڏيو پانئيو، سا سورج سهائي،
آنڌن اونڌائي، جي رات وهامي ڏينهن ٿيو.

( ١١ )

ناٿ جنهين نند، تت نہ نهاريو جوڳئين،
ڪي ڪويساهيا ڪاپڙي، ٻرها ٻراهين ٻنڌ،
هوءِ هنهين هنڌ، هو هونهين ويا هنگلاج ڏي.

( ١٢ )

سامي تون سلوڪ ڪي، هتان هڏ م چڏ،
لڏيندڙ سين لڏ، تہ رهين تون راڄ ڪري.

( ١٣ )

ويندڙ ڪي ويک ٿي، هوندڙ ڪونهي هنڌ،
"من له المولى فله الڪل"، اي ٻروڙج ٻنڌ.

( ١٤ )

ڇڏ جاڳونا جوڳئين، ڏونهين ڪام ڏکاءِ،
"واذڪر ربڪ في نفسڪ"، آندر آڳ جلاءِ،
جن سجڻ مين ساڃاءِ، تن ڪينا ملو ڪي نہ پيو.

( ١٥ )

لنگھہ لاھوتيان ڪاپڙي، ڏونھين ڪام ڏکاءِ،

اوري ڪرِ م آسرو، پري پير م پاءِ،

جنهن جي جاءِ نہ ماءِ، ونءُ تنهين سين واڪيو

( ١٦ )

ڪوءِ گودڙ، پنِ گبربون، نيئي ڪداڻون ڪانءِ،

جيڏاهين جوڳ ويو، نيو تيڏاهين نانءِ،

پٺو ايهين پانءِ، تہ سگيون شومت هٿ جون.

( ١٧ )

نڳو گهٽان نڳائيا، تون نڳو ڪي نڳاءِ،

اٿي آڌيءَ رات ڪي، پنهنجو تن ٻچاءِ،

لاهوتي م لڄاءِ، نانگا تون ناموس ڪي.

( ١٨ )

گل گل ڏسي گودڙيا، گهٽان م پائيج،

سوئي سجائيج، هيءُ هو آهي هيڪڙو.

( ١٩ )

راتيان رجهن رام سين، ڏينهان ڪنِ منان،

جوڳي سي آنان، وتون جنِ وراهيون.

( ٢٠ )

دَلَق ڏِڪائِج دِلِ کي، لائِج ڪوم لِباسُ،
پُوري ڪائِج پاڻهنجو، مَڙهيان آندَرِ ماسُ،
تہ ويراڳِي تو واسُ، برَ ۾ بُوَيُون موڪلي.

## وائي

وِيهَ ۾ وِيسَري، تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللّٰهَ سِين.

مَحَبَتَ جي مَيدانَ ۾، سِڄي ڳالهہ ڳري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللّٰهَ سِين.

سي پِڻِ رُوندا رَتَ وِيا، مِڙِيا جي مَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللّٰهَ سِين.

سُتي سَڄَڻُ نہ مِلي، آهي اِيُّ ڪَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللّٰهَ سِين.

جي اوسِيڙي آڏيءَ آئُنِ، تنين واڳَ وَري،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ آللّٰهَ سِين.

## باب ڏھون

( ١ )

بَکَ وِڏائُون ٻَڪرِئين، جوڳِي ڪَندا جَڄَ،
طَلَبَ رَکَنِ نَہ طعامَ جِي، اوتيو پِينِ آڄَ،
لاهوتينِ لَطيفَ چئي، مَنَ ماري ڪيو مَڄَ،
ساميِ جهاڳِي سَڄَ، وَسيئَن کي ويجها ٿيا.

( ٢ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽي لينگ،
پَنڪا جَنهين پِينگَ، صاحِبَ تَنهين سامهون.

( ٣ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽي لڪَ،
جيڏانهن پِرينِ وِکَ، تيڏانهن صاحِبَ سامهون.

( ٤ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽي لِيڙ،
جيڏانهن ڪرينِ پيڙ، تيڏانهن صاحِبَ سامهون.

( ٥ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ ڪَڄَ نَہ ڪاڇوٽي،
سامِين ٻاري سَڄَ ۾، ٻاٻَنِ ٻاهوٽي،
جوڳِي جَبروتي، وَڃائي واٽ ٿيا.

( ٦ )

ڪِڇي ڪاڇوڻِي، نانگن ٻَڌِي نينهن جِي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موڻِي،
سک نہ ستا ڪاهڙِي، لاهي لانگوٽِي،
آنين جي چوٽِي، پورب ٽينديِ پڌري.

( ٧ )

جا براد ٻتن جِي، سا آڇ ٻڪ آديسين،
روزا رند رکن، عيد نہ اوڏا ڪاهڙي.

( ٨ )

رامَ ڪلي ڏکيا ڪهي، سکيا ڪهي نہ ڪوءِ،
ڪو منِي ڪو مائنِي، ڪو روچي ڪو روءِ،
رامَ ڪلي ڪهي سوءِ، جنهن ياڳي دک آڇِي.

( ٩ )

پربنديهي اپر ٿيا، گنجو ڇڏي گام،
ويهي ڪيو نہ وچ ۾، آديسين آرام،
راه ۾ ڳڌئن رامَ، هنڌان ڇڏا ڪاهڙي.

( ١٠ )

آکیون آلو ماهہ، سدا سناسین جون،
واري نيڻ نندانءَ، جاڳي جهليا جوڳين.

( ١١ )

آڏ لکيون آهين، آيل آديسين جيون،
ويهي وهائين، ڪا قضاني راتڙي.

( ١٢ )

آجان سي آهين، جي سزاوار سڳين جا،
ويئا وڃائين، جي سناسي سٽين.

( ١٣ )

مرڻ مسلم جن، واحد تن نہ وسري،
مٿي سگر ڪاپڙي، نانگا نندِ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳي آجاريا.

( ١٤ )

عاشق شهر فقير، در در هٽن سين،
"مَنْ عَرَفَ اللهَ ڪَلَّ لِسانهٗ" لهڙائي آمين،
جتي بسن ڪين، تتي ڪرين تڪيو.

( ١٥ )

پِني ٽِيون پڙڪنِ، باھيون ٻيراڳِنِ جيونَ،
هَلو تہ سيکيون هتڙا، مٿي تنِ مچنِ،
مُلا سَناسِينِ، جڙ لڳِي مون جانِ ۾.

( ١٦ )

هو جي ٿِيا هَر ڪيس، تنِ لَڳِي ڪِينَ لباس سين،
وَتنِ وِلهي وِيس، لاهوتي لَطيف چئي.

( ١٧ )

ٻَکَ آنهين جي ٻکيا، ڏوڙِ آنهين جو ڏوپ،
سو ڪٿائون روپ، جِنان لوڪ لَڄ ٿئي.

( ١٨ )

سڱيون، سيليون، ڳَبريون، ٽِيئي ٽول ٽڳو،
پٽ کي هٿي هَٿ سين، پيري تَنِ پڳو،
لاهوتَ جنِ لڳو، سي مڙهيان سورِ نہ نڱيا.

( ١٩ )

ويئي وَٽِيائون، ڪي جي مڱا سورَ جا،
پوئيو پاتائون، ساچا ڪيو سڱينِ ۾.

( ۲۰ )

ڳَرَ جا ڏِني ڳودڙي، سا مون ڪِي نِي مَرڪ،
چيلا! مارِ چرخ، اوڍي ويهُه آدَب سين.

( ۲۱ )

ڳَرَ جا ڏِني ڳودڙي، سا نِئي لاهِيندي لڄ،
سَندا تنهن سهڄ، چيلو چوندو ڪيترا.

( ۲۲ )

جا ڳَرَ ڏِني ڳودڙي، سا مون ڳهڻون سهاءِ،
نِيئي رساڻي ماءِ، اوڍِين جي آدَب سين.

( ۲۳ )

ڀَتَ چِڏيائون ڀَتَ ۾، ڏَنڊ چِڏيائون ڏورِ،
مهيسي معمورِ، وڃي ڪالهه ڪَلَ ٿيا.

( ۲۴ )

ڀَتَ چِڏيائون ڀَتَ ۾، ڏَنڊ چِڏيائون ڏِس،
آلائِشان آڪِي ٿِيا، موٽِي نِين نه مَس،
هيءُ چِڏيائون حس، وڃي ڪالهه ڪَلَ ٿِيا.

( ٢٥ )

ڏاڍا هڏ نہ ڏوءِ، دل ڏونائون ڏک سين،
لاهوتي لطيف چئي، روحان آندر روءِ،
ڪو نہ ڏئوسون ڪوءِ، سنياسي سورن ري.

( ٢٦ )

ٻچڻ ٻر ڏيهين جو، آسڻ وٽ آهي،
لڪڻ جي لاهي، ننهين تان حق لهي.

( ٢٧ )

نڪي طعام تنبڙين ۾، نڪي گبرين،
سون ٻڻ ملا تن، حاصل هيءُ حال ڪيو.

( ٢٨ )

ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سنديءَ ذات جي،
ڏورڻ گهڻون ڏاکڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عجب عبادت، ٻهه پروڙڻ آن جو.

( ٢٩ )

جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نہ پسن،
تان تان سناسين، ورهه وهامي راتڙي.

( ٣١ )

نَہ ڪِلِنِ، نَہ ڪِينِ ڪي، نَہ ڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙن ڏاڪڙو.

( ٣٢ )

ڪي جو ڏٺائون، جنهن ڏهڪجي ڏور ٿيا،
وهڪ نَہ ڪيائون، آپيڪ عيب نَہ آن جو.

( ٣٣ )

ذرو ناهہ زمين، جتي عرش نَہ آپ ڪو،
نَہ ڪو سورج، چنڊ جو، هتو آت هسين،
نَہ ڪي تارا ڪتيون، نَہ ڪي جسم جنين،
آتي آديسين جي، قدم ري پيو ڪين،
ملي ٿيا مسڪين، رام ريجهائي راز سين.

( ٣٤ )

جتي عرش نَہ آپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نَہ ڪو چاڙهائو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
آتي آديسين جو، لکو ڏنگ ڏرو،
هري هين پرو، ناٿ ڏٺائون ناٿهن ۾.

## وائي

جوڳي ڏاڍي ذات، جيجان سامي ڏاڍي ذات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

راتيان ڏينهان روح ۾، مون کي سندين تات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

سگها ايندم سپرين، شل سياڻي پرڀات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

انهن آديسين جي، مون کي وائي آهي وات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

ڪريان عرض الله کي، اهون اچي آڏيءَ رات،

ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

# ڪاهوڙي

( ١ )

ڪاهوڙين خفيءَ سين، سوجهي لڌو سُبحان،
عاشق اهڙين آڪرين، لنگهيا لامڪان،
هوءُ ۽ ڪَڏِجي هوءُ ٿيا، ٻاهو مي ٻريان،
سڃاڻي سُبحان، آيو نظر آن جي.

( ٢ )

مون مي ڏِٺا ماءِ، جنهين ڏِٺو ٻرينِ ڪي،
آنهين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڪالهڙي

( ٣ )

مون مي ڏِٺا ماءِ، جنهين ڏِٺو ٻرين ڪي،
رهي آڇجي راتڙي، تنِ جنگنِ سنديءَ جاءِ،
آنهين جي ساجاءِ، ترهو ٿئي تار ۽.

( ٤ )

وڻيون پٻ پٽي، ڪيرون ڪاھوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جون، پچان ڪير پهي،
رڃن رات رهي، جنين ڏونگر ڏوريا.

( ٥ )

ياران پڇي آءُ، خبر ڪاھوڙين جي،
ڏوٿين ڏونگرانءَ، ڪنهن پر ڏوريو ڏٺ ڪي.

( ٦ )

تون هڏ ڪچاڙيا، سنجهي سعيو نہ ڪرين؟
سوارا سنڌ ڪٽي، ڪاھوڙي ويا،
آڻيندين ڪٿا، ڏٺ ڏوراڻي ڏيهہ جو.

( ٧ )

هوءِ ڏوٿي، هوءِ ڏينهن، هوءِ ڏونگر، هوءِ لڪيون،
ڪنهن جنهن لڌا نينهن، پٽان لهسن لڪ ۾.

( ٨ )

جا جوءِ، مٿي نہ ٻڌي، ڏوٿي سا ڏورين،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاھوڙي ڪوڙين،
ويا آءِ ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

( ٩ )

ڪاهوڙي ڪجن، سيو پورهيت وسرا،
سي ڏونئرا ڏور ويا، رڃن جي رهن،
ڪا سن آهي تن، مون پرين جي ڳالهڙي.

( ١٠ )

دلق گنديو ڏوڙ ۾، پڪليا پٽن،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، ڀيد ڀي نه ڪن،
ڪا سن آهي تن، مون پرين جي ڳالهڙي.

( ١١ )

تون وتين وهي آءُ، آڳ ڪاهوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪاءُ،
ڏوڙين ڪنهن ڏکاءُ، سمهي مک نه ماڻيو.

( ١٢ )

ڪي ڪاهوڙي! ڇڏ ۾ سڌ ٿيو،
آگي ٿي مٿي، جنهين سندي ڳالهڙي.

( ١٣ )

ڏٺ گهٽائي ڪن، ان اورانهين ڏيهه جو،
سندا ڪاهوڙين، پري سڄڻ پيچرا.

( ۱۴ )

ڏٽ نہ ڪنو ڏوٿين، جيڪي ڏٽ ڪرين،
اُهڃاڻيون عالم جون، اورياڻين آئين،
تهان ٻري ڏسين، پرِيان سندي ڪالهڙي.

( ۱۵ )

جيڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونڪر ڏورڻ ڏاڪڙو،
ڇپر ڪين ڏئي، سوکڙيون ستن ڪي.

( ۱۶ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، سوران ۾ ماتام،
ڪيائون قيام، جهہ ڏوٿي ڏٽ گڏ ٿيا.

( ۱۷ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، گهرين نہ گهارين،
واحد لڪ ولهن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارين، جهہ ڏوٿي ڏٽ گڏ ٿيا.

( ۱۸ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، ويهي نہ وير ڪن،
ڏينهن تني ۾ ڏونڪرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جهنگل ۾ جهنڪن، جهہ ڏوٿي ڏٽ گڏ ٿيا.

( ١٩ )

موُن ڪاهوڙي لِکيا، آئين نہ آرام،
ڪِياڻون تن تمام، جنهن ڏوڻي ڏٺ گڏ ٿيا.

( ٢٠ )

موُن ڪاهوڙي لِکيا، سمهن ڪين پئي،
سمر ڪياڻون سچ جو، ڏوري ڏٺ لهي،
ويا تِت وهي، جت نِهايت ناه ڪا.

( ٢١ )

راڻو رج رهون، جتي نينهان نِڪٽي،
لِکيو هير لکن مين، چڇيو ٿين چڻون،
تان ڪا سار لهون، هوت! ڪميٽي سپرين.

( ٢٢ )

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر پڏا سندرا،
ڏوريندي ڏونگرين، پاڻ ڪياڻون پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، جيهن لڏاڻون چپرين.

( ٢٣ )

ساءِ! ڪاهوڙي هليا، دونهان دکاني،
وِنڙا وِسائي، ڏوِٽي ڏونگر وت.

( ٢٤ )

ماءَ! ڪاهوڙي هليا، ڏڪائي ڏونهان،
ڇپر جا سونهان، ڏوٿين ڏٿ ڇتائيو.

( ٢٥ )

ڪٿن نہ ڪيڪان، پند پراهين هليا،
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏٿ کي، جنبيا ڏنهن جابان،
ڪاهوڙين آهچاڻ، آنگ نہ سجي آڪڙي.

( ٢٦ )

سک نہ ستا ڪڏهين، ڪرڪٽان لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين آن پند جو.

( ٢٧ )

پيرين پراٿان ڪيترا، سڪا سنهن سندن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڪجها ڪجهيون ڪن، تهان پراهين پند جيون.

( ٢٨ )

سڪا سند ڪجن ، ڪرڪٽان پيرين،
نمندي نيٿين، آن کي ڪاهوڙي گڏيا.

( ٢٩ )

سڪا سنڌ ڪڇن ۾، ڪرڪٽان پيرين،
وهائي ويرين، آءُ تن هين آڪ جي.

## وائي

وساڻيندڙي مينهن، مان ملان ڪي سڄڻين،
آئون ملندي پرين کي، راتيون ڏوري ڏينهن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
مون ڪي پرين ميڙئين، روجهڙيون ميڙئين مينهن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
آڪيــن آگــم لائيــا، ڪــر مندائتا مينهن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
مادرا موٽي نه وهان، جان پريان سين نيهن،
مان ملان ڪي سڄڻين.

## داستان ٻيو

( ١ )

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
چڏي ڪيت ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٢ )

ھيٺي جن ھرک، گنجي ڏونگر گام جي،
وانجي سپ ورق، لوڇي لاھوتين ٿيا.

( ٣ )

ھيٺي جن ھٿي، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي ننڊ گھٽي، لوڇي لاھوتي ٿيا.

( ۴ )

ھيٺي جنين بوء، گنجي ڏونگر گام جي،
ڏوري سائي جوء، لوڇي لاھوتي ٿيا.

( ٥ )

ھيٺي جنين باس، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سپ لباس، لوڇي لاھوتي ٿيا.

( ٦ )

گنجي ڏونگر گام جي، ھيٺي جنين سڌ،
ٻي سپ ڇڏي ٻڌ، لوڇي لاھوتي ٿيا.

( ٧ )

گنجي ڏونگر گام جي، ھيٺي جن ھروڙ،
ڇڏي سپ ضروڙ، لوڇي لاھوتي ٿيا.

( ٨ )

پيهي جن پروڙيو، گنجو ڏونگر گام،
ڪري تن تمام، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٩ )

کهڙو آڻيئي ڪام، گنجي ڏونگر گام ۾،
پسي تنهن پهاڙ کي، آچي نه آرام،
متان ڏونگر ڏوريين، اجهين ڪه عوام،
"هٿو" ڪر حرام، ڪام، ته ڪاهوڙي ٿيين.

( ١٠ )

گنجي ۾ گهٽان، ٻير پروڙي پاءُ،
ڪاهوڙي ڪرا ويا، نڪا اوڏي ماءُ،
جنين ڏٺي جاءِ، تنين موٽڻ منهٽون.

( ١١ )

جت نه هڪيءَ پير، تت تمڪي باهوڙي،
پيو پاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

## وائي

آئون جيهائي ذات، تون پاڻ سچائج سپرين.
اوئيون آديسين جيون، پريان ساري رات،
تون پاڻ سچائج سپرين.
جي ٻانهي ڪوئيين ٻاجهه سين، ته ڪر لڌيم ذات،
تون پاڻ سچائج سپرين.
تان ڪي ڏونگر ڏوريان، جان نه وهامي رات،
تون پاڻ سچائج سپرين.
ڪنديس عرض الله کي، وهائيي پرڀات،
تون پاڻ سچائج سپرين.

## داستان ٻيون

( ١ )

آچي پيا آتڻ ۾، واٽ وڃائي جن،
اوءِ بصير برن ۾، آنڌا ٿيو آهن،
ڪنن آڏيون تاڙيون، گنگن جئن گهمن،
فراقي فرمان جو، آهي پر پوڙن،
لنگها ٿيا لاهوت کي، متا پيا سڪن،
ڪپت ڪاهوڙين، آه اُنئي پئي نه لهي.

( ٢ )

ڏسي ڏوري ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
ڪرندان ڪي ٻروڙيو، رنڊين سي نہ رڙهن،
پيئي دار ديون ڪيو، پيرت تان نہ پڇن،
ڏوڙ ٻريان لئي ڏار ڪيو، ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لِڪ لاهوت جي.

( ٣ )

ويجهو وڃ م واٽ ڪي، ڪهڄ ڏنهن ڪواٽ،
اڃهي منجهان آٽ، اويسي ٿي آءُ تون.

( ٤ )

ڪپيري ۽ پير، ڪنهين ٻاتو پيرين،
جٺان منجهہ ماڙهئين، سڄڻ تنان ٿي سير،
اِن ٻون سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي.

( ٥ )

ڪپيريان ٻري ٿيا، آبڏي ٻڌائون،
انهين ڪي آئون، هينئر ڏسي آئيو.

( ٦ )

ماءَ ڪاهوڙي آئيا، ڏوري ڏوري ڏيهه،
سينَ پيرين ڪيهه، ڪهه ڄاڻان ڪنهن پار جي.

( ٧ )

جهنگل هليا، سي نه پليا، راهه هليا ڦرجن،
او جهڙ سي نه پون، پيئي جنين ڇڏيون.

( ٨ )

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو، پڳي چوران لڪ،
سيڪڙو ۽ سڪ، پئي گڏيا پاڻ ۾.

( ٩ )

جهنگل آهيڙين ڪي، پنڻ ڪيو روءِ،
نه ڪتا، نه ڪوڙڪيون، چڙهيو آيو چوءِ،
هاڻي هنهان پوءِ، لڳي لونو نه ٿئي.

( ١٠ )

جهنگل آهيڙين ڪي، پنڻ ڪيو روندو،
نه ڪتا، نه ڪوڙڪيون، چڙهيو آيو چوندو،
هڏهين نه هوندو، اِنهان پوءِ عالم ۾.

(١١)

نه ڪتا نه ڪوڪار، نه سي مڏ شڪارئين،
ﭘﻨﻴﻮ ڪٿي ٻار، جهنگل آهيڙين ڪي.

(١٢)

ور سا سڄي وهڙ، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳ ٿي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙهئين.

(١٣)

ور سا ڪاري رات، جنهن ۾ راهه گم ٿئي،
نه ڪا هن جي تات، هيءَ ٻن وڃي وسري.

(١٤)

ڪاري رات آچو ڏينهن، ايءَ صفتان نور،
جتي ٻرينءَ حضور، تتي رنگ نه روپ ڪو.

(١٥)

تحقيق جي تون ٻري، متي ريءَ ڪٿيج،
جا حاج هٿن ري نه ٿئي، سا نوننو ٿي ڪريج،
هڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي ٻڌيج،
آنڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

(١٦)

وائي وڃيم شال، ڪنن سين ڪيم سٽان،
ﭘﻠﻮ ڪري ٻال، آکين سين آنڌو ٿيان.

( ١٧ )

ڏونگرين ڏسجن، اَجَ ٻه ريون آنِ جيون،
ڏونيڙا ڏٿَ کي، آراڙان آچنِ،
خيما کاهوڙينِ، اَجَ نہ آنهين پيٺين.

( ١٨ )

ڏونگر نہ ڏوئي، ڏونگر سڄون ڏوئنِ ري،
ٻچان ٻروئي، ڪِ ڏوئي ڏتِ آچان؟

( ١٩ )

کاهوڙي ڪرا، سوڌي خبر پڪئين،
سوجهي جنِ ڪيا، متي آڳهِ آهرا.

وائي

( ١ )

سِياڪو سيٽان، پوري تو پاڻ سچائِي نہ ڪِيو،
موٺي ماڳ نِهارِئين، ڪِهڙِي مُنهن ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سچائي نہ ڪِيو.
مچ ٻسي ڪِٿن موٽئين، مڙئين نہ لٿي سيٽان،
پوري تو پاڻ سچائي نہ ڪِيو.

واريءَ جنّ وچري هينئون، ڪنڪي لئي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سڄائي نہ ڪيو.
آئن منهنجا آنڪڙا، ڪل نہ پوي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سڄائي نہ ڪيو.

## وائي

( ٢ )

جاڳي آڪڙين، تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
آڪڙيون پرين لئي، نہ تہ ڪيو نمن،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جي منجهيئي ستيون، سي مر سور سهن،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن ڪي آرس آکيين، سي ڪئن پرين پسن؟
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن نيڻ هيرايا ننڊ سين، سي ڪئن محب ملن؟
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟
وهائيءَ وهائيين، گهوڙها سر ڳلن،
تو ڪوه اوجاڳو نہ ڪيو؟

## پورب

### داستان پهريون

( ١ )

ڪري ڪانگ ڪُورلشون، پيرين پرين ٺيج،
آئون جو ڏِيانءِ سنيهڙو، وچ ۾ وِساريج،
الله لَڳِ لَطيفُ چئي، ڪجهو ڪالهائيج،
ڇنان تِنَّن ڇنيج، تہ ڪِنياتا خوش ٿئين.

( ٢ )

اُڏر لَڳِ اللهَ، ويلو ڪر ۾ وِچ ۾،
آئون جو ڏِيانءِ سنيهو، سانئي برابر ساه،
سندي ڪجهاندر ڪاه، کهجِ ۾ قريبنِ ري.

( ٣ )

آءُ اُڏامي ڪانگڙا، پارانيان پچار،
وبهي هِت وِصال جو، تان ڪو ترُ تنوار،
جي ڏِسن ۾ ڏِيسار، سي اُڏامي آڻ پرين.

( ۴ )

مٺي لام لطيف چئي، ٻارانيان پچار،
ڦيرِ ۾ فضيلت تون، جا ڪر اوھان جي ڪار،
جي ڏٺي ۾ ڏيسار، سي آڏامي آڻ ٻرين.

( ٥ )

وھلو ور، وريا ٻرين، آءٌ ڪانگا وڻ ويھ،
جنِ ڏورِ وسايو ڏيھ، سي آڏامي آڻ ٻرين.

( ٦ )

ٻرين جي پرڏيھ ويا، ڪانگل سيئي ڪوٺ،
جنين ري جھان ۾، آڪوڙين آروٽ،
الله لڳ لطيف چئي، ڪجِ ڳاراچو ڳوٺ،
جي ڏمريا ڪنھن ڏوٺ، سي آڏامي آڻ ٻرين.

( ٧ )

ٻرين جي پرديس ويا، تن جي ڪانگا ڪج خبر،
تہ سڀ مڙھيان سون سين، ھڪي تنھنجا پر،
گھمي متان گھر، ڏج ٻارانيا ٻرين کي.

( ٨ )

آءُ ڪانگا وٽ ويھ، سڏيون ڏي سانيھ جون،
چڱا پلا سپرين، ڪي مَڪ وسي سانيھ،
پرين لئي پرڏيھ، مون تان گھٽون نھاريو.

( ٩ )

ڪر ڪٿيو ڪانگ لنئي، مٿيءُ تي مضبوط،
آئيو ڏئي آتو ۾، سنيھا ثابوت،
ڪانگل آئيون قوت، پيغام تن پرين جا.

( ١٠ )

مٿان منھن منھنجي، ڪنھن اڏايو ڪانءُ،
ڪنھي آئيو ڳالھڙي، سندي سپيريانءُ،
جيڏيون جارَ ڪيانءُ، سُمر ھوند سنيھڙو.

( ١١ )

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان، ھنئون ساڻ ھٿن،
وڃي ڪاءُ ولات ۾، آکيان عجيبن،
پرين مان چون، ته ھئن قربان ڪير ٿئي.

( ١٢ )

ڏاڻي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سور ٿي، ڀو ھڻ ھنيو،
ڪامي آرڻ ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن مانُ.

( ١٣ )

ڏاڻي چڙهي ڏار تي، تو زاغ ڪري زاريون،
آئيو ڏي آتڻ ۾، سنيها ساريون،
ماڻ ڪريو ماريون، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو.

( ١٤ )

ڏاڻي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لاتِ لتي،
آتڻ ۾ آندوه ٿيو، سکهي ڪان ڪتي،
ويڙهي منجهہ وتي، ڪي جو ڪانگ ڪمائيو.

( ١٥ )

ڪي جو زاغ زبان سين، لنيو مٿي لام،
پهچايائين پرين جا، سرتيون آج سلام،
ڪاڪيون ڪتي ڪام، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو

( ١٦ )

واڪا ڪيو وٽن ۾، آچيو آچيو پون،
سنيها سيٽن جا، چونيءَ چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪوڙا هون، پريان سندي پار جا.

( ١٧ )

پريان سندي پار جو، ڪانگل نہ ڪوڙو،
آچي وچي وچ ۾، مٿي در دوڙو،
جو آندر اوسيڙو، سو لاثائين لطيف چئي.

( ١٨ )

ڪانگل قريبن جا، آچي وائي وٽ،
تو ۾ بوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري مٽ،
آچي عجيبن جو، اورانگهج آگٽ،
توکي پسي تٽ، سورنئون صاف ٿئي.

( ١٩ )

آنديون ڪانگ قريب جون، آج واڌايون واه،
من مرادون پنيون، ٿيون سرهائيون ساه،
آندا پرين الله، سڏ منهنجا ساب پيا.

( ٢٠ )

پيو آهين پٽ ۾، ڪانگل ڪوهہ ٽيوءِ،
اَڳي اُس تِڙڪو نہ سهين، اَڄ سارو ڏينهن سئوءِ،
پسي حال مندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

( ٢١ )

هنين وَسيلو وِچ ۾، ڪانگل پاڙيئي ڪان،
آنوءِ ڪين عجيب ڪي، ظاهر ساڻ زبان،
توڙ ڀهتين تان نہ، اوريان ئي آئيو ڏئين.

( ٢٢ )

ڪانگل تنهنجي چانگ، جڏو جيءُ جياريو،
مٽان لامن لت ڏيو، ٻولئين سر ٻيلانگ،
اڏر مٽان ڦانگ، تہ گهر آون سپرين.

( ٢٣ )

ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب کي،
”لالن لاڻي ڏينهڙا، ڪنهن سٽاڻي سانگ،
اوهان ريءَ آڙانگ، وڻي ورہ وسائيان.“

( ٢٤ )

آءٌ ڪانگَل تو ڏِيان، چِٽي چورائِي،
مَنهنجي ڏِجِ مَحبوبَ کي، لوڪان لِڪائِي،
ڀِرين پڙهائِي، ماَنَ سڌِ لهَنِ سَور جي.

( ٢٥ )

آَگَٿان هيٺ نَہ آتَري، ڪانَڪانْ ڪانگَ ڪَري،
ڀِريان سَندي ڀار جِي، ڪانگل ڳالهه ڪري،
پِٽِ نَہ پيرَ ڌَري، آيو چَوي آيا ڀرين.

( ٢٦ )

آءٌ ڪانگا ڀَڻَ ڪولِ، سَڌيوَن ڏي سائيهَ جوَن،
جي آندءِ عَجِيبَنِ جا، سي خَطُ خوشِيءَ مان ڪولِ،
آئوَن سَٺان توَن ٻولِ، سَنيهو سَڄَڻ جو.

( ٢٧ )

ڪانگا ڪِتابَت جِي، آندئِي خوَبَ خَبَر،
لَس تِنهين ڀِ لِکيا، دِلاسا دِلبَر،
هينئڙو موَن هَر هَر، وانچيو وانچڻ ۾ ندري.

( ٢٨ )

رِي پِريان پرديس ۾، وِرهه وِڌي ڪِي وَس،
آڪيون پار پِرينِ جي، نيون ڳام نهارِين ڳَس،
ڏِيندا پانڌِي ڏَس، ڪِينءَ جون آئِي خبرون.

( ٢٩ )

زاغ تنهنجِيءَ ذاتِ جو، نُورو مٿِي مون،
اَڏامِج، عبداللطيف چئِي، صبح سيڻن ڏونهن،
ڪِجِ وِينتيون وَتريون، پاجهائِج پهون،
لالن ڪون لهون، جِهو تو جهان ۾.

( ٣٠ )

ڦِرِيئنِ جو ڪانگڙو، ٿارِيءَ تِي تِلِي،
ڪِٿيو ڪِنياتو خبرون، ڪِيرون ڏِيو ڪِلِي،
لائِي جنهن لالن سان، منهنجِي بات ٻلِي،
سو ور چشمنِ تِي چلِي، جو درباري دوس جو.

( ٣١ )

ڪانگل قاصد پِرينءَ جا آڱڻِ آيو تَل،
بيائيد، بنشنيد، محب مون ڪِي مِل،
زاغ گفتِ فهميدم، خوشحال وِيئو ڪِل،
غراب نه غافِل، جنهن طعنا تنڪا لائيا.

( ٣٢ )

ٻريان سنڌي ٻار جو، ڪنو جي ڪانءُ،
اُنهين مٿان آءُ، ڪوڙين قرباني ٿيان.

( ٣٣ )

سو ڪانگ م قاصد ڪر، جو سدا ڏوٽيي ڏوٽي ڪي،
ڪ ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪ ويندو دوسن در،
جنهن جي ٻوليائي "ٻر ٻر"، سو ليا پا نيٺي رهيو.

وائي

سائين! سگ سندوم، م ڇڄي سين جو ڪِئين،
هلو جو هنگلاج ڏي، آديسين آتوم،
سائين! سگ سندوم.
نيٺي پورب پار ڏي، ويراڳين وڏوم،
سائين! سگ سندوم.
سوئي تيرٿ تڪيو، سوئي پنڌ سندوم،
سائين! سگ سندوم.
هو جو تيرٿ تڪيو، سامين سونهايوم،
سائين! سگ سندوم.

# داستان ٻيو

( ١ )

سدا شوق ڀرينِ جي، ڦران ڦيري دار،
مان سڄيھون يار، اکيان اکڙيون کڻي.

( ٢ )

تنِ اکينِ آتان سڪ، ڪلندي ڪڻن جي،
ڀرين پاھوڻ سان، ڏور ڪيا سڀ ڏک،
ماڙھنِ ليکي ٻک، سامي سوڙ سنھان ڪيا.

( ٣ )

سامي چائيين، سڪ طلبئين، ھوندن جڻن م ھو،
توکي ويس وڃائيو، ويس وڃايو تو،
سامي آھي سو، جنھن پاڻ وڃائي ڀوريو.

( ٤ )

سامي چائيين، سڪ طلبئين، سکئين نہ سامي،
آڇا اورئين ھنڌ ۾، ويٺين وسامي،
ڳرکي تون نہ گڏئين، چائيين انعامي،
دائم مدامي، ڀورو رھج ڀرين سين.

( ٥ )

سامِي چائِيين، سَک طَلبِئين، هو م هوندَن جِئن،
لاهوتِي لَطيف چئي، هوءَ آدِيسي اِئن،
سِي ڪاپڙي ڪِئن، جي تَعلق رَکن تَڪِيا.

( ٦ )

سامِي چائِيين، سَک طَلبِئين، وارِئين نَہ ويراڳ،
لاکاپا لَطِيف چَئي، جوڳِي چڏي جاڳ،
جِئن تون پُٽين منرو، اي آدِيسِين آياڳ،
لاهوتِيڪو لاڳ، مرين جي تہ مائِئين.

( ٧ )

سامِي چائِيين، سَک طَلبِئين، تَسِئا ڏئِين نَہ تَن،
مانڙهن ڪان منهن ڪيو، هِنين آئا ۽ آن،
ڪاپڙِي تو ڪَن، ڪِ چيرايا چِشن لئي.

( ٨ )

پوربِيا هوري وِيا، آسن آڌيءَ رات،
سِيم نَہ سناسِين جون، پچارون پرِيات،
ڪا جا جوڳِي ذات، سٽ نَہ معذورن جا.

( ٩ )

پورِبيا پوري وِيا، آسڻ آج صبوحِ،
خستوريءَ خوشبوءِ، آهي آديسي ڳيا.

( ١٠ )

مٿي راهه روان ٿيا، پورب پورِيائون،
هِي گهر گهورِيائون، آڳانڍِيائون آڳيان.

( ١١ )

پورب ۾ پيهي، تان مون گهٽون نهاريا،
سڌِ نہ سگهي سڄڻين، جيهي نہ تيهي،
هٿا پرڏيهي، وڃائي واٽ ٿيا.

( ١٢ )

پورب مارِياس، ڪنهن درِ ڏِيان دانهڙي؟
مٿيون ڏِيندي لوڪ کي، چڙي پاڻ ٿِياس،
جنهِين نہ جيهِياس، مان لنئون لڳي تنِ سين.

( ١٣ )

پورب پورب تب ڪرون، جب هِينڙي آون پور،
سگهندي کي سڄڻين، نکون لايون نور،
مارِيس انهِين سور، جِنُ ساجن سچي، نہ مِلي.

## وائي

جَنِ جو وارِثُ تونَ، آلا! مي ڪِٿَ رَهندا نينَ مُنهِنجا؟

آڳي آپ خَلقيا، پَلي خَلقِيائين پون،

جَنِ جو وارِثُ تونَ، آلا!

جوڙِيائين جوڙ جَهانَ جِي، چَئي ”ڪُنْ فَيَڪونُ“،

جَنِ جو وارِثُ تونَ، آلا!

ڪوڙي دُنيا، ڪوڙا پَسارا، ڏِينهن مِڙئي ڏون،

جَنِ جو وارِثُ تونَ، آلا!

آهِيونَ آلِفَ آسَري، مُحَمَّدَ مِجيوسونَ،

جَنِ جو وارِثُ تونَ، آلا!

# بلاول

## داستان پهريون

( ۱ )

وسهَ اِنهين وڻ کي، جئن دعوت ڪي داتا،
مضمضهٔ واتا، وجهہ تہ ڏينئي وات ۾.

( ۲ )

ڪڍي کهل گهران، صلح ڪرِ سلطان سين،
تہ تون تنهن دران، ڏيهائي ڏان لهين.

( ۳ )

ٻيءَ ۾ ٺهورا، وانءَ اورانگهي اوريان،
وڃان جي وِصال کي، سي سِپ آجورا،
حاصِل حضورا، سمي جي سپ ٿئي.

( ۴ )

سما! تو سِر ڇٽ، نات پاڪارا ٻرس گهٽان،
گهرڻ تنهنجي گنج تي، اچي جال جڳٽ،
جن جهڙوئي پٽ، تن ٿهڙيئي ٻکيا.

( ٥ )

پِريون پيرِي پَچَ، هي جي مَنجهان پورِيون،
ٻِي دَرِ ڪنهِين مَ وَڃ، رِيءَ هاشِميءَ هيڪڙِي.

( ٦ )

سَمون تَنِ سَڏَ ڪري، جَنِ تي وَڏو وير،
اَٿي تَہ آجِي ٿِيان، پاءِ ڀاڪوڙِي پير،
تو رِيءَ ٻيو ڪير، سَرَتِينِ جا سوٽا سهي؟

( ٧ )

سَرَتِينِ جا سوٽا سَهِي، وَسِيلو وِلهن،
لَڌِي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اکِيان لالَ لَڪَن،
جِتِ ڪوڙِين ڪِينَ ڪَڇَن، اَتِ ٻاھوڙِي پَڌرو.

( ٨ )

جو چَليون پَسي نَہ چِڪيو، تِنهن واڪاٽِيو وِڪَ،
لَڌِي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، لَڪَنِ آکِيان لِڪَ،
پيرُ نَہ موڙِي پانهِنجو، تِڪِيءَ ٻيٺي تِڪَ،
سَرَتِينِ ڏِئي نَہ سِڪَ، هَڪَلَ سين هالارَ ڏِئي.

( ٩ )

ترِ ترِ ڪيم ترس، سرَ نهارج سيرو،
ڏيندءِ لَڪَ لطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رَس،
وِلها جنهن ونهيان ڪيا، ٻاگھ تنهن جي ٻس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳاتَ ڪٿي.

( ١٠ )

آروڙجي آئيو، ديمنِ پيس ڏک،
لاثائين لطيف چئي، عالم تان آهک،
تن سرٽين ٿيا سُک، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١١ )

آروڙجي آئيو، ديمنِ پيس دانهن،
ٻاهوهو ٻير ڪئي، سڀوئي سرٽين ڏانهن،
مٿان مٿي ٻانهن، آيو آڇي سلطان ڪي.

( ١٢ )

سرٽين جي سُک لئي، ساهه ڪنئي سردار،
جي آيون آبڙي جي آڌار، سي سونک نه ڏينديون سومريون.

( ١٣ )

آيڙو آڪاهن ۾، سيڙ جڻن پلي،
سي پٽ ڪنهين نه پوريا، جي ٿو پيڙ پلي،
سڄڻ سانوڻ سنهن جڻن، رچون ٿو ريلي،
آچن جي ويلي، تن بوڙ بخشي پٽ ڏٺي.

( ١٤ )

آءٌ جڪري جيهو، پرس پسان ڪو نه پيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۾ ڏيو،
وڃي چو ڻ وهو، آن در متي مڱڻان.

( ١٥ )

آيڙو وڏو سوڙو، جهلي سو سامن،
مرڻين جا سوئا سهي، سمون سوتهن سين،
تنهن در سڀ آچن، ڪنڌ نه ڪڍي ڪچ ڏٺي.

( ١٦ )

ٻڙ ۾ آيو ٻاڻ، سائين ڪي سڌ ڪري،
پلي جي لاڏاڻ، سڀ لنگهيندا لڪيون.

## وائي

ڏڪ ڏڪيندو، مون نہ ڇڏيندو، شفيع شافع سپرين ۔

آنڌا اونڌا، آڪڙيا، سڀ لباهي نيندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

بدلي بدڪارن جي، دارون پاڻ ڏريندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

جي ڏهاربن ڏاڪڙا، لڪ سي لنگهائيندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

تون ناڪارو نہ ڪري، محمد منٿ مڃيندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

هت پڻ حامي هيڻن جو، هت پڻ هٿ ڏريندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

طهورا تڙين ڪي، پاڻئون پيئاريندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

پاڻ سچائي پاڻهين ڪامل ڪرم ڪريندو،

شفيع، شافع سپرين ۔

تنبو آئي تاء ﷺ، عاصين ڪاڻ آڏيندو،

شفيع، شافع سپرين.

داتا دوزخين تان، لينگهو لهرائيندو،

شفيع، شافع سپرين.

رس وڙ، رمي ڪري، مشڪ رنگ مڻيندو،

شفيع، شافع سپرين.

"رحمة للعالمين"، آهڪيءَ آڳهہ ٿيندو،

شفيع، شافع سپرين.

آتي عبداللطيف جو، هادي هٿ جهليندو،

شفيع، شافع سپرين.

## داستان پيو

( ١ )

جڪرو جوڙي، پاڻ ڏڻيءَ پيدا ڪيو،

ڪيهر جڻن ڪر ڪٿي، مچون ملهہ موڙي،

جڏهن گهوٽ چڙهيو گهوڙي، تڏهن عالم آسودو ٿيو.

( ٢ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ پِئي خانَ،

مِنِي اِنَ مَڪانَ، آصَلَ هِئِي ايتري.

( ٣ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ پِئي جامُ،

مِنِي اِنَ مَقامَ، آصَلَ هِئِي ايتري.

( ٤ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ پِئي مِير،

جِنان گهِڙيو جڪرو، تِنان نَہ هِڙيا پِير،

مِنِي انَ خَمِير، آصَلَ هِئِي ايتَري.

( ٥ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ پِئي مَل،

سمِي جِي سُهاڳ جِي، ڪَنهين نَہ پِئي ڪَل،

مِنِي اِنَ مُرسَل، آصَلَ هِئِي ايتَري.

( ٦ )

جَڪرو جَسَ ڪرو، پِيا سَبِ آنيرا،

جِنان جَڙيو جَڪرو، تِنان تان نَہ پِيا،

مِنِي اِنَ ماڳا، آصَلَ هِئِي ايتري.

( ٧ )

جَڪرا توُن جِئين، تُنهِنجو مَدو ڪَنين ۾ سُٽان،
آ ڪِين ۽ هِينئين، ہِنهِي تاري تُنهِنجِي.

( ٨ )

جَڪَرا جِئين شالَ، تُنهِنجو مَدو ڪَنين ۾ سُٽان،
جِنُ تو آچِي ڪالهه، نالائِق نوازِيا.

( ٩ )

ڏِئِي جادَم جَڪرِي، چِتَ نَہ ہِيا چَڙهن،
تَہ ڪِي ڪوه ڪَجِنِ، جَہ سَرَ لِهِي سِيرو.

( ١٠ )

سَرُ نِهارِجِ سِيَرو، تَڙِ تَڙِ ڪِيم تَرَس،
لاهِيندو لُطفَ سِين، مَتان قَلبَنِ ڪَس،
اوڳا چَڏِ آرَسُ، اوڏو تِئِي تَہ آجرين.

( ١١ )

هَتان جادَم جَڪرِي، وِتِي پوء ۾ وِچَ،
"آچو، آيا نِـچُ"، سَمِي وائِي واتَ ۾.

( ١٢ )

وِٽي وِچ نہ پوءِ، هٿان جادم جکري،
هيٺي سو ٻرِ ٽئي، جو حاتم ٻاسي هوءِ،
ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيٺي ڪوم جهان ۾.

( ١٣ )

راهوءَ جا رهيامِ، سنيها سرير ۾،
پِيا ڏر وِسريامِ، ڏٺي جادم جکري.

( ١٤ )

راهو تنهنجي رِيتِ، ور ڪنڍين پڌري،
گهٽان گهوڙنِ چاڙهيئي، مسافر مسيتِ،
ٻجهين ڪانءُ وِڏيتِ، جي آئيا سي آگهيا.

( ١٥ )

ڏٺي جادم جکري، چِتِ پِيا چڙهن ڪين،
سمون تنِ سارون لهي، جي مَنا ۾ مسڪين،
اِنهي مل مبين، الڏي سار سين جِي.

(١٦)

جِڪَرِي جِهڙو جوانُ، ڏِسانِ ڪونہ ڏيہہ ۾،
مُهڙ مِڙني مُرسلين، مُرسِ سندس شانُ،
"فَڪانَ قابَ قوسينِ اَوۡ اَدۡنيٰ" مَيسر تِيسِ مَڪانُ،
تِنهن آڳي جو احسانُ، جِنهن هادي سِيڙُهِہ هِهڙو.

(١٧)

سَمونڊُ سوائي، پَهونِ پِنَنِان آڳرو،
دانهہ جِي ڏرٻار ۾، وَرِنِي اِيءَ وائي،
ڳَهَڻ ڳالهائي، مَهَڻ سَبِ ملهائيا.

(١٨)

سِنڌ، سورَتِ، هِندَ هاڻِ، جهڙُسِ ڪونہ جَهانَ ۾،
دَرِ داتا مَڱ مَڱَنا، ٻِئي جِي ڪِذَ ۾ ڪاڻِ،
اِيِ پانُوندَرِ پاڻ، حالَ پَسيو پالَ ڪري.

(١٩)

ڪَري آسَ آپارَ، پاريءَ جهليو نہ رهي،
پيلي ۾ ڪِرنارَ، آئو ڪَنڪا جَلَ جِڪَرو.

( ٢٠ )

پيهي ٻنِ ٻاتارِ ۾، جتِ کَڙه گنگا جرَ راهَ،
ڇڏي حيلا ھِن هنڌَ جا، تِي جَکري ٻاهي جاهَ،
اوڏو تِي الله کي، کاڄِ تنهن جو کاهَ،
سَکنِ اهنڌ ساهَ، ويلهه وِيندي وِسري.

( ٢١ )

ڏَمريو تہ ڏِئي، ٻرچِي تہ ٻاٽَ ٻڙي،
جَنگ جَکري کي، ٻي چِڱيون چتَ ۾.

وائي

آسرو آهي، الا! مون کي هوت حَبيب جو،
جانْ جانْ اوڏا کرها، ٻچان تان کاهي،
مون کي هوت حبيب جو.
موٽ منهنجا سَپرين، واڳون وَرائي،
مون کي هوت حبيب جو.
شفاعت جا شَفيع جي، تنهن ۾ ڦير هڏِ نہ آهي،
مون کي هوت حبيب جو.

ميرَ محمدَ ڪارڻـي، آڙيا ڇڏائـي،
مون کي هوتَ حبيبَ جو.
اِهـي ڪم ڪريم جا، جِنَ لنگا لنگهائي،
مون کي هوتَ حبيبَ جو.
لُطفَ ساڻ، لطيفَ چئـي، سوڙها مِلائي،
مون کي هوتَ حبيبَ جو.

## داستان ڏيون

( ١ )

مارِ ۾ مُطيعنِ کي، مَجوسِيءَ کي مار،
وَڏي جنگ ۾ وِسار، نَنڍيان نفعو ناهه ڪو.

( ٢ )

نَنڍيان نفعو ناهِ ڪو، وَڏي ۾ وِساري،
مَجوسِي ماري، آڪبر ڏانهن آڇيج تون.

( ٣ )

اَصغرَ ڏي آهن گهڻا، تون آڪبرَ ڏي آءُ،
مَتان لوڙو لاهئين، مجوسيءَ مٿانءُ،
حَيدر جي هٿانءُ، وِڙهه ته ويري مارئين.

( ۴ )

پانڌپ سين نہ ڀاڙيان، سوين ڀيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هڙده هزار، جهڙ تهنجيءَ جهپيا.

( ٥ )

جهڙ تهنجيءَ جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري.

( ٦ )

جي تون آسائو آئيو، تہ ونءُ جکري لائي،
متان وڃ وڃائيين، ڪنهن ڀي در ليلائي،
سمي سامائي، چنتا لتي چارڻين.

( ٧ )

جي تون آسائو آئيو، تہ چائنٿ ڀي م چور،
ڪيرا ڪميتن جا، ڪٿي آئي ڪوڙ،
اِن در عراقي گهٽا، چانگون ڪيو چوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن م متو لڪايو مڱتي.

( ٨ )

سَمُون سَخاوَت جي، وِٺو پَڇي پِر،
ڪونيو ڪَنگالَن کي، ڏئي دِلاسا دَر،
مَٿي وِلهن وِرِ، ڏِٺائِي ڏاتار جي.

( ٩ )

ڪوهُ نہ جهارِين جَکرو، جِنهن ڏِيهہ دِيا ڏيئي؟
جي لَڏيا ٿي لِينگهَن ۾، سالَن ۾ سيئي،
سَمِي سِيئي، طاماعو تارِ ڪيا.

( ١٠ )

آلا جَنگ جِيَنِ، جَنهِين آجهي گهارِيان،
شال م سَڪي وِيَري، جِنان پِي پِيَنِ،
مَرڪَه آکڙِيَنِ، تو ڏِنِي مُون سَک ٿيو.

( ١١ )

اينِدي لَٿِي آج، پير پِرِيندي ٿَرِيا،
سَنجهہ وِيري مَج، ڪَر لَڏي رِڻ آڪارِئِين.

( ١٢ )

تون اوڏر، تون اوڏڪو، تون آجهو، تون آڳ،

هٿ پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ تونهين ماڳ،

سي لوڙيون ڏين نہ لاڳ، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١٣ )

آڪين سوئي اوڙڪيو، جو ڪنين سوم قرن،

مالڪ منهنجو من، چام پسنديئي پٽيو.

( ١٤ )

پسنديئي پر ٿيا، جڪرو ٿي جاجڪ،

تنان ڏني مڱڻي، طهورا مان تڪ،

سمي پڪين سڪ، واصل ٿيا وصال ڪي.

( ١٥ )

جي آدميو آج، تہ وسائيندو سون ڀٽي،

جال ڏئيندو جڳ، جودان وسي جڪرو.

## وائي

جنان ڏنائون پير، جنان ڏنائون،

مٿي آڱڻ آئيا، سونهن لڳا سير،

جنان ڏنائون پير.

جِئان ٿِي نبي نِڪِيو، پَري مُبارڪ پيِر،
جِئان ڏِنائُون پير.
لَٿا ڏُک، سُک ٿِيا، ٿي واڌائِيءَ ويِر،
جِئان ڏِنائُون پير.
لُطفُ توريءَ لطيف چئي، ڪندو پِيو ڪير؟
جِئان ڏِنائُون پير.

## داستان چوٿون

( ١ )

گندي، مانِي، ماڪَ موچارو، ھاسي پير ٿِيوسِ،
وَس نہ ڪنھن وِڌوسِ، وڳنڌ وَري آئِيو.

( ٢ )

وڳنڌ وَري آئِيو، پينارَنئُون پوءِ،
مُحڪمُ لَڳسِ موچڙا، ڌرو نہ ڏِنسِ جوءِ،
وِيئو اِيھين چوءِ، تہ پيران ھاسي نہ ٿِيان.

( ٣ )

آسور سندي آسري، وِيئو آہ وڳنڌ،
ھڏ نہ ڇڏيندو ھنڌ، آيس بوءِ بھار جي.

( ٤ )

آسوَر سندو آسرو، وڪِند ڪي وڏو،

جسي ۾ جڏو، ھر ڪِين تي ڪڙا ڪٿي.

( ٥ )

وڪند وري آئيو، بدو سين بدبوءِ،

خاوندا! ڏي خوشبوءِ، تہ سرھو ٿيان سيڪھ ۾.

( ٦ )

وڪِند وري آئيو، ڪِنو ٿِي ڪوجھو،

ڇڏي نہ موزو، لِڪِس آر عطر سين.

( ٧ )

وڪِند ويٺو پس، داتا سندي در تي،

تِنھن روڪِيءَ ڪِي رس، جو آلودو آزار سين.

( ٨ )

دائِم آھي در تي، وڪِند ويچارو،

عطر سين آرو، لِڪِس تي لڏ ڪٿي.

( ٩ )

داتا سندي در تي، وڪِند ٿِي ويٺو،

بصر سين بازار ۾، ڪر واٽيون ڇيٺو،

ڏران تِنھن پيٺو، جِت ڪفر ٿِئي ڪِين ڪِي.

( ١٠ )

وِکَند وَرِي آئيو، نِسورو نِرگَسُ،
گَندا گُلابي ڪَري، سيد جو سِرگُ،
عطِر سين آورگُ، تہ هُئين مَدائين مَرهو.

( ١١ )

وِکَند وَرِي آئيو، ڪونڙيان ڪَلاٽَ،
سَندو ڪِرڙ ڪاٽَ، هُوٽ نَرگيءَ کي نِڪٽين.

( ١٢ )

وِکَند وَرِي آئيو، بَدو بي نِمازَ،
جِڻَن تِتر مَٿي بازَ، وِکَند تِئَن خوشبوءِ تي.

( ١٣ )

باندو ٻيلي نہ ٿيو، ورو آجَ وِيو،
ٻينُر پَندِ پِيو، سونهارِي سيد ڏي.

## وائي

مون ۾ عيبَ آهارَ، يارا آئون جا طامِع آهيان تنهنجي.
هيڪ وِڃايم ويسري، ڄاڻي سڀ ڄمارَ،
آئون جا طامِع آهيان تنهنجي.

هِن مُنهنجي حالَ جيِ، توکي سُڌ سَتارَ،
آئون جا طامِع آهِيان تُنهنجيِ.
آمَر اوڏِي نہ ٿِيان، نهيءِ ڪيِس نِڪار،
آئون جا طامِع آهِيان تُنهنجيِ.
جيِڪي وَهِي وُجودَ ۾، سو چائين چاڻهار،
آئون جا طامِع آهِيان تُنهنجيِ.
جِتّن سِي گُلَ گُلابَ جا، ڪِتّيا ڪَنڊهار،
آئون جا طامِع آهِيان تُنهنجيِ.
مُون کي سِڪ سَيدَ جيِ، آهِي مَدِيني موچار،
آئون جا طامِع آهِيان تُنهنجيِ.

# سارنگ

## داستان پهريون

(١)

لَکَهَ، پَسُ ا لَطيفُ چئي، آگمِيو آهي،
وَڻا مِينهن وَڏَڦڙا، ڪِيو ڏَڻ ڪاهي،
وِهو مَ لاهي، آسَرو اللهَ مان.

(٢)

لَکَهَ، پَسُ ا لَطيفُ چئي، آگمَ ڪِيا اللهَ،
ٻَلَرَ جي ٻالوٽَ ميِن، ٻَنِ جهليا ٻاهَ،
واحدَ وَڏائِي ڪِيا، مَٿي ڪَسَنِ ڪاهَ،
سانگِينِ وَرِيا ساهَ، اُنو آبُ آگوندَرو.

(٣)

آگمَ اِيئَن نَ آنڪ، جِهڙو ٻَسَنُ ٻِرِينءِ جو،
سيٽنِ ريءَ سيدُ چئي، روحَ نَ رَچِنِ رَنگ،
سَهسِين ٿِيا سارنگ، جانِي آيو جوءِ ۾.

( ٤ )

جانِي آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وهلو وِڃان ني ويو، ڪري غم گذار،
نظارو نِروار، ڀِي پسايو پانهنجو.

( ٥ )

ڀِي پسايو پانهنجو، نوري نظارو،
وِيو غم وجود مان، ڪِيو ڪلفت ڪِنارو،
آيو سوپارو، من مرادون پنيون.

( ٦ )

اُڀون ڪڪر ڪڪريون، آتر ڏي آهينِ،
ڪري آڳم آئيون، منڊ نہ مٽائينِ،
متان لوڪ لطيف چئي، گوندر گنوائينِ،
ڀلر ڀارينِ، اڄين آب آگوندرو.

( ٧ )

ماڻهو، مرڳهہ، مينهڙون، سڀ سارنگ کي سارينِ،
آڙيون آهر آسري، تاڙا تنوارينِ،
سپون جي سمولڊ جون، ٿئين سچ نهارينِ،
ڀلر ڀارينِ، تہ سنگهارن سک ٿئي.

( ٨ )

آچ ڀڻ اُتر ڀار ڏي، ٽاڙي ڪي ٽنوار،
هارينِ هر سنباهيا، مرها ٿيا سنگهار،
آچ ڀڻ منهنجي ڀار، وسڻ جا ويس ڪيا.

( ٩ )

آچ ڀڻ اُتر ڀار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٿاريون،
لٿينِ لڪ لطيف چئي، ڏايون پاساريون،
پچنديون پناريون، وري وٿاڻين آئيون.

( ١٠ )

آچ ڀڻ اُتر ڀار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري،
وسايو واٽنِ تي، ٿو خالق ڪنڌ پري،
پاساريون پري، شال م وڃنِ سپرين.

( ١١ )

آچ ڀڻ اُتر ڀار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
ورين جي پرديس، سي مون ڪي مينهن ميڙيا.

( ١٢ )

آجَ پِرَ آترَ ٻارَ ڏيِ، ڪَڪَرَ ڪِي چونِيِ،
مَندائِتي مِينهن جِي، ڪِنوَڻِ نَہ ڪونِي،
آڻ، لالن! مونِي، گهورِيا رَسَ ڏِينهڙا.

( ١٣ )

آجَ پِرَ آترَ ٻارَ ڏيِ، ڪَڪَرَ ٿو ڪَريِ،
روضي ٻاڪ رَسولَ جِي، ٻلِيو هَٽ ٻِري،
وِچِنِ ساڻ وَري، تَہ سَنگهارَنَ سُک ٿِيا.

( ١٤ )

آجَ پِرَ آترَ ٻارَ ڏيِ، ڪَڪَرَ ڪيائِين،
مَندائِتَنِ مِينهَنِ جِي، رتِ لَہ روڪيائِين،
ٻلَرَ ٻلَٽيائِين، سانگِينِ گهٽا سُکَ ٿِيا.

( ١٥ )

آجَ پِرَ اميدوَن، آگمَ مَندِيوَن آيَ ئ،
ساوَڻَ ٻِسِي، سَرتِيون! سَجَڻ ماريو مون،
آئون آسائِتي آهِيان، مانَ ٻچائِي ٻون!
گهرِ تَہ گهرجين توَن، مَندَ ٻڙيوئِي مينهن جِي.

( ١٦ )

مَندَ مِڙيوئِي مينهَن جِي، وَسِي تَڏهِن وَسُ،
ڪَٽرَنِ ڪيٽا چِڏيا، جِي مِڙيون ٿِي مَسُ،
ڳاهَا مَٿِي ڳَسَ، ڏڪ نہ ڪَندا ڏَہرا.

( ١٧ )

وَسَڻ آڪَڙين جيٽَن، جِي هَوندَ سِڪَيِن، مينهَن!
تَہ هَوندَ راتو ڏينهَن، بَسِ بوندَنئون نَہ ڪَريِين.

( ١٨ )

وِڄون وَسَڻ آئِيون، سارَنگ سينگارِي،
آڄِيا لَڪ لَطيفَ چِئي، پَلَرَ پِيارِي،
وِڄُڙِينِ وارِي، ڪَٽِي ڪَعبِي تِي ڪَندَ نائِيا!

( ١٩ )

ڳامَ ڳَنديءَ ڳَنجَ، آبَرَ ۽ آهاڻ ٿِيو!
پَسِي ٻَرِ ٻَرينِ جِي، ڏورَ ٿِيا سِپِ ڏَنجهَ،
شالَ وَسَندو سَنجهَ، عاشِقَ تِي اوهِيڙا ڪَري!

( ٢٠ )

آئو اوهِيڙا ڪَري، عاشِقَ مَٿِي آڄَ،
ڏورِ ڏڪارِيا! پَڄَ، مينهَنِ مَنهن ڏيکارِيا.

( ٢١ )

ڪَڪَر پَسو آپَ ۾، آتران جي آچنِ،
آبَر سَندي اوجَ ۾، وِڄون وراڪا ڪنِ،
وَسي وَذَقَرِّنَ، ساٿيهہ سَڀ سکي ڪيو.

( ٢٢ )

ڪَڪَر مَنجهہ ڪپار، جهڙ نيٽنئون نَ لهي،
جهڙا مَنهنجا سَپرين، تهڙا ميگهہ ملار،
ڪَنُ آکيون ڪلّ، يارا! وَڄنِ سور سَندا ڪيو.

( ٢٣ )

جهڙ ليٽنئون نَ لهي، ڪَڪَر هُونِ نَ هُونِ،
سارِيو سَپرينِ کي، لُڙڪ ڪلنِ سين پونِ،
سي مر رويو رونِ، جنِ مسافر سپرين.

( ٢٤ )

آڳِنِ تازي، ٻهرِ ڪنڌيون، ٻکا ٻَتِ سونهن،
سرهي سيج، ٻاسي ٻرين، مر ٿا مينهن وسن،
آسان ۽ ٻرانِ، شال هونِ برابر ڏينهڙا.

( ٢٥ )

ٻِي پَسائيو پاڻهنجو، نظارو ناگاه،
لَٿو ڪَٽ قلب تان، مَرهو ٿِيو ساه،
اميدون آرواح، ٻِي مَسندي ٿِيون.

( ٢٦ )

بَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺِيون ترايون،
پِره جو پِٽَن تي، ڪِن وِلوڙا وايون،
مَکَڻ پِرينِ هَٿڙا، سنگهارِيون سايون،
سارِي ڏَهنِ سامُهِيون، پولاهِيون رايون،
پايون ۽ دايون، پَکي سونهنِ پاڻهنجي.

( ٢٧ )

بَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺو جيسر ميرَ،
آگم ڪري آئيون، پاڻَرِ پِري پيرَ،
لاٿائون لطيفَ چئي، وانديِن مٿان وير،
مَرَها ڪِيائون سير، سَرهيون سَنگهارِيون ٿِيون

( ٢٨ )

بَر وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺِي ڪَڇ ڪِنار،
پونياڙيءَ پِٽَنِ تي، ڏِس! نايائين نار،
سڀاجهي سَتار، لاٿا ڏُرتَ ڏُيهَ تان.

( ٢٩ )

مَڪي مٿان موٽيون، آئيون ٿي عرفات،
روضي پاڪ رسول جي، رنگ ڪيائون رات،
وڃڙيون پرڀات، موٽي مصر آئيون.

( ٣٠ )

ڪيائون ميران سندو مجرو، جرڪيون ۾ جيلانَ،
جتي غوث بھاؤالدين، اُت مرڪيون ۾ ملتان،
ڪنوي خراسان، سڪ وسائون سنڌڙي.

( ٣١ )

ڪانڌا م وڪڻ ڪنڌيون، ڏڻ سيوئي ڏارِ،
آپريون سپريون پانھنجيون، مسيون سي سنپارِ،
ٻن ڇڏي ڇڻ پئي، وڃي ولھارن وارِ،
تہ آچي آگٺان ٻھارِ، سرلا ڪنڌيون سڌڙا.

( ٣٢ )

سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي،
ڳڙي ٿو گمان ۾، آيو ڪين آيو،
هارين لاءِ هرجاءِ ۾، هاديءَ هلايو،
مٿان آئين پائيو، تہ ڪا پادل آهي بس ڪي.

( ٣٣ )

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچينِ جي،
ٻاٽي ٻوڄ ٻنِ ۾، آرزان آن ڪريج،
وطن وسائيج، ته سنگهارنِ سڪ لٿي.

## داستان پيو

( ١ )

پري پٽ تي آئيو، سارنگ سهج منجهان،
ڪڙيون ڪنٺهارِ جڻن، وڄون اتر واءِ،
مرها سبزا موريا، ڏامڻ ڏِپ ڪيا،
ٻهري ٻنئا، ڀريائين ڪڻ ڪراڙ جا.

( ٢ )

ڀريائين ڪڻ ڪراڙ جا، ونو واريا سو،
ڪوٽيتي ڪوٽ جو، چڱون چوماسو،
ماڪاٽيءَ تان موٽيو، ڏيئي ٻه ٻاسو،
خالق ڪيو خاصو، ڇيهو ڇڪيءَ ڪنڌبين.

( ٣ )

گَنگوءُ جيان گوڙ ڪري، ڪاهيائين ڪاهوجي ڏانهن،
وَنو مينهن وڏڦڙو، سِري پِريائين ساهہ،
ڏيئي پَٽَن پاهہ، پِرهائين ڪَنُ ڪِراڙ جا.

( ٤ )

چيهو چِڪيءُ ڪَنڌيين، ڪيائين گَڙنگ تي گَلَ،
هَڏا ڪَنيان هَليو، پِري ترايون تَلَ،
آلدئين آبَ اَچلَ، مَٿي باغَ بَهار ثِي.

( ٥ )

آجَ رَسيلا رَنگ، بادَلَ ڪَليا بُرجن سِين،
سازَ سارنگيون سُرَندا، وَڄائين بَرَجَنگ،
صُراحيون سارَنگ، هَلنديون پِدام تي.

( ٦ )

مِينهان ۽ نِينهان، ٻنهي آڪَر هيڪڙي،
جي وَسَڻ جا وِيس ڪري، تہ ڪَڪَر ڪَنِ ڪِيهان،
بادَلُ ثِي بيهان، جي آڳَم آڇڻ جا ڪَرين.

( ٧ )

ڪِڙڪَن ڪانڌَ چِتِ ڪِيو، جَهڙَ پِسيو جهڄِڻ،
وَرَ رِيءَ وانڍِين آڏِيا، پِڪا سِي ۾ پِسڻ،
آنڊَ ڏاهِي اَنِ جا، تہ ڪَنهِن ڪي ڪارُون ڪِنِ،
وارِثُ وَرِي تَنِ، آڇِي شالَ اولو ڪَري.

( ٨ )

ڪِڙڪَن ڪانڌَ چِتِ ڪِيو، جَهڙَ پِسيو جهڙڪِنِ،
سُٽيو رِڙَ رَعدَ جِي، ڪَلِيُون نِيُون ڪَنبَنِ،
ڪَنيون ڪِين ڪَڇَنِ، وِيچارِيُون وَرَنِ رِي.

## وائي

ڪَرَ مَـرَ ڪامِي، پَچِي، آئُون وِينِدي ڏَرِ دوسِتَنِ جِي.
جِيائِين ڏُجهن تَڪِيو، سَجَڻُ تِيائِين آچِي،
آئُون وِينِدي ڏَرِ دوسِتَنِ جِي.
نورا پايـو نينهَن جا، دَرِ پِلـِي جِـي نچِي،
آئُون وِينِدي ڏَرِ دوسِتَنِ جِي.

## داستان ٽيون

( ١ )

گُنير ڪَتِ سِڪَنِ، چَلَڻَ جي چاهہ پَئي،
هِنڊُوا حيرت ۾ پيا، لالِي ڪِي لَبَنِ،
چَمڪَنِ چوڏِسِ چَنڊَ جِئَن، وِڄڙيون وِهَسَنِ،
لوچَنِ ٽا لَطِيف چئي، پَسَڻَ لَئي پِرِينِ،
ڪَيسر قَرِيبَنِ، سَنِياري مَيڏَ چئي.

( ٢ )

مَندَ ٿِي مَنڊَلَ وَڄِيا، ڪِي اوهيڙَنِ اوڪَ،
چاچر ٿِي چَنَنِ ۾، مينهڻُون چرَنِ موڪَ،
سَرَهيون ٿِيون سَنگهارِيون، پَويو پائِنِ طوقَ،
ميها، چِيڙ، ڦَنگِيون، ٿِينِ سَيِپِي ٿوڪَ،
لاهئين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهڙا.

( ٣ )

مَندَ ٿِي مَنڊَلَ وَڄِيا، تاڙي ڪِي تَنوارَ،
هارِينِ هَر مَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
آڄَ پَڻَ مَنهِنجي يارَ، وَسَڻَ جا وِيسَ ڪِيا.

( ٤ )

مَند ڏِي مَنڊَل وِڇيا، آهيو جَهڙ جهاڙيءَ،
هيڪ آرزان آن ڏِيو، پِيو مَڪِڻ مَنجهِ ماڙيءَ،
ڪَلهِي سين ڪاڙيءَ، لاٿم ڪَتَ قُلوبَ تان.

( ٥ )

موٽ، مُنهِنجا سِپرين، آئيمي آللهَ،
توکِي ساري ساهُ، اَڪَنڊِئو آهُون ڪري.

( ٦ )

آڳَم ڪِيو آڇِنِ، سَجَڻَ سانوڻ مِينهَن جِئَن،
ڀاسِي تَنِ وَسَنِ، جِي سَبِ چماندر سِڪِيا.

( ٧ )

ڀاڄانئان ڀِڄِي، ڏِيو آڳانئا آڳرو،
چَڪس سَبِ چِڄِي، تَڏِهن مولِي مِينهَن وَسائيا.

( ٨ )

اوچِڻ گهَرجي آڄڪو، جهوڳو سَهي نَه سِيءَ،
سَٿائيجَ سَوڙ ڪي، حالَ سنهنجو هِيءَ،
آڳَڻِ آيو ڏِيءَ، تَه ڍولا ڪِنهن ڍَلڳ ڏِيان.

( ۹ )

ڪانڌَ! تُنهِنجي پالَڻ رِي، سَنجهي مِيءَ مَران،
ڪامِلُ! ڪَپاهَنِ ۾ پيئي ٿار ٿَران،
تاريءَ تِنهن تَران، جِنهن وَرُ وِهائيءَ وارِيو.

( ۱۰ )

ڪانڌَ! تُنهِنجي پالَڻ رِي، مِيءَ مَران سَڀِ راتِ،
ڪامِلُ ڪَپاهَنِ ۾، جهپ نَہ آهِي جهاتِ،
آچِين جي پِرِياتِ، تہ آئُون مِيءَ نَہ سارِيان.

( ۱۱ )

سِيندِ و ميِنهَن پُسائيو، سِري ٿِيو سيلو،
پَکِي پِيهِي آئيو، رَحمتَ جو رِيلو،
ساڄَنَ سوِيلو، پيچ پِنِيءَ گهَرِ آئيو.

وائي

آکِيوُن ميگهہ مَلارَ، صورتَ تُنهنجي سَڀَ جَڳَ سوهيو.
سِجدو فِيلَ فِي الحالَ، ڪِيو پَسِي مُطلب نُوُرَ نِراڙَ.
چاهَنُ وقتَ چامَ جي، ڪِريا ڪوٽَ ڪُفارَ.
آگَي آسمانَنِ جو، توڪِي ڪارِيو سيرَ سِتارَ.

"ولسوف يعطيڪ ربڪ" تو مين قادر ڪيا قرار،
آهين ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ آپار،
آڪنڊئا جي آبر ڪي، سرها ٿيا سنگهار،
موڪل ٿي مينهن کي، دوست هٿان دلدار،

## داستان ٻيون

( ۱ )

موٽي ماندائن جي، جوڙي ڪيائين جوڙ،
وچون وسڻ آئيون، پهه پهه ڪري پوڙ،
آنن جا عالم ۾، ڪرن آنءُ ڪوڙ،
سارنگ لاٿي سوڙهه، ماندهه مهائو ٿيو.

( ۲ )

موٽي ماندائن جي، پري ڪيائين پيچ،
وچون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيچ،
تنهن نوريون نوازيون، ڏونان ڏيئي ڏيج،
پيچ ڪٽي پٽ هليا، هاري منجهان هيچ،
راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.

( ۳ )

مونِي ماندائنِ جا، پري ڪِيائين پر،
وِچون وسڻ آئيون، ڪوڏئان ڪَٽي ڪر،
مينهُون پاڻ مُراديون، تَڏا چرن ٿر،
وَڏي اوهِ آئيون، پَٺِيءَ لائي ڦَر،
ساري آچيو سامهيون، ڏينِ ڪير سڄر،
ساڻ وانديِن، وَر، ڀَريون پرچڻ جون ڪيون.

( ۴ )

مونِي ماندائنِ جي، واري ڪِيائين وار،
وِچون وسڻ آئيون، چَڱيءَ پَٽ چوڌار،
ڪي آئيون اِستنبول تي، ڪنِ مَچيان مغرب پار،
ڪي چمڪن چِين تي، ڪي لهن سمرقند سار،
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابلِ، ڪي قندار،
ڪي دِهلي، ڪي دَکن، ڪي گڙن مٿي گِرنار،
ڪنِ جَنبي جيسلمير تان، ڏِنا بيڪانير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀِڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،

ڪنهين آچي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم! سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

( ٥ )

حڪم ٿيو بادل کي، سارنگ ماٿ ڪجن،
وڃون وسن آئيون، ته ته مينهن ٿمن،
جن مهنگي لئي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، موڙي شال مرن!
وهڪي جن ورهه ٿيا، مونيو سي ٻڙن،
وري وڏيءَ وس جون، کيون کالهيون کنوارن،
سيد چئي سين، آهه توه تنهنجي آسرو.

( ٦ )

واهوندان وڃون ٿيون، ڪڙيون ڏنهن ڪنيات،
ڪنديون ڪاهي گس ڪريو، وڇون ڪريو وات،
سنگهارن سک ٿيا، لٿي آج آسات،
جهڙ ڦڙ ڏيئي جهات، پسائيندو پڙيون.

( ۷ )

ڏٺ ڏري ڀٽ ڀيون، ڀاسي ڀارڪر،
سيئي ڀريا سر، ڀلر جي ڀالوٽ سين.

( ۸ )

ڏٺ ڏري ڀٽ ڀيون، آيون عمرڪوٽ،
ڀسايائون ڀلر سين، سڪا ڀٽ جي سوٽ،
چنچل ڏيئي چوٽ، سڀ ساماڙو سر ڪيو.

( ۹ )

ڏٺ ڏري ڀٽ ڀيون، آئيون ڪاهي ڪاماري،
وٺا ڀٽ ڀراڻ جا، وٺيون ساماري،
ڪکر ۽ ڪاري، وچڙين، ڀسوا ويس ڪيا.

( ۱۰ )

ڏٺ ڏري ڀٽ ڀيون، وچون ويس ڪري،
سينهن وسي ملڪ جا، چڏيا تل ڀري،
قادر ڪرم ڪري، سڪا ڀٽ ساوا ڪيا.

( ۱۱ )

ڏٺ ڏري ڀٽ ڀيون، ٿيا ولهارن وي،
سورج قمر نہ ڀاڙيان، سيٽن جي شبيہ،
جي جانب آندر جيءَ، سي ڀرين ڀيهي گهر آئيا.

( ١٢ )

ڏِٺ ڏِري پٽِ پيون، وِڃِن ڪيو واڄو،
پڪو پنهنجي پرينءَ لئي، سِبي ڪرِ ساڄو،
سڄڻ سباجهو، پيچ پِني گهرِ آئيو.

( ١٣ )

ڏِٺ ڏِري پٽِ پيون، وِڃون ڪري وارا،
آئا وَڏي اورِ مين، ڪڪر جي ڪارا،
واحِد وَسڪارا، چوڏاري چِڱان ڪيا.

( ١٤ )

ڏِٺ ڏِري پٽِ پيون، وِڃِن ڪيا ڏرم،
واحِد وَڏائي ڪيا، ڪنڌِين ساڻ ڪرم،
سنگهارِن شرم، رک سنهنجا سپرين.

( ١٥ )

ڏونگا آچِ م تنِ ڪي، ڪاسا جنِ جو ڪم،
پنندي پرڏيهه ۾، تنِ سوڍِين ٿئي شرم،
آئِين گهٽي آدب مين، ڳالهائين نرم،
قادر ڪر ڪرم، تن وطن ۾ وس ٿئي.

( ١٦ )

سَچو صافُ نہ آہِيري، سرلِي وَچان سِچُ،
مَنهن چَڙهيو مانُهنِ کي، ڏِي واڏايون وِڄُ،
هينئڙا کَپَ م کِڄُ، مِگها مِلندءِ سپرين!

( ١٧ )

سَچو ساوڻ مينهن جُنِ، جهڪُن پاسي جهوڪ،
ڏِيندا پاهُ پٽَنِ کي، مَنجهان مِينهنِ موڪ،
لَس پيارينِ لوڪ، آگم ڪِيو آکِينِ سين.

( ١٨ )

آندِرِ جهڙُ جهور وَهِي، پِهرِ بَرسي بوندَ آپار،
وَتِ جنين جي يار، سي اوڪائينِ نہ آکِيون.

( ١٩ )

آندِرِ جهڙُ جهور وَهِي، پِهرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ،
وَسائيندي وِڄڙِي، حُبَ جنهين کي هوءِ،
لالَنُ جنينِ لوءِ، سي اوڪائينِ نہ آکِيون.

( ٢٠ )

آندِرِ جهڙُ جهور وَهِي، پِهرِ نہ بَرسي بوندَ،
سَچو جنهين جي هوندَ، سي اوڪائينِ نہ آکِيون.

( ٢١ )

وسي ساري رات، صبح جو ساھ ڪٽي،
منجھيئي مينھن ِپرين جو، جي تن ۾ ھئي تات،
تہ وھائي پريات، ھوند بادل بس ئي نہ ڪري.

( ٢٢ )

آڳڻجي آئيون، آتران ڪري آور،
جي ِپرين ھئڙا ڏور، سي مون کي مينھن سيڙيا.

وائي

آئي مند ملار، ميگھہ ملار، آئون ڪنھنبا ڪنديس ڪپڙا.
وسڻ جا ويس ڪيا، آڄ منھنجي يار،
آئي مند ملار.
لار لائيندي وڄڙا، پنڙس پنيا وار،
آئي مند ملار.
پکي آھ پرين تون، لھہ تون سيد سار،
آئي مند ملار.

# سريراڳ

## داستان پهريون

( ۱ )

مانَ ڀَچَنئي سِپرِين چِتان لاهِ م چَر،
اِنين جا آمرَ، ڪَنَ، تہ خاليَ م ٿِيين.

( ۲ )

مانَ پَچَنئي سِپرِين، چِتان چَر م لاهِ،
پرِينِ اڪِيان ٻاءِ، پاؤ مَڱَڻهارَ جِئَن.

( ۳ )

مانَ ڀَچَنئي سِپرِين، چِيتاريج چِتَ،
دائِما ڏورِبيءَ ۾، ٻِسين وِلاتِن وِتَ،
نيهَ نِيڪاري نِتَ، مَلاحَ ڪَڏَ مُعلِم سين.

( ۴ )

مانَ ڀَچَنئي سِپرِين، چِتَ ۾ رَکِج چِيتَ،
سِينو ڏوئِي صاف ڪرِ، صابڻَ ساڻَ سِپيت،
سامونڊِي سَچِيتَ، ٿِيءَ تہ ٻهَچِين ٻار ڪي.

( ٥ )

مانَ پَڇَنئِي سِپرِين، چِت مِ چيتاريجِ،
ڪَڏِج ڪانئي ڪَچ ڪي، ڪُوڙ مَ ڪمائيجِ،
وَڃِج وِهائيجِ، سَڀ سوداگَر سَچ جو.

( ٦ )

مانَ پَڇَنئِي سِپرِين، چِتان لاهِ مَ چور،
ڪَڍِي ڇڏِ تون قلب مان، ماري ڪُوڙو ڪور،
هَن پِرِ سندو هور، مَتان تو معاف ٿِئي.

( ٧ )

ڪانئو ڪمايوم، موتي مُون نَ وَڻِجيا،
سِيهي جو سيد چئي، وَکر وِهايوم،
هِهڙو حال سندوم، توهَ تَنهِنجي آبهان.

( ٨ )

ڪَچ ڪمايُم ڪُوڙ، پَڄِيم عهدَ اللهَ جا،
ٻِجرو جو ٻاهِن جو، سو چونئِيءَ تانئين چُور،
معلومُ آنئِي مَذڪُور، ڪُوڙها، اِلهِيءَ ڪِالهہ جو.

( ٩ )

ڪوڙ ڪماءِ م ڪچ، آئي اور آلله سين،
ڪِجِ تون دغا دِل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ بارج مچ،
ان پر آئي اَچ، ته سودو ٿيئي سڦرو.

( ١٠ )

سودو جو سڦرو، سو مون ٻڌي ٻاءِ،
وس ويچاريءَ ناھ ڪو، تون آڳا! عرض آگھاءِ،
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مور نه ٿيئي ڪي ماءِ،
لطف ساڻ لنگھاءِ، لاهرو لهرن وچ مان.

( ١١ )

لڙ، لهريون، لس، ليٽ، جتي آنت نه آب جو،
الله! آت م اوليين، ٻيڙا متي ٻيٽ،
جوکو ٿيئي م جهاز کي، قرهي آچي م قيٽ،
لڳي ڪا م لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

( ١٢ )

سڙهه سنوان، لاڇو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، پري جنگ جهاج،
حاصل ڪريين حاج، واحد! وڻجارن جي.

( ۱۳ )

سِڙهہ سنوان، لاڇو نوان، مهاڻا سندن مِير،
ساڻي سفرِ هليا، ٿيا سٺاوا سِير،
جي آڇنِ ساڻ آکِير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ سين.

( ۱۴ )

منجهان پيٺي مکڙيءَ، ڪا جا پاڻيءَ ٻِڪ،
وکر هٿي ونڪ، ڪنجي ڪارو ٿيو.

( ۱۵ )

منجهان پيٺي مکڙيءَ، ڪا جا پاڻيءَ بوند،
سيٺي ڏنئِي روند، وکر جنين وِڃائيو.

( ۱۶ )

وِهائيندڙ وِيسرا، وکر ڏِيرٿون ڏِير،
ڪنين وِهائي وس ڪيو، وکر وڏيءَ وير،
ڪنين گهمندي سير، وکر وِڪامي ويو.

وائي

سهسين شڪرانا، ڪوڙين پال ڪريم جا.
حمد چئج حڪيم کي، جورِ هٿي جانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.

تـو ڏيـکاري تـو ڏٺي، باطن جـا بـانـا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
مٿان مـردا! وساريين، صاحب جـي ثـنـا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
دوست رکـي دل ۾، پڙهه لالن لـسانـا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهه فنا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
تسي تو سين توهه ڪري، من آگو اِحسانا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
ڪڏ تون دغا دل مان، پانهپ سين پانها،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
صاحب وٺي سچ سين، ٿيءُ دانـه ديوانا،
کوڙين ڀال ڪريم جا.
جي تسليم سين تحقيق هئا، سي ڪئن آمانا،
کوڙين ڀال ڪريم جا

جاڪِيا جي جبار لئي، سيئي سمانا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
فاذڪروني اذڪرڪم، ڪهيو قرآنا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
واشڪروالي ولا تڪفرون، ڪِڏ تو ڪفرانا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
سي سنواريا سپرين، ڪول تو ڪنا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
چڱي چنج چاهہ سين، مدح اِيءَ منا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
تائب ٿيو تڪڙا، جوشان، جوانا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.
تہ لهين تون لطيف ڪان، آمن ايمانا،
ڪوڙِيين پال ڪريم جا.

وائي

مون ۾ تون موجود! آءٌ آگاهين آهيان!
آءٌ آسونهين آهيان!

آڪيون آڪڙين ڪي، سِڪيو ڪن سُجود،
آءٌ آڳاهين آهيان!

آءٌ آسونهين آهيان!

تيلانهن رَسيون بود ڪي، جيلانهن ٿيون نابود،
آءٌ آڳاهين آهيان!

آءٌ آسونهين آهيان!

ماڙهن جي مونن جو، صاحب هٿ سُجود،
آءٌ آڳاهين آهيان!

آءٌ آسونهين آهيان!

اِن دَر سيئي آگهيا، جن وِڃايو وجود،
آءٌ آڳاهين آهيان،

آءٌ آسونهين آهيان.

## داستان پهريون

( ١ )

جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لُطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانَ،
عدل ڇڏيان آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

( ٢ )

ساري رات سُبحانَ، جاڳِي جِن ياد ڪيو،
اَنِ جِيءَ، عبداللطيف چئي، مِٺيءَ لَڌو مانَ،
ڪوڙِين ڪِن سلامُ، اچيو آڳهِ اَنِ جي.

( ٣ )

سيوا ڪرِ سمنڊ جِي، جِتِ جر وهي ٿو جالَ،
سئين سِپجن سمنڊ ۾، ماڻڪ، موتي، لالَ؛
جي ماسو مليئي مالَ، ته پوچارا پِر ٿئين.

( ٤ )

سي پوچارا پِر ٿيا، سمنڊ سيوِيو جِن،
آلدائون عميق مان، جوتي جواهرنِ،
لَڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرنِ،
ڪانهي قيمت تِن، مَلَ مهانگو اَنِ جو.

( ٥ )

سيوئو جِن سُبحانَ، وِير نہ وڙهي تِن سين،
توبهہ جي تاثير سين، ترِي وِيا طوفانَ،
ڏيئي توڪل تڪيو، آرَ لنگهيا آسانَ،
ڪاملَ ڪِشتِيانَ، وِچ ۾ ڪَڍِين واهرو.

( ٦ )

ساري راتِ سڄاڻ، سودو ڪَنِ صاحبَ سين،
ٻانهپَ پَري پيڙيون، هليا جوبَ جوانَ،
پاڻي پهلوانَ، لحظي منجهه لنگهي ويا.

( ٧ )

ٻانهپَ جو پيڙين پر، وکر وڌائون،
موتي معرفت جا، سچا سوديائون،
اَلتّائبُ مِنَ الذَّنْبِ، ايءَ ڪتِ ڪتيائون،
آنين جيءَ آئون، برڪت بار لنگهائيان.

( ٨ )

جنين سودي، سچ جو، وکر وهايو،
بحرو لهرالبشري جو، انهين لئي آيو،
آن ڪي لالن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

( ٩ )

ايءَ ڪتَ غواصن، جنن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، موتي لال هٽن سين.

( ١٠ )

آچارا عميق جا، ڳَڌيا غواصن،
جهريون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪَنِ،
سمنڊ سوجهي جن، آئي آمل اوليا.

( ١١ )

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪانو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، ھاناران پيهي،
ھسندا سيئي، آملهہ آڪڙين سين.

( ١٢ )

آڏو چڪڻ چاڙہ، منهنجي موج نہ سهي سڪڙي،
ميڙي متابن جو، بيحد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناهہ ڪو، بديون بي شمار،
ڪپر ڪارونيار، آڪارئين احسان سين.

( ١٣ )

ويرم لاهي وبهہ، متي آر اوڙاهہ جي،
ھسي ھاڙي واريون، ڪيچ آنديشو ايهہ،
ويندو نہ ھسين ڏيهہ، پتڻ ھن ھارِ متي؟

( ١٤ )

آئي پهر اوڙاهہ تي، منجھہ گهرءِ گهاري،

وس نہ ويچاري، تہ ڪا ماڳ ڏِڪندي مَڪڙي.

( ١٥ )

هِڪي پانهي چِت ۾، ٻِي صاحب سنواري،

ڏنگي هِن درياهہ مان، هلائي هاڪاري،

ترازو تاري، سَتِ سيبئي ڪري.

( ١٦ )

هِڪِي پانهي چِت ۾، ٻِي مِٺي صاحب،

ڪڍي آونهي ڪن مان، اِي آگي جو عجب،

اِيءَ سائينءَ جو سبب، جِنَ ٻڏا آڪاري پارِ مان.

( ١٧ )

هِڪي پانهي چِت ۾، ٻِي جا ڪري اَللهُ،

پاڻهين وِجهي ڪن ۾، پاڻهين آڪاري اوڙاهہ،

تنهن واحد کي واهہ، جو سَتِ سيبئي ڪري.

( ١٨ )

هِڪي پانهي من ۾، ٻِي جا الله ڪري،

پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين ڪنڌيءَ نِي،

سَتِ سي ڏوئي، جي تَرَ توائِي مَڪڙا.

( ١٩ )

هِڪي ٻالهي چِت ۾، ٻِي ڪَري جوڙ جبار،
ڪهڙي آونهي ڪَن مان، اِيءُ آڳي جو آڌار،
جهاز جوهرين جو، تنهن کي ٻوڙ نه ڏي پتار،
نِيڏا وڏا مَڪڙا، سَڀِ پسندا پار،
جِيڏانهن مَنهن مَدِيني جو، سَچي مُحَمَدَ سوچار،
سَباجهو ستار، ستر سِپيئي ڪري.

وائي

ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا آمن آمانَ!
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻِلاڻِي پائيان.
ڪُٺو ڪانئينو ناهِ ڪو، آهر تِيا عِصيانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻِلاڻِي پائيان.
خَبر ناهِ قبر جي، نِسورا نِسيانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻِلاڻِي پائيان.
والِي! رِسج وَهلو، آرَڪ تِيا اِنسانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻِلاڻِي پائيان.
سڻ سَباجها سِپرِين! نعرو، نِگهبانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻِلاڻِي پائيان.

مَدِيون ٿَسي مَنهنجِيوَن، شَرِمايا شيطانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
هِنَ مَنهِنجي حالَ تي، هِئي هِئي ڪِنِ حيوانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
سائِين! سَڪائِي آهِيِين، ساموَنڊِيءَ سُبحانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
تَرَهو چِنَر تارِ ۾، رَسِجِ تون رَحمانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
پيِلي جو ٻَڌِنِ جو، مون تي موڻِي مانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
وِهِنو پِنِي ٻِنو، ڪَرِ پيرو مٿي ڀانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
خالِقَ تان خُوبَ ڪِيا، گولَنِ جا گُذرانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.
آئون ٻِنَ آندو آنِ ۾، وِيئو ٻِنان ڀانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ياڻيان.

سڀ سوالي سمڪنا، داتا ڏيئي دان،
يا الاهي! ٻاجهہ ٻلائي پائيان.
ولها سڀ ونهيان ڪيا، تنهنجي جود، جوان!
يا الاهي! ٻاجهہ ٻلائي پائيان.
متان مون کي ڇڏيين، پيلي سندا پان،
يا الاهي، ٻاجهہ ٻلائي پائيان.
وير وسيلو آهيين، دارون ۽ ديوان،
يا الاهي، ٻاجهہ ٻلائي پائيان.
لاءِ ڏهارين ڏينهن کي، خيمون آڏيو خان،
يا الاهي، ٻاجهہ ٻلائي پائيان.
آئي عبداللطيف چئي، سڀ ڪا سلطان،
يا الاهي، ٻاجهہ ٻلائي پائيان.

## داستان ٽيون

( ١ )

پيڙي پرائي، وکر ڀاءُ ۾ وترو،
تري ۾ تن پيا، پاسنئون پائي،
هيءَ، هڏ وهائي، ڪڙه ڪالهوڻي ڏينهن کي.

( ٢ )

تَري تَن پياسِ، پاسَنئون پاڻي وَهي،
ڪَوهو ڇَهر ڇهنو ٿيو، لاڄو سڀ لَڙياسِ،
جيلان سَدَر سڪائياسِ، وَهي تي وَهَه سامهون.

( ٣ )

وِيئو تَن تنيسِ، مَک ڏِيهاڙي مَڪڙي،
سَنباهي سيدَ چٽي، مَٽي نيڙو ٿينسِ،
وَتائي وَڏاندرا، لاڄو لَڳائينسِ،
آخر آهرائينسِ، تَه جوکو ٿِئي نَه جَهازَ کي.

( ٤ )

تَن تنيندو آهه، مَک ڏِيهاڙي مَڪڙي،
سانباهي سمونڊ جي، مَنا مور م لاهه،
اَڄ ڪِ سَنجهه صَباح، آهرندي آتانگ تَرڻ.

( ٥ )

تانگهي ۾ تاڻي، پَند پَنهِنجو ترهو،
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏِيندءِ ڪو پيو.

( ٦ )

وَکَرَ سو وِهاءُ، جو ٻئي پراڻون نہ ٿئي،
وِڃندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿئي نہ ضاءُ،
سا ڪا هَڙَ هلاءِ، آکِہ جِنهن جي آبهين.

( ٧ )

وَئي وِجهہ وَکَرَ جا، ڏَنگيءَ ۾ داڻا،
وِير وِڙهنديئي، وِيسرا، وِه ۾، ويڳاڻا!
هيءَ نِندَ، نہ جاڻان، ڪَڏهن هَٿنديئي تار ۾.

( ٨ )

وِڻجارا، وِئي، تو نہ سرندي شاه ري،
مِک پنهنجي مَڪَڙي، چِڱي ڪَرِ چيئي،
ٻاسا ٻاڪڙين جا، سَمنڊ تو سيڪي،
جي لَنڌا ۾ ليکي، وِيرِ وِڙهندي تنِ سين،

( ٩ )

وَه تکَ وَهڪرا، جت ننگر نہ ٺهرن،
وَڏاندريون وَه سامهيون، ججهي زورِ جنبن،
نيڙوءَ ۾ ناتاريون، وَڻجارا وِجهن،
مَلا مَعلمن، مون ڳري سَئي ڳالهڙي.

( ١٠ )

جتو وانڻ، جهاز، ڪُڍيو غرابن سين،
هوريندي هن ٻار ڏي، سڌر ڪَنج ساز،
آچن تا آواز، سڻائي سمونڊ جا.

( ١١ )

ڪوها ڪاله ڪَٿي، اَن وِڌا اَتر آسري،
آلاا جهري ۾ اَن جي، اولي جي آٿي،
وَنجارن ولي، وَکر وِڌو ٻيڙين.

( ١٢ )

ٻيڙي تنهنجي ٻاجھ، وکر تنهن وصال جو،
ڪوها، اولا، تو ڪيا، سڀ سونهارا ساج،
اَت ڪا معلمن حاج، جت پورڻ وارو ٻاٽهين.

( ١٣ )

جر ۾ ڦوڻو جئن، لهريون لڳندي آڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تئن، دُنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

## وائي

سائِين نَندا بارَ، ووا تَنِ ڀانڊِينِ نَندا بارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

پاتا ڀاڙيوارِيين، پڳھ مَنجھ پاتارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

ڀَتَ تُو ڀورَ کَرِي، آئِي تُھجَڙِي وارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

سَڄيُون راتيُون سَمھِين، ڪيو منجھ خُمارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

ڪِ تو ڪنين نَہ سُئِي، هَلَڻَ جِي هاڪارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

تائِبَ ٿِيو تَڪڙا، سَڄِي اِيءَ سَنيارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

نِنڊَ نَہ ڪَجِي ايتَري، مَنجِ، آدا يارَ،

توکِي آرَسَ آکَڙِينِ ۾.

سائينءَ مَڪِئي سچ ڪِي، تون ڪوڙو مَنجهه قطار،
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، ڪِهر جِي ڪَوڪار،
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
ڪِهڙان ٿِي رِيءَ ڪِهڙي، الاهِي تِهار.
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
هو جو شَڪ شارِڪ جو، تِنان رَکَ، سَتارا
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
ڪُلُّ نَفسٍ ذائِقَةُالمَوتِ، پڙهو اِيءَ پچار،
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
شِڪارُ تون شهباز جو، تون تان مَنجهه شڪارا
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
يَومَ يَفِرُّالمَرءُ مِنْ اَخِيہ، جت پَجِندا يار،
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.
تَرهو چِنو تارِ ۾، آچِج تون، اوسار.
توکِي آرَسَ آڪَڙِينِ ۾.

لَکَ مِڙيئي لَنِيا، هَنهين وِيا هزارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
ڏِنئِي جي اَلله کي، هوندَ ٿِيين ٻَرِيين پارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
جوڳن سَتان جَڳِکي، ڏِني تِنهنجي دارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
جِيڪو آهِ حَدِيث ۾، آندي اي آچارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
وَڻيئي ڪِين وِلهَنِ سين، ڪَنبي ٻَرِ قهارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
سا ڪِئَن هَلي توسين، جا پَکِي ڪان ٻِتارَ؟
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
جِتَن جالَ نہ نِبهي، سَٽِج، ايءُ سنيارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.
جِم وِسارِيين وِسرا، ٻِتَنِ جي ٻِلڪارَ،
توکي آرَسَ آکَڙين ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

مون ٻي ڇيڙي ڪانڌ، ٻيڙي ٻاڙ ۾ مڪڙي،
سڙه پراڻا پاند، لهرين سهي لڳنديون.

( ٢ )

آڳهين آتو ساڻ، ته مڪ ٻنهنجي مڪڙي،
پورا شڪ ۾ ٻاڻ، لهريون سهي لڳنديون.

( ٣ )

آڇي سو ڏئو، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ، لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪئوءِ،
غافل ٿِي غراب ڪي، اوڙاهه تي آندوءِ،
سو چتر چوهي ڪان رکين، جو پيو پراڻون پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، ٻاٽيءَ ۾ پرتوءِ،
سيد! سات سندوءِ، پر بندر پهچائيين.

( ٤ )

ٻاڻ پرائو چاڙهيو؛ وکر وڻجارا،
آڇي لهريون لڳيون، پيڙيءَ پپارا،
جاڳو جي يارا، ته تڙ تَوائي نه ٿئي.

( ٥ )

لَهرينِ ليکو ناهہ ڪو، جتِ ڪپر ڪَنَ ڪارا،
آچارا عَميق جا، آچنِ اوپارا،
آئِي آمارا، وِيرِ وِيڙهنديئي وِيسرا.

( ٦ )

وِيرِ وِڙهنديئي وِيسرا، آئِي توهہ طَلبَ،
سائرَ کنهن سببَ، ڪالهہ نہ وِڌئي ڪَنَ ۾.

( ٧ )

ڪالهہ وِڌائين ڪَنَ ۾، جاڏا جُنگ جهازَ،
تنهنجي اَجَ ترازَ، آهي آرَ آکينِ ۾.

( ٨ )

آهي آرَ آکينِ ۾، ناکُئا ڪِج نِگاهہ،
وَڏا ٻيڙا ٻوڙِيا، سائرَ ڏيئي ساهہ،
مَلاحظو ملاحَ، ڪِج ڪو انهِي ڪَنَ جو.

( ٩ )

ڏَنگِي وِچِ ڏَرياهہ، ڪِي ٻڏِي ڪِي آٻڙي،
هو جي واڍِي واٽِيا، سِي سونهن سَڀِ سڙِيا،

مُعلم ماڳ نہ آڪِين، ڦلنڪِي منجهہ ڦريا،
مَلاح، تنهنجيءَ مَڪُڙي، آچِي چور چڙهيا،
جِتي ڏِينگ ڏِريا، تِتي تاري تُنهنجِي.

(١٠)

پيڙِياتا پيئي، تو نہ ڦُنڊيون ڪِالهڙِيون،
سچِيون راتِيون سمهين، پر سڪاڻ ڏِيئي،
صباح سيئِي، پارِ پچُندءِ خبرون.

(١١)

بندرِ جان پيئي، تہ سڪاڻيا، م سمهو،
ڪپر تو ڪن ڪري، جئن مانِي منجهہ مهي،
ايڏو سور مهِي، ننڊ نہ ڪجي، ناکُئا.

(١٢)

سَندي مُعلمِ آسري، متا سي پَئي،
آئين پِڻ سمهو ناکُئا، بندرِ ناهہ پئي،
جِن جي لائق لَج رکي، سي سي لنگهيندا لَکيون.

(١٣)

اورِيائين آئين، سيڙِيو مُعلمِ خبرون،
سا تان سِڌ نہ ڏِين، جِتي وہ ويڌ ڪري

( ١٤ )

ناکئو نگهبان، معلم منجهي خبرون،
جن ماري کنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف سان لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنپاري سبحان، وڃي عاد نئون آکتا.

( ١٥ )

ملاحظو مهراڻ جو، مور م لاهه مناءِ،
سامونڊي سنپال ڪي، سمهڻ آيئي ساءِ،
جاکي جر مٿاءِ، تاري وانءُ تراز کي.

( ١٦ )

تاري وانءُ تراز کي منجهان موج ملاح،
داهون ڪن درياهه جيون، آونهي جا آگاهه،
سونهن جي صلاح، وٽ ته وير لنگهي وڃين.

( ١٧ )

سونهان سڏيون ڏين، هن ديواني درياهه جيون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي، رکو سچ سودين،
عجز جو آڌ رات کي، وکر وهائين،
سانت نباهيو نين، ثابت انهين سير مان.

( ۱۸ )

تون وِسرو وِير، سائِين سَنيتِ پنڌ جي،
جوڙي جنگ جهاز کي، ڪوڏ هٿائج ڪير،
وهي وڻجارن جي، بندر ڏانهن ٻير،
گهرِ تنين جي ڪير، جنِ لاڪِيدار لنگهائِيا.

( ۱۹ )

قرقل، قوتا، پارچا، پاٽيث پاتائون،
ڪوئيون قيمت سنديون، ترم تاڪيائون،
لاهِن منجهه، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ چام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇهي چوڙِيائون، سي ٻيڙيون رکين پاجهه سين.

( ۲۰ )

وِڃينءَ جان وِيهي، جرِ هلئو هانيان،
”ترُ ٻيڙا، گهرِ سپرين،“ اوسه ايءَ پيئي،
جئن وڻجارو سين وکر ٻن، سرها سيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگئا نه سيئي،
پاڻهي آءُ پيهي، ڪنڌ ڪيڙائو آئيا.

## وائي

عمرِ سيِ عبث، وِيل وِڃايمِ، وقت وڃايمِ پانهنجا.

وِيئي لِکيو لوڙِيان، جيکين کُٽو مسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهنجا.

آچِي آيا کِينَ کي رَسِ، آچِي رَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهنجا.

حالُ مُنهنجو هِڙوِجهِڙو، تان تون پِرِيمِ پسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهنجا.

قلبَ جو کارو ٿيو، کاتِبَ لاهِين کَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهنجا.

## داستان پنجون

( ١ )

سَپِئِي سَئين کَرِين، کومَ مُنجهايين واٽ،

سَهکِي کِجِ سَچا ڏِئِي، سُجي جا صِراط،

سُپيرِيان جي ساٽ، لائو لَڳو ميڙِيين.

( ٢ )

سَپِئي سُبحانَ جي، ڪَرِ حَوالي ڪَم،
نِيءُ تحقِيق تَسلِيم ۾، لاهِي غَم وهم،
قادِر ساڻ ڪرم، حاصِل ڪري حاجَ تو.

( ٣ )

چَڱَنِ ساڻ چَڱائِيون، اِيءَ سَڀڪو هوءِ،
تو جِئَن ڪَري نَہ ڪوءِ، بُڇَنِ ساڻ ڀَلائِيون.

( ٤ )

چَڱا ڪَنِ چَڱائِيون، مَٺائِيون مَٺَن،
جو وَڙُ جَڙِي جَنِ سين، سو وَڙُ سَپِئي ڪَنِ.

( ٥ )

مَينِ مَٺِي مَمرا، کَهينِ سَڌَ ڪَرِينِ،
ماٽَ نِباهِيو نِينِ، اِيءَ پِرِ مَندي سَڄَڻين.

( ٦ )

وِٽَ وِيهِي جو جي لَهِينِ، تہ ہِي ڪارِ نَہ ڪَرِينِ ڪا،
سا پَرُوڙِج ڳالهڙِي، وَڻجارَن وَٽا،
موتِي جَنِ هَٽا، آندَئِي گهٽِي آدَب سين.

( ٧ )

آسلهہ آجِ م آنِ کي، جي نہ پروڙن مَتِ،
جتِ گَڏجيئي جوهري، مائِڪ تتهين مَتِ،
جنين سون سين سَتِ، تنِ هٿِي ري رد ڪيو.

( ٨ )

سونا! وانءُ صراف سينءُ، لَڏو لاهِہ، م، لَڏ،
سودو سوئي چَڏِ، جنهن ۾ جواهر ناهہ ڪو.

( ٩ )

سونا! وانءُ صراف سينءُ، لَڏو هَڏِ م لاهِہ،
آهي تنِ آونداهِہ، جنِ جواهر ضايع ڪيا.

( ١٠ )

جو صرافنِ لَڏيو، تہ تون پڻ لَڏِج، سونَ!
قدر لهندءُ ڪونَ، نيئي گَڏِيندئي گَڏوءُ سين.

( ١١ )

وَجنِ م وِينجهارا! پائيت جي پرکنا،
ڪنير پايو آ ڪيين، لهنِ سيڪنهن سار،
موتيءُ جي مِزاج جو، قدر منجهہ ڪنار،
صرافنِئون ڏار، مائڪ مَلاحظو ٿِئي!

( ١٢ )

جي نہ سَڃاڻن سَچ کي، وِهہ م تنين وٽ،
آسَلهہ کي آڏ ڪري، پاڻا هَٿندا پٽ،
وَڃي مُهر تنين وٽ مَٽ، جي پارکو پارس جا.

( ١٣ )

قدر وارا ڪرِ ٿيا، ڪَٿا خريدار،
پاڻيٺ جي پرکٽا، وِيا سي وِنجهار،
عينڪ پائي آکيين، لهن سيڪنهن سار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ مُلاحظو ٿئي!

( ١٤ )

آکِيو ڪاٺو ڪَچ، ماڻڪَن موٽ ٿِي!
پلؤ پايو سچ، آچِيندي لَڄ مران!

( ١٥ )

ويا سي وِينجهار! هِيرو لعل وِنڊين جي،
تنين سندا پوئيان، سِيهي لهن نہ سار،
ڪنين ڪٽ لهار، هاٿي آنهين پيٺيين.

( ١٦ )

ٿا صَرافَ سَجَڻَ، پاڻَ ڪوتائِنِ جوهري،
ماڻِڪَ ڪري مَٽِ ۾، وانءِ وِڃي وٽِ تِنِ،
سَنَدَسِ نَي سَيدُ چئي، کِهڙو قَدُرُ ڪِنِ،
هاٿيِتَ نِي هِرَڪِنِ، ڪِ ڪَنچل گَڏَنَ ڪچَ سين؟

( ١٧ )

اَمَلَ، آساري هِنئي، پوري! پَکِنئي جتِ،
ڪه نه رَتِني تتِ، هِنئي آڏَ هَٽِ ڪري.

( ١٨ )

اَمَلَ، آساري پِنئي، پوري! پَکِنئي جيئَن،
وانءَ صرافِنِ سيئَن، هِنئي آڏَ هَٽِ ڪري.

( ١٩ )

اَمَلَ، آساري هِنئي، پوري پَکِنئي جانْ،
هِنئي آڏَ هَٽِ ڪري، سِري صَرافِنِ وانْءِ،
تہ سو تنهين تان، سَچو ڪرايين سيکه ۾.

( ٢٠ )

ماڻِڪَ، مَنڊَ هٿان، پيتيءَ ۾ پرزا ٿيا!
سَچو تان سَيدُ چئي، لهي لَکَ سوا،
پَکِي پَچاڻان، پدماڻ نِي پَري ٿيا!

( ٢١ )

جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو،
سنئون تن سياڳ، آمل جن اوباهيو.

( ٢٢ )

چور آيو ايڏن چوءِ، ته آءٌ اهوئي آهيان،
جي آسي آڪين هوءِ، ته لِڪي ڪي ڪونه لهي.

( ٢٣ )

چوريءَ پهت ڳجهه مين، پڌر ناهه آرٿ،
پوءِ لِڪائج وٿ، پهرين لڪائڻ ماڻهن کي

( ٢٤ )

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو، لٿي چوران لِڪ،
ويئي وجودان نڪري، جيڪا ڏڙي ڏِڪ،
هيڪ سڄڻ ئي سِڪ، ٻئي پهتا پاڻ ۾.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏيون! هاڻ پرنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون! پاڻ پرنجي.
هلندي حبين ڏي، ويلو وچ لـ ڪجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

مَـٿـا آهِن اَسرِيءَ، پَتنگ جـڻـن پڄِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
عَـرضَ آحـوالَ اَنِ کـي، ڄَـڳـيءَ پَتِ چئجي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
کـري نِـياز نِـڪـتُون، واحِـد ڏي ورِجِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
آهي موت مِڙنِ تي، گوڙيون ڪيو گَجِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
اَجَـلُ اِينـدءِ اوچتو، جـو سَـدا تـو سَجِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
آڳيان اَونـداهِيءَ جـو، سَمَرَ ساڻ ڪجِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
کَڻَ تون قوتَ قَبَرَ جو، گهڻو تو گهَرجِي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!
آڳـو عيبَ آنـهـجا، ڏِيـکـيا ڳُجهه ٻجهي،
جاڳو جوشان، جيڏِيون!

جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آمن آهي آن ڪي، جو منجهه الله آجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

## داستان ڇهون

( ١ )

تانگهي ۾ تائي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونه ڏيندءِ ڪو پيو.

( ٢ )

تارو تريو وڃن، ننڍا وڏا واهڙا،
هئي، ٻرا! آتارن، جنءِ ڳڙا مٿن مولهيا.

( ٣ )

ڏوري لهه ڏاتار، جم وهين ويسرو،
هڪئو هوج هشيار، ڪوڙ ڪوندئي اوچتي.

( ٤ )

مٿين کهڙيءَ سار، وڃ ڪونديني ويسرا،
تو جيڏا تو ٻار، لهرين لهوارا ڪيا.

( ٥ )

سَتين سَنجهيئي، وِچ ڪونديئي ويسرا،
وِير ورڻ ويئي، آسارَنِ تان اوچتي.

( ٦ )

ڪِونِ ڪِوايو، آيَئي نِندَ آياڪَ جِي،
جَنين نَہ پِئو پانيو، ڪَري توائِي تنِ ڪي.

( ٧ )

ساموندِي تو سنبهَين، ساڃو جهلِ سُڪاڻ،
لَڳِي واءُ وَڏاندرو، منجهائي مهراڻ،
جَنِين پانيو پاڻ، ڪَري توائِي تنِ ڪي.

( ٨ )

نَڪو سَڪَ نَڪتين، نَہ ويساندِ نئين،
جيڪا آچِئي سامهِين، پايين سا سئين،
موڙِي ڪوهه مَئين، جِنّ سَچِيون راتيون سمهين.

( ٩ )

آهڪِي راهه اللهَ جِي، آهڪِي، آهڪِي پَتِ،
هوءِ جِي ڏِهائِي ڏِيهه جا، تنِ ہِنِ منجهي مَتِ،
آچارانِ آبَت، ڪَهڙِج ڪهاڻِي لِينهن مين.

( ١٠ )

مَ ڪينَ هيچِ، مَ هوجِ، ترِسُ مَ، تاڻِ جهازَ کي،
چئو ڪلمون مُحَمَّدَ تي، تہ آکِيان آچِيئي اوجَ،
سَهَڪيءَ پَتِ، سَپُوجَهہ، تُنهنجي مَکِي ڏِکي مَڪَڙي.

( ١١ )

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جي، کَهٽون لَهہ کُهوري،
آدَبَ ۽ اِخلاصَ جا، سِڙهہ پَڌِجِ سوري،
وَکَرَ وِينتِينِ جو، تِنهنِ ۾ پاءِ توري،
تہ عادَ نئون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿِئي.

( ١٢ )

ثابت لنگهيا مِيرَ، لَهرِنِ لوڏِيا ڪِينَ ڪِي،
وَڃِي پَهتا پارَ کِي، نِرتون مَنجهان نِيرَ،
ماءِ پهتا مِيرَ، پارِ لَنگهيائون پاڄهہ سِين.

( ١٣ )

وِيهہ تون وِساري، چَنڊا جي چَلَوَ جا،
جو لَڪَ لِهريون ڏي، ڪَرِ ساڃاهِ تِنهنَ سَموَنڊ جي.

( ١٤ )

سمنڊ جي سيوينِ، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئينِ، تنِ سانگوڙا ۽ سِتيون.

( ١٥ )

توڻي تَوائي، توءِ تنهنجو آسرو!
سچو ڪَرِ لائي، ڪِيرون ڏِينديس جيڏيين.

واءِ

هي جي، هو جي لڪ، مون مارِيندا لڪ،
مون مارِيندا لڪ.
يا والي، ڪيچ نہ اوڏي چڪ،
مون مارِيندا لڪ.
آنت نہ ڏِجي عام کي، لوڪان ڪِجي لڪ،
مون مارِيندا لڪ.
پاڻ ۾ ٻارِيون ڪري، لِينهن وهائِجي نِڪ،
مون مارِيندا لڪ.

# ساموندي

## داستان پهريون

( ١ )

ڳگهه ڀاسي گهارِ، آيلِ ساموندِين جي،
وِجهي جِيءُ جنجارِ، جِم وَڃِنِي اوهري.

( ٢ )

ڳگهه ڀاسي ڀچ، آيل ساموندِين جي،
من ۾ ڀاري مچ، جِم وَڃِنِي اوهري.

( ٣ )

ڳگهه ڀاسي وِيھ، آيل ساموندِين جي،
تون ويسري وِک ڪٽين، هو پورِيندا ڀرڏيھ،
سمنڊ جنِ ساڙيھ، ڪوه نه وِيئين تنِ سين.

( ٤ )

جان ايندين تان آءُ، هِٿي هٿ ڳگهه ۾،
لِڳي واءُ سواءُ، مِڙهه سانباهي نه سهي.

( ٥ )

نَنگَرَ جان نہ کَٿِن، وانءُ وَهِلي نِڪري،
مَجِهِ ڏَيهہ وَجِنِ، لاڙيون پوري نا ڪَنا.

( ٦ )

نَنگَرَ ۾ ناڙيون، پَڳهہ ڪَٿِي پَنڌِ ٿيا،
بَندر بازاريون، سَڄا ساموندِين ري.

( ٧ )

نَنگَرَئُون نيٽين، مَن اولِيءَ نہ اوهري،
سپاجهين سيٽين، هائي ڳَنَ ڳِهِيو هِينئُون.

( ٨ )

سِيئِي جوين ڏينهن، جَڏهِن مَجِهِ سَفر هَليا،
روٺان، رهنِ نہ سِپرِين، آيلِ ڪَريان ڪِيئَن،
مون ڪي چاڙهِي چِيئَن، وِيو وَڻجارو اوهري.

( ٩ )

نہ سِي تَڙِ هوڙاڪ، نہ وايون وَڻجارَنِ جون،
سَرتيون ساموندِين جا، آڄ ٻَنِ چِڪيمِ چاڪ،
مارِينهون فِراق، پاڙيچيون پِرين جا.

( ١٠ )

وِيا اوهري اوءِ، مون کي ڇڏي ماڳهين،
جڳن جا جڳ ٿيا، تنان نه موٽيو کوءِ،
گونڌر مارِيندوءِ، ويچاري وِٽن جو.

( ١١ )

آءُ نهي ۾ اوهري، جڏهن جي وِيا،
سانداري سَموند جي، نِهوڙي نيا،
وَڃي تت پيا، جِتِ نهايت ناهه ڪا.

( ١٢ )

آءُ نهي ۾ اوهري، جڏهن وِيا جي،
موٽي ماڳ نه آئيا، ماءُ سامونڊي سي،
ڪارو تنين کي، جيڪس وه وري ويو.

( ١٣ )

اوڙاهه وِيا نه وريا، آءُ تنهن ماري وِڃن،
ڪري سامونڊي سين، جسي جار پرائيو.

( ١٤ )

جي وِيڙم آڄ، سي ڪڏهن ايندا مانَ ڪري،
پريان جي هن پار ڏي، وڃي دونکي ڏڄ،
سامونڊيڪو ڏجهه، ماءُ مارِيندم ڪڏهين.

( ١٥ )

اوھريا جِٺائين، ڏِکنِ تنِ ترّنِ تي،
ساموٽڊِين، سائين! واءُ سٺائو وارِيِنْ.

( ١٦ )

ساموٽڊي ساري، مٿي ترّ ڳڌاريان،
مون کي تِي ماري، آنهين سندي ڳالهڙي!

( ١٧ )

ساموٽڊي ساري، ماءُ منهنجو جِندڙو،
بَندرِ ويچاري، وڃِي لايا ڏِينهڙا.

( ١٨ )

ساموٽڊِيڪو سنگ، آهي ڪوندر ڳاڏئون،
آنگهن چاڙهي آنگ، وِيو وٽجارو اوھري.

( ١٩ )

وڃيٺي وِسري شال! جو تون سودو سِکيو،
آڃا آئين ڪالهه، موٽيو سفر سنبهين.

( ٢٠ )

ڳِريو جهلِيو روءُ، مٿي مهري هٽڙا،
ڪوءُ! سودو سندوءُ، جو تون، ڍوليا سِکيو.

( ٢١ )

آلوڙن نہ ڏئي، ور وڌائين ونجھ کي،
رھ آڇوڪي راتڙي، لالن! مون لائي،
وڃ م ڦوڙائي، ايڏي سفر، سپرين.

( ٢٢ )

مون جھليندي نہ رھيا، جڪس لبر نينھن سندوم،
قادر شال ڪندوم، ويجھي ونجارن سين.

( ٢٣ )

جڪس نبر نينھن سندوم، جڻ مون آيي، ھن ٽيليو،
سعيو سامونڊين سين، آکين تان نہ ڪيوم،
وجھن منجھ ھئوم، ھاڻ وراڪي رس سين.

( ٢٤ )

ٻيڙيءَ جي پٽن، نينھن نہ ڪجي آن سين،
آپيون ڏني ڏسن، جھ سڙھ ڏيئي سير ٿيا.

( ٢٥ )

ھينڙو ٻيڙيءَ جان، ڏتڙ ٻئي ڏينھن ٿيا،
پڇيو تان نہ ٻريان، ڪر لاھو ٿي ڪڏھين.

( ٢٦ )

تَن جَنِينْ جِي تانگَ، سي سَڄڻ سَفر هَليا،
لَئِج لاتِ، لَطِيفَ چئي، ڪَڏهن ايندم ڪانگَ،
ڪِنهن سَنّاڻي سانگَ، پِرين پَرڏيهي ڪِيا.

( ٢٧ )

تانْ ڪِينْ لَئِج ڪانگَ، ڪَڏهن ايندا مون گهرِ بِن،
سِيڻِ ڪارڻِ سانگَ، مون تانْ گهٽِيئي ڪِيا.

( ٢٨ )

سَرَ نِسرِيا ساندَ، اُتَرَ لَڳا، آءُ پِرين،
مون تو ڪارڻِ ڪانڌَ، سهسين سَڪائون ڪيون.

( ٢٩ )

سَرَ، لوهِيڙا ڪِيا، ڪَسرَ نِسريا،
تو ڪِئَن وِسرِيا، ڍوليا! ڏِينهَن اَچَڻ جا.

( ٣٠ )

جيڪَر آچِي هاڻِ، تَہ ڪَرِيان روحَ رَچنديون،
آيلِ ڍوليئي ساڻِ، هوندَ ڪَر لَڳِي، ڪاڻهيون ڪَرِيان.

( ٣١ )

آيلِ ڍوليئي ساڻ، آچِي تَہ جهيڙيان،
”لائِيي ڏِينهن ڪهڻان، مون سين ڪيئي تورڙا.“

( ٣٢ )

ڊوليو وِئڙو ڏورِ، تي ٿي مِيءَ ڳڏاريان،

مادرِ مون ۾ چورِ، نا تہ پدّرِ هوندي پرينءَ ري.

( ٣٣ )

لاهيندا ٿي ڪنِ، ڳالهيون هلڻ سنديون،

ڏيندا مون ڏکنِ، وَهِہ وِجهندا جندڙو.

( ٣٤ )

مون کي جياريو، پرينِ جي ڳالهہ ڪري،

ڊِئو آڄ آڏيو، هِينڙو ڪوٽ برج جِنّ.

( ٣٥ )

وانءُ وَجي وائٽِ، هينڙا ماکَ پرين جو،

چميو، چمَ چائٽِ، هوءَ جا سندي سجٽين.

( ٣٦ )

آئون جَنِ آساري، مَٿي تڙَ ڳڏاريان،

مون کي وِساري، شال ۾ وِڃنِ اوهري.

( ٣٧ )

آساري آهيين، مٿي تڙ ڳڏاريين،

تون ڪِئن وساريين، سنگت ساموئڊين جي.

( ٣٨ )

سَنهي لَڪِ، نَڪَ سَٺِين، ڪَجل پِئِنِ نين،
سامُونڊي، مُون سين، ڪَ تو ڪالهہ لَنگهائيا؟

( ٣٩ )

هِي سَڄَڻ سِيڻِي، جي مُون ڪوڏ نِهاريا،
اِيندمِ جانْ پِيهِي، تہ سَڀِ لاهيندمِ ڏُکَڙا.

( ٤٠ )

چَمَڪِيُون چوڏارَ، ڏَجُونَ ڏاڙيچَنِ جِيُونَ،
ماءِ سامُونڊي آئيا، سَهسين ڪري سِنگارَ،
آنهِين جي پَچارَ، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

## وائي

( ١ )

ڪَرَهل هانئِي لَڳَ، ڪَہ نَہ وِيٺينءَ آنِ سين؟
آجارِيائُون اوليُون، ڏَٺارِيائُون ڏَڄَ،
ڪَہ نَہ وِيٺينءَ آنِ سين؟
مَتانَ وِهين وِيسري، آئِي پُورَل پَڄَ،
ڪَہ نَہ وِيٺينءَ آنِ سين؟
سِيٺِنِ ساڃهر لَڏيو، تون آئِي نِهارين آڄَ،
ڪَہ نَہ وِيٺينءَ آنِ سين؟

ڪالهہ سِبايِئي ڪنجرو، آنڱون پاتيئي آڄ،
ڪہ نہ وِيئين ۽ آنِ سين؟
ڪير سٽندو تنهنجيون، آدورائون آڄ،
ڪہ نہ وِيئين ۽ آنِ سين؟

## وائي

( ٢ )

وِيندي آئون هوتنِ وٽ، مون وهہ وڻجارنِ سين.
پـکيھ ڪن م، پاٽي، جانِي مون لئي جتِ،
مون وهہ وڻجارنِ سين.
وايون وڻجارنِ جيون، آديون آڄ نہ هتِ،
مون وهہ وڻجارنِ سين.
ڪرهيان سور سفر جو، هلي پنهنجي آرٽ،
مون وهہ وڻجارنِ سين.
پوريندِس پرينِ ڏي، ڪانہ ڪرينديس گهٽ،
مون وهہ وڻجارنِ سين.
ڏيئي سڙهہ سير ٿيا، پير نہ لائيون پٽ،
مون وهہ وڻجارنِ سين.

# داستان پيو

( ١ )

پَران، مانَ پَچان، بَندرَ مون ڏورَ ٿيا،
نَ مون هَڙِ نَ هَنجِ ڪين، جو آئون چَئي چَڙهان،
ايهين ڪِجِ ماٺِڙِي، جنهن پِرِ پِرِين مِڙان،
ڪارون ٿِي ڪَريان، تو دَرِ آيِي، ناڪَشا.

( ٢ )

هَڙَ ۾ ڪِين هيونِ، هونهئين هَنِ نَ چاڙهِيا،
سارو ڏِينهن سَمونڊ تِي، لهي مِيج وِيونِ،
جِڏهِ سائينءَ سَبَبَ ڪِيونِ، تَڏهِ سَتَرَ ٿِيا، سَيَدُ چئي.

( ٣ )

آمان آڏارا، آئي آونگ چاڙهِيا،
مَنهن ڏيئِي مون آئيا، سَمهان سيارا،
آيِرنِ سِيڪارا، پَسيو وَرَ پِينِ جا.

( ٤ )

مون آيِي تَڙَ وَٽِ، پِرِينِ پَکَهہ چوڙِيا،
ڪا مَنهِينِ ۾ ڪَهٽِ، نات سَجَڻ سَاجها گَهٽون.

( ٥ )

مون آڻي ترُ هيٺ، ٻرين ٻڪڙهه چوڙيا،
ڪا منهنجي ڏيٺ، نات سڄڻ سڀاجها گهڻون.

( ٦ )

مون آڻي ترُ جهل، ٻرين ٻڪڙهه چوڙيا،
ڪا منهنجي ۾ آل، نات سڄڻ سڀاجها گهڻون.

( ٧ )

مون آڻي ترُ ٻاس، ٻرين ٻڪڙهه چوڙيا،
هو الله هارا آهريا، آءٌ دمدم دعا ڪنديس،
آه نه لاهينديس، موٽي ايندا مون گهرين.

( ٨ )

ڪيڙائن ڪارو، منجهيئي ماريو،
آيل آمارو، آهن ٻريين ٻار جو.

( ٩ )

ڪاري ڪيڙائون، متي مٿي سونيا،
سودو ڪن نه سون جو، وڏا وهائون،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعون،
سامونڊي سائون، لنڪا لوڙي آئيا.

( ١٠ )

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوهريا،
سٽي سون لنڪا جو، سڪ نہ ساموندين،
پره پڳه چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ڀاڳ ڀرن، جي کهيا ڪارونيار ڏي.

( ١١ )

ونجارن وري، پره پڳه چوڙيا،
اوليون پسي آن جيون، هئڙم ڳچ ڳري،
ويندس ماءِ مري، ساري ساموندين کي.

( ١٢ )

ونجارن واري، پره پڳه چوڙيا،
ڪيڙائو ڪاري، سنپوڙا، سيد چئي.

( ١٣ )

ونجاري وائي، سدا آه سفر جي،
آيل ايهائي، مون ماريندي ڳالهڙي.

( ١٤ )

ونجاري جي ماءُ، ونجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماهہ، ٻيو تو سفر سنبهي.

( ١٥ )

وڻجاري ڪانڌءَ، مون ور ويئي گهاريو،
لڳي آتر واءَ، ڍوليو هلڻ جيون ڪري.

( ١٦ )

جي تون وڻجارو ڪانڌ، ته مون هڏ م لائون لڏيون!
پرڏيه مٿي سانگ، آئي ٻهر جنهن ڪيو.

( ١٧ )

پرڏيه پوريائون، ساموندين مڙه سنباهيا،
مان تن مارياٺون، پاٺان وجهي گوندرين.

( ١٨ )

ٿيا ڏياريءَ ڏينهن، ساموندين سفر جي ڪئي،
مون سر وٺا جيڏيون، ڏکن سندا مينهن،
ڪيس نماڻي نيهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

( ١٩ )

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سپرين،
روٺان رهن نه ليک سينءَ، جهليان جهل نه ڏين،
وره ويڌ ڪرين، آيل ساموندين جا.

( ٢٠ )

ڏِئي ڏِياري، ساموَنڊِينَ سِرّہ سنباهِيا،
وِڄهيو وَرَ وَنْجهہ کي، روئي وَڻجاري،
مارِينديءَ ماري! پِرہ سور پِرِينَ جا.

( ٢١ )

ڏِئي ڏِياري، ساموَنڊِينَ سِرّہ سنباهِيا،
اُنِ کي مَندَ اُترَ جِي، اوچِتي آئِي،
وَڻجارَنِ وائِي، آهي پِرِيَنِ پارَ جِي.

( ٢٢ )

ٿِي ڏِياري ڏِيہہ، ڍوليو هَلڻَ جي ڪري،
مَکيو پنهنجِي مَڪَڙِي، چِيٽي چڱَيءَ چيٽ،
رُوئان رهنِ نہ سَپِرِين، جانِڪين جهلِيان بيٽ،
مون سِين ڪري ميٺ، سڄڻ سَفرِ هليا.

وائي

( ١ )

آئين آڇِي پسو، جيڏِيون! ووءِ! هِي جو وَہ منهنجِي جِنْدڙي.
پائي وِنڙا پير، منجهان ڪَرِسَ ڪَسو،
ووءِ! هِي جو وَہ منهنجِي جِنْدڙي.

ڏيئي وِئڙا ڏاهِ کي، سورنِ جو سرسو،
ووءِ! هِي جو وهُ منهنجي جِنڊڙي.
آءٌ ڏورِيندي اَن کي، ڏيئِي تن تسو،
ووءِ! هِي جو وهُ منهنجي جِنڊڙي.
ساءُ نہ آيان سور جو، هاڻِي ٿيون هسو،
ووءِ! هِي جو وهُ منهنجي جِنڊڙي.
مَتان وهو، ويسريون! رڙهو تي رسو،
ووءِ! هِي جو وهُ منهنجي جِنڊڙي.
مَنداڻِي مِينهن جِتّن، ويروتارِ وسو،
ووءِ! هِي جو وهُ منهنجي جِنڊڙي.

وائي

( ٢ )

آئين مون کي، زورِ ۾ جهليو، جيڏيون،
ووءِ! آئون هَلندي هوت ڏي.
اُونهي وِنڙا اوهري، تـرازون تاري،
ووءِ! آئون هَلندي هوت ڏي.
مَري رَهنديس ماکِهين، سامونڊي ساري،
ووءِ! آئون هَلندي هوت ڏي.

سور تنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،
ووء! آئون هلندي هوت ڏي.
هاڻ نہ جيان جيڏيون، آئون ڪنيس ڪوهياري،
ووء! آئون هلندي هوت ڏي.

## وائي

( ٣ )

آيل ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.
ويو ونجارو اوهري، مون کي ڇاڙهي ڇيئن،
منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.
سامونڊين جي سڳ کي، روئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.
اڏوهيءَ جئن ڏڪرا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن،
منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.
گولدر متاع چندڙي، وريا ولن جيئن،
منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.
سادر پاڻي منديون، وڃان هاديءَ سيئن،
منهنجو نينهن آهليو نہ رهي.

## داستان ڏيون

( ١ )

جي وِيا ڀِرئين پور، آهيان گهوري آنِ جِي،
سامونڊيڪو سور، ماءِ مارينڊمِ ڪڍهين.

( ٢ )

سامونڊين سعيو، سدائين سفر جو،
ڪو ڏينهن ڇتايو، اولهي وڃِن اوهرِيا.

( ٣ )

آجَ پڻ وايون ڪنِ، وڻجارا وڃڻ جيون،
آئِي پهر آئنِ، سعيو ڪنهن سفر جو.

( ٤ )

آجَ پڻ وايون ڪنِ، وڻجارا وڃڻ جيون،
مون آيپئِي هليا، بندر جن ترَنِ،
سرتيون سور سندنِ، مون مارينڊو جندڙي.

( ٥ )

آجَ پڻ وايون ڪنِ، وڻجارا وڃڻ جيون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نہ رهنِ،
آءٌ جهلينڊي ڪيترو، آيلِ سامونڊينِ،
ٻَنِهه چوڙي جنِ، وِڏا پيڙا پارِ ۾.

( ٦ )

لاھِيان جي نہ چِتان، آلا! آنِ م وِسران،
مِڙھيو منجھاران، جِيءَ مُنھنجو جَنِ مِينُ.

( ٧ )

چِتان جي نہ چِرنِ، آلا! آنِ م وِسران،
مون مَنَ آھي تنِ، مِڙھيو منجھارا ھِينئين.

( ٨ )

تڙين تنوارينِ، ماءُ ساموِنڊِي آئيا،
مون کي جِيارينِ، وايون وِڻجارنِ جيون.

( ٩ )

اولا کَٿي آءُ، سِکَڻ چوڙي پنڌ پِيا،
آيلِ ساموِنڊِينِ جي، آءِ آڙانگي جوءِ،
کڏھن ڏِسنديس روءِ، وري ھِنِ آکين سين.

( ١٠ )

لَکِي آتَرَ ھيرَ، ساموِنڊِينِ سڙھ سَنباھِيا،
ننگر کٿي ناکٿا، ٿِيا سٿاوا سِيرَ،
ھِينڙي نِتَ اکيرَ، کارِي کيڙائن جي.

( ١١ )

لکي آتر آهريا، واهونڊن ورن،
آءُ ڪَهٽوئي کهوريان، سان سودو سامونڊن،
آڳ جن آچن، عيد ورتي ان کي.

( ١٢ )

آڳهِ آيا جانءِ، تہ سرتيون، مون سُک ٿيا،
آسل ٻرين مٿان، ٻرڪيو ٻئن ڏيان.

( ١٣ )

آئي آتر منڊ، هينئين آڌڪو نہ لهي،
ونين لاچوبند، پيهر مکن پيڙيون.

( ١٤ )

لاچو ٿا لون، آچن سڙه آڻيا،
ڪارن تن ٻرين، ويئي وات نهاريان.

( ١٥ )

سڙه سجائيو چوءِ، "ماءِ، سامونڊي آئيا،
مان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾".

( ١٦ )

مِڙهُ ٿِي سِپِيائُون، بندرجن ترّن تِي،
مِڙهُ مِڙِي ماڇا ڪَرِي، ڪوهہا ڪَنيائُون،
بيرقون بحرن ۾، چوڙِي چڙهيائُون،
لهرِيون لنگهيائُون، لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ١٧ )

مِڙهُ ٿِي سِپِيائُون، بندرجنِ ترّن تِي،
مُلا معلمِ خبرون، پڇِي پوريائُون،
ستڙ سونِيائُون، آوترِ ڪنهن نہ اوليا.

( ١٨ )

بندر ديسان ديسِ، مَلَ نہ مِلِي وارِيين،
فقيرائِي وِيس، آمل ڏِينِ آتورِئا.

( ١٩ )

پتڻِ پوءِ پچار، آن ڪِي مِڙهُ وِيندا گڏيا؟
اَڪنڊِ مون آهارَ، شالَ منهنجا مونِيا.

( ٢٠ )

آپِيون ترّ ۾ڄين، وهون وَنجارنِ جيون،
آئيو آڪا ڏِينِ، ڪَتوري سَموندِ ڪِي.

( ٢١ )

جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ هوڇارا هوڇيا،
هنيم آميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

( ٢٢ )

واڻنئيون ٿيون وڙڪن، آڇا مڙه نه پڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

( ٢٣ )

ڪوهن سر واڻنئيون، واڻنئين سر ڪِنڊي،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڊ، ماءِ سامونڊي آئيا.

( ٢٤ )

جر ترِ ڏِيا ڏي، وڻ ٽِڻِ ٻڌي واڻنئيون،
”آلا! ڪانڌ آڇي، آسائتي آهيان.“

( ٢٥ )

جا جرِ جاٽون نه ڏِئي، ڏِيا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جيون.

## وائي

( ١ )

پِرينِ جي پَنڌان، مُون ڪِي جي جهَليندِيُون،
مَي نَہ پَچَنديُون.

پَلَي ڪري آئيو، نانارو ڏيهان،
مَي نَہ پَچَنديُون.

پَڳِي ڪِٽَ سَجِي ٿِي، لَٿِي جاڪ ڳَران،
مَي نَہ پَچَنديُون.

مَرَتِينِ سُور پِرائِيا، هائِي هَنِ هَنڌان،
مَي نَہ پَچَنديُون.

تان ڪِين واسُ وِهائيو، پاروچِي مَلان،
مَي نَہ پَچَنديُون.

تان ڪِين ڏُونگرَ ڏورِيان، جان ڪَرَہ آندرِ ساهَ،
مَي نَہ پَچَنديُون.

مَتيُون مُوتَي مَنديُون، تُون هُنَ آچِ مِ ماءُ،
مَي نَہ پَچَنديُون.

## وائي

( ٢ )

تَڙَ نِهارِيان تي، سَنهنجا بَندَرِ وِڙَا جي،
مان سِڙه سَجاڻان سَجڻين.
آيِي اوسهِ پائيان، ڪارڻِ وِڻجاري،
مان سِڙه سَجاڻان سَجڻين.
ڪَهڙون آڪندي آهيان، پرينءَ سنهنجي ڪي،
مان سِڙه سَجاڻان سَجڻين.
آسائتي آهيان، آلا! ڪانڌ آچي،
مان سِڙه سَجاڻان سَجڻين.

# ڪاموڌ

## داستان پهريون

( ١ )

توَن سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڙين روءِ، متان ماڳر مڃين.

( ٢ )

توَن سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب آپار،
پسي لِي لغار، متان ماڳر مڃين.

( ٣ )

توَن سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ،
پسي ڪکي ڪوڙ، متان ماڳر مڃين.

( ٤ )

توَن سمون، آئون گندري، عيب مون ۾ ويهه،
پسي منڪي ڏيهه، متان ماڳر مڃين.

( ٥ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ ئي سک،
ڪارڻ رب آلک، متان ماڳر مٽيين.

( ٦ )

تون تماچي، تڙ ڏني، آئون مهاڻي مي،
مون ڏهاڪ ۾ ڏي، آئون جا نالي ميس تنهنجي.

( ٧ )

تون تماچي، تڙ ڏني، آئون گندري غريب،
توسين جام قريب، ڪي ڏن چڏائي، ڏيج مون.

( ٨ )

ڪاڄ جنين جو ڪيون، مال جنين جا مڏ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيٺا جن جا هڏ،
جام پرتئي لڏ، مانگين جي سيد چئي.

( ٩ )

جارا ۽ ڪارا، مال جنين جو سڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪيي، آچن سوارا،
جي ميءَ مڇيءَ مارا، سمي سي سيڻ ڪيا.

( ١٠ )

ڪِکيءَ هاٽيون ڪاريون، چڇيءَ هاٽا چڇ،
پانڌ جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمون چام سهج، آيو ڪري آن سين.

( ١١ )

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نه موچاريون،
وٺي ويٺيون وات ٿي، ڪِکيءَ جيون ڪاريون،
آلهين جيون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

( ١٢ )

چاريون، ڪاريون، چڇ، چپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن، وهن سر پاند ڏيين، سيٺي بدبو هاڻ،
ندڙن جئن لطيف چئي، پاڻيءَ وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پانهنجي.

( ١٣ )

گند جن جيءَ گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ،
آنهين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

( ۱۴ )

ڳَند ڄَڻِ ڄِيءَ ڳوڏِ ۾، ڳاہوڙا پينام،
آنهين کي اِنعام، مَچر مِڙوئي ٿيو.

( ۱۵ )

ڳَند ڄَڻِ ڄِيءَ ڳوڏِ ۾، مَٿَنِ تي سوڙِهوَن،
آڇنِ سنيہوڙِيون، سَمي ڄي سلام تي.

( ۱۶ )

ٿِيا تَماچِيءَ ڄامَ سين، مَهاڻا مَحرُومَ،
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ ڳَندرِيءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ،
ڄي ڪِينجهر، ڄي رُومَ؛ تہ سڀ اِنعامِي ٿِيا.

( ۱۷ )

نَہ وَڍِي، نَہ وِڪِڻِي؛ نَہ مارِي، نَہ ڏارِي؛
ڪارو وِڏائين ڪوہ ۾، نِرتون نِهارِي،
سائِي ہِرِ ہارِي، جا ڳهرِ سَمي ڄي سپڄِي.

( ۱۸ )

نَہ وَڍِي، نَہ وِڪِڻِي؛ نَہ ڪَٽِي ۾ ڪارِي؛
آهِجَ، سَهِجَ، ساهِمِيوَن، ڏَرِيان نَہ ڏارِي،
سائِي ہِرِ پارِي، جا ڳهرِ سَمي ڄي سپڄِي.

( ١٩ )

پاپوڙو پيش ڪيو، نوريءَ لئون ليئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.

( ٢٠ )

مهاڻيءَ جي من ۾، نه گيرب، نه گاءُ،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءِ،
سمون سين ملاءِ، هيريائين حرفت سين.

( ٢١ )

نوريءَ جي نياز جو، عجب آجهل هوءِ،
سمون سر سين ۾، ميءَ مورچيو سوءِ،
آچيو آيين پوءِ، حجت يڪي راڻيين.

( ٢٢ )

ميءَ مڇيءَ ۾ هٿڙا، ويئي ڪري ورن،
راءِ اکين رکيي، مهاڻي منجهه من،
تماچيءَ جي تن، ڳالهيون چيس ڪجهيون.

( ٢٣ )

هٿين، پيرين، لڪئين، منهن نہ مهاٽي،
جئن سڳو وچ سرندڙي، تئن راٽين منجهہ راٽي،
اصل هئي آن ڪي، آهل چاماٽي،
سمي سڃاٽي، پيڙو پڌس پانهن ۾.

( ٢٤ )

ٿهڙو ڪينجهر ۾، ڪين پيو، جهڙي سونهن سندياس،
مڏ، مياڻيون، مڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مورچل مٿاس، هئي چام هٿن سين.

( ٢٥ )

تڙ تماچيءَ جام جو، تماچي تڙ راءُ،
تماچي جي تڪئين، تون تماچي ڳاءُ،
تہ تون تماچياءُ، تماچي تڙ لهين.

( ٢٦ )

سڀ سميون، سڀ سومريون، سڀني ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول تن جي ڳس، هيٺايون هلن جي.

( ٢٧ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي چامن جيون چايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، آڳھ ٿي آيون،
گولڊر گمايون، جهڙي سپ جهڙپ سين.

( ٢٨ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي آچنِ آونچي ڳاٺ،
ور سي ڪينجھر چائيون، جنِ تماچيءَ جي تات،
راڻينِ ملا رات، ماڻڪ ميءَ ڀرائيو.

وائي

هيري همٿ وڏائين، ويهي سائين وِچ ھ.

نوازش نوريءَ جي، آهي تماچيءَ تائين،

ويهي سائين وِچ ھ.

ڪنڌيءَ گوشو ڪيو، عطر اوتيائين،

ويهي سائين وِچ ھ.

آنڌا منڌا آئيا، سخا سڌ وڏائين،

ويهي سائين وِچ ھ.

پسو جود جوان جو، ڪو هنڌ ڪون منيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

قيمت ڪميڻ سين، جهڙي وٽ وٺيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

موتي مڇيءَ هٿ تي، ڪوڙن جڻن ڪيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

ماڻڪ مياڻين ۾، چلرن جڻن چڻيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

ڏيئي سون سوال ۾، رهي راند ڪيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

پاڻيٺ آئي پاڻ سين، لعلون سڀ لڻيائين،

ويهي سائين وچ ۾.

فيروزا فقيرن تان، گهوري سڀ گهوريائين،

ويهي سائين وچ ۾.

آتي عبداللطيف چئي، اڇلي آمل ڏنائين،

ويهي سائين وچ ۾.

## داستان پيو

( ١ )

سِر صَلابت، سپرين! مَرڪَن، تون ۾ مَريج،
آهِين ٿار آڪين جو، وَٿان مون ۾ وَجِيج،
تَماچِي تَڪِيج، ڪو ڏِينهَن ڪِينجهَر ڪَنڌِين.

( ٢ )

ڪو ڏينهن ڪِينجهر ڪَنڌِين، تون تَماچِي تَڪ،
اُونچو نِيوم آڪ، مون ڪر مَلاحن ۾.

( ٣ )

هيٺ جَر، مٿي ميَر، پاسي ۾ وٽراءِ،
آچِي وِجِي وِچ ۾، تَماچِيءَ جي ساءِ،
لَڳِي آتر واءِ، ڪِينجهر هندورو ٿِئي.

( ٤ )

هيٺ جَر، مٿي ميَر، ڪَنڌِيءَ ڪونر ترن،
ورٽي واهوندن، ڪِينجهر ڪٽوري ٿِئي.

( ٥ )

هيٺ جَر، مٿي مَيَر، پاسي پِرين سنداِم،
ڪوڙين ڪاج سِڏام، آئُ سِڏو ڪون رهيو.

( ٦ )

سميون ڪري سينگار، راءِ ريجھائڻ آئيون،
چام ھٿ ۾ چار، چلي چبرن وچ ۾.

( ٧ )

مِيءَ ھٿ ۾ مڪڙي، چام ھٿ ۾ چار،
سچو ڏينھن شڪار، ڪينجھر ۾ ڪالھ ھيو.

( ٨ )

جيلانھن نوري نوازيئين، ٽيو تماچي تي،
گاڏيءَ چاڙھي گندري، ماڙھو ڪيو مِي،
ڪينجھر چوندا ڪي، ته سچ سيائي ڳالھڙي.

( ٩ )

پکن پوءِ پچار: "آج تماچي آئيو"،
مرڪن ملاحن جا، مٿي پانڌيءَ پار،
وڏي چام چمار، جنھن ميائيون موڪيون.

( ١٠ )

پکا پکاريو، چام تماچي آئيو،
گوندر لاھيو، گندريون! آتڻ آجاريو،
ڪينجھر قراريو، سمي سام بخشئي.

( ١١ )

ڪو جو ڪامڻ ميءَ، آهي آڪڙين ۾،
تن تماچيءَ ڄام جو، ناپيون پايو ني،
عشق اِيئن ڪري، جئن ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو.

( ١٢ )

ڄامان آڳي ڄي ڄائيون، تن جي نرت نوريءَ ڪي نانهه،
نہ منهن، نہ مارڪي، نہ وڃن ڪنهن وِيهانءِ،
سي ڪينجهر ڪنديون ڪانهه، جن تماچي تڪيو.

( ١٣ )

نہ ڪنهن ڄايو ڄام ڪي، نڪو ڄام وِياءُ،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، مين آه سياءُ،
"لم يلد ولم يولد" اِيءَ نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

## وائي

تنهن کي ڪير چولدو مي؟ آڙي! اِيءَ سمي جا سمنگي.
سمي جي سهاڳڻ جو، مينڍو ڳتو مي.
ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو، عشق اِئن ڪري.
جن وهڻ نہ ڏٺي وٽ ۾، تيا سلامي مي.
عالم انعامي ڪيو، نوريءَ ناز ڪري.

# سسئي آبري

## داستان پهريون

( ١ )

آوَلِ آخرِ آهِ، هلڻ مَنهنجو هوت ڏي،
پورِهيو سندو پورِهيتين، واليِ! ڪيم وِجاءِ،
ٿڪيءَ ٿورو لاه، جِئَن جِتِري مِلي جَت کي.

( ٢ )

ڏري ۽ ڏاري، سَت سونَرِ جي سسئي،
پيائي پَنهونءَ ڏي، نِرملِ نهاري،
لالن جي، لَطيف چئي، سونهن سَتي ساري،
پريتئون پاري، مارَگ ۾ مَنڌَ مُئي.

( ٣ )

جي سِجهائي سِڪ، ته پَڻ سِڪي سسئي،
پيتائين پَنهونءَ سين، هڏِ نہ پِڳيس هڪ،
اِنَ ترَ منجهان تِڪ، ڏِني پاڻَ آڇ ٿِئي.

( ٤ )

پسي جهاجهہ جمال جي، جنين ڀيتي ڀڪ،
آهر آڳانجهو ٿيو، سوُر انهين کي سِڪ،
هڏِ نہ پڳين هڪ، سدا سائر سير ۾.

( ٥ )

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تارِ،
پي ڀيالو آچ جو، آچ سين آچ اتيارِ،
پنهون پاڻ پيار، تہ آچ سين آچ اجهائيان.

( ٦ )

محبت سندو من ۾، پر پيالو جن،
پيئڻ ڀرچا لاهہ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهہ ڏين،
تنهن نهايت ناهہ ڪا، جنهن سچا سچ وڃن،
تيلانهن آچ مرن، سدا سائر سير ۾.

( ٧ )

سدا سائر سير ۾، آندر لهي نہ آچ،
پسڻ جو پرينءَ جو، سا سيائي سچ،
تيلانهن مرن آچ، سدا سائر سير ۾.

( ٨ )

ساڄن ڪارڻ سَچ، مَر قبولي سسئي،
آندرِ جنين آڳ، پاڻي آڃيو آن ڪي.

( ٩ )

پاٺي مٺي جهوپڙا، مورک آڄ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نه لهن،
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جڻن.

( ١٠ )

سسئي ڪين سمجهيو، اوري آريءَ ماڻ،
ڪري پيڪ پنهونءَ سين، پاڌارياڻين پاڻ،
جت وڃايو ڄاڻ، پاڻين پاروچن سين.

( ١١ )

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مِرُوئي لهسيو،
آيِن منجهان آئيو، "هئي هئي" جو هڳاءُ،
طيورن تنواريو، پنهونءَ پڇاڻاءُ،
رسيو سور شبان کي، وحوشن وناءُ،
مروئن موت قبوليو، آپر افسوساءُ،
برهه ڪن بڪاءُ، آڪنڊيا آريءَ لئي گهٽون.

( ١٢ )

مَهند مُحتاجي ڪري، ڳُنيءَ ڀير ڪَڍج،
کِيلياڻِيا ! کيچ ڏِي، حَج مَ هلائيج،
پاڻان ڏار پرِيَتَون، سسئِي! ساڻ ڪَڍيج،
اوڏي عزازِيل کي، وِيجهي تان مَ وڃيج،
نا اُميدي نيج، تہ اوڏي ٿِيين اُميد کي.

( ١٣ )

مَهند مُحتاجي ڪري، حَج وِڃائي هلُ،
عذرخواهيون، عاجِزيون، سسئي ڪنهن مَ سلُ،
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لِڱون ري ڪونهي للُ،
اِيَ پلائيءَ جو پلُ، جِنَ ڀاسي ٿِينَ ڀاڻُ ڪان.

( ١٤ )

وِهُ مَ منڌا پنهور ۾، ڪر ڪو واڪو وسُ،
ٻانهي ٻاروچن جِي، ڳولي ڇڏِ مَ ڳسُ،
ڏورڻ مَنجهان ڏسُ، پوندءِ هوت پنهونءَ جو.

( ١٥ )

وِهُ مَ منڌا پنهور ۾، هاڙهي هڏ مَ هلُ،
ڪوڙي ڪِج مَ ڪڌِهين، سچي ڳالهہ مَ سلُ،
جانِبَ لئي مَ جلُ، سور وِسارِ مَ، سسئِي!

( ١٦ )

سَڪين ٽِي ۾ سنڌي، پسي ڏک ۾ ڏرِ،
پَنِي ڪَرِ ۾ پانهنجو، ڳهوري! آڏ ۾ ڳهرَ،
ماري! هَڏ ۾ مرَ، مچن جي جيارئين.

( ١٧ )

سَڪين ٽِيي نہ سنڌي، ڏُڪين تان نہ ڏري،
اوري هڏ نہ آپِيي، پري تان نہ پري،
مرتيون! تو نہ مري، بنهين ري بالپن ڪي.

## وائي

( ١ )

تن من منجهہ تنوار، هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
تنن چِٽِڪن چت ۾، جنن سا ڳهنڊيءَ لار،
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
لڳي اَڄَ آڪِين ڪي، مِکهو سوٽ، ستار!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
پسان ڪِين پريتون، ڪاڏي پرت پچار؟
هو يار! سدا آهي سڪ جي.

بَنديائي پَنهوَر ۾، آهِيان آهِٺان ڏار،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

مَون کي ڇَڏِ ۾ ڇپرن، آريائي آڏار!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

ڏيان خِيز خِزان ۾، جي تو منجهه بهار،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

سَڌر تان مَون کي ڪيا، حَڪيمن هزار،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

دَوا آهيين دِل جي، وارو واقف ڪار!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

آئي ڏي عَليل کي، مَعجُونَون موچار!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

## وائي

( ۲ )

مَون کي تان جَهل ۾ پائيو، وو جيڏيَون!
آئَون هَلندي هوت ڏي.

هِي جو بار پنهور جو، لوڻي تان سڀ لاهيو،
آئَون هَلندي هوت ڏي.

آهي عاجزنِ تي، پسن سندو ساعيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نه مون پڻ نه پايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

وهاري وطن ۾، شهدي ڪي م سڪايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪنلِ ڪجائنِ ۾، چاڙهي هيءَ هلايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

سنهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي، ريبي تان م رهايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

## داستان پيو

( ١ )

هيج نه هوندو جنِ، سي ڪئن وندر وينديون،
وهو وچ رهن، سهسين سڌن واريون.

( ٢ )

سڏائتي سيڪا، بڪ نه بامي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جيءَ مئو جا نه ڪري.

( ٣ )

ڪيچ نہ جنبڻ جاءِ، تہ ڪا ھلي ھوت ڏي،
مون سين ھلي ساءِ، جا جيءَ منو نہ ڪري.

( ٤ )

آتڻ ۾ پرياڻ، ھو سڀني جيڏيين،
مون سياڪيءَ ساڻ، ڪير چلندي چپرين.

( ٥ )

سڪن واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين آڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٦ )

پينرا آئون پوري، مون سگ سچاڻي نہ ڪيو،
ڏيندا مون ڏير ويا، جهجهڻ ۽ جهوري،
لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٧ )

آديون آئون آجاڻ، مون سگ سچاڻي نہ ڪيو،
ھوند نہ سنيم ھيتري، ڪوھياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رھاڻ، جي آڙايم جت سين.

( ٨ )

ڏونگر نہ ڏوري، سِڪُ جيون سڏون ڪري،
وِني گهر گهوري، مٿان پرين چنڊڙو.

( ٩ )

وريتيون ورو، آئون نہ ورندي ور ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهيِنديس ترو،
جتن ساڻ ڏرو، لينهن نِبيرو نہ ٿيو.

( ١٠ )

وجو سپ وري، آئين جي ورن واريون،
قوڙائي فراق جي، سڄي ڳالهہ ڳري،
ٻنيان جن ٻري، ڏونگر سي ڏوريندون.

( ١١ )

وجو سپ سوني، آئين جي ورن واريون،
ڪان هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو م ڪوني،
ڪڍيم ڪاچوني، وڌم جوڳ جتن لئي.

( ١٢ )

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌ! ميٺاني وڃ،
پريتڻون م پڃ، ساڻ چڙهندو لڪيين.

( ١٣ )

اَڄ مِلندِيس ماءُ، ڏاڍا ڪندِيس ڪوڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م ماءُ،
هوت ٻاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

( ١٤ )

سَنڌيون مور ڪَرِينِ، هَڏَ پڻ ڏَڪَنِ هوت لئي،
پِرِينِ جي پاڻَ ڏِنا، سي سَتي سُکَ نَہ ڏِينِ،
جي ماڙهنِ کي مارِينِ، تنِ سورنِ کي سَڏ ڪرِيان.

( ١٥ )

مون کي پائي پاڄ، ڏير ڏوراٽا هليا،
آڳيان آئي اَنِ جي، خوف نَہ پکم ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڳايمِ ڳاڄ،
سا مون هٿان نَہ ٿِئي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آئون آڪاڄ، پول ٻاروچي وِترو.

( ١٦ )

تو جو پول، پروچ! ويهي ڪيو وٽڪار ء،
سوئي ٻارِج، هوت! وِلهيءَ مون معذور مين.

( ١٧ )

ڀورين توں ڀاريج، ڀارڻ ڀوءِ ڀنهونءَ تي،
ٻول ۾ وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

( ١٨ )

جان ساماٿيئن، مسئي! تان ويس وڙن جو ڪر،
لاهي لڄ، لطيف چئي، ٿي بيگارياڻي ٻر،
ته ويندي ٻوٿي ور، آڳيان هوت حضور ۾.

( ١٩ )

توسين ٻول ڀون، سهسين ساڃن جي ڪري،
ڪنديون توءِ ڪهون، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو.

( ٢٠ )

مٺي ٻول سندان، جم سمهين مسئي،
ڪنديون ڪهه ڪيتان، جهه مي آن اورانگهيا.

( ٢١ )

سج آلتي مسئي، رت ورٽون روءِ،
ڀي نه پانڌي ڪو، جنهن ڪر ڀچي لوءِ،
موڙهي وڃي توءِ، موڙن جي ڪان ڪري.

( ٢٢ )

ڇلان، منجھہ نہ ڇاڪ، پران پونم پرڪٽان؛
متان ڪا منڌ ڪري، موٽڻ جي مذاق،
چٽ سندو مون چاڪ، ھاڙھي ھڏ ھٽي ڪيو.

( ٢٣ )

ڀرين ڀم ڀرڪٽان، رہ ۽ رت رنوم،
ڀاراتو ڀرين ڪي، تہي تان نہ ڏنوم،
ڇڪي تي ڇيوم، "سواھرو" سڄڻين.

( ٢٤ )

ڇڪيءَ ڪي ڇڻي، ڪا جاڳائي جيڏيون،
ويڙھو سات وھي، تو ننڊائي نہ لھي.

( ٢٥ )

ڇڪس سڀ ڇڻي، ماڙھو شھر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪيئن مڻي، جنھن جو جاني جت وٺي ويا،

( ٢٦ )

موٽڻ جا مذڪور، جان ڪي ڇيس جيڏيين،
پريت پھري ڀور، نيئي ڀھچائي ڀنھونءَ ڪي.

( ٢٧ )

موتہ جي مصلحت، مون کي ڏہو م جيڏيون،
نهارينديس نکري، آرياڻي آلبت،
کنديس اوٽ عيب جي، لکن ڏيئي لت،
سرتيون! شريکت، آئون کئن آگن سين کريان.

( ٢٨ )

سوٽي مران م، ماءُ! موتہ کان آگي مران،
نچي لالن لاءِ، شال هونديس پير تي.

## وائي

( ١ )

معلوم حال، حبيب! مون کي درد قديمي، وو!
درد جديدي، حب حبيبي.
آلودي آزار کان، تو ريءَ تيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
شادي ڏيين صحت جي، غمي لاہ غريب،
درد جديدي، حب حبيبي.

آهئان تي آهون ڪريان، نعرو منجهہ نصيب،
دردُ جديدي، حب حبيبي.
ڪاهل آهيان ڪوڙي، رسي لاهہ رقيب،
دردُ جديدي، حب حبيبي.
حاذق آهين هن جو، آچيين شال عجيب،
دردُ جديدي، حب حبيبي.
دوا آهين دل جي، پچ پچ رهيس طبيب،
دردُ جديدي، حب حبيبي.

## وائي

(٢)

ڳالهيون هوت پارو ڇپي سان،
وو! منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
چلي پيئيس چپرين، سگ تنهينجي سان،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻرزا ڪنديس هاڻ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

رليي چليي چڙين، چام وڃايم چاڻ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
هتان هڏ نہ چڏياڻ، سندو نينهن نڏاڻ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
نصيب ڪر مستيءَ کي، پنهون، آت، وڻاڻ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

## داستان ڏيون

( ١ )

پسي ڏونگر ڏام، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ، لطيف چئي، پٺيءَ ڪيچين ڪاه،
پچي هورج، مستي بلوچاڻي باه،
اِن وڙائتي ور جو، آمر هڏ ۾ لاه،
جو آ ڪيئون اوڏو آهِ، سو پرين پراهون ۾ چئو.

( ٢ )

هتان ڪٿي هت، جن رکيو، سي رسيون،
ساجن سولهن سرت، وِڪائي ويجهو گهٽون.

( ٣ )

جيڪس ياد ڪياسِ، وَرَ وَڃي وڻڪار ۾،
جلدَ جريدي پَندَ ۾، آديون آجَ ٿياسِ،
وَڃي ڪيچ پنياسِ، ٻاروچاڻيءَ ٻاجهہ سين.

( ٤ )

وَڏا وَڻَ وَڻڪار جا، جتِ جائو، جَمَرَ، جَرَ،
ڪوسا تپنِ ڪڪرا، ٻي دَمدَمِ تپي ڌَرَ،
ويچاري ڏي وَرَ، ٻيرَ نَہ لَهي ٻرينءَ جو.

( ٥ )

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جتِ نانگَ سڄنِ نيلا،
آتي عبداللطيفَ چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جتِ ڪَرُمَ نَہ قبيلا، آتَ رَهبرَ رَسج راهہ ۾.

( ٦ )

ويچاريءَ وَڻڪارَ، آڪَ نَہ ڏٺو هو ڪَڏهين،
مهر نَہ هُئي ماڙهُئين، هو سپَ هندوڪار،
جتَ ڪيائون يارَ، سورَنِ ڪارَڻِ سرتيون.

( ٧ )

واقف نہ وڻڪار جي، جت جبل جوراڻون،
آتي عبداللطيف چئي، سچي سفر سماڻون،
ڀِروئي پاڻون، سولو ڪريين ساٿ جو.

( ٨ )

واقف نہ وڻڪار جي، ٻاري سڄڻ ٻر،
ور، وسيلا سپرين! تڪيس ڏوري تر،
لهج، لعل لطيف چئي، ڪانڌ مٺي جي ڪر،
ولهي ڪري ور، ڇڄڻ سارڪ ڇڏيين.

( ٩ )

واقف نہ وڻڪار جي، آڪ نہ ڏيهہ ڏئوم،
ڏونگر ڏوراپڻ سين، ڪاتيءَ ريءِ ڪٺوم،
جيلانهن محب مئوم، تہ ڇلون ڪريان ڇپر ٻن.

( ١٠ )

واقف نہ وڻڪار جي، ٻاڻيءَ ڪنيم نہ ٻاهہ،
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاهہ،
لڳي لڪ، لطيف چئي، معذورن مٿاهہ،
آتي اوڏو آهہ، جت هوت! هيڪلي آهيان.

( ١١ )

سسئيءَ کي سڌ ٿيو، آسان اولاٿون،
پنڌ نہ پڄاڻون، اَڻ ڪوئي ڪان ڪري.

( ١٢ )

پسوا پرائن، سورن آڏي سسئي،
پرايا پهڄن، وڃهن ويچاريءَ تي.

( ١٣ )

منڌ نہ منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا هر سکي سسئي.

( ١٤ )

منڌ م منهن ويهہ، آيي اوسر آس ۾،
تو سيئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهہ،
ماڙي ماڙي پيهہ، وٺ پڇندي پرينءَ کي.

وائي

( ١ )

هو جي هليا هوت، سونهارا، مون نہ وهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.
سسئي اچي سات جا، اوطاقون اوتارا،
مون نہ وهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.

آنْ کي ويندا گَڏيا، آريائي اِه پارا،
مون نه وِهيڻان، پنهونءَ سگِيڻان.
مون کي نيندا پاڻ سين، ڪامل ڪر آجارا،
مون نه وِهيڻان، پنهونءَ سگِيڻان.

## وائي

( ٢ )

ڪَرها ۾ ڪاهيو، مِيان ڪيچِي!
آئون آرِيائي عرض چوندي:

ڪري هوت هلڻ جي، لوئيءَ کي ۾ لڳايو،
وِسيلو وِلهيءَ جو، آڳاندو آهيو،
هاسي ۾ پريت جي، جهپکي آڻ جهڪايو،
وِلهيءَ جي وِهاڻ ۾، واچت سِپ وڃايو،
آگهاڙيون آتش ۾، پنهنجيون پاڻ پراهيو،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين! صورت کي ۾ سڪايو،
ساڪن ئي شهر جا، معذور کي مرڪايو،
پنهون چام پريت سين، ويهي سور وِراهيو،

لاهي بار پنهور ۾، ويندو گھوٽ وناهيو،
پنهونءَ جاچيڙن کي، رڌي ڪين ڪارايو،
پرٿائي پنهونءَ کي، نيڪيءَ نڪڙايو،
پيلي ٿي پانهن سين، ڏکيءَ ڏيج ڏيکاريو.

## داستان چوٿون

( ١ )

جڏائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منگل منهنجي من ۾، پاريو هوت حمام،
آرڪ ٿيو آرام، ڪاڪل پسي ڪانڌ جو.

( ٢ )

درد نہ لهي دار ٿين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪالهہ ڏٺوم، رخساري تي روپ سين.

( ٣ )

پنهو جو پنهور ۾، ڪاڪل ڏٺم ڪالهہ،
هئي تنهين جي حال، زلف جي زاف ڪيون.

( ٤ )

پرينديئي پاڻ ويو، زلف ڪيس زاف،
سندو ڪاڪل ڪاف، ماري معذورن کي.

( ٥ )

هاڻ نہ جيان جيڏيون، زلف زاف ڪياس،
ڪاڪل آئون ڪئياس، پنهوءَ جو پنهور ءُ.

( ٦ )

ڪاڪل ڪٽي جا، ڪفن تنهن ڪبن ٿئي،
منجهہ شهادت سا، لڏي ۾ لاڏ ڪري.

( ٧ )

ڏکا ڏونگر چار، ۾ ڪر معذورن تي،
توتي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام،
مار ۾، چئي معذور ڪي، وهيان ڪاند ڪلام،
هرچج پيادين سين، الله لڳ، سلام!
جا لوازي آهنجي نام، سا هوت، ۾ ڇڏج هيڪلي.

( ٨ )

ڏمر، ڏونگر چار! سڪر پاڻ شريڪ سين،
ڪيهي ڪلفت تنهن سين، جا گولي آهنجي گام،
ورج وير وريام، منهنجو آڇن آن ڳري.

( ٩ )

ڏکا ڏونگر لاه، آئون آڳ مٿي آهيان،
آرياڻيءَ سين آه، ذاتي سڱ ضعيف جو.

( ١٠ )

پير پنائين ڪونڙا، ڏونگر متي ڏي،
ڦٽيا ڦڻ فقير جا، ميرون ٿيڙا سي،
جهڙي تهڙي حال سين، پري پنهونءَ ڏي،
وڃي مان وري، پانهيءَ پنڌڻ جنهن سين.

( ١١ )

پير پنائين ڪونڙا، ڏونگر متي ڏي،
پاڻ نہ پسي ڦٽيو، ڪڙهي ڪيچين ڪي،
هاڙهو هوت هري، ڪهہ ڇاٽان، ڪٿن لنگهيا.

( ١٢ )

سمهٽان ساڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،
پرين جو پاڙو، مون سين انڌ نبيريو.

## وائي

( ١ )

مون آنديءَ ڏي ايندا، هوت سلامت سپرين.
پلءِ لائي پانهنجي، ني ڪي آتِ نيندا،
هوت سلامت سپرين.

سَگَ نَہ ڪندا سَڪ سين، سُور سَگيٽا ٽِيندا،
هوت سَلامت سپرين.
رَکِي کَل کَلِنَ تي، نِينهن نِياپو ڏِيندا،
هوت سَلامت سپرين.
پَرِيتِ نِيندا پاڻ سين، چوري تان نَہ ڇڏِيندا،
هوت سَلامت سپرين.

## وائي

( ٢ )

ادا ڙي ڏوٽِي! آئون پچان تو ٽِي؛
ڪيچ رمنديس ڪڏهن، ڏَس مون ڏي.
نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، اوٺي،
آئون آنهين مان آهيان، جي ٻانهڻ پرهڻ پوٺِي،
پرڪ ٽِينديس، پرين پچنديس، ڇاڙينديس پوٺِي،
سنجهي وڻڙو سپرين، ساڄن پچان سو ٽِي،
ساجهر ساٿ پلاڻيو تو پلاڻيو پوءِ ٽِي،
هتان ٿِي هوت ويو، جت پچين جو ٽي،

ھاجِ ھوت پُنھونءَ ڏي، منجھان نينھن نِڪو نِي،
آتڻ وِجھي آڳ ۾، منجھان جوئِن جوءِ نِي،
سنجھي سات سِڌارِيو، پنھون ڇان ڇوءِ نِي،
رو يو رُنان رڃن ۾، ھئي ھئي! آئون ھت ڪوھ ئي؟

## داستان پنجون

( ١ )

ڏورِ م ڏيھِ ويو، ھير تنھنجي پرينءَ جو،
وھڻ وانڙين ٿِي، ڪيچين ري ڪھو،
ونڊر جو ويو، سو، الله! واري آڻين.

( ٢ )

وِنڊرِ جي وڃِن، سي مر ھِنڌن سنڌرا،
پيون ڪوہ ھنڌن، ڇوڙي جي ڇڏينديون.

( ٣ )

ڏيھ ڏيھائين ڏورِ، ھرڏيھان ھري ٿيا،
سيڻن ڪارڻ سسئي، پيئي ھراھين ھورِ،
تون وڃين ھوت حضورِ، منھنجو جيءَ جيلاھين ٿئي.

( ٤ )

هيڪانديءَ هوئي، آئي رات روان ٿيا،
ساهه سڳي ۾ سور جي، پنهون ويو هوئي،
رهه قضا! دم ڪوئي، ته هيڪر هيڪالدي ٿيان.

( ٥ )

هڏ نه ساهه سڌير، دل درمالدي دوس ري،
پائي وڙا پرت جو، زوراور زنجير،
جي، جسو جاگير، هاٿي ملڪ هوت جي.

( ٦ )

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پچن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪجاڙي ڪي ڪن،
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

( ٧ )

وڏو طالع تو، جنءِ لڳيئين پير پنهونءَ جي،
سسئي! انهن متون ڪي، رويو رويو رو،
ويئي هت م هو، هلين ته هوت لهين.

( ٨ )

ويئين ناهِ وَراڪو، سُتين ڪونهي سگ،
هوتَ هلندين ڪَٿيو، جنِ آنگنِ چاڙهيو آنگ،
سي ٻاسي ٻئي ٻنگ، رڙهي چام رسيون.

( ٩ )

ويئي وَر نہ پُون، ستي سلنِ نہ سپرين،
جي متي رندن رونِ، ساڄنُ سلي تنِ کي.

( ١٠ )

ڪڙهي ٭ ڪڙي، ٻرِ ۾ پير ٻنهونءَ جو،
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لئي جڙي،
لڪنِ سرِ، لطيف چئي، سنڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٿيءَ تان نہ ٻڙي، جي عمرِ سيِ ايئن ڪري.

( ١١ )

ڪِ ڪي ڪڙيان پير، ڪِ ڪڙهان ڪيچ ڏٿينِ لئي،
اي ڏٺون ڏيئي ڏير، پاٽان پراهان ويا.

( ١٢ )

ڪَڙه ٻن ڪيچ ڏٿينِ لئي، ڪڙ ٻن پير سندان،
انهين ٻرِ آتانِ، پوندئن سنڌ! ٻهاڙ ۾،

( ١٣ )

سوَرَن سجهائي، ڇيلهه ٻڌيو ڇوٽيين چڙهي،
سڱ ڀريان جي سسئي، ميڙي ملائي،
لذائين، لَطيف چئي، لالَن ليلائي،
ٻانهن ٻاڏائي: ”حبِنان واريو هوت ڪي!“

( ١٤ )

رائي ڪي رَنجوَر، ٽَڪَر توه ٽانڪيو چڙهي،
لانچي لڪ لطيف چئي، هلي ڏانهن حضور،
رهيا سڀ رڃن ۾، سسئي جا سالوَر،
ساجن ميڙيس سور، سَڪ نه ميڙيس سپرين.

( ١٥ )

منجهان ٻئن پروڙ، سڀ ۾ ٻجهج، سسئي!
ويهي وڏي ڏِکَ مان، ڏٺي وجهج ڏوڙ،
نه تون مائيين موڙ، جي ٻند اِهائي ٻارين.

( ١٦ )

لڇي، ڪين ڪڇي، آٺي سَنڌ آندوه ۾،
ڀر ۾ ڀير ٻڇي، لالَن جو، لطيف چئي.

( ١٧ )

ہريائي تہ ہارِ، ڦوڪ تہ لڳي آنبرين،

ھتي جي ھتن جيون، وتون سبِ وسارِ،

سھوري سرڪارِ، ٻيئي رکج ناھ ۾.

( ١٨ )

ڏڌ ٻڌي، تون ڪين، پڇندئن پنھونءَ مين،

جئن سينون ساھين، مسئي! ٿئين تھواروَن تيئن،

مٿي ٿي مسڪين، ھمت ھوت وڃائيو.

( ١٩ )

ٻر لڳو ٻانَ، پسوا جوءِ جرا ٿيي،

سا منڌ مري نہ جئي، ٻيئي ٻجاڙي ٻانَ،

مسئي سورنِ مانَ، سنيوڙي، سيد چئي.

واڻي

( ١ )

ٻاروچان ٻاجھ گھٽي، آن ٿـي چلان چيرٻن،

آئون پنھنجي ٻرينءَ مين، وينديس واڪ وٺي،

آن ٿي چلان چيرٻن.

مَرَ تَان ڀوڀر منهن ۾، سندي ڀي ڀٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
ڪونهي هن ڀنڀور ۾، ڏاران دوس ڏٺي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
هتان هڏ نه چڙيان، آريءَ جي پ آٿي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
آءي هوتن هٿ ۾، سندي جيءَ جٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
ڪين ورِيا ڪڏهين، جليا جن هٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
مون ڪي ڪونيو ہاٿ ڏي، هادي هٿ ڪٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
پنهونءَ ڏاران پٻ ۾، ٻيلي لاهِ ٻٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
توريءَ تيل نه پائيان، نڪا سينڌ ڦٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

## وائي

( ٢ )

ڪهڙو سَڱُ سِياڪو، هاريءَ مون هوتَنِ سين.

آئون هيڪلِي حَبَ ۾، نَ مون مَٽ نَ ڪاڪو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

مَنڌَ پيادي، هَنڌَ گهٽون؛ نَہ مون آٺُ، نَہ ناقو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

چڙهِي نَ سَگهان چوٽِين، ڏونگَرَ ڪونهي ڏاڪو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

پِرين پُڇَندِيس پَٻَ ۾، وَڻُ وَڻُ وِڃهندِيس واڪو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

هوءَ جا ہِڪَ پنهونءَ جِي چِٽيان تنهن چِٽاڪو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

پَسَڻَ ڏاران پِرِينءَ جِي، فَقِير پوءِ ۾ فاقو،

هاريءَ مون هوتَنِ سين.

وِچ ۾ ھوءِ وِصال ۾، لِڪ ۾ ھوءِ لِياڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
آتڻ وِجھي آڳ ۾، پڇنديس ھوءِ ڀاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.

## داستان ڇھون

( ۱ )

آڏر، نڌر، آيري، آسونهين آهيان،
لڙڪ لعل، لطيف چئي، ور لئي وهايان،
هيجان هنجون حب ۾، هوتن لئي هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين، پنھون ڀايان،
پيهان، پچايان، جي مان نيو ھاڻ سين.

( ۲ )

آڏر، نڌر، آيري، آسونهين آئون،
چيٿا، چور چنجن ۾، بر ۾ بلائون،
موٽ پنھون پاھون، متان محب مري رهان.

( ٣ )

آڏر، نِڏر، آيري، آهيان آسونهين،
پرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي مونهين؛
سسئي کي سيد چئي، تنگن ۽ تونهين،
هاري! ڪئن هونهين، ري سمر سڏون ڪرين.

( ٤ )

آڏر، نِڏر، آيري، اوکي، آوائي،
ڪين نهاري نڪرين، ساٿس سگهائي،
لاڳاپن، لطيف چئي، منڌ رائي رهائي،
جلڻ جڏائي؛ آري! لاهه آصيل تانءَ.

( ٥ )

آڏر نِڏر، آيري، گمن گمائي،
سا ڪئن وهي ويسري، جا گهائي، گهمائي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، آسن ۽ آئي،
جا لڪن لوسائي، سا سيج چڙهندي سسئي.

( ٦ )

آڏر، نِڏر، آيري، ويچاري نہ وري،
لالن لاءِ لطيف چئي، ٻري ٻير ٻري،
ڪميني ڪري، ڪارون ڪيچ ڏنين کي.

( ٧ )

آچي عِزرائيل، مَٿي جاڳائِي سَسئِي،
ٿِي دوڙائي دَليل، تہ پَنهونءَ مارهو موڪليو.

( ٨ )

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏٺائين،
آڪيان آئي آن کي، پنهون پڇيائين،
آداا اهائين، ڪو ويو سات سڄڻ جو؟

( ٩ )

ڀاڀائي ٿِي ڀورِ، ٿئي ڪيچين ڪَڪَرا،
رائو مِڙوئِي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪکورِ،
لانچي لڪ لطيف چئي، آئي ڏونگر ڏورِ،
جت وڃي ٿو زورِ، اُهو تان اوڏي ٿيين.

( ١٠ )

ٿئي ٿي پيمالَ، سا منڌ مري، نہ جئي،
ٻري هن پنيور سين، هڏ نہ ڳرهي حالَ،
لالن جو لطيف چئي، وساري نہ وصالَ،
پري ڪجاه يالَ، هيءَ ڏاه ڏورِيندي ڪيترو؟

( ١١ )

جهت ڀڃي، ڀهہ، جهنگ، هاڙهي پچ ۾ هوت کي،
سوڙ سپيلي، سسئي! لڪ تنهين سين لنگهہ،
تہ سپيرين جي سنگ، منڌ! ميڙائو تو ٿئي.

( ١٢ )

ٽڪيائي، ٽر ٽيل، چڙهہ چڪيائي، جوڻيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پڙ مڙيئي پيل،
آئي رائو ريل، وينءِ تان واري وري.

( ١٣ )

هيءَ ڪسي، هيءَ ڪس، هيءَ پهڻ، هيءَ پيچرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندڻ ڀڃيءَ وس،
ليڙن جو، لطيف چئي، ڏونگر آئي ڏس،
جڳ ۾ رهيس جس، مڪر ٿي سردار جي.

( ١٤ )

ميٺن ڪارڻ، سسئي! وڃي ڪجي وس،
جم ورچي ڇڏيين، سندو ڪنگن ڪس،
ڏوٿي ڏيندءِ ڏس، آڳيان ٻاروچن جو.

( ١٥ )

هلّ تہ هيڪاندي ئيين، ويهي وِجهہ ۾ وير،
دِل ۾ آئِ ۾ دور تون، ڦرَڻ سندو ڦير،
توڙي اَهين نہ پير، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

وائي

( ١ )

هوت سي هلڻهار، ووا جيڏيون!
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.
ڪوءِ پلنگ، پنِ ماڙيون، ڪيڻ سي ٿيڙ ۾ ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.
سونهن سپيرين جا، آتڻ وٽ اوتار،
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.
وينو ڏي ڏکين کي، پنهون چام پوچار،
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.
آهيان نہ پٽ پنهون ء جي، ڪنديس ڪنر ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.
پير ۾ ڇڏج پرين ء جو، هئي هئي! هت آسار،
ڪِئن ڪريان آئون اُن سين.

ڪيچين ڪره ھلائيا، ميا ٿيڙم مارا،
ڪِئَن ڪريان آئون اِن سين.
آنديون آھين آسرو، موڙيج، ٻجهہ موچارا،
ڪِئَن ڪريان آئون اِن سين.

## وائي

( ۲ )

جيڏيون! آئون تان نہ چوندي، لوا
ڏک ڏوراھو سيڻ ڪي صريح، لوا
سگ نہ ورن سپرين، منت مونِ مان،
پنرا پيئي حج جي، ڪوھياري سين ڪان،
سو تون صاحب آھين، جو نہ پيرايين پان،
سٺين سوالي سمڪيا، تو، داتا! ڏيئي دان.

## داستان ستون

( ۱ )

آءٌ اوراھون، سپرين! وڃ م آڳاھون،
ٽکي ڪٽي ٽرن ۾، ٻاڪاريو ٻاھون،
درد جيون داھون، مون ماريندين، موٽ تون.

( ٢ )

آءُ اوراهون، سپرين! وڃ م، ٻيءَ! ٻري،
سون ڏٺي، مون وسهو، ورچي تلان نہ وري،
ڏاران منهن مري، ڏکيءَ جي ڏيکاريين.

( ٣ )

آءُ اوراهون، سپرين! آري لڳ آللهﷻ،
توکي ساري ساه، اکنڊيو آهون ڪري.

( ٤ )

آءُ اوراهون، سپرين! ٻري وڃ م، ٻيءَ!
موٽ مرنديس ڇپرين، تون جيارا جيءَ،
هوت! م ڇڏج هيءَ، پنهون! پيادي پنڌ ۾.

( ٥ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏيج م ڏاڳ،
وٽ ڇڏي سون واڳ، آري! وڃين عشق جو.

( ٦ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏاڳ م ڏيج،
ٻيهي گھر ٻچيج، تہ هوت! هلاڪت نہ ٿئي.

( ٧ )

مَڇَڻِ، وَرَا وِسارِيِن، آرِي! لَڳِ اَللهُ،
توکِي ساري ساهہ، اَڪنڊِيو آهون ڪَري.

( ٨ )

مَڇَڻِ وَرَا وِسارِيِن، صبر نہ سارِيان،
توکِي نِهارِيان، آءٌ مَنهنجا سِپرِين.

( ٩ )

هڻان هَڏَ نہ ڇَڏِيان، صبر شُڪرانو،
ذوق زمانو، مون وَرَا وِيو وِسري.

( ١٠ )

صَبر ۽ شُڪر ڪي، ڪاڏي آئون ڪَندِي،
آهِيان جِنهن سَندِي، سو تہ گهرجي سانُ مون.

( ١١ )

صَبر ۽ شُڪر ڪي، وِني آئون وِيِني،
ڏِکي ۽ سِين ڏِيِني، ڪا ڪِج آهِي ڪَڏهِين.

( ١٢ )

صَبر ۽ شُڪر ڪي، هَٿِ ڪيو مون هاڻِ،
ٻِرِيرا آهِي ٻاڻ، ٻَنِي ۽ ڪي ٻَجِيج تون.

( ١٣ )

ناهِ جَميعتَ جانِ ڪي، هوتَ پَہچاڻان هاڻِ،
آللهَ! سيئِي آنِ، جَنِ ساهَ چڪايِرِ سڪَ جو.

( ١٤ )

ناهِ جَميعتَ جانِ ڪي، هوتَ پَہچاڻان هِتِ،
پَنهونءَ جيءَ پِرتِ ساهَ چڪايِرِ سڪَ جو.

( ١٥ )

ناهِ جَميعتَ جانِ ڪي، پَنهونءَ پَہچاڻان،
سي سوَن سيباڻان، جَنِ ساهَ چڪايِرِ سڪَ جو.

واڻي

هَلڪَ نَہ رهي دِلِ توري، وَرَ مِيان خانَ بلوچا!
آتَ چاريندِيس آنِ جا، مَتان نَڪرَ توري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!
ڏيندِيس ساهَ مِرَن ڪي، مَتان ڪَلهن ڪوري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!

ڪانگ ڪِينءِ ڪيچ جا، سامَ چنجنِ سان چوري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!
ڏَکَ لاهِينديس ڏيــلَ جــا، سانَ عَجيبنِ اوري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!

## داستان اٺون

( ١ )

ڪَنَ ڀِنيءَ، ڪِيڄنِ ڪَڇيو، ڪَڇَ مَ، ٿا ڪَڄنِ؛
اِشارتون آنِ جِيون، سَڪوتان سڄنِ،
وَٿان ويهِي تنِ، سَڻَ تہ سوز ٻرائيين.

( ٢ )

سَڻَ تہ سوز ٻرائيين، "آءُ" چيائون آڄ،
ٻولِي ٻِي نہ سِکيا، "ٻاٿان"، چوندءِ، "پَڄ"،
واڇي وَٽِ مَ وَڄ، ٻَڌَ تہ ٻيائي لَهِي.

( ٣ )

ٻَڌَ تہ ٻِيائِي لَهِي، "آئون" اِتَ نہ آهِ،
ڪَڇُ ڪَندي لاهِ، ڪَنَ ڀِنِيءَ، ڪِيڄنِ ڪَڇيو.

( ٤ )

ڪن نِي ڪيچن ڪچيو، ڪچ ۾، ڪچيائون،
رهي نہ رتيءَ جيتري، آنهين وٽ آئون،
وڍي وڍائون، هو جو وڻ 'هٺ' جو.

( ٥ )

ڪڏهن پنجي ڪن ني، ڪڏهن نيجي وات،
ڪڏهن نجي ڪات، ڪڏهن تجي ٻڪرو.

( ٦ )

ڪنارو ۾ ڪوس، آگِ آريءَ چام جي،
دبت آهي دوس، مارڳ ۾ مين جي.

( ٧ )

ڪامون ڇيجاه، گهٽيون گهرجن اوليا!
هي وڻ نہ لهنداه، هو وڻ اوڏاهين گهٽا.

( ٨ )

آکيون لٽ اوراٽيون، ڪنهن پر ڪڙيان پير،
لٽ لاهيندو ڪير، مون جيهيءَ معذور ڪان.

( ٩ )

آکيون آريءَ جام جيون، آنڍيءَ سين آهين،
هو جي وڻ وِندر جا، سي مون سونهائين،
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي.

( ١٠ )

آکيون آريءَ جام جيون، آهين آنڍيءَ ساڻ،
پسي ڪنديون پاڻ، پيشاني پنهونءَ جي.

( ١١ )

سڏ م ڪر سڏن ري، هلڻ ري م هل،
جلڻ ري م جل، رئڻ ري متان رئين.

## وائي

( ١ )

درد مٽيءَ جا دارون، ووا موٽ، سباجها سپرين.
مون لڳيون، مون وسهو، محبت جيئون مارون،
ووا موٽ، سباجها سپرين.
مائٽنان مون سين گهٽا، ڪسڻ ڪيا ڪارون،
ووا موٽ، سباجها سپرين.

سڪڻ سون سين ڪين ڪيو، سورن لڌيم سارون،
وو! موٽ، ساجها سپرين.
منهنجيون شهر ڀنڀور ۾، ڀلپل ڀون پچارون،
وو! موٽ، ساجها سپرين.

## وائي

( ٢ )

آتڻ ۾ ويهي، سڀ دعا ڪريجاءِ، جيڏيون!
ڪانهي ٻس ٻهير ڪي، هل چل هٿي هيٺي،
راهه مسافر سيڪو، ڪون ڏلوسون هت ڏيهي،
ساريندا صلوات ڪي، منجهه قبر سڀ ڀيهي،
ڪونائو ڪريم جو، ڳالهه ڇڄندم ڪيهي،
نوازيندو نور سين، ناقص ڪي آت نيئي،
”الله هيڪ، محمد برحق“، شال چئان سان حرف اهيئي.

## داستان نائون

( ١ )

وهه ر وساري، پچا ڪر م پنڌ جي،
نرمل نهاري، هلندين تان هٿ ڪيو.

( ٢ )

آوجھڙ آسونھن، ڏيھہ گھٽوئي ڏوريو،
سگھر ريءَ سونھن، ھيتي ڪانہ ھنڌ ڪري.

( ٣ )

واءُ وچاءُ ۾ سو، ھُئيءَ جنھن ھنڌ ڪريان،
چمّا! چپر ڀرينءَ جو، پير ڀرنيان تو،
ڀر بورائو جو، سو، لکئي، متان لٽئين.

( ٤ )

واءُ وچاءِ ڪالھہ، ھُئيءَ جنھن ھنڌ ڪريان،
وچڻ مون وائي پيو، ھوتن ڪارڻ حال،
جبل ڏوريان جال، ڪارڻ پير پنھونءَ جي.

( ٥ )

ڪھج ۾، اَجھا ڪيھہ، گرد ھس گنگن جي،
ڏکي! منجھان ڏيھہ، نکر نانھن ڪاھي ڪري.

( ٦ )

ڏور ۾ تون ڏوريج، صبر ڪر ۾، سسئي!
ڀرڻ چڏ پيرن ميں، وھڻ وساريج،
سکن جا سيد چئي، لاڪاپا لاھيج،
ھينئين ساڻ ھليج، تہ ھنڌ پاسي ڀر نيري.

( ٧ )

وڻيس، وک نہ اَپڙي، تون آرياڻي آءُ،
جکيءَ تو سين جاءِ، ٻاهي پر ٻيئي رڙهي.

( ٨ )

کهي جا کنياڻين، وک تهين ويجهي ڪئي،
جکي چناڻين، پنڌ مڙوئي پهہ جو.

( ٩ )

سؤ ڪوه ڪري سيڪا، تون، کهي کڻج وک،
تاڻج منجهان تک، تہ پنڌ ٻاهي پر نبري.

( ١٠ )

ويو جاکاڻي جت، ويري ڪنهن ولات جو،
سندو سورن خط، ڏنم هوت هٿن سين.

( ١١ )

ڏهلا مون ڏينهن ٿيا، پيم، چام چيون،
ڪندي پنڌ پهاڙ ڏي، ٿيڙم روح ريون،
لڇيو ٿيان، لطيف چئي، ڪارڻ دوست ڏهيون،
پايان لک ليون، جي سور پريان جا ساڻ مون.

( ١٢ )

هيڪلياڻي هاڻ، پورينديس پنهونءَ ڏي،
ڪنديس ڪوهيارل سين، رچي روح رهاڻ،
رلي ڇلي ڇپرين، ڪنهن ڀر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهٽون آڇاڻ، پر سور ڀريان جا ساڻ سون.

( ١٣ )

هيڪلياڻي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لڪيون، سوريون سڄڻ سيل،
ته ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور ڀريان جا ساڻ سون.

( ١٤ )

دوست ڏئائين دل سين، ورچي تان نه وهي،
لانچي لڪ، لطيف چئي، ٿهڻ منجهه ٿهي،
سندي ليئهن نهي، ڪي سرفراز سسئي.

وائي

وچي وچي ٿينديس ويجهي، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
آڏا ڏونگر، لڪيون، سونج محب مڇيجي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

ہرين، ہمنوار تو ڇڏان ہير آهيان ہي جي،
ہس ڪارڻ ہرينءَ جي.
نہ ڪهرجي نينهن جي، آهيان آئون آريجي،
ہس ڪارڻ ہرينءَ جي.
حا نہ هلندي هوت ڏي، ہي تنهين جو ہاجي،
ہس ڪارڻ ہرينءَ جي.

## داستان ڏهون

( ١ )

ہنهون ڇڏيو ہوءِ، تون جانب جبل ڳوليين،
تيلاهين تنڪون ڪريين، جيلاهين تون جوءِ،
ساجن سڄ نهاريين، ڏکي ڪهڙي ڏوهہ،
هاڙهي هوت نہ هوءِ، وري ہچ ويئين ڪان.

( ٢ )

وري ہچ ويئين ڪي، سندا ہنهونءَ ہار،
ساجن سپ چمار، ڏکي ڏورج ڏيل ۾.

( ٣ )

ڪونهي آتِ ڪوهيار، جتِ تو پوري پانئيو،
پنڌُ مَ ڪرِ پهاڙَ ڏي، وَجوڏَئي وڪار،
ڏاريا پانئِجِ ڏار، ٻَجَّ پِريان ڪَرَ پاڻَ تون.

( ٤ )

سيئي ساري، سَسُئِي! گهرَ ڪَنڌوَن تون گهور،
وَڃي ڏوَرِ مَ ڏورِ، دَران مَنجهِ دوستُ ٿيو.

( ٥ )

دَران مَنجهِ دوستُ ٿيو، مونِي ٻَجَّ پاهين،
عبثُ آڳاهين، وَڃيو ڪوڪين ڪانڌَ کي.

( ٦ )

ٻَرگهران پاسو ڪَري، ٻَجَّ پِريان ڪَرَ پاڻَ،
سو تان تونهين ساڻَ، جنهن لئي جفائون ڪرين.

( ٧ )

سونِي ڪَٽيو ساڻَ، سونِي ڏورِيين، سَسُئِي!
ڪَڏهن کَهين نَ ڪيو، چِلڻ منجهان چاڻَ،
ٻَجَّ پِريان ڪَر پاڻَ، تَ تون تِنائين لهين.

( ۸ )

جو تون ڏوريين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئي لطيف چئي، منجهي ٿيءُ معذور،
مڃهان پاڻ پرور، تو منجهه آهس تڪيو.

( ۹ )

وڃين ڇو وڪار، هت نه ڳوليين هوت کي،
لکو ڪين لطيف چئي، پاروچو پئي پار،
ٿيءُ ستي پڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
پاڻي نين نهار، تو پر ڏيرو دوست جو.

( ۱۰ )

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين کڻ پريان،
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" تنهنجو توهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، اڏو عجيبن کي.

( ۱۱ )

ڪوڙيون پڇن ڪيچ، هوت نه پڇن هتهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وساريو.

( ۱۲ )

هَلَ هيِنئَين سِين هوت ڏِي، پيرين ٻَنڌَ وِسارِ،

قاصِدائِي ڪارِ، ڪِين رسائي ڪيچ ڪِي.

( ۱۳ )

هَلَ هيِنئَين سِين هوت ڏِي، پيرين ڪَرِ م ٻَنڌَ،

رائِي پيچ م رَنڌَ، رِڙهه، رُوحانِي سَسُئِي.

( ۱۴ )

هَلَ هيِنئَين سِين هوت ڏِي، ڇپرِ ڇڏِ م ڇَلَ،

آرِيائِي آمَلَ، ڪايا ۾ ڪالڌَ ٿيو.

( ۱۵ )

هَلَ هيِنئَين سِين هوت ڏِي، ڇپرِ ڇَلَ م تون،

مَنجهان لڌو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏَئِي.

( ۱۶ )

هَلَ هيِنئَين سِين هوت ڏِي، سِسي ڪَڻَ م ساڻَ،

جنين ڀانيو ڀاڻَ، سي آرِيائِڻان اوري رَهيون.

( ۱۷ )

ڪِجهي ٻَنڌَ، ٻَڇان تو، ڪيچِنِ ڪارڻ ڪيئن،

بيخودَ هَلِج بر ۾، آئون تو ڇَنان اهئن،

سڪَڻَ ساجن سيئن، مَتان مَنِي ڇڏِين.

( ۱۸ )

مَتان مَٿي چِڙيين، پِريتَمُن پاٿان،
جاين جِتن جاٿان، تون پڻ هونئج تن جتن.

( ۱۹ )

مَتان مَٿي چِڙيين، پاٿان پِريتَمُن،
ڪَتُوري ڪٽُون، مَڙهي مَڙهج منهن ۾.

وائي

غفلت يار گنوايو، پِڙي! جيڏيون،
ڪِئن ڪريان آئون، ڪُهُ ٿيو.
ستيس تان سات ويو، اٿيس تان ڏک آئيو،
ڪِئن ڪريان آئون، ڪُهُ ٿيو.
پُڇان پوءِ پنهونءَ کي، عبث تان آن ڪائيو،
ڪِئن ڪريان آئون، ڪُهُ ٿيو.
هوت هلندي جا ڪئي، سا مون ڪالهه سڻائيو.
ڪِئن ڪريان آئون، ڪُهُ ٿيو.

## داستان ٻارهون

( ۱ )

ڀڄي جان ڀنڀور کان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رڻيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پنهون،
سيٽ آهيين تون، قضا ڪنديس ڪنهن سين.

( ۲ )

ڏنا ڄڻهه لڳي جيڏيون، ڏيرن مون کي ڏک،
ڀڄيس جان ڀنڀور کان، تان سور مڙيئي سک،
لڳي مون تان لڪ، پنهون ٿيس پاڻهين.

( ۳ )

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

( ۴ )

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلن جي، ڀڄي تن ڀرم،
جو وندر ۾ ورم، سو سودو سريس هتهين.

( ٥ )

پَنهوَن ٿيَسِ پاڻهين، وِيو سَسئيءَ جو سينگارُ،
”مَنْ عَرَفَ نَفسَهُ، فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ“ اِهوئي آچارُ،
جو وِندَرَ ۾ واپارُ، سو سَودو سَرِيَسِ هِتهِين.

( ٦ )

پَنهوَن ٿيَسِ پاڻهين، ويئي سَسئي جي سوَنهَن،
”خَلَقَ آدَمَ عَلىٰ صُوْرَتِه“ اِيءَ وَٽَنِ مَنجهِ وِرونهن،
جريءَ مَنجها چوَنهَن، ڪَٿي هوتَ هَنجَ ڪيو.

( ٧ )

ويئي سوَنهَن سَسئيءَ جِي، پَنهوَن ٿيَسِ پاڻَ،
سَينِ جِي سَيدَ چَئي، آهي آنِ آسانَ،
پَنيورَ جا ياڻَ، آڏا عَجيبنِ ڪي.

( ٨ )

وَهَمِ وِرساياسِ، تات پَنهوَن آئوَن پاڻَ هُئي،
پاڻَ وِڃايمِ پانهنجو، هِئي پِريان جي پاسِ،
رَتي عِلمِ نَہ راسِ، ڏاران پسَڻ پِرينءَ جِي.

( ٩ )

قافِئون ڪاهيندياس، سوٽان تان ڪَر منهٽون،
بانهي ٻاروچن جي، سگهه نہ ساهيندياس،
"اَلفِراقَ اَشَدُّ مِنَ المَوتِ"، هتي نہ هونڊياس،
آهه نہ لاهيندياس، جِٿي جت ڏسي مران.

( ١٠ )

جِتہ جت ڏاران، معذور جو مس ٿئي،
ڇانگين مِرِ چڙهي وِيا، سانئي سوارا،
آکيون اوتارا، ٻيو رون هنهون جا.

( ١١ )

هيڪر هٿہ چڏِ، تہ اوڏي ٿيين عجيب کي.
"مارَاَيتُ شيئًا اِلّا وَرَاَيتُ اللّٰهَ" نيئِ آجها اوڏهين آڏِ،
تہ هوت تونهين کان هڏِ، پِرين ٻاسي نہ ٿئي.

( ١٢ )

هوت تنهنجي هنج ۾، پچين ڪوه ٻهي،
'وَفِي اَنفُسِكُم' اَفَلا تُبصِرُون، سوجهي ڪر سهي،
ڪَڏهن ڪانہ وئي، هوت ڳولڻ هت تي.

( ١٣ )

ووڙيم سپ وڻاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
اَللهُ بِكُلِّ شَيءٍ مُحِيطٌ، اِيءَ آرياڻيءَ اُهڃاڻ،
سپ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهين ٻيو ٻروچ ري.

( ١٤ )

ڇاڻي سڃاڻي، وهان ڪِٿَن ماٿ ڪري؟
اندر آڳ عشق جي، آهر اُڏاڻي،
"اَلعِشقُ نَارُ اللهِ المُوقَدَةُ،" ڪوري جِتَن ڪاڻي،
آهي آرياڻيءَ ٻيو سرتيون سڃي ڪين ڪي.

( ١٥ )

ڪڍ پنهونءَ ڏي ڪاهي، ڇاڻيءَ روح ڇريو ڪيو،
اِڻي وِڻي اوڏهين، سٽي پڇ ساهي،
"اَلعِشقُ حِجَابٌ بَينَ العَاشِقِ وَ المَعشُوقِ،" لاشڪ ٿيءَ لاهي،
آرياڻي آهيءَ ٻيو سرتيون سڃي ڪين ڪي.

( ١٦ )

سرتيون سيوئي ٿيو، اندر آرياڻي،
وِڻي ٻسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏيهاڻي،
هيس هوتن هاڻي، تي ڪيڇي ڪڏيم ڪهه ۾.

## وائي

کا جا ڳالھ هئي، ما جي لوڪ سُئي،

لو ڀاروچي جي من ۰ ۸

مَن سڳُر، ڀر ڀيڄري، تون جا لوڪ سُئي،

مَسئي سڳر ڀڃيين، ڪير چوندو سُئي؟

ڀنڊ ڪريندي ڀرين ڏي، ڪَڏهن ڪان ڪئي،

آن ڪا ڏني اوٺيا، هوتن وٽ هئي.

# معذوري

## داستان ڀهريون

( ١ )

هلندي هوت ڀنهونءَ ڏي، ڪهجن ڪي ڪونيون،
ٻانهن تن ٻَٽ ٿئي، جي لئي لالن لوئيون،
سڀ سهيليون سڪ ڪي، ڇنجهون ۽ چوئيون،
ٻانهيو! ٿي ٻوئيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

( ٢ )

ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي ڀنهونءَ،
آگهين هوند، آسونهن جي جانارن ياد ٿئين.

( ٣ )

تن ٻيئي جانارن ياد، جي ٻارئل ڀنهونءَ چام جا،
سندي لالن لاڏ، ميان ٻوءِ منڌ ٿئي.

( ۴ )

جاڪاڻِ جنبور، ڪتي قريبنِ جي،
ٻهي ٻهڪي آئيو، گهڏي منجهان گهور،
سڀ لاهيندو سور، ڪري هن غريب تان.

( ۵ )

نڪين آهيون چوھڙا، نڪين آهيون چور،
هانڪاما ۽ هور، ڪتا! ڪرئين ڪن تي.

( ٦ )

ڪتو جئي قريب جا، آهيون ساڏ سهي،
ڀهرين بات ٻهي، ڀچون ڀوء ڀانڏين ڪي.

( ۷ )

ڪهين، تان تون ڪهه ڏس م چوھڙيان،
سندا آهيڙيان، آن نه سهندي هتڙا.

( ۸ )

ڪتو طالب ڊونڊ جو، آسين ڪتي ڪيڙ،
جهڙي آهي چيڙ، ڪارايل جي ڪن ۾.

( ٩ )

ڪتو ڪرڻي هذيون، جوانمرد جگر ڪاءِ،
"الدنيا جيفة و طلابها ڪلاب،" ايءَ هنئين سين لاءِ.

( ١٠ )

جہ يار ڏٺائون يار جو، پنهنجيءَ پير ڪرين،
ڦريا نہ فرمان کان، انهيءَ ۾ آهين،
ڏسي نہ ڏاڙهين، شبان جي سگ ڪي.

( ١١ )

سگبان سينداريا، بچيا، تي بهن؛
ڦريا نہ فرمان کان، ملهہ نہ موتيڙن،
ڪونهي ڏوہ ڪتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين تا.

( ١٢ )

ڏکا، ڏونگر جا مروّن، مر تا مون تي ڪن،
پڙندا ڪين پريت تي، هن جا سڌر تا سجن،
سگائيءَ جي، سيد چئي، آهي سڌ سين،
هوند نہ هت ٽرن، پر قرابت ڪم ڪيو.

( ۱۳ )

ڪِم قرابت جِنِ جي، هِتي آير هيٺن،
رفاقت راڪن جي، پهتيس ماهڙ سيئن،
ماڙهو ملاحظو تنهن جو، ڪيچ نہ ڪندا ڪِن،
ذات نسوريائي نيٺن، پر سڌر سين سڳ ٿيو.

( ۱۴ )

سڌر سين سڳ ڪري، پرڪندين پيياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير جاٿي ڪيٿاس،
هوند نہ سنڌ سياس، هن پرئين ڪيس پڌري.

## وائي

خوبي منجهہ خفت، اي دوست دقت،
آهي عبداللطيف ڪي.
مدح مون ڪان نہ ٿئي، سندي سور صفت،
آهي عبداللطيف ڪي.
هجي ڪرہان هيج سين، مطالع محبت،
آهي عبداللطيف ڪي.

حزنَ هوت پنهونءَ جو، رکياڻي راحت،
آهي عبداللطيف کي.
پِربان جي پستان جو، فاقوئي فرحت،
آهي عبداللطيف کي.

## داستان پهريون

( ١ )

ڏکيءَ ڏمرَ ناهِ، ٻکيءَ کَل نه اَچهي،
آگهاڙيءَ وهاڻه، وِيو ويچاريءَ وِسري.

( ٢ )

ڏکيءَ ڏورڻ ڀانءِ تي، ويچاريءَ وڏو،
ڏيلَ تنهين جو ڏکَ سين، سيوئي سڏو،
هنڙِس آڳ لڳو، پوءِ ٽِي کري پنڌڙا.

( ٣ )

ڏکي ٿي ڏوڙ، لهسي لنئون پنهونءَ جي،
ڏيئي آڳ آتور، سي نه ساڙي سسئي.

( ٤ )

ڏکيا ڏک وسارِ، سيج ڦٽي کر، سسئي!
پنهين پيرَ نهارِ، ته آريائي آتان لهين.

( ٥ )

ڏکي! ڏک مٿي ڪري، وانءُ ڇپر ڇپهي،
ڪَڏهن ڏيهي، سوڌيون ڏيندءِ خبرون.

( ٦ )

ڏکيءَ ڏيهاڻي، مٿيءَ مٿي هٽڙا،
تنهن ۾ نه ڪائي، جنهن ۾ جٿي، جيڏيون!

( ٧ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آمرن ٻون،
ڏاري جو ڏونگر ڪي، سو ڪين ڇيو ڇون،
آري جي آفسوس ۾، ماڙهو ٻرون رون،
اُن ۾ سيئي هون، هينئڙا جن هڃي ويا.

( ٨ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، ٻسوا پٽون ٻون،
مٿي پڇاڻا منڊ ڪي، روجهه رڃن ۾ زون،
ڀٽا ايهين چون، ته ”مٿيءَ آسان کي ماريو!“

( ٩ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، اوچنگارون آهن،
هٿي سانگ مسٿيءَ ڪي، ڪلو ڪٺو ڪيچين،
جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾.

( ١٠ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون، وڻ ٽڻ وايون ڪن،
وٽان ويهي جن، وڃيءَ سي واڍوڙيا.

( ١١ )

وڃيءَ سي واڍوڙيا، رت نہ ڏٺو جن،
موت تبوليو تن، ڏٺو جن ڏکيءَ کي.

( ١٢ )

ڪنهن جنهن ڏکان ڏي، ٻارانيا کي ٻانڌيين،
سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين.

( ١٣ )

ڪو جو وڃي وڃ، جنن وڻ وڃيائين وڃ سين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏي، جن ڏٺي سي ڏکيا ٿيا.

( ١٤ )

وڃيل ٿي وايون ڪري، ڪٽل ڪوڪاري،
هن ٻن ٻنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هڏن لئي هاري.

( ١٥ )

ڏکيءَ توہ ڏڪار، توٽي وسن مينهڙا،
صاحب هٿ سڪار، هن وس آهين هتڙا.

( ١٦ )

ڏکيءَ توءِ ڏکار، سيئَنِ ڏيھ سُکاريو،
ٻارو چاڻون ٻارَ، سِپُونِي سَواءِ سين.

( ١٧ )

اولاکن اچي، معذور تي مارو کيو،
مَتان ورَ وِسارِئين، مَنجھان کَر ڪچي،
سَپَڪ ٿي سورن سين، ڀچندئن اچي،
لاھي لاڳاپا لَنگھ تون، سيئَنِ ڏانھن سَچي،
مَنجھان راہ رچي، ٿيندئن لال لطيف چئي.

وائي

آچي لالن! لتِ، ميان! مَي جو لوڙھ لڳن ۾.
ھُو ڪان ڪتوريءَ ھيرئون، مون ۾ صاٻڻ چِٽ،
مَي جو لوڙھ لڳن ۾
آريائي! آچي ڪري، ڪا گھڙي مون وٽ جٽ،
مَي جو لوڙھ لڳن ۾.

ڪثوري ڪشبوءِ سين، هاريائون هٿ هٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.
درد منهنجي دل جو، تون، ڪامل آچي ڪٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.

## داستان ٽيون

( ١ )

جهلي تان نه رهان، پسو ڏاران پرينءَ جي،
آهر عاجز آهيان، لالن جان نه لهان،
فردا مون ڦٽي ڪي، وعدي ڏي نه وهان،
صباح سينءَ نه سهان، خواه ميڙيين خواه ماريين.

( ٢ )

صباح سيڻن تان سور، سهي ڪير سرتيون!
گهڻيان رهن نه گهٽ ۾، پيغامن جا پور،
مٺيائي منظور، هير هلنديس هوت ڏي.

( ٣ )

هير هلنديس هوت ڏي، بيون وڃهي پن،
جڙو جان فدا ڪريان، مٿان تن پرين،
آيا آڄ گهرجن، فردا مون ڦٽي ڪئي.

( ٤ )

فردا منڍ ڦِٽي ڪٽي، نتد ڪنيو نارِ،
هِيءَ جا واڪ وِلهيءَ جِي، ويرم ڏي م وارِ،
جيڪين مَنيءَ مارِ، جيڪين ميڙ مَنيءَ ڪي.

( ٥ )

مَنِي نِي مدعا گھري، موت نِيو موجود،
آچين تہ آڄ ڪريان، صباح جو سجود،
جيڪين نِي وجود، جيڪين ميڙ مَنيءَ ڪي.

( ٦ )

جيڪين ميڙ مَنيءَ ڪي، جيڪين مَنيءَ مارِ،
جيرو ٻنهين ڪنڌين، ٻنهين ٻارين ٻارِ،
ڏڪيءَ ڪي ڏيکارِ، هيڪر هوت آڪين سين.

( ٧ )

ڏسن ڏکان آکرو، سسئي! آئِ م شڪ،
نِيءَ ٻانهِي، پر اوٺيون، لڏ م، ٻسي لڪ،
ور ٻنهونءَ سين ٻلڪ! ڪوء ٻارهن ماه پين سين!

( ٨ )

هر دم هوت پنهونءَ جو، ڏسڻ پانئج ڏک،
ور پنهونءَ ساڻ پلڪ! ٻن ٻارهن وره ٻين سين!

( ٩ )

ٿور ويرمي ٿيءَ، وڃڻ ويرم نه سهي،
ڏيئي مرچ ڏونگرين، جتن ڪارڻ جيءَ،
هڏ نه هوندو هيءَ، ساه ٻريان تان صدقو!

( ١٠ )

آديون! ور آگهاڙ، وهانءَ جنهن وساريو،
جيڏيون! ڇڏي جاڙ، سڀ نڪيون ٿي نڪرو.

( ١١ )

سڀ نڪيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوڀ،
سپيريان سين سوڀ، نندڻ ڪندي نه ٿئي.

( ١٢ )

سڀ نڪيون ٿي نڪرو، پرهڻ ڇڏي ڀوءِ،
مهند مڙليان هوءِ، ڪهي جا ڪين ڪئي.

( ١٣ )

ڪهي جا ڪين ڪئي، پرينءَ نهتي سا،
وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وڃائيو.

( ۱۴ )

وصل تنھن وڃائيو، سينڌ سري سين،
سا لوڏي ليلان جين، مٽيون جنھن مٽ ڪيو.

( ۱۵ )

ھوندئان ھوت ٻري، اوڏو آڻ ھوند ڪي.
ساڄن تن سري، 'لا' سين لڌين جي.

( ۱٦ )

لائي خنجر 'لا' جو، ھن خچر ڪي ھڻ،
سڌن جيون، سيد چئي، وڻون سڀ وڪڻ،
پير ٻروڙي ڪڻ، ته ھلڻ ۽ ھوري وھين.

( ۱۷ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، ٻئي جريدي جوءِ،
ھوند جنين سين ھوءِ، ھوت نه ھوندو تن سين.

( ۱۸ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، مٺي! موسٽ چڏ،
'لا' سين آئي لڌ، 'ڪين' رسائي ڪيچ ڪي.

( ۱۹ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، ڳوريون ٻاسي ڳوٺ،
ڪيچ تنھين ڪي ڪوٺ، "ڪين" جنھين جي ڪڇ ۾.

( ٢٠ )

مورِنِ هاڙهو لنگهيو، ڪوريون ٿيون ڪمن،
هاڃي تنهن هڄن، ڏاران سڪ سيد چئي.

( ٢١ )

نڪا هتِ، نہ هتِ ڪا، ڪوريءَ سندي ڳالهہ،
ڪين ٻهتي مالِ، حالِ ٻهتي هوت کي.

وائي

هلُ هوتن ڪارڻ حالُ، شالُ سگهرِ ٿينديئن ساٿ جي!
ٻير پنهنجي پرينءَ لئي، ڪوڙ رتائين ڪالهہ،
شالُ سگهرِ ٿينديئن ساٿ جي!
چڙهندي سِر چوٽيين، لڪن ڪيڙس لالُ،
شالُ سگهرِ ٿينديئن ساٿ جي!
جي ڀايين جتن جي، ويجهي ٿيان وصالُ،
شالُ سگهرِ ٿينديئن ساٿ جي!
ٻري ٻپ وٽن ۾، وجهج ڪا وڙالُ،
شالُ سگهرِ ٿينديئن ساٿ جي!

ڪيچان آيو قافلو، ميين مٿي سال،
شال سگهر ٿيندين ساٿ جي!
ايندي بوءِ بوتن جي، تون جهلج ڀپ ڀال،
شال سگهر ٿيندين ساٿ جي!
جتي جمازن ڪي، جبل ٿين جنجال،
شال سگهر ٿيندين ساٿ جي!
پڄي پيادين ڪي، آت آرياڻي آحوال،
شال سگهر ٿيندين ساٿ جي!

## داستان چوٿون

( ۱ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڪرڻ ڪوه پيام،
آرڏا آري ڄام ري، ڪوندر ڪُذريام،
لکيون، لڪ لطيف چئي، اورانگهي آيام،
پرڻ پنهونءَ پٽ ۾، ايءَ سعادت سنديام،
مٿي ڪم وڌام، وهان تان نه وس پيو.

( ٢ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڏکن منهنجا ڏوهه،
هو اوچن ٻير آئن ٿي، هيءَ هنڌ پچاڙي پوهه،
ليڙن ري، لطيف چئي، ڪئن ڪريندس ڪوهه،
اکيان رائو سڄي روهه، وهان تان نه وس پيو.

( ٣ )

هلندي هاڙهو مٿي، ٻيسي ڏينديس ساهه،
لگن تان لطيف چئي، ٻاري نيم ٻاهه،
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس پيو.

( ٤ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڳسان تان م ڳسان،
لکن تان، لطيف چئي، رڙهي مان رسان،
پنهون شال پسان، وهان تان نه وس پيو.

( ٥ )

ٻائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سور سلان،
ڪٿيو لڄ، لطيف چئي، لکن منجهه لڄان،
ٻالڏي ڪير ٻچان، وهان تان نه وس پيو.

( ٦ )

وڏو ڪيم وٺاه! آونچا، ڏونگر ۾ ٿيو،
ٽمو ۾، نيٺاهه، تہ پير نهاريان پرينءَ جو.

( ٧ )

وارو مون وٺاهه، ڪا سڌ سونهن جي نہ ڏيو،
ايءَ اهائي ڳالهڙي، شجر سٽيجاهه،
جونيءَ چاڙهيجاهه، تہ موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

( ٨ )

وارو مون وٽراهه، ڪا سڌ سونهن جي نہ ڏيو،
وجهي وراڪن ۾، معذور ڪي ۾ منجهاهه،
منجهان پاڻ پياديون، هادي ٿي هلاءِ،
پريان ڪي پهچاءِ، تہ لڳي لونو نہ ٿئين.

( ٩ )

وارو مون وٽڪار، ڪا سڌ سونهن جي نہ ڏيو؟
آهي آسونهين جي، مٿي تو ميار،
وڙهيا ويراڳڻ سين، لڪن جا ليار،
ڪريان ٿي ڪوار، ڪنڌن، ڪانڊيرن جي.

( ١٠ )

ڪَنڌا مون پيرَن ۾، توٽي لَڪَ لَڳنِ،
آڳُر، آڳوڻي نَ مڙي، ڇپون پير ڇِنَن،
ويندي ڏانهن پِرينِ، جِتي جاتِ نَ پائيان.

( ١١ )

جتي مي پائيندِيونِ، جنين پير پرينِ،
لائيون سَپِ پرينِ، مَسَتي سَپِرينِ ڪي.

وائي

جيڏيون! جا جڙ لائِي، جِيءَ جتن سين،
سا مون سرتيون! سياڻيام: تنهن جٺو جال ڪيام،
جِيءَ جتن سين، جيڏيون!
مَهر جا مَين جِي، سنجهي هَٿ هيامِ،
جِيءَ جتن سين، جيڏيون!
صُبحِ سَنبي سَڪَ ۾، وِيسلي ويامِ،
جِيءَ جتن سين، جيڏيون!

هڪل هوت پنهونءَ جي، سڳر منجهہ سيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏوربندي ۽ ڏونگرين، نهر نوپ نيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪوڙين پال ڪريم جا، گنجي منجهہ گهريام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ستي سڳر ٻنيين، سِگهڙي سار لڌيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪيهون ڪوهن پنيين، ڪوڪون جمازان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
هوتائي همت ڪئي، پنهون پياديان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏکون، ٻکون، ڏاڪڙا، ڪارڻ جن ڪيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سوڏي ساءِ! ٻنڀور ۾، آڳڻ سي آيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!

## وائي

وِڄهي وِندر جي وٽن،

اي اوڏي آيس، جان پِريان جي پيچري،
جي تو اوڏا پانئيا، سي ڏونگر ڏور ڏسن،
مدي نہ هين من ۾، تہ ڪيچان ڪوہ آچن؟
سرڻ منهنجي ڪي ڪيو، هي پهہ پاروچن،
سونهن سگر پئين، منهن سعدورن،
وِندر وائي جا وهي، سون ڪي سا نہ ملن،
آئي پڌا اوئين، سوتي ڪي ميںن،
لاٿائون، لطيف چئي، لڏون سر لڪن.

## داستان پنجون

( ١ )

هٿين پيربن، مونڙئين؛ هلج ماڻ هينئين،
عشق آريءَ جام جو، نباهي نئين،
جانءِ جاڻ ٿي جئين، تان پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

( ٢ )

هٿين، پيرين، مونڙيين، ڪڇ پر ڪپار،
متان، چوري! ڇڏيين، پريتمي پچار،
توکي سند، سسئي! سندي لنئون لغار،
جي هوندي هوت هزار، ته پاڙج ڪوم پنهونءَ سين

( ٣ )

هٿين، پيرين، مونڙيين، ڪڇ پر قدام،
وچ وسيلو ناه ڪو، اوري آريءَ جام،
هينئين لائي هام، پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

( ٤ )

هٿين پيرين، مونڙيين، پري ڪج پرک،
قدم ڪيچ ڏئين ڏي، پاء وڏندي وک،
جي هوندي هوتن لک، ته پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

( ٥ )

هٿين، پيرين، مونڙيين، سرڄ ساه پساه،
هوت ڳڏيئي حب پر، رهبر مٿي راه،
جان جان ساڻءِ ساه، ته پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

( ٦ )

جڙ جا ھنيم جت، تنھن ڳجھي ڳاريم جندڙو،
آئي آندر ڪوڙيا، ڪوھياري ڪروت،
سور نِ ساڙي آھيان، سڪان ڪي صحت،
آندر ريلا رت، ٻاھر ٻاڦ نہ نڪري.

( ٧ )

تني ئڏي ڪاہ، ڪانھي ويل وِھڻ جي،
آسر ھڏ م لاہ، چنو ڳنڍڻ آن جو.

( ٨ )

تڏي تڪي نہ وھي، تني ڪري تاڻ،
وڏائين وڏڪارِ ، سيئي ٻاڻ سڪاڻ،
ٻچي ٻہ ٻکين ڪي، ٻيئي منڊ پرياڻ،
ڏنس ڏيہ وٺن جا، تن الله لڳ آھياڻ،
سان ٻرچيَ ٻاڻ، اچي آريائي وري.

( ٩ )

توٺي ولاڙؤن ڪرين، توٺي ھلين وِڪ،
لڪئي منجھان لڪ، ذرو ضايع نہ ٿئي.

( ١٠ )

لِکيو جو نِراڙ، سو آنگ ڪياڙي نہ ٿِئي،
ھاڙيو وِڃي ھاڙ، جيڪين لاٽن لِکيو لوح ۾.

( ١١ )

جتي جيترِيون، لِکيون لوح قلم ۾،
تتي تيترِيون، گھڙيون گھارڻ آئيون.

( ١٢ )

ڪيائين ڪيچين لئي، جسو جلاوت،
ڇڏي، ھِئي چپرن، ھاري سڀ حجت،
ھئي نمائي نِست، ھنڌ وِڌائين ھاڻ تي.

( ١٣ )

ھنڌ نہ ھنڌن جيترو، ڪٿن سجندي ڪيھ،
جيڪر ڪريان رِيھ، ھر چولدا منڌ چري ٿي.

( ١٤ )

چونِم مر چري ٿِيي، ھر جي سڌ سٿين،
مر منھين ڪي ڏِين، ماڙھو آچيو مھٽان.

( ١٥ )

ماڙھو ڏِيئي مھٽان، سون ڪي ڪندا ڪوھ؟
جنھن چوريءَ ۾ چوھ، سا ھِٿون ٿِيندي ھر تي.

### وائي

توڏن تان تہ تنواريو، منھنجو لالن واريو،
الله ڪارڻ، ميان اوٺيا!
شرف لھي سنئي، ڪنهن ڪي ڪم ڪاريو،
منھنجو لالن واريو.
ميندڙ مور ملير جا، چانگن ڪي سڀ چاريو،
منھنجو لالن واريو.

## داستان ڇهون

( ۱ )

آئون نہ گذي پرينءَ کي، ٿورا ڏينهن ٿيا،
راتين روز ويا، عبث آريءَ جام ري!

( ۲ )

آئون نہ گذي پرينءَ کي، سهسين سج ويا،
هلڻ وير هٿان، ديکي شال دم ڏيان!

( ۳ )

آئون نہ گذي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج،
آئون جي ڏيائن سنيها، نيئي پريان ڏج،
وجي ڪيچ چئج، تہ "ويچاري وات مئي".

( ۴ )

آئون نہ ڳڌي ڀرينءَ کي، ھويون ٽيو پساھ،
سکان ٿي سڪرات ۾، رويو ڀچان راھ،
شال م وڃيم ساھ، ڏاران ڀسڻ ڀرينءَ جي!

( ۵ )

آئون نہ ڳڌي ڀرينءَ کي، عمر تان ويٺي،
ولهيءَ ڏينهن وڃائيا، سرتيون! سيٺي،
ڀيريءَ ۾ ڀيٺي، آکيون آريءَ ڏي ڪٿي.

( ۶ )

آئون نہ ڳڌي ڀرينءَ کي، جوڀن ويو جاڙ،
آڏا آريجن کي، چاڙھيڪا ۾ چاڙ،
مون منيءَ ڪان نہ ٿئي، وڏ ڀڻ منجھ ولاڙ،
عمر سي آواز، ويم! ٿي واڪا ڪريان!

( ۷ )

آئون نہ ڳڌي ڀرينءَ کي، ھيءُ ڀڻ ڏينهن ويو،
نهوڙي ناين سين، مون کي نيهن نيو،
مٺي موت ٿيو، "ئي، پي" ڪندي پنڌ ۾!

(۸)

آئون نہ گذي پرينءَ کي، آيو عزرائيل،
جوراڻي سين جيڏيون، نڪو قال نہ قيل،
آيو موت دليل، ماريندو مراد کان!

(۹)

آئون نہ گذي پرينءَ کي، مٿان آيو موت،
واجهائيندي وره ٿيا، هڏ نہ گڏيم هوت،
جيڪس ٿينديس فوت، فنا هن فراق ۾!

(۱۰)

ولاڙيو وٿين چڙهي، ڪِجهن ٿينهي ڳاه،
مسئي سوريءَ چاڙهيو، پريان لئي پساه،
هو مرون، هيءُ ماه، ڪين ڪميٽيءَ رکيو.

(۱۱)

ولاڙيو وٿين چڙهي، رئي پسيو روءِ،
وچان جو وِڄ پوءِ، سو ڪنهن پر ڪهي لاهيان!

(۱۲)

ولاڙيو وٿين چڙهي، آنچن مٿي آڄ،
لالن ڪارڻ لڄ، ٻاسيائين بردار جي.

( ١٣ )

وِلاڙيو وٽين چڙھيو، ڏيو ھٿولي لانگ،

ٽاريءَ ٽاريءَ چانگ، نسبيءَ، سور ھجن جِئَن.

( ١٤ )

وِلاڙيو وٽين چڙھيو، ڪي جو ڏنائين،

موت ۾ ماريائين، ھاڻ تنھين جي ھٽ ۾.

( ١٥ )

وِلاڙيو وٽين چڙھيو، ھِسو! سڳھ سندياس،

آڏيءَ وڃيو آڪڙي، لکو ھِي نہ ماس،

موئي سو سيٽاس، ھري ھڙاڏا ڪري.

( ١٦ )

وِلاڙيو وٽين چڙھيو، ڏاڍو ڏوري ڏور،

سپيرِيان جي سور، ھري ھڙاڏا ڪري.

( ١٧ )

ھري ھڙاڏا ڪري، اوري نہ آھي،

ڪمترِ ڪا ڪاھي، ھھڇي ھن ھنيءَ ڪي.

( ١٨ )

رڄنِ ۾ رڙ ٿِيي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ،

ولولو ۽ ووڪ، ايءَ تان آھ عِشق جِي.

( ١٩ )

رڃنِ ۾ رڙِ نِي، ڪر ڇتونءَ جي ڇانگار،
ايءَ عِشق جي آڪار، نعرو آهي نينهن جو.

( ٢٠ )

رڃنِ ۾ رڙِ نِي، جهڙي ڪري جوءِ،
ايءَ نہ عورت هوءِ، ايءَ تان آهہ عِشق جي.

( ٢١ )

رڃنِ ۾ رڙِ نِي، ڪر ڪرڪي ڪونج،
نعرو منجهہ نِڪونج، ايءَ تان آهہ عِشق جي.

( ٢٢ )

رڃنِ ۾ رڙِ نِي، ڪر سارنگيءَ ساز،
اي عِشق جو آواز، ماڙهو رکن ننڊ تي.

وائي

هيءَ گهايل هِڏ گهوري، وو! آلا مِيان! ڪيئي مون نہ سگهيان.

عِشق آريءَ جام جي، هيءَ جهونڙي هڏ جهوري،

وو! آلا ميان! ڪيئي مون نہ سگهيان.

رهي جا رَڃنِ ۾، سا چپر چڏيو م چوري،
ووا آلا ميانْ! ڪيڇي مون نہ سگهيان.
آديون آريچنِ لئي، ڏونگر نينديس ڏوري،
ووا آلا ميانْ! ڪيڇي مون نہ سگهيان.

## داستان ستون

( ۱ )

مري، جيءَ، تہ مائين، جانب جو جمال،
نئين هوند حلال، جي ٻنهِ اِها نِي پاريين.

( ۲ )

مرُ، تہ موچاري نئين، آجلان آڪي آڄ،
جانْ ڪينْ هئين ٻمري، تہ منڌ ٻنيوران ٻچ،
ٻنهونءَ ساڻ ٻهڄ، تہ ملڪالموت مائين.

( ۳ )

مرُ، تہ موچاري نئين، جمُ آڏو جت،
هاري ڪرِ همت، تہ ڏيئي دم دوس لهين.

(۴)

مَرَ، تَہ سوچاري ٿِين، وِيھي وِجھہ ۾ وِير،
دِل ۾ آڻ ۾ دوُر تون، ڦِرَڻ سندو ڦِير،
توٽِي لھِين نہ پِير، توءِ راحت آهِ رڙهڻ ۾.

(۵)

مَرَ، تَہ سوچاري ٿِين، وِيھي جِي ۾ جوءِ،
مَنڌا مرٽا ھوءِ، ھَچَندئن ھَنھونءَ کِي.

(۶)

آجلان اکِي، سَسُئِي! مَنڌَ، جِيرِيائِي مَرُ،
تولَثان تنھن ۾ تَرُ، جنھن رُوح وِڃايو راهہ ۾.

(۷)

مرَٽا آگِي جِي مَٺا، سِي مَرِي ٿِين نہ مات،
ھوندا سِي حيات، جِيٽان آگِي جِي جِيا.

(۸)

جِيٽان آگِي جِي جِيا، جُڳ جُڳ سِي جِين،
آءُ مونِي ڪِين مَرِن، مرٽا اکِي جِي مَٺا.

(۹)

تو ساماڻِي، سَسُئِي! مَرَڻ ڪِيو مُردار،
ڪَپرِ سِين ڪوھِيار، لونِي! تو لَڃائِيو.

(۱۰)

اوُنچو آتاھوُن، گھٽوُن، جيَن کي جبلُ،
مَرَڻ! موُن سين ھلُ، تہ پَڻِيءَ تو پَندَ ڪريان.

(۱۱)

تو مَگَ، ساہ! گھٽَن سين، جيَن! گوشَي جاءِ،
مَرَڻ! موُن سين آءُ، تہ پَڻِيءَ تو پَندَ ڪريان.

(۱۲)

وَڏا طالِعَ تَنِ جا، جي مارَڪَ مَنجھِ مَرَنِ،
پِيوُن چاڪي ڪَنِ، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.

(۱۳)

سَڏَ سَچائي پرينءَ جو، واڪي جي نَہ وَرَنِ،
ڪَچاڙي ڪي ڪَنِ، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.

(۱۴)

مَيِين جي مارَڪَ ۾، چِپرِ چَلِي جي،
تہ قَدرُ ڪيچين کي، ھوُندَ ھوءِ تَنھنجي پَندَ جو.

(۱۵)

پرِ ۾ پَچِي پرينءَ کي، مري نہ چاتوءِ،
"مَرُتَوا"، مَندَ نہ سوءِ، ڪَندَ ڪَچاڙِيان ڪاتِيين.

## وائي

وِهُه مَ واتَ وِرچِي، هوا آلا مِيان!

جِئَن کَهَندِئُن تِئَن لَهَندِئُن.

کَنين آچِي کا کَهِي، کَنين آچِي کا چئي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

آمَلَ پانيان آن کي، ساجَن مون کي جا چئي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

ٻيرَ ٻَڌائين ڪونشرا، رائي ڪِيس رچِي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

مَنهن ڪَرِ معذورن ڏي، ٻنهون چام! ٻرچِي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

مون کي تِنهين ماريو، جِتَن جا چِئي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

وِنڌر وائَرِين ٿِي، ڪانڌي ٿِيندمِ ڪيچِي،

جِئَن کَهَندِئُن، تِئَن لَهَندِئُن.

# ديسي

## داستان پهريون

( ۱ )

مَنِيس! جهل مَهار، ڪَنِيس! ڪاه ۾ ڪَرهو،
مُون لِمائِيءَ جي نِجهري، پيرو ڪِج پتار،
ساجن توهان ڏارَ، ڏِنَمِ ڏِينهن قيام جو.

( ۲ )

ڏاگهن، ڏيرَن، ڏونگرن، تنهين ڏِنمِ ڏُک،
سي سڀ پانيمِ سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

( ۳ )

ڏاگهن، ڏيرَن، ڏونگرن، تنهين ڏُک ڏنام،
لَڪَنِ لوساڻيو هينئون، چِپُن ٻير چنام،
رَندين رَت رَنام، ٻَرَندي ٻار پنهونءَ جي.

( ۴ )

ڏاڪهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڏي،
پچان پير پنهونءَ جو، وڃهان وک وڏي،
لڪئي آئون لڏي، نات ڀڃن ڪير پند ڪري.

( ۵ )

ڏاکها ڪير ڏرو، آڇا آريائي آکي ٿيو،
موڙي مڃر ٿاريون، چانگا ٿا چرو،
آن تان حرف هرو، موڙائين معاف ٿيو.

( ٦ )

اَڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاکها ڏٺمي ڏينهن،
وٺي مڙڪ سسئي، ويهه وهائيءَ سيئن،
چونئي سين چانگن کي، جڙ زنجيرن جيئن،
تہ هوت تنهنجو هينئن، پنهون نيائون نہ پاڻ سين.

( ۷ )

اَڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاکها ڏينهن ڏٺاءِ،
ڪنجون جي قفلن جيون، تان ڪنهن لل لڪاءِ،
تہ سيائي سندياءِ، ٿئي ساروڻي سسئي.

( ٨ )

آڳوڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺئي آٿ،
ڏائيئي نہ ڏاڳهن کي، اوڪِي ساڻ آڪٿ،
تہ هوند نہ تنهنجي هٿ، سور پرايا سسئي.

( ٩ )

آڳوڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺئي توڏا،
ونڪيئي نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا،
تہ لڪن جا لوڏا، هوند نہ سٺئي سسئي.

( ١٠ )

ڏاکهڻون ڏيرڻ، جي آندا پرد پنور ۾،
هٿي چيل چرا ڪيا، وہ پٺي وهڻن،
ڪڙيءَ ڪڙڪو آن جو، هوند سٺي سو سين،
ڏاندن ساڻ سيد چئي، پيادين پهچن،
جن جو پير نہ لڳو پٽيين، تن آير ساڻ آئن،
ڳنگن ۾ جنگن، منڌ آسونهين ميڙيين.

( ١١ )

آکي آٿ رڙن، سون پيري ساٿ ٿيي،
پلاڻيندي پاڻ ۾، ڪڇيو ڪين ڪنن،
ڪا جا سام منن، هن پڻ هٿي هن سين.

( ١٢ )

ڇا جي ڏنگا ڏير، مُنهنجو ڏينهن ڏنگو ۾ ٿئي،
آئِن، اونيڙنِ جي، ڇا وهيٽو وير،
هيءُ ڪميڻي ڪير، جا آمر ڪي آڏو اچي.

( ١٣ )

ديسي سين ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين،
لڏيو، لاڏوڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
پڇاڻا پرين، ڪجي پس پيور ڪان.

( ١٤ )

ڏرياڻين ڏاريان، مت مٿيءَ جا نہ ٿيا،
مدي ڏيرنِ من ۾، ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان، تہ آٿ نہ اوطاقن ۾.

( ١٥ )

آٿ م اوري آڻ، ڏاگهن ڏڏي آهيان،
هٿي هٿ هين ڪي، پري نيٺي پلاڻ،
هوت منهنجو هاڻ، پنهون نياڻون پاڻ سين.

( ١٦ )

جتا! شالَ جِيوا جِيو تان جاڙُون ڪريو،
پانيِ کي پروچ رِي، پِلي لاهِ پيو،
چنو تان نَ پِيو، هِي سگھ نَ چنڻ جيهڙو.

( ١٧ )

جتنِ جا جيلان، تِي سات پچائي مسئي،
آيَس آريءَ چام جا، تڙ تونڊا تيلان،
اَن کي لاڪيليون نڪنِ ۾، ڏهريون دِليلان،
مرِ هٽيو سيلا، لايو نينهن نندون ڪرين.

( ١٨ )

جتن ڪج جتنِ جو، آئيا کي اِيندا،
ولِي پنهون پانهنجو، وتان تو ويندا،
دمُ نَ دميندا، سڏاريندا سائيه ڏي.

( ١٩ )

جت هڏهين هتِ، سون هتِ هينئڙي ۾ حلَ ٿيا،
چنگل جنين چوقرا، راحت تن جي رت،
ڪنگنِ جي ڪپت، چيڙي وڏيس چهرين.

( ٢٠ )

جتنِ وڏيسِ جارِ، نات ھيس نماڻي نڪتي،
ٽيڙا پاڻ قرار، مون من گڏي گوندرين.

( ٢١ )

جي چاڻان جتنِ، پوءِ ڀانئدر ھيترو،
آءٌ ڪٿن ملا تنِ، سرتيون سور ڀرائيان.

( ٢٢ )

ھي جي آيا ھيرِ، مون آڳ نہ ڏٺا ڪڏھين،
آئون ترسان، ھو تڪڙا، ھٿ نہ لائنِ پيرِ،
پنهوليسِ ڀرنِ ۾، ڀسي پيندينِ پيرِ،
آءٌ آرياڻي آسري، ٿي واھر جي ويرِ،
ھيءَ ڪميڻي ڪيرِ، تون ھارس رسج ھب ۾.

( ٢٣ )

جتنِ يارانون، ڪيڇين مون سين ڪونہ ڪئو،
ناڻي سيسِ ھوت جي، مٿم ھارانون،
تيلاھين طعنون، ڏيندا سون ڏير ويا.

( ٢۴ )

گورا وَجَنِ گامَ، ڏيرَنِ سَندا ڏيهہ تِي،
توڏَنِ جيون تَڙپيڙ ۾، تريون ترڪن تانءَ ۾،
اونيڙا آرامَ، لنگهي ٻَپَ ٻري ٿيا.

( ٢٥ )

گهَه سِرِ نِئي ۾ گسَ، پٺي پوءِ ۾ پرينءَ تِي،
جِنهن سِرِ ساجن سُپرين، تِنهن آٽَ ۾ لَڳي آسَ،
پَنهون پاڪ پرسَ! هوتَ نَہ ڪجن هيڏيون.

( ٢٦ )

آسَ ۾ لَڳي اوٺيين، ليڙان لَڪَ ۾ لَڳ،
اَللهَ! آريچنِ کي، ڪوسو واءُ ۾ وَڳ،
جَتَ جَجها ۾ جَڳ، مُنهنجي پرت پَنهونءَ سين.

( ٢٧ )

لَڏيندي لِباسَ، جَتَن جيڏوئِي ڪيو،
آچي آريءَ چامَ جو، وَٽَ وَٽَ منجهان واسَ،
سِرون کِينم ماسَ، هَڏَ هَلَندا هوتَ ڏي.

( ٢٨ )

آٺ ويري اوتار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنھونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن اُلهي ڪي آوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سوان نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇاون ڪريان ڇپرين.

وائي

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيچين ساڻ،
متان ڪا ٻي لنؤن لائي!
آئون ستي، هو هليا، وڃرا ڪرهل ڪاهي،
متان ڪا ٻي لنؤن لائي!
آسون آڪيان آن جي، "ٻر ٻرا" ڪيو ٻاڏائي،
متان ڪا ٻي لنؤن لائي!
ڇتر ڏيئي چت ڪي، وڃرا هوت ڇپائي،
متان ڪا ٻي لنؤن لائي!
جيڪا هين سن ٿ، وڃرا پنهنجي پچائي،
متان ڪا ٻي لنؤن لائي!

## داستان پيو

( ١ )

اَڄ ٻہ وسائِي اوتيين، متي مارڪ ماڪ،
پنھون نِيائون پاڻ سين، تاڙيون ڀڃي طاق،
"هَيْهاتَ هَيْهاتَ لِما تُوْعَدُوْنَ" سچي نبي اوطاق،
چڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

( ٢ )

مڙي مَنڌ ڏي آئيون، ساهيڙيون سهجان،
"اَلسَّفَرُ قِطْعَةٌ مِنَ النّارِ"، هاري! موٽ هتان،
سڳ صِراطَ الْمُسْتَقِيْمَ جو، اِنئي تان آکيان،
سي ڪيچي نيندءِ ڪِٿان، تنهنجو نيڻهن نفاق سين.

( ٣ )

جڏان ڪُنْ فَيَڪُوْنَ چئي، نيو آريائيءَ ارواح،
آنگ آکهين لکيو، منهنجو ميثاق،
"مَنْ طَلَبَ شَيْئًا وَجَدَ وَجَدَ"، آتو علي شاه،
آڄا هن حديث جو، مون آسرو آه،
پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موت مباح،
سرتيون! دعا ڪجاه، ته ميڙائو مون ٿئي.

( ٤ )

صبح سياهي، آهي آريءَ ڄام ري،
ڪڏهن پسي ڪا، ڪا، ري لالن لالائي،
دود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي،
"من لا شيخ له فشيخه الشيطان"، اِن ري آونداهي،
هوءَ ڄا هلي هيڪلي، سا گيرب گمائي،
"بلا شيخ من يمشي في الطريق"، اهڙي آوائي،
تنهن ري توائي، ڪوڙين ٿيون ڪيتريون.

( ٥ )

ٻر وڏو، بار گهڻون، ويجهو نه وٽڪار،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪنيو منڊ مدار،
وٽندن ته وڙ ڪندا، نات آڪين جي اختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هٿ ڪٽي.

( ٦ )

ڪيڙيي ڪيچاين، ڳورا ڪس هلائيا،
لڙيو، چڙهيو چوٽيين، ڪريو ڪوه ڪڙن،
سونهن جي سردار سين، سي توڏ م ترنجن،
لطف ساڻ لطيف چئي، لنگهيو بر ہوتن،
تن کهڙو غم گنگن، هوت حماتي جن جو.

( ٧ )

جاکَاڻي جتنِ، گورا گَس هَلائيا،
ڀڳتي ري ڀهاڙ ۾، آٺ م آگهنجن،
لَتاڙي لَطيفَ چئي، لنگهيو بر بوتن،
تَن ڪهڙي ڇڪ ڇانگن، هوتَ حماتي جنِ جو.

( ٨ )

ڀِني ٿا ڀرينِ، سائين سندِ هٿن ۾،
ليڙنِ جو لَطيفَ چئي، مون کي منجهه نہ ڏينِ،
هوتَ ڀنهون ٿا نينِ، آسونهيءَ جو آڄکو.

( ٩ )

اوکَارِين نہ آنرا، ڀِڏا چرنِ نہ ڀور،
ليڙنِ کي لَطيفَ چئي، هلڻ جو مذکور،
مينِ کي مامورَ، آهي آٺن اکِيين ڀنڊ جي.

( ١٠ )

دوڪ دَهليا جتِ، گورا هلنِ نہ گس ۾،
ڇوُ سال ٿي نہ چلئا، ٿي تنگ نِهاري تتِ،
سوڌي آنهين سيد چئي، پوءِ پانچارئن پرتِ،
اِن آڙالکي ڀنڊَ جي، ڪا ليشنِ پوءِ نرتِ،
مسئي وڏي ستِ، جا اهڙيءَ پر پنڊ ڪري.

( ١١ )

پنهِ نا پَلاڻينِ، اوڻِي آجَ آيَڪَڙا،
پهَ، پارسِيون پاڻَ ڀ، ڏيرَ ڏيهاڻي ڏِينِ،
هوتَ پُنهونَ نا نينِ، پاروچِي پولِي ڪيو.

( ١٢ )

پنهِ نا پَلاڻينِ، اوڻِي گهٽون آپاهرا،
هوءِ جي هَلَڻَ سَنديون، ڳاهون ڳالهائينِ،
ٻون ڪي نا مارينِ، سَجڻُ سانباهِي ڪيو.

( ١٣ )

"هَٿِي هَٿِي!" ڪيو "هاءِ!" ٿِي پاڻَ هَٿِي سِرِ پاهٽين،
لَڏائين لَطيفُ چئِي، جتَنِ سندي جاءِ،
شڪر بارِ سنداءِ، جٿَن سَناٽِي ساتِ مِڙِي.

## وائي

لالَنَ آيَڙو پِيهِي، وِنَڙا سَورَ سِيئِي،
جِيسِ جِيسِ! وو جيڏِيونَ، مُنهنجو لالَنَ آيو پيهي.
ڳالهِيونَ ڪنديسِ ڪِجهيونَ، مُنهن مُقابِلِ وِيهِي،
جِيسِ جِيسِ! وو جيڏِيونَ.

ڪتوريءَ بار پري، آيو ڏونگر ڏيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
سرڪشي سردار سين، سون ڪميٽي ڪيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
هٿي شڪستي سيٽي، راز پنهونءَ جي ريهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.

## داستان ٻيون

(۱)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ڪرها م ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، آڳاڻو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، متان منهنجو سپرين.

(۲)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ليڙا نيو م لڙ،
نيو نماڻي پاڻ سين، پانهيءَ جهلي پڙ،
سون ڪي ماري منجهه ٿي، سندي هوتن هڙ،
ڪچو لائيان ڪڙ، ڪيچان اوري جي وران.

( ۳ )

ڪيچان اوري ڪڍهين، ونءُ نہ ويساهين،
ڪميٽي ڪيچين لئي، پنورج پراهين،
تاڻيج تيڏاهين، وارج ڪام ورڻ جي.

( ۴ )

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون سيون،
وائون ويه ٿيون، ڪہ چاٽان ڪيهي ويا.

( ۵ )

الا! آچن آوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پر ڪهين، جتن سندي جوءِ،
انگهي لڪ، لطيف چئي، سٽيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ، جي سچاٽان سات ڏٿي.

( ۶ )

ڪيچان آيو قافلو، عطر آنداٿون،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، ونءُ ترءُ واسياٿون،
پسنديئي پنهونءَ چام ڪي، وسريون وچاٿون،
خيما ڪوڙياٿون، وريو بخت پنهور جو.

( ۷ )

ڪيچان آيو قافلو، ساتَ ڏِنِي سَروانَ،
وار وَڏِي واڳون ڪَريان، پَٽان هُوندَ هلاڻ،
جهِڙو پَنهون پاڻ، تهِڙي سِنّا سات جِي.

( ۸ )

ڪيچان آيو قافلو، طَرحَ موچاريءَ توڏِ،
سِينگارِ بائون سَيدَ چئي، ڪَرها منجهان ڪوڏِ،
لَڪ لهي تِي لوڏِ، جِيجان تَنِ جَتَنِ جِي.

( ۹ )

ڪيچان آيو قافلو، جَنگ سونهاريءَ جوڙ،
تَليارا توڏَنِ کي، ڪِچيءَ سولهَنِ موڙ،
دولَتَ چايان دوڙ، جي مون نيو پاڻَ سين.

( ۱۰ )

ڪيچان آيو قافلو، راتِ موچاريءَ روءِ،
بوتي ۽ بَلوچ جِي، رِڙهي پَسان روءِ،
لنگهي لَڪ لَطيفَ چئي، پچان ڪيچين ڪوءِ،
کولي ٽِيان گُلبوءِ، جي مون نيو پاڻَ سين.

( ١١ )

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پايان،
پٽي جا پيرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون ليو ھاڻ سين.

( ١٢ )

ڪيچان آيو قافلو، چامن سند چام،
پسندي پنھون کي، آکن ڪيو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نيو ھاڻ سين.

( ١٣ )

مزمانن مھري، آئي جھرڪيا جھوڪ ۾،
چانئي چنبن ۾ ويا، جئن ھاز سئي بحري،
ڪوھيارو ڦھري، ويو نھوڙي ننڊ ۾.

( ١٤ )

ڪيچي ڪالھ ڪھي ويا، آديون آڌيءَ رات،
جاڳان تان جيڪين ٿيو، وماٽيءَ ھريات،
ڦوڙائو فقير کي، ڏنو جتن ذات،
رفيع الدرجات، پرمل پنھون ميڙيين.

( ۱۵ )

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ڀري ويا ڀٽ،
ساه جنهين جي سٽ، وڪيم تني وٽڪار ۾.

( ۱۶ )

مون پانيو مزمان، هميشه هوندا پرين،
کهي ڪميٽي هليا، ڪهل ڪيائون ڪان،
ڏيئي ويا ڏاه ڪي، سورن جا سامان،
جورو رات جوان، جيڏيون جت ڪري ويا.

( ۱۷ )

پانيم جي مروان، چلائيندم چپرين،
ڪانيم هوند ڀلاڻ، آڻ گڏايم آن جا.

( ۱۸ )

سانيڙن سوير، آئي آڻ جهڪائيا،
هينئن نه پانيم جيڏيون، نه ڏاڍي ڪندا ڏير،
آئيس آئون آوير، ڪري سچ سنجهي ويا.

( ١٩ )

جهوڙا جن جهانَ ۾، هيري لک هزار،
لڳا واٽ وٽن جا، ننهونءَ کي ٻالار،
آن کي ويندا گڏيا، اِهڙيءَ ست سوار،
لنگهي کاله قطار، تون، اَئِي اَج نهارئين.

( ٢٠ )

کاڏي منهن مکران جو، کاڏي کيچ ٿيو،
هڙو سات پنيور تان، کڏهين کونه پيو،
کوهيارو کام هٿي، چوري چت ويو،
جنين جت نيو، تن اَئن گهوري آهيان.

( ٢١ )

بره مٿايس بر، نات سگهي کير سڌون کري،
گهڻون ڏوريان ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آيس ور، سفر سي جا ساب پيا.

( ٢٢ )

ور ۾ کونهي ور، ڏيرن ور وڏو کيو،
نهاريندي نڪئي، بوتن کارڻ بر،
آڏو نڪر نر، متان روه رتيون ٿيين.

( ۲۳ )

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾، لَڪِين آڏا لَڪَ،
هو جي آڏا حَقَ، مي ڪَندا ڪوهُ ڪَٺي ڪَي.

## وائي

هوت! نَ پانيِمِ هينٿُن، آئون جا ماري، سَجَڻَ تَنهنجي نينهَن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.
لَڪون لَڳِنِ ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.
عِشق آريءَ جام جي، ڪيس لِمائي نينهن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.
جهونڪار ِيندي جهنگ ۾، ڏونين ڏڏوي ڏينهن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.
آنُ جا ڇڏي ڇپرين، ڪيچ رسندي ڪيٿَن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.
ولهيءَ هِتِ وسائيا، سندا محبت مينهن،
وا! ڇڏي تون کو ڇپر وِيندين.

## داستان چوٿون

( ١ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، آرِيچا آظلام،
آنڌائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغام،
پَهَ ڪيائون پاڻَ ۾، مونهان مخفي مامَ،
سنيوڙا سات ڪَٽِي، وِيسا هي وَرِبام،
ڪاڪيون! راتِ قيامَ، جيڏيون! جَتَ ڪري وِيا.

( ٢ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏِنگِي،
مون وِلهِيءَ ڪِين وِنگِي، مام پروڙي منجهِ جِي.

( ٣ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، هاجون هوتَ ڪري،
آڏيءَ آئي هَليا، سِچون شهرَ ڏري،
هِيءَ ڏُکِي هِتِ ڏَري، هوءَ وَڃِي ڪيچِ قرارِيا.

( ٤ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، جابِرَ ڪَري جورَ،
بيدي نِيو پنيورَ، حشَرَ ڪري هَليا.

( ٥ )

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرَ،
هاڻِي ٿِيو حشر، پنهنجو قول قيام جا!

( ٦ )

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏيرَ ڪَري ڏورو،
ساجَنَ ري، سرتيون! آتَڻَ آڏورو،
نِي سين نِسورو، حشرَ ڪَري هلِيا.

( ٧ )

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، جوري سين جابِر،
صبر ڪِئِن صابِر، آچِي عجيبن ري.

( ٨ )

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهِيءَ پِنيا ڏيرَ،
ڏِينديس ڏاڍِين ڏونگرِين، اَنهِين لِئِ آليرَ،
ڪيچ پهچِي ڪيرَ، وِجِهَ سين وَس ڪَريان.

( ٩ )

سَنجهي مون نه سَنياليو، تہ ڪي اونِي ڪَندا ايئن،
ڪَهِي ڪَمِيٽي ڪِئِن، جَڏِي رات جتن ڪِي!

( ١٠ )

سَنجهي مون نہ سَنڀاليو، صُبحَ سارِيمِ سورُ،
جَتنِ لاءِ ضرورُ، گهٽا گهارِيمِ ڏينهڙا.

( ١١ )

سَنجهي مون نہ سَنڀاليو، صُبحَ سارِيمِ سورُ،
آڏيءَ رات آڌَميو، ڏِينَ پلِٽيو پورُ،
جَتنِ جي ضرورُ، مادَرا ماري آهيان!

( ١٢ )

سَنجهي مون نہ سَنڀاليو، مارِيس سور صبوح،
نيڻ هيرائِي ننڊ سين، جَتنِ لَنگهِي جوءِ،
هاجو ڪري هوءِ، آڏيءَ راتِ آئِي ويا.

( ١٣ )

آڏيءَ آوءَ آئِي وِيا، ڪَر رَکيائون ڪيچ،
پاروچاڻي پيچ، منهنجو مَن مَنجهائيو!

( ١۴ )

جڏيءَ وِٽ جالِي، مانَ لِلهِ ڪارڻ لِڪَ سينءَ،
آهي آريءَ ڄام جي، هِٿ هِٿ حوالِي،
عيبَ مون ۾ آگرا، مانَ نرمَلَ نِڪالِي!
ہرِنياڻي پالِي، ڪامِلَ نيندو ڪيچ ڏي.

( ١٥ )

پرينِ ڀالياسِ، ڀانيءِ ڀينِي آهيان،
حسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڌياسِ،
جانڪينءِ تان جيندياسِ، پس ور وصال جي.

( ١٦ )

ڀرِنِ جي ڀاڙي، جاڙ گڏاريم، جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو، سورنِ سين ساڙي،
ارادي آئي، سانگين سين سگ ڪيو.

( ١٧ )

آسين ڀاڻ ڀرٽ، پورهيت پنهونءَ چام جا،
هوت ڪٿوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ ڇٽ،
آتڻ منجهه آگهٽ، ڪانڌ ڪهين جي ۾ ڪري!

( ١٨ )

گڏيو ڏوهين ڏوءَ، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
آئي آريءَ چام جو، قاصد آيس ڪوءَ،
"اِيءَ ڪامل ڪم نہ سندوءَ، جڻ پهس پچاڙيين ہوتيين."

( ١٩ )

نکو کيچ پنيون، نکو مائٽ منڌ جو،
هور مڙوئي هن کي، هوتن کونهي هور،
زاريءَ ڏاران زور، هلي کونه حبيب سين.

( ٢٠ )

چوري، ندوري، نکو مائٽ منڌ جو،
سوين هلن سات ۾، کميءَ کوري،
آئون پڻ آهيان آن ۾، لنگهيءَ لوري،
لنگهائيين، لطيف چئي، ٽرن جا ٽوري،
آهيان آزوري، تنهنجي جوري جبل لنگهيان.

## وائي

ڇا کي ٿا کره قطاريو، ووا مون نماڻيءَ تان کي نه ڇيو.
الله ڪارڻ اوٺيا، آئين واڳ وٺي ور واريو،
ووا مون نماڻيءَ تان کي نه ڇيو.
رهو رات پنهور ۾، تان کا گهڙي هت گهاريو،
ووا مون نماڻيءَ تان کي نه ڇيو.

سڪي جنهن سڱ ڪيو، تنهن معذور ڪيءَ ماريو،

ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇهو.

سائينءَ ڪارڻ، سپرين! دوست درسن ڪاريو،

ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو

موڙي مجر ٽاريون، چانگن ڪي آئين چاريو،

ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.

آيري عبداللطيف ڏي، واڳ ونهيل آئين واريو،

ووا مون نماڻيءَ تان ڪي نہ ڇيو.

## داستان پنجون

( ١ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، مٿي واٽڙين،

ايندا مان ڀسن، اوڻي آريءَ ڄام جا.

( ٢ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، ڪيڇين ڪارڻ ڪالهہ،

ايندا ڀسان شال، اوڻي آريءَ ڄام جا.

( ٣ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، اوتين ڪارڻ آج،
پنهونءَ چاڙا پهچ، ته، آري! اولون نہ ٿيان.

( ٤ )

نيڻ جي نهارين، سي آج نہ اوتي آئيا،
هنجون نہ وسائين، پاڻي پنهون چام ري.

( ٥ )

نيڻ نهاري منهنجا، روئي ٿيا رت،
پنهون هوءِ پهت، تہ پاري نين پاڻ سين.

( ٦ )

نيڻ نهاري منهنجا، رت ٿيا روئي،
ڏکن جي ڏوئي، آهي هٿ آسوٺهن جي.

( ٧ )

آج آڳڻ ڪيٽان، آسر لڳي سوريان،
ڏونگر ڏينهن لڳان، مان ورڪن سپرين.

( ٨ )

ڏونگر لڳن ڏينهن، مان ورڪن سپرين،
ڪيس نمائي نينهن، آيل! پاروچن جي.

( ٩ )

نيڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿيا،
جي هُتان هوت ويا، سي آڇن ته آڇي ڏيان.

( ١٠ )

جتن سو هرڻ هماءَ، سرگردان سنسار ۾،
هيءَ هڪ نه ڪوڙي ٿيين، هو ڏرَ سِرِ ڏري نه ساهه،
جيڪس تن ملاءِ، مسئي سور پرائيا.

( ١١ )

رات ڏٺائين روجهه، ڀانءِ ڪ اوٺي آئيا،
ڀريتي ڀرين جي، سڪڻ ڪي سوجهه،
هٿي گهٽون آبوجهه، سورن سوٺهائي مسئي.

( ١٢ )

روجهه ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توهه تنين جي تات،
باروچاڻي ذات، منان مي نه وسري.

( ١٣ )

جبل ۾ جانار، سره گذ ٻئي مسئي،
ٻنيءَ هوءِ پوارئي، باٻڻ جي باڪار،
هوتاڻي هيڪار، مؤلا! مون کي ميڙيين.

( ١٤ )

سره گڏبئي سسئي، سوڙهي منجهه سبيل،
ڪاهي رسندا ڦهرَيا، جت تڪڙا سين تعجيل،
آريائي آصيل، آت پيادي ڪي پهچ تون.

( ١٥ )

سمر جنهين نه ساڻ، هوت حماتي تن جو،
ڪري چيچ چپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٿيندي ريجهه رهاڻ، لحظي منجهه لطيف چئي.

( ١٦ )

پسي سي سرهي ٿئي، جي مين لنگهيا مس،
تت تنهن کي نه ڪو، لڪ مڙيئي لس،
حب جنهين کي هوت جي، وندر تنهن کي وس،
سندي چانگن چس، پير ٿرندء پٻ ۾.

( ١٧ )

سسئي لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا،
جبل وڏو جو، اوڻ مڙوئي نينهن کي.

( ١٨ )

جَبلَ ماري جڪ، جو آڏو آريچن کي،
توٽي لڪن لڪ، سپ لنگهينديس سِڪ سين ۔

( ١٩ )

جَبلَ جيڏوئي، جو آڏو آريچن کي،
وئي وڙ واٽ ويا، برفت بروهي،
رڄن ۾ روئي، پسان شال پنهونءَ کي.

( ٢٠ )

جَبلَ سڄن جال، آڏا آريچن کي،
هاڙهي ڏانهن هٿ ڪئيو، ڇپر مڙان شال!
ڪيچي ويڙهم ڪالھ، تي ئي ڏونگر ڏوريان.

( ٢١ )

ڇپر ڇمر پائنيان، ڪانيو ۾ ڪارو،
پٻ وجهنديس پٽ تي، صبح سوارو،
وڄڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.

( ٢٢ )

ڪين وهنديس وچ ۾، هلنديس ڪري هاءِ،
ساڄن سندي ساءِ، ڏونگر ڏورڻ مون پيا.

( ٢٣ )

چپر ۽ چمر، تا لڳهہ لڳن پاڻ ۾،
آڏا ڏونگر ڪرڪرا، ويڙ، ونڪايون، ون،
آئون پيادي پنڌين، نماڻي، نڌر،
سوريون جت سگر، آت پاتاڙيءَ پيلي ٿيين!

## وائي

هينئڙو ٿو هن ساري، منهنجو ساهہ سيد کي ٿو ساري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي.
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
هوتن هلڻ سن ۾، ڪير ڪهڙي هت ڪهاري؟
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
آسر پري آهيان، مان واحد آئين واري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
پنڌ آڙانگا پنڌين، مون کي ڪوهيارو ٿو ڪاري،

جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون کهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

سچو سخن سپرين، مان پنهل پنهنجو پاري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون کهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

چيرو آندر چندڙي، ويو پاروچل پاري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون کهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

وڏا ڪم ڪريم تي، هن ويچاريءَ واري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون کهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

## داستان ڇهون

( ۱ )

آڏ تراڇا، آهڙا، ڏاڪا ڏونگر کي،
هو جي ور وندر جا، مارِيندا مون کي،
هاڙهو هيٺيءَ کي، لنگهائج، لطيف چئي.

( ۲ )

آڏ تراڇا، آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا،
ڪيم آهہ عجيب کي، سڪ منجهان ساڪا،
پيئي هٿيڪي هوت کي، ڪوڪ وڃي ڪن ڪا،
منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.

( ۳ )

آڏتراڇا، آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا،
وِئي ور وات ٿيا، بر چڙهي بانڪا،
ڦٿيا پير فقير جا، چڙهندي چڙهاڪا،
هين جيءَ اندر جاڪا، ويا ڀڃائي ڀانهنجي.

( ۴ )

آڏتراڇا، آهڙا، وندر وراڪا، ور،
حب جنهين کي هوت جي، سا ڏوريندي ڏونگر،
ڀڃايين، ٻرور! لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ۵ )

آڏتراڇا، آهڙا، وندر وراڪا، واڪ،
آجهايس آئن جي، ڦوڙائي فراق،
ٻنهون ٻرمل ٻاڪا! واحد لڳ، وريج تون.

( ٦ )

آڏتراچا، آهڙا، ونگا ور واٽنِ،
جيرا، جگر، نڪيون، آريءَ لئي آٽنِ،
ڪسي ڪنواٽنِ، سنيوڙا سيد چئي.

( ٧ )

ڪوڏر نہ ڪاتي، جنهن سان ٽڪر ڏانڪيان،
جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاٿي،
پرين جا پاتي، سا جڙ جٺري نہ لهي.

( ٨ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪهہ گهٽي، جت بر پٽ، بيران،
ڏاهنِ ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ٿي حيران،
مستي لنگهيو. سيد چئي، محبت مين ميدان،
جنهن جو آريائي اڳوان، تنهن جي ڪانهي ڪاک بهيرہ.

( ٩ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪهہ گهٽي، جت واٽنِ تي واري،
آڏا لڪ، لطيف چئي، بر سجنِ باري،
جا منزلن ماري، سا، قادر! ڪيچ رسائيين

( ١٠ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪَهہ گهڻي، جتِ جبل گوناگون،
ليڙنِ جيون، لطيف چئي، تنگ تنواروَن پون،
جنِ ڏِٺو پير پنهونءَ جو، سي نہ ڪي رونِ نہ چون،
هوندَنِ مٿي هون، لاڳاپا هن لوڪ جا.

( ١١ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪَهہ گهڻي، جتِ ماترِ مٿاهين،
سجنِ ٿا، سيد چئي، آتِ مرون مهائين،
تون آرياڻي آهين، منهن معذورنِ جي.

( ١٢ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪَهہ گهڻي، جتِ ويا روڏا رنگائي،
ساڱاهي سيڻنِ جي، ٿِي وِلڙ واجهائي،
رهيس، رس، لطيف چئي، تنهن ڪميڻيءَ ڪاهي،
آرياڻي آهي، منهن معذورنِ جي.

( ١٣ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪَهہ گهڻي، جتِ رڻ تتو رائو،
تترِ ٿيي مَ تنِ ڪي، ڏونگر مَ ڏائو،
جڏهن چام پنهون جائو، تڏهن ٿِي وس وڪار مَ.

( ١٤ )

ماڻڪ مِٽ سَندومِ، آونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حَشر ويل حِساب ۾، ڇڏي نه ويندومِ،
سارِيو سڏ ڪَندومِ، ڪوهيارو ڪيچ ڏئي.

وائي

( ١ )

وِينديس ڪيچ ڪَهي، سيڻَن ساڻ سَهي،
وو! پيرا آئون جيِنديس تان نه جَتن ري.
وِهان ڪِڻن ماٽِ ڪري، هيڏو سور سَهي،
وو! پيرا آئون جِينديس تان نه جَتن ري.
هيڏي شهر پنيور ۾، سارِيان ڪونه سَهي،
وو! پيرا آئون جِينديس تان نه جَتن ري.
صبح ڏونگر ڏورِيان، ڪِنهن پرِ راتِ رهي،
وو! پيرا آئون جِينديس تان نه جَتن ري.

وائي

( ٢ )

ڳَهمان جال جَبَل، سِيان، جيڏِيون جانِب جَت لئي،
ڏورِينديس ۾ ڏونگرين، ڪَنديس آئون آچل،
جيڏِيون جانِب جَت لئي.

هيڏي شهر ڀنڀور ۾، رهان نا هڪ پل،
جيڏيون جانب جت لئي.
پنهون پاڻ نہ وڃڻو، ڪو مولهين ۾ ول،
جيڏيون جانب جت لئي.
اوڏي ٿيي، عبداللطيف چئي، هوت ڪارڻ هل،
جيڏيون جانب جت لئي.

## داستان ستون

(١)

پنهونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
پڇي هن ڀنڀور ۾، وهن وه ٿيوم،
متيون مونکي سنديون، ڪاڪيون ڪيم ڏيوم،
سرتيون ساه سندوم، ٿيو حوالي هوت جي.

(٢)

پنهونءَ ساڻ پريت جو، ڪو جو پيڙم پيچ،
ڪنديس ڪشالا ڪاف جا، هاڙهو پاڻيان هيچ،
ڪاهي مٿڏيس ڪيچ، ڏيرو دوست پنهونءَ جو.

( ۳ )

ڪچاڙيان ڪاهي، شتر آن سينگاريا،
تليون، ٽوٽر، هلويون، ويا چيرون چمڪائي،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، ويا ڪرهل ڪڏائي،
ٻانهين ڪي ٻروچ جو، آسرو آهي،
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير ٿي.

( ۴ )

ڪو منهن ڪنل آئيو، وس نه ويچاري،
هوت تنهنجي هٿ ري، ٻهچي نه ٻاري،
آچين جي آري، ته ٻاند ٻجي، لڪ لنگهيان.

( ۵ )

ڪڏهن تان ٻاجهه ٻئي، ساڃن مڃ سلام،
سڪ تنهنجي سپرين، ڪيو تن تمام،
هئين حاج وهه ٿيي، نيڻين ننڊ حرام،
دوس نه سهان دام، توڻ ولڏر ٿو ويلا ڪرين؟

( ٦ )

ڪو منهن ڪنل آئيو، ناه ويچاري وس،
هوت! تنهنجي هٿ ري، گولي ٿئي م گس،
ڏک ڏکيءَ ڪي ڏس، ته موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

( ۷ )

سَرَهِي مَنجهان ساتَ، آئِي بوءِ پنهور کي،
ٻِينا بازارِنِ ۾، لائِي جت جَباتَ،
سنديءَ هوت حِماتِ، ڪيچِ ڀُهتو قافلو.

( ۸ )

ٻَرُ مِڙوئِي بوءِ، ڇپر ڇانوَن مَڪيون،
ٻِهه ٻِهِ نِي پنهور ۾، هندَ مِڙيئِي هوءِ،
راتِينِ وَرِي روءِ، گوندر لَتا گوليين.

( ۹ )

جڏهِن پِيئِي ڇٽ، ڇپرِ هوت پنهونءَ جِي،
پرهِي وِيئيون پَٽَ، گوندر لَتا گوليين.

( ۱۰ )

جڏهِن پِيئِي باس، ڇپرِ هوت پنهونءَ جِي،
آڏِيون آرِيچنِ جا، وٺنِ مَڪا واس،
آيل! هِنِي آس، پنهون آيو ڪيچ ۾.

( ۱۱ )

آيل! اوطاقون، ڪري ڪيچِي هِليا،
سَڪيون نَ سِپَٽِنِ جِي، ماڳِنِ تان ماڪون،
نِسورِيون ناڪون، سچِي هَلِيا سور جِيون.

( ۱۲ )

جَتَنِ سان جانڪون، سَرتيون! مون سَڳ ٿيو،
ڪري ڪوهيارو ويو، تن چِني تانڪون،
آنءُ ٻن تَڏاڪون، آڏ ڏڪوئي آهيان.

( ۱۳ )

مَتان ڪا ٻڙي، ٻول ٻاروچي وِسهي،
هوند نہ سَتيس سرتيون، ويهي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوءِ ۾، ڳهارن مانَ ڳهڙي،
ڪيچين آنءُ نہ ڪڙي، ڪنهن ڏڪيءَ ڏاوڻ ڏائيو.

( ۱۴ )

سڪي جان سَتياس، تان سِڪ سَمهڻ نہ ڏئي،
جاڳي سَتيس جنِ لِءِ، سي آيا تان نہ اُٿياس،
پيئر آئون پَلياس، نت سِڪ سمهڻ چا لڳي.

( ۱۵ )

ڏيرن ڏوهہ نہ جيڏيون، ٻاهہ، مڙيوئي مون،
آئون آسونهين، آءُ سونهان، ٻرين سندا ٻريون،
اَصل آريءَ ڄامَ جو، ٻانڌ نہ ٻچتوسون،
جنهن جو تونهين تون، سي ٻيادِيون ٻهچائيين.

( ١٦ )

آڏيون آئون نہ ٿيون، جنهن ڀريٽون ڀرين سين،
ٻڌي سٽيس سوکهو، ڇلور ڇاتيءَ سين،
تہ ڪيچي ڪاهي ڪرها، مونهان وڃن ڪين،
ڏوهہ سنهنجي ڏينهن، پنهونءَ کي ڪا م ڇني.

## وائي

( ١ )

لڳڙي آهہ لغار، وو يارا لنءَ لنءَ ۾ لالن جي،
سنڌ سنڌ ۾ ساجن جي،
آئون سٽي، هو هليا، سنجهي ڏاچا سوار،
وو يارا لنءَ لنءَ ۾ لالن جي.
جيڪين اورڻ ڀرينءَ سين، جيڪين ڀرينءَ پچار،
وو يارا لنءَ لنءَ ۾ لالن جي.
ڪوءِ سي جيڻ ڏينهڙا، جي ڀون ڀرينءَ ڏار،
وو يارا لنءَ لنءَ ۾ لالن جي.

لَڳِي آهـي، نـہ لَهِي، سَنڌي عِشق ھِـچـار،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔
ڪَهِڙُون آڪَنـڊِي آهِـيان، تَـنِ جَتَنِ جِي جِنسار،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔
گَڏِي وِينڊِيس ڪَس ۾، ڪاڪيون! ساٿَ قَطارَ،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔
مِيخُون مَحَبت سَنڌِيون، هِينڙي مَنجهہ هَزار،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔
ڪانڪَنِ قَطارُون ڪِيون، ڇڪيءَ ڪي چوڏار،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔
آئـون نِـمـاڻـي نِـڪـتِـي، دَمـِ تـون دِلـدار،
وو يارَ! لَنءَ لَنءَ ۾ لاَلَنَ جِي۔

## وائي

( ۲ )

هوتَنِ بِنا نـي، مِيان! دَرد فِـراق نـي، مِيان!
پَنهونءَ سائِينءَ، جيڏِيون! آلولو! ماري آهِيان!

آدِيون! آريچنِ جي، آئون نهوڙيسِ نِفاق،
هوتنِ بنا نِي، مِيان!
ڏونگر ڏورِيونہ تِئي، مون وِلهيءَ ڪان واڪ،
هوتنِ بنا نِي، مِيان!

## وائي

( ۳ )

تنِ ٻرِينِ ڪي آڪنڊي آئون، لڪ لنگهيائون،
ڏيرَ قراريا ڏيهہ ۾، تنِ اُتنِ ڪهوري آئون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پانهنِ آچلي پانهون،
ڏير قراريا ڏيهہ ۾،
هيسِ هاسِ هرث جي، پانهنِ ڏيءَ نائون،
ڏير قراريا ڏيهہ ۾.

## وائي

( ۴ )

چوري چڏ ۾ چپرين، پاروچل! پانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
چوري چڏ ۾ چپرين.

ٻنهل نيو ٻانهن سين، ٻورهيت ڄرڻياڻي،

چوري ڇڏِ م ڇپرين.

ٻورهيو ڪنديس ڄر جو، ٻرينديس ٻاٽي،

چوري ڇڏِ م ڇپرين.

هوت! م ڇڏيو هيڪلي، هيءَ ونڌر وڪاڻي،

چوري ڇڏِ م ڇپرين.

## ڪوهياري

### داستان پهريون

( ١ )

لَيلَ نَہ جاڳئُن لِڪَ سِيئُن، ڪَلِي نوم ڪياءِ!
قَمُ تِي ڀَهِج قَرِيبَ کِي، اُجِلس تو نَہ جڳاءِ،
مَنِي! مِهمانن سِين، وِيهِي رات وِهاءِ،
جيلا نهن لَنِدَ ڪياءِ، تي روز رهين تِي راه ۾.

( ٢ )

لَيلَ نَہ جاڳئُن لِڪَ سِيئُن، شامَ سَتيئُن سَڀ رات،
اوکِي اوليَڙَن جا، تِي ڀَہ ڀَچِين ڀِرِيات،
تِي سَگَرِ تَنِ جي سات، تہ ڀوري ڪنهن پالَ مِرِّين.

( ٣ )

لَيلَ نَہ جاڳئُن لِڪَ سِيئُن، سَتيئُن رات سَجِي،
هتان هوتاڻِين جِيون، وِيون خَرزِينون ڪَجِي،
ڀوري تون پَچِي، سَگرِ تِيئُن نَہ سات جي.

( ۴ )

اِجْلس ڪري آئيا، تَنْوارِيو توڏَنِ،
نَوم نَوازِئُن، آنِ ڪي؛ مَرحَبا موڏَنِ،
رِڙهِي رَسَ روڏَنِ، اَلْيَوم سِيروا، سَبِئِي!

( ۵ )

غافِل! غَفلَت ڇوڙِ؛ تون ڪِئُن، آٿا-ي اوجهرين؟
ڇپاتا چِڙهِي وِيا، وَڃِي پَهتا توڙِ،
نيٺين نِنڊ آکوڙِ، جِم وَرَنِ ، واڪا ڪرين.

( ۶ )

نِنڊَ وِيرِيائِي هوَءِ، جيڏيون جِم سَمهو،
مَتان مون جِئن پوءِ، وَرَنِ ، واڪا ڪرِيو.

( ۷ )

الوڙو آکِينِ، آيمِ نِنڊَ آياکَ ڪي،
هائِي هِنَ پَنِيورَ ، کهارِيان ڪارَڻِ ڪَنِ،
آدِيون! اوئِيڙَنِ، هِينئين سين هاجو ڪيو.

( ۸ )

جَڏهِن سَتِيون جِي، پَٽَرِ پِرِ ڏِکها ڪري،
تَڏهِن تَنِين کي، ساٿَ سَتِيئِي ڇڏيو.

( ۹ )

سَتيئَن پير ڊِگها ڪري، وَڏي جاڙ ڪياءِ،
دَرَ پرِ آڀيئَن دوس جي، تہ سَرِ هوندَ سياءِ،
اَصل آريءَ جامَ جي، سگهي تون نہ سياءِ،
پَنهونءَ سين پياءِ، نِي نياڳي نِندُون ڪرِيين!

( ۱۰ )

اَيَ ڪَمَ ڪميئين، جِنَ سَمهَنِ پير ڊِگها ڪري،
لوچين چو نہ، لَطيف چئي، هاري لَئي هوتن،
نندان نياڳِنَ ڪي، اوپالا آچِنِ،
سي پَنهون ڪوه پَچنِ، جي سنجهي نِي رَهَنِ سمهي.

( ۱۱ )

سَتيئَن سواري، سَنهَن وِيڙهي سَئَنِ جِئَن،
اوجاڳو آڪينَ ڪي، جاتوءِ نہ ڏيئي،
هتان تو پيئي، تِي ڪڇو ڪيڇينَ ڪي ڪرِيين.

( ۱۲ )

سَتيئَن سواري، سَنهَن وِيڙهي سَئَنِ جِئَن،
ڏِٺي نہ ڏيرِنَ جا، چوڏاري چاري،
تيلان ويچاري، سات سَتيئي لَڏيو.

( ١٣ )

اوجاڳو، آڄاڻ! ڪيئي نہ ڪميٽين جڻن،
آساري آهڙيءَ پر، پيئي ڪيچين سين ڪاڻ،
پانهي ڇاڍو پاڻ، ٿي سڄيون راتيون سمهين!

## وائي

ڳلا ڪام ڪري، ليکيو تان نہ ٽري،
پڙي! جيڏيون! منهنجي، ووا شهر پنيور ء
جو سينگار مرتيين، سو مرن ناهہ گهري،
منهنجي، ووا شهر پنيور
جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير پري،
منهنجي، ووا شهر پنيور ء
جنهن وڻ هيٺان هليا، سڄو سانگ ڪري،
منهنجي، ووا شهر پنيور ء
لاهون تنهن وڻ سنديون، لوڏيان، لايان ڳري،
منهنجي، ووا شهر پنيور ء

قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
منهنجي، ووا! شهر ڀنڀور ۾.
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پڙي،
منهنجي، ووا! شهر ڀنڀور ۾.

## داستان پيو

( ۱ )

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن آندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات هٿر ڪير پنڌ ڪري.

( ۲ )

ڏونگر ڏک سنداءِ، ڀرينءَ گڏجان ته چوان،
پنيءَ ٽيين ڀوارٽون، ڀيا ونگا ور سنداءِ،
چگي ڪان ڪياءِ، پير وڃائي پرينءَ جو.

( ۳ )

ڏونگر ڏس ڀرين جو، ڦاڻ نه ڏيين ڪو،
ڦطاريا ڪالهه ويا، توڏا وڻان تو،
هوت مٺي جو هو، ڪو ساجن آنهيءَ مات ۾.

( ٤ )

ڏونگر ڏمن پرين جو، ڪاف نہ ڏيين ڪل،
قطارِيا ڪالهہ وِيا، توڏا توهين جهل،
مٿي هوت هڪل، مان پڌي پاروچو وري.

( ٥ )

ڏونگر ڏوراهو، پهرين چوندِس پرين[٤] کي:
”پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪندِس، وو، مون سين جبل ٿوجاڙون ڪري.“

( ٦ )

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آنءُ آڳ ڏکوئي آهيان.
ساريان ڪون سڪوءِ، سور گهڻيئي سنيران.

( ٧ )

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجنِ،
کهٽون پيچڙي تنِ کي، جنِ وڻان هوت وڃنِ،
تون ڪئن سندا تنِ، پهڻ پير ڏکوئيين.

( ٨ )

ڏونگر ڏک ٻئي، ڪيم تو سين ڪالهڙي.
پاٺان آئون مئي، سور سٽائي پرينءَ جوا

( ٩ )

ڏونگر مون سين رو، ڪڍي ڀار ٻنهون‌ءَ جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوه، مون سين ايرادي ايئن ڪيو.

( ١٠ )

ڏونگر ڏکويون، تو ۾ اورڻ آئيون،
جي آڇن ڦوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

( ١١ )

ڏونگر ڏکوين کي، ڳل نه سڪا ڳوڙها،
هو جي ٻهڻ ٻپ جا، پڄي ٿيا پورا،
ڪوندر جا گهوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.

( ١٢ )

ڏونگر ڏيهاڻي، ٻاڻ مٿان تو گهوريان،
تو منجهه رهاڻي، سدا پاروچن جي.

( ١٣ )

ڪي جي ڪَڍيا ٻارَ، ڏَڪيءَ ڏُونگَرَ ڀاڻَ ۾،
سَٺيِ سا تَنوارَ، مِرون پِيا مامِرِي.

( ١٤ )

ڀِڻِي ويٺا روُنِ، ڏَڪِي ڏُونگَرَ ڀاڻَ ۾،
ڪنهن کي ڪِينَ چوُنِ، مَنجهنِ جو پِرِيَتَڻوُن.

( ١٥ )

آجَ ڀَڻِ وِينو روءِ، ڏَڪِي ڏُونگَرَ ڀاڻَ ۾،
ڪوهياري جو ڪوهُ، آجِي سوُرَ آڏَمِيو.

( ١٦ )

ڏُونگَرَ پوُنِينِ ڪيرَ، سَجَڻَ مِيخُون ڏُونگَرينِ،
مِهڙا مِين سَڏِيرَ، ڪِينَ لَهَندِيئن ڪي پِيا.

( ١٧ )

تَپِي ڪَندين ڪوهُ، ڏُونگر ڏَڪوُين کي،
تون جي ڀَهِڻِ ڀَب جا، تہ لِڳ منهنجا لوهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ، آمر مون مين اٿين ڪيو.

( ۱۸ )

ڏونگر، تہ ٻيلي، ڏجي ٻنِ ٻيلينِ ري،
ڪانَ چلندي چَرَينِ، سانَسِ سهيلي،
چوليون چنبيلي، جنَّن تِنَن جهاڳي آڪتِي.

( ۱۹ )

ڀِڙي! تہ ٻيلي گهٽان، ساٿي اچي سَڪ،
رفاقت رَڃنِ ۾، ڏونگر ڪاري ڏکَ،
آريءَ جو آهَکَ، مون وَهنما راه ٿيو.

وائي

آهيان جن سندي، ڙي آڙي مِيان!
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڀَهائيندِيس پنهونءَ ڪي، آئون ڪِڇيءَ پائي گندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ويئي آهيان وات تبي، آهيان آسروندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.

ٻِرِينءَ ٻچاڻان هِتَهِين، آئون رَتِي تان نَہ رَهَندِي،
مون کي تانْ، سِي نَہ ڇڏِيندا هوتا.
ڪَرِمَ ساڻ ڪَرِيمَ جي، آئون ٻِرِينءَ مِلَندِي،
مون کي تان، سِي نَہ ڇڏِيندا هوتا.

## داستان ڏيون

( ۱ )

رويو ويٺي راڪ، آمُرِ اوريان نِجهري،
لاتو مون ڏيهہ، وَٽِن سان، لاڪاپو مَ لاڪ،
ڏونگر سي ڏورِينديون، جَنِ آندَر ٻَري آڪ،
هوتاڻي هِن ماڪ، مون کي ڇَڏِ مَ ڇپرين.

( ۲ )

مون کي ڇَڏِ مَ ڇپرين، هِتِ، هوتاڻي هاڻ،
اوڏي مَنڌَ آنِن کي، اَللهَ ڪارڻِ آڻ،
پورِهيو ڪَندِيس پاڻ، آڪيان آريچَنِ جي.

( ۳ )

مون کي ڇَڏِ مَ ڇپرين، هوتاڻي هِن هَنڌِ،
تو سين هوندِيس پَنڌَ، ڏِينديس باهہ ٻنڀور کي.

( ٤ )

مون کي چڏ م چپرين، هاتڪ هوتاڻي،
توهين لئي ڪاڻي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

( ٥ )

مون کي چڏيائون چپرين، پوءِ رهايس 'پاڻ'،
جي پلايون پاڻ، تن کي رس رسيلا راهه ۾.

( ٦ )

ستي هون چرڪ، آيل، پاروچن جا،
وم وهاڻي، ووءِ ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوڻيو تنهن ڏڪ، جڏيءَ جيءَ نه ٿئي.

( ٧ )

ستي هون چرڪ، آيل! پاروچن جا،
پنهونءَ جي پيڪان جيون، راسيون منجهان رڪ،
هنيم هوت ڪرڪ، لوڇان، لوهه نه نڪري.

( ٨ )

جيهي جي تيهي، تپ پانهي پاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،

آصلِ آريءَ ڄام جي، ٻلءِ آئون ٻيئي،
هوءِ جا ٻانِ ٻير ۾، تنهن جتيءَ نہ جيهي،
وساري وِٻهي، تن ڪيچينِ کي ڪٿن رهان.

(۹)

هٿي، جي نہ هٿي، تپ ٻانهي ٻاروچنِ جي،
اَنَ مڱ مقابلِ مستي، سنڌين ٿي سٺي،
هنِ تان لڄ لٿي، هنَ جو هلڻ هوت ڏي.

(۱۰)

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ٻانهي، ٻانهوٽي؛
ٻٽي ٻاروچي هٿ ۾، چڱن سِر چوٽي،
ٻانهنِ کي موٽي، ٻاٽهي ٻچندو ٻپ ڏٽي.

(۱۱)

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ٻانهوٽي، ٻانهي؛
مي ڪٿي وڃنِ وِسري، جي جيءَ آندرِ جاني،
اڳِ آماني، شال ڪيچينِ جي ڪام ٿئي!

(۱۲)

صدا وِڏيم سور جي، اڳئان ڪوهياري،
جو نجس نِڪاري، سو پنهون وڏم ٻاند ۾.

## وائي

مون کي نيندا سانڻ، پاروچا پاجهه پئي، آلوا آلوا
ڏيندا سون ڏکيءَ کي، الله لڳ اڇاڻ،
پاروچا پاجهه پئي.
لاتقنطوا من رحمة الله، پرين چيو پاڻ،
پاروچا پاجهه پئي.
انّ الله يغفر الذنوب جميعاً، سچو اي پرياڻ،
پاروچا پاجهه پئي.

## داستان چوٿون

( ۱ )

ڳائو، نہ وائو، آديون! آريچن جو،
لنگهي پٻ پري ٿيا، چڙهي رڻ رائو،
ڏيئي ڦوڙائو، ويا ويچاريءَ سپرين.

( ۲ )

ڳائي، نہ وائي، آديون آريچن جي،
ڪنهن پر ڪهي لنگهيان، جبل جهاجهائي،
جيڪس واجهائي، هائي مرنديس هوت لئي.

( ۳ )

هَلَڻ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻَ آئون گهورِيان،
هونِ هميشه هِتهين، تہ ڏونگر کَهہ ڏورِيان؟
آکِين سين اورِيان، پسان شال پنهونءَ کي!

( ۴ )

هَلَڻ سَهان نہ هوتَ جو، وڃڻ مون نہ وَسِ،
اللهَ! آرِيچنِ جي، کولي ميڙِيين کَسِ،
ٻرِينِ، ڀنوار تو ٻچان، ڏونگرِيا مون ڏَسِ،
آکِين جي آرَسِ، مندَ جيهائِي جوڙ کي!

( ۵ )

هَلَڻ سَهان نہ هوتَ جو، وڃڻ ۾ واريو،
رَهو راتِ پنهورَ ۾، کا گهَڙِي هِتِ گهارِيو،
مَعذُور کي مَ مارِيو، سِکي جنهن سگَ کيو.

( ٦ )

مون کي جَنهين مارِيو، آنءُ کي کَڏِيا سِي،
تَنَ ۾ طاقت ناهِ کا، آدا آنهين رِي،
سورَ سَلِتم تِي، جيلانهن کالہِ کَرِي ٿِي.

( ۷ )

مون کي جنين ماريو، سچا تن سيئي،
پنهونءَ پيڪان پچنديا، پلن تان پيئي،
ويچنئون ويئي، ٿي وهيٺي سڄڻين.

( ۸ )

مون کي جنهين ماريو، سچا تير پاٿان،
لوهو لڳن ناهه کي، سند پڙئي ساٿان،
دارونءَ جا داٿان، ڏنم هوت هٿن سين.

( ۹ )

پرتوو پنهونءَ جو، کي چانئين کي آس،
قريباڻي ڪس، آهي ڪر پڪرڙي.

( ۱۰ )

پرتوو پنهونءَ جو، سهائي، سياهه
منهن ڏيئي مون آئيو، رنگارنگي راهه،
پهرين ڏيندا پاهه، پوءِ رڱيندا رڱ سين.

( ۱۱ )

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جئن جهالا ڏي،
آئون تنهن آريءَ کي، ونيو راهه، رنان گهٽون.

( ١٢ )

پرتوو پنهونءَ جو، رکياٿي راحت،
پايان ڏينهن پوارئون، ساجن لاءِ صحت،
مٿي مصيبت، آهي آريءَ ڄام جي.

وائي

ٻاروچي ساڻ، ٻڙي! اي جيڏيون! هيڪر ٿيان هيڪاندي.
چڙهي نه سگهان چوٽيين، يار ٻنان، دل ماندي!
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ٻهچائيج پنهونءَ کي، هيءَ پادڙي، پانڌي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
پينر هن پنيور ٻ، آئون ايرادي آندي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
پورهيت پنهونءَ ڄام جي، ٻاندين جي ٻاندي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، ڪيچي ٿيندم ڪانڌي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.

## داستان پنجون

( ١ )

رڙ قريبن قوت ڪيو، ويئي وره چران،
اِن عذابان آڳهين، مادر چو نه مران،
آديون! جو نه اوهان، سو مان سور سرتيون.

( ٢ )

رڙ قريبن قوت، ڪيو، وره چران ويئي،
هانءِ ڪي ٻروچ ري، ٿي ڏکن مين ڏيئي،
تو پنهوان، پرين، آئون سورن سانيئي،
جا مرضن مروئي، سا سرتيون ڪئن سگهي ٿئي.

( ٣ )

سرتيون! ڪئن سگهي ٿيي، ويڙهي جا وڙهن،
چت جنهن جو چور ڪيو، ڏکويو ڏکن،
پنهوان پرين، آديون آگهي آهيان.

( ٤ )

آديون آگهي آهيان، پرين پنهوان،
سي ڪوهيارا ڪيچ ويا، ساجن سياٿان،
جي سنئي سيباٿان، سي وڃي ڪيچ قراريا.

( ٥ )

حَقيقتَ هِنَ حالَ جِي، جِي ظاهِرُ ڪَريان ذَرِي،
لَڳِي ماٺ مِرُن کي، ڏُونڱَرَ پُونَ ڏُرِي،
وَجَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوِيڙ آيڙِي ڪَين ڪِي.

( ٦ )

حَقيقتَ هِنَ حالَ جِي، جِي ظاهِرُ ڪَريان زبانَ،
لَڳِي ماٺِ مِرُن کي، رَسِي سُوزُ شَبانَ،
ٽاڪَرِ ٽِڪي ڪانَ، جَبَلَ سَڀِ جَلِي وَڃِي.

( ٧ )

جِي حَبَ نَ هَلَنَ سِکيا، سِي جُدا مِيڙَ جَلِيلَ،
لنگهائِي لَطِيفُ چَئِي، نِجَنِ ڪيچِ قَلِيلَ،
وِساري وَسِيلَ، مَتان مارڳِ ڇڏِيين!

( ٨ )

سارِيان ٿِي سَبيلَ، ٻرِ تقصِيرُون ٻاڻَ ڏِي،
مَتان مون کي ڇڏِيين، آرِي جام آصِيلَ،
وَرُ، وِلهِنِ جا وَسِيلَ، رَسُ رهبر راهه ۾.

( ٩ )

آچيو آچيو چوَنِ: ”وِهُ، وِيا تان گهورِيا،“
مَرَتينِ سانگ سَکَن سين، مون جِئن رَتَ نه روُنِ،
اوَ مَرَ ويئيون هونِ، مون ساڳاتو سوَر ڏِيا.

( ١٠ )

مَرَتيون سوَراتينِ جي، ڪوهَ ڏيون ڀَرِ ڀونِ،
گهاٽَ نَ لکِنِ گهٽَ جو، ريا مان ڏيون روُنِ،
چيتارِيو نه چوَنِ، ڀارَ منهجي ڀِرِينءَ جا.

( ١١ )

ڪَڏهن ڏِنيمَ ڪانڪا، سَرَتيون! سَراهِيِ،
ڏِيهاڙي ڏبرنِ ۾، وَچڙَ جي وائِي،
جي آئون نه جائِي، ته عيبَ نه لڳو هوَندَ اوئِين.

## وائي

توڻي نينِ، نه نينِ، آلوا ميان! آئون اُنهين جي آهِيان.
زورو هن ضعيف سين، ڪامل ڪوهَ ڪرينِ،
آلوا ميان! آئون اُنهين جي آهِيان.

جتَ ٻَنهنجي جوءِ ۾، جانبَ سان جِئين!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
ٻَڪ ٻَہ مِنٿا آڪري، سرڪي سانَ سڄين!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
ٻانهي ٻاروچا ٻانهنجي، مَڪر سانَ مڏينِ!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
پيرينِ آئون نَہ ڇڏيان، ڪَرهَل هو نہ جهلينِ،
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.

## داستان ڇهون

( ١ )

ڪنهن پرِ رُٺان پرينءَ کي، روئي نَہ چاٽان،
مٿي ڪيو پٽان، هنجن هاٿان هٿڙا.

( ٢ )

ڪنهن پرِ رُٺان پرينءَ کي، آندرِ ناهِ آسات،
لوهُو ڪا لڪن ۾، ويري مٿي وات،
ڇپَر ۾ چوڻيات، ڏِنم ڏکوين جا.

( ۳ )

ڪنهن ڀِرِ ڙٿان پرينءَ کي، ڀڄڻ ناهه ڀچار،
آندِرِ ٿي آهون ڪريان، ڪاٺي منجهه خمار،
ڪرڻي جي گفتار، ڀِيءَ پٽ پاروچِن ۾.

( ۴ )

ڪنهن ڀِرِ رڏان پرينءَ کي، ٻار نہ چاٺان ٻنڌ،
ڪيچين ڪارڻ ڪنڌ، ڏايو ٿي، نعرو هڻان.

( ۵ )

ڪنهن ڀِرِ رڏان پرينءَ کي، ٻار نہ چاٺان پير،
پنهن مون پڙهو ٿيو، سورن لايو سير،
آريءَ لئي آئير، رنص پاکي رڌ جي.

( ۶ )

ڪنهن ڀِرِ رڏان پرينءَ کي، رڻ مون رياءَ،
ٻرن منجهه ٻڪاءَ، پيءَ پٽ ٻڌم جيڏيون.

( ۷ )

ميخ وسندي تن کي، جوش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نينهن تنهين وٽ ني،
ٿيڏي ٻسي ٿي، هو تان آهي هيڪڙو.

( ٨ )

پِيوَن ڏيئي پنِ کي، ھَلجِ پاسي ھيڪ،
وَرَ نَہ سَھي ويڪ، تون نيڏي نِثايون ڪريِن.

( ٩ )

آڄان تون آوات، وانان پاسي ويسري،
سونِھين نِي سوات، تہ منجھان دِل دُکَ لھين.

( ١٠ )

پانھين، پسي پپ، متان ڪا، منڌ ڏيين،
آڪِيان ڪؤ م ڪپ، اِي قالي آڏو ڪيچ کي.

( ١١ )

ڏاڍي لڪ لڪن جي، پنّ پوء پچاءُ،
چِپرِ ڪوسو واءُ، ھِريا تو نيڻ ڪيا.

وائي

( ١ )

زاري سا زاري، آلو! پلو! ڪوھياري سان،
آئون جا ڪنديس زاري.
ڪين جيئنديس، جيڏيون! سور پريان جي آئون ماري،
آئون جا ڪنديس زاري.

آتَ ڳنگائي هَليا، بوتا هَٿڙن ٻاري،
آئون جا ڪَنديس زاري.
ڪري ڪوهيارو هليو، سون سين قيامت ڪاري،
آئون جا ڪَنديس زاري.
سان ورسن وِچ ۾، اولاڻي، آري،
آئون جا ڪَنديس زاري.
هندوئن جِئن هولي ڪَري، سون ڏوڙ مٿي تان واري،
آئون جا ڪَنديس زاري.
لالن لَڳ، لطيف چئي، واجهائي ٿي ويچاري،
آئون جا ڪَنديس زاري.

## وائي

( ٢ )

جنهن جي آهيان ڏونگر ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!
آئون تان گهوري گهوٽ جي، ماڙهو چونم پوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

ليو نماڻي ڀاڻ سين، ڇپر ڇڏيو ۾ ڇوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

روئي رڳنديس رت سين، ساڻ ڇڻاڪن ڇوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

آڏيون! آريچن جو، نه لڳو مون لوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

ڪشي ڪاڻ ڪمان مان، لائي وٺڙا لوري،

تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

# حسيني

## داستان پهريون

( ١ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، ڳهتون ڪومين چڏ،
لاهِ مَ لڏو لَڏِ، تہ ڳاڙهي سج ڳالهہ مڙئين.

( ٢ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، هلي ڪر همت،
سج سامهون منهن ۾، متان ڪرين ڪٽ،
سيرِيان جي سٽ، ڳاڙهي سج ڳالهہ مڙئين.

( ٣ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، وَرَ چوندينديءَ وڄ،
آهي ايءَ اهڄ، هاڙهي هلندين جو.

( ٤ )

لڙيو سج لڪن تان، راسيون رتائين،
مون ڪي ماريائين، آڏيون آونداهي ڪري.

( ٥ )

وِيو سِجُ وِٽِنِ تان، راسيُون ڏِيئي رنگ،
سُون جَنهِين سِين سَنگُ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

( ٦ )

اُلَهِي سِجَ آويَر ڪِي، ڏِٺائين ڏونگَرُ،
مَسَئِي ڪي، سيدَ چئي، سُورَنِ جو سَرُ،
ڪَنِي رَکيو ڪَرُ، ويچاريءَ وِڪار تي.

( ٧ )

اُلَهِي سِجَ آويَر، مَ ڪَرِ مَعذُورِنِ تي،
پسي مَران پير، ڏونگَرُ پاروچَنِ جا.

( ٨ )

وِيو پاروچو نِڪَري، هاڻي ڪَريان ڪيئن؟
سِجَ اُلَٿِي سيئن، سُون ڏِينديس سِجَ کي.

( ٩ )

لَهِي سِجَ لَڪَنِ تان، وِيئي سُون وِيو،
آئُون ڏورينديس ڪيترو، ههَنِ پير پيو؟
سُورَنِ ساڻ سِهو، آچي ٿيم اوچتو.

( ١٠ )

سَرَتيوَنْ سَجي سَيجَ، مَتان ڪا مونْ سين هَلي،
ہانِي ناهِ، ہَندَ کَهَٽونْ، آڪِيان رائو سَجي رَيجَ،
مَتان مَري اَچَ، ڪا ڏِيِي ہاراتو ہرِ بنءَ ڪي.

## وائي

جي هوندَ ڏِنائونْ، وو جيڏِيونْ، حالُ مُنهِنجو ھِھڙو،
چَڙهِي نَ سَگهان چوٽِيين، مارَڪَ مَتاهونْ،
حالُ مُنهِنجو ھِھڙو.
ڏَڪِيءَ سَندي ڏِيج ۽، ڏونگَرَ ڏِنائونْ،
حالُ مُنهِنجو ھِھڙو.
وِيندي ڪيونْ وَٽِنَ سين، سَسُئِي سَڪائونْ،
حالُ مُنهِنجو ھِھڙو.
وَلِي پَنهونْ ہاڻَ سين، آچان جي آئونْ،
حالُ مُنهِنجو ھِھڙو.
ڏِينديس شاخَ سَيَڪِنهِين، وَڻِ وَڻِ واچائونْ،
حالُ مُنهِنجو ھِھڙو.

هِينڙو ڏَندڻ ٻارَ جِئَن، ڇِڪِي ڇِنائُون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.
هِينڙو ڏاڙهونءَ گُلَ جِئَن، رِبهِي رَتائُون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.
هو جي ٻهَڻ ٻپَ جا، مُٺيان مَڪائُون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.
هون سَلامَت سِپرِين، کوري سا آئُون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.
سو جي سُٽوم ڪَنَنِ ميں، ٻه جو ڪيائُون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.
ٻانهون پيلِ نہ لاهِيان، ٻَهَلَ ڪي آئون،
حالَ مُنهنجو هِيڙو.

## داستان ٻيو

( ١ )

ڪِين ڏرتِي ماهہ، ڪِين جر سندي سِهپِين،
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنهِين چيرن وِچ ۾.

( ٢ )

مِٺان مٺي مڇ، پرين پاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏين، جڻ نه پروڙين سچ،
آمڙ اوري آڇ، ته ست سٺائين سور جي.

( ٣ )

مٺي منجهان مينهن، پسو پاڻيءُ جڻ وهي،
مون پانيون نينهن، ڇپيون ڇيري سنديون.

( ٤ )

جي وڃي ساجن وسري، منجهان منهنجي روح،
ته مر لڳي لوهه، ٿر پاپيهو ٿي مران.

( ٥ )

لڳي مون کي لوهه، وره واڙون لائيون،
راز جنهن سين روح، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٦ )

ٺمن نيڻ، رت وهي، ڇناڪا ڪيو،
مون کي ڏڻن ڏيو، آئين ٿا وڃو اونيا.

( ٧ )

آمڙ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٨ )

ٻڌي ڪام ٻچاهه، اَمڙ مَنهنجي آسَري،
ڏيئي لت چَرَخي کي، ٻوٽيون پاڻيءَ پاءِ،
ڪتم جنهين لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

( ٩ )

ٻڌي ڪام ٻچاءِ، اَمڙ مَنهنجي آسَري،
ڏيئي تون ڪتاءِ، مون کي نينهن لهوڙيو.

( ١٠ )

ڪتَنَ ٻنِ ڪپاهه، ڪوءِ آتَڻ ٻنِ جيڏيون،
ساجن مَنهنجو ساهه، هاڃي مَنجهه هٿي وِيو.

( ١١ )

آتڻِ چونرِ ڪتَ، تاڻيان، تَندَ نہ نِڪري،
ٻاڻان روئِي رت، چرخو مون چڪ ڪيو.

( ١٢ )

تاڻيان تَندَ نہ نِڪري، جِيءَ نہ مَنهنجو جاهه،
ساجن ڏاران سرتيون، سيئي مون نہ سهاءِ،
جتِن ڪين جڳاءِ، آيل ٻاروچن ري.

( ١٣ )

ڪوءِ هاڙهو، ٻن هوت، ڪوءِ ٻُنهون، ٻن ٻريٺون،
مادرِ مون موت، ٻِستان ٻرائيو.

( ١٤ )

ڪوءِ ٻولي، ٻن ٻروچ، ڪهوري ذاتِ جتن جي،
مون ڪي چئي "لوچ"، ٻيهي وِيا ڇپرين.

( ١٥ )

جِتِن جِتِن ٿِيي ڏينهن، تِتِن تِتِن تائي ٻِنڌ ھ،
ڪو آڪانجهو نينهن، ٻانيڻِ ٻروچن سين.

( ١٦ )

جِتِن جِتِن ٻِجي راتِ، تِتِن تِتِن تائي ٻِنڌ ھ،
ٻوريءَ ٻِي نہ تاتِ، جيڪا سا جتن جي.

( ١٧ )

نڪو ليکوئي ٿيو، لڪو تتو ڏينهن،
تِهان اوري نينهن، ڇنو آتڻ وارين.

( ١٨ )

جان جِئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

( ١٩ )

تنيءَ ٿڌيءَ ڪاھ، ڪانھي ويل وھڻ جي،
متان ٿئي آونداھ، ڀر نہ لھين ڀرينءَ جو.

وائي

شاديءَ جو سينگار، آيل، آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
آھي ڪُنہ ڪچيءَ جو، ڏي ھالورا ھار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
آھي آکاڙين کي، جانب جو جنسار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
آھين ڪاج ڀڪين جو، تون تان طعام تيار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
آعلي آڇو عيد ۾، دوستاڻون ديدار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
حسن ھوت پنھونءَ جي، ڪڪوريو ڪوميار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.
سج ڪيائين سرھي، واسيائين وڻڪار،
آيل مرڪ منھنجو مون ڀرين.

چِهر چانڊُون مُکيون، عطر ٿيو آرار،
آيل مَرَڪَ مُنهنجو مُون پِرِين.
ڪوڙِيين ٿِيا ڪيترا، نالي تان نثار،
آيل مَرَڪَ مُنهنجو مُون پِرِين.
سدا صلابت جي، گولي گرفتار،
آيل مَرَڪَ مُنهنجو مُون پِرِين.
گهورِيان گهرَ گهٽيءَ تان، آڇِي جئان آذار،
آيل مَرَڪَ مُنهنجو مُون پِرِين.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪو جو گهمندي گهوري، آير ٻاروچن جو،
ڇڏيندِيس پنهور، هينئُون هت نه ولدري.

( ٢ )

مُون کي ماڻان ڪارِيو، پنهور جن مُکن،
هاٿِي ماڻ ڏکن، تان ڪيئن ڏونگر ڏورِيان.

( ٣ )

پنر پنيوران، پڇو تان آبهو،
آکي اِن ماڳان، سرتين سور پرائيا.

( ٤ )

پنر هن پنيور ۾، دوزخ جو دولهون،
سارو سونهون، اڄي هرج سمئي.

( ٥ )

پنر هن پنيور ۾، کهاٻل ٿي کهاريان،
سڄڻ جي مانڪ ويا، سيئي ني ساريان،
سي ڪئن وساريان، جي وٽان مون واٽ ٿيا.

( ٦ )

پنيوران آجاڙ، سرتيون سکر پائيان،
مون سين تنهن پهاڙ، ڏکان هڏ نہ ڏوريو.

( ٧ )

آجاڙان پنيور، سرتيون سکر پائيان،
آريائي آتور، ڏِنو جت آکين سين.

( ٨ )

لڳي لاڳاپي، پوري سنڌ پنهور جي،
پرينءَ وڃايو تي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

( ٩ )

پرو هو پنهور، آريانيءَ آجاريو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏنيءَ هور،
چوريون چڙهي سگهيون، پنهون ڪيائون پور،
آهو سو آتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

( ١٠ )

پليو سڀ پنهور، جو ٻنيءَ هوت نه هليو،
شهر سڄاتو ڪينڪي، آرياڻي آتور،
ماڻيو تنهين مور، ديکيو جنهين دل سين.

( ١١ )

جنهين ديکيو دل سين، ٻنيءَ سي پيون،
ته ٻئي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لڳائيو.

( ١٢ )

ڏکن ٻنيان سڪ، مگها ٿيندني مسٽي،
پير م چڏج پرينءَ جو، توني لکون لک،
ڏورج هامي ڏک، ته هوي باجهه پروچ کي.

## وائي

رَکو مَنجھ لَکَنِ، آيَلِ، آيَلِ، تازو ٻيرُ پَنھونءَ جو.

نَہ کِنھن واءَ وِڇائيو، ڇھورِيو تان نہ ڇھَکَنِ،

آيَلِ تازو ٻيرُ پَنھونءَ جو.

کِہ کَتُورِئان آڳَري، ھائِي جا ھوتَنِ،

آيَلِ تازو ٻيرُ پَنھونءَ جو.

ٻورائُو ٻَرَنِ جو، رِڙهيو مَنجھ رَندَنِ،

آيَلِ تازو ٻيرُ پَنھونءَ جو.

لُطفَ سائِ، لَطِيفُ چئي، کَندو ور وِلھَنِ،

آيَلِ تازو ٻيرُ پَنھونءَ جو.

## داستان چوٿون

( ١ )

اَچايا مونھان، ساڄھر تي سِڄُ وِيا،

ٻِيِنِ ٻَنيوران، سَڏِ مَنھنجيءَ ذاتِ جي.

( ٢ )

ھَيس جي آئون، ٻانھي ٻاروچن جي،

ھوندَ نہ ڇَڏيائون، ڏکيءَ کي ڏَکَنِ ۾.

( ٣ )

آئون جي هيس هتِ، آديون آريچن جو،
ساٿ لڏيندي سڻ، مان ڪوهيارا ڪرين مون.

( ٤ )

هيس جي سياه، نہ ڪيم ڏک ڏيرن تي،
آدب وِچان آن سين، ڳالهہ نہ ڪيم ڪاه،
ذات منهنجي ماه، ڪڇي نِي ڪيچين ڪي.

( ٥ )

اوٺين امارو، مون جهلِيندي نہ رهيا،
سائين سوارو، ڪيو ڪيچ آڪين ٥.

( ٦ )

سائي توه هلن، پٺر جي وار ڪريان،
جيڪس پاروچن، ڪو ڏنو عيب آڪين سين.

( ٧ )

سائين سٺين نہ جاڳيين، هوء ڪجاڙنا روء،
ايءُ پر ڪپر هوه، جٺن هو سانگي، تون سمهين.

( ٨ )

سائي نہ ہمان مي، جي هٺر هينئين نوٺيون،
هائي ڪنهين جي، وڃيو آڳن اپيان.

( ٩ )

آن ڪي سائي ڏٿ، جي مون ويڙهه وڇائيا،
رٿان رت مڃت، هائي تن ٻرين ڪي.

( ١٠ )

مون سڏيندي سڏڙا، سائي سڏ نه ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نه تنوارين،
هيڏا هاڃا ٿين، ٻري هن ٻنيور ۾.

( ١١ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، وهان، تان وٽ مون،
پلي ڏوريم پون، عبث آريءَ جام ڪي.

( ١٢ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، سمهان، تان سر هيٺ،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيهيءَ ٻر ٿي جيڏيون.

وائي

( ١ )

هوت، هوت، اي هوتا، ڏينديس ساهه مرن ڪي،
آئون جرا جيءَ ڪري.
ڏيئي باهه ٻنيور ڪي، آئون آيس تو ڪري،
ڏينديس ساهه مرن ڪي.

آرياڻي اُنهونءَ ري، مون کي مرتيون تان نہ سري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

جنڊي هـايـو جان ٻہ، ڏکي ڏک ڏري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

آهہ اوراهون سپربن، وڃ مہ پي هري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

مون ڏلي، مون وسهو، ورجي تاڻ نہ وري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

ڏکيءَ جي ڏيکارين، ڏاران منهن مري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

ڀيالي پرين جي، موهيس ميٺ کري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

آريءَ جي عشق جي، مون کي آندر آڳ ٻري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

توکي توهہ نہ ڇڏيان، جي وڃان پونءِ تري،

ڏينديس ماهہ مرن کي.

ڏڙ وڄهنديس ڏوڙ ۾، مٿو ڌار ڌري،
ڏينديس ماهه مرن کي.
هلڻ سٽي هوت جو، ڏکي، پس ڌري،
ڏينديس ماهه مرن کي.
ٻر ٻن کڄ پانهنجيون، آکيون پاڇهہ پري،
ڏينديس ماهه مرن کي.

واءِي

( ٢ )

ڏونگر ٿي ڏوري، ونڊر ٿي ووڙي،
جتن لءِ جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
سور پاءِي ٿيس سڄ ۾، چام ٿنهل کان اوري،
جتن لءِ جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
اٽ چاريندس آن جا، ٿکر ٻاس تووري،
جتن لءِ جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
مهارون تن مين جيون، خوب خوشيءَ مان جوڙي،
جتن لءِ جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
ڪاهي ڪلهہ ڪيچين جي، ڪين اچي، تڙ تووڙي،
جتن لءِ جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.

## داستان پنجون

( ١ )

ليڙن لنگهي لس، مانباڻنان مٿي ويا،
وئي ور واٽ نيا، پنهون جام پهس،
هٿا وڏي وس، ٻاروچا پنهور ۾.

( ٢ )

وڏي وس هٿا، ٻاروچا پنهور ۾،
وڃي ڏور پيا، سانگين ٻنيءَ سپرين.

( ٣ )

سانڍ پنهنجي ساهه، ٻانهين ٿي ٻورا ڪريان،
واڪيون جي ورن سين، تن مرتين سيج سهاءِ،
سون کي طعنا ٿي ڏيين، سون جڏن منٿن نه ماءِ،
آريءَ جي آڪاهه، رلايس روهن ۾.

( ٤ )

ماءِ وهاڻون وار، ... ٻڙائي ٻانهنجي،
جيڪين ڏنئي ڏيج ۾، سو سيوئي سار،
وڃان ٿي وٽڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.

( ٥ )

ڇپون ڇپر ڪٽ، ڀهن ڀڙاٽيون پانڻيان،
جتي رهان راتڙي، مرون منهنجا مٽ،
سيڻن جيءَ سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٽيو.

( ٦ )

ڏني سڪ مسئيءَ کي، ڀليائي ڀروچ،
لوڪ وچان ٽي لوچ، نيئي ڀڃائي ڀنهونءَ کي.

( ٧ )

مسافر نئون ماءِ، ورهه وهاير وترو،
آچي ٽير اوچتي، تن سانگين سين ساجاءِ،
جيجان جهل م پاءِ، هينئون هوت هٽي ويا.

( ٨ )

ڪئن آڙايئي پاند، هلو ڀرڏيهڻ سين،
متيون موڙهيئي مسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
ولي پانيئي راند، پانئي عشق ڀروچ جو.

( ٩ )

منهنجو پاڙيچڻ، ڪچو ڪون ڏڪيو،
هاسي جڙهي ڀنهونءَ جي، ذات سلتي جڻ،
تيلان پاروچڻ، نڏر چڏي نڏ ۾.

(١٠)

حسينيءَ جيءَ هاڪ، مادرِ ماري آهيان،
ڏيهان ڏورڻ ڏڪ سين، راتيان چڪن چاڪ،
ڏچان پر فراق، متان پوئم پرينءَ سين.

(١١)

جيڪين فراقان، سو وصالان نہ ٿئي،
آڇي اوطاقان، مون کي پرين پري ڪيو.

(١٢)

ڦري آءُ فراق، مون کي وصالان وچ ٿيو،
جي ٿي چڪيم چاڪ، سي پرين گڏجي ڀوريا.

واڻي

(١)

پنهون پريشان، پر پر، لکو خان نہ مان،
هئي هئي! حال منهنجو.
مون کي بک بوتن جي، ناقي پانيان نانءُ،
هئي هئي! حال منهنجو.
شهر صحرا پائيان، مون ليکي ميدان،
هئي هئي! حال منهنجو.

رُئان ٿي رُڃن ۾، آريءَ لِءِ عُريان،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.
هِيان مُنهن ٻسڻَ لِءِ، هِتي ٿِي حيران،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.
آهي آريءَ چامَ جو، مون کي ڪاري ڪان،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.
ديوانِيءَ ڪي دِلِ ۾، سورنِ جو سامان،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.
وِجهجِ ٻَڪ ٻِنارِ تي، ٻِرِندمِ ڪائِي ٻان،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.
ڪَڏهن ٿيندو ڪيچ ۾، مُنِيءَ جو مَڪان،
هَئي هئي! حالَ مُنهنجو.

## وائي

( ٢ )

ٻاڙيچيون ڪا ٻچار، مُنهنجا ڏيرَ ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.
وِيئي ڳوڙها ڳاڙِيان، تن جامن لاءِ جمار،
مُنهنجا ڏيرَ ڏمر ڪنهن ڏيه وِيا.

ڪَرِ ڪا ڪانگَ، آچَنِ جِي، تَن جِي ڪا تَنوارَ،
مَنهنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنهن ڏِيهه وِيا.
مِٺي ساري هَليا، ڪِيچِي ڪاهي قطارَ،
مَنهنجا ڏيرَ ڏَمَرَ ڪِنهن ڏِيهه وِيا.

## داستان ڇهون

( ١ )

ٻارو چا ٻنيور ٻ، آيا آس ٽيام،
ٻسي ٻهر ٻنهونءَ جي، نهن سِيئَن لِيئَن لُريام،
گوندر وِسريام، مَکن شاخون مَکيون.

( ٢ )

ڏِٻڪارِيس ڏَکِنِ، گوندرَ کَس ٻرِين جو،
سونهائِي سورَن، ڪِي هيڪاندي هوتَ سين.

( ٣ )

ڪنهين ڪَنهين مارُهئين، گوندَرَ وَڏي وَٽ،
ٻڌي گوڏ ڪَرَٽ، سانو ڪِجي سور جو.

( ٤ )

سوُ مَکن سانِي ڏِيان، سِر ٻِن ڏِٻان سَٽ،
جي سون مِڙي مَٽ، تہ وِره وِهايان هيڪڙو.

( ٥ )

سُو سَکَنَ ڏيئي، وِرهَ وِهايم هيڪڙو،
سُون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.

( ٦ )

سُورَمَ ڏي ڏوڻ، آئون آهيان آڳهين کاهري،
جا پِر پاڻيءَ لوڻ، سا پِر مُنهنجي جِندڙي.

( ٧ )

سُورَمَ وَڃيجا، سَجَڻ جِڻن سانگ وِيا،
پِرين پَچاڻا، آئون اوهان سين اوريان.

( ٨ )

سُورَنِ سانگهارو، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪيو،
آيلِ اوپارو، پاڻِ پڏو پوڙ وَهي.

( ٩ )

سانگهارو سُورَنِ، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڏنو،
پاڻِ پوڙ وَهنِ، ڪالهوڻان آڄ گهڻا.

( ١٠ )

سُورَ نَہ ساگاهِنِ، ڏِينِ آڏمان اوچتا،
سُون کي سُون پِرِينِ جا، آمَيا آهِنِ،
لَڇُون جي لاهِنِ، سيئي ٽيم سامَهان.

( ۱۱ )

سورن لڏو سڄهه، پاٺهيئي پيهي آئيا،
ڪنهن ڪي ڏيان منجهه، مر تان چِٽڪن چت ۾.

( ۱۲ )

سور م منجھ ساهه، آئون نہ وڪني آهيان،
وڃ م ويل ڪنهين، وره مون وٺاءِ،
تون پڻ تڏهن جاءِ، جڏهن ٿيان هيڪاندي هوت سين.

( ۱۳ )

سور بہ پتون پت، هيءَ چِٽڪيو ڪي پيو،
هريئي پرينءَ جي، ساهه منجهايم مت،
پينر پليءَ پت، لڳم باڻ پروچ جو.

( ۱۴ )

لڳم باڻ پروچ جو، آمڙ پل م مون،
سپ رڱينديس رت سين، ڪيچان اوري پون،
مادر ستان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين.

( ۱۵ )

لڳم باڻ پروچ جو، ڪرها ٿيا قزاق،
آهکي جا آئن ڪي، سا مين پوءِ م ماڪ،
آڪڙين خوراڪ، پسڻ پرڏيهين جو.

( ٢٢ )

نَڪي روئڻ واريون، نَڪي اوسارِين،
مونهِن کي مارِين، مونهين سَندا ڏُکڙا.

( ٢٣ )

پِيڙي پِيڙي پنڌ، سورائتي سندرو،
ڪيچ آڳاهون پنڌ، متان لَڪنِ سين لَڳي مرين.

( ٢٤ )

پِيڙي پنڌ پِهار، سورائتي سندرو،
ڏونگر توهان ڏار، ڪانَ ڏورِيندي ڏُکَ سين.

وائي

ڪوهياري جي ڪاڻ، مارِينديم ماءُ، سون کي مَن آندرِ جا ڳالهڙي.

چڙهان ڏونگر چوٽيين، سپيريان جي ساءُ،
سون کي مَن آندرِ جا ڳالهڙي.
نهارِينديس نِڪري، هاڙهو هوتنِ لاءِ،
سون کي مَن آندرِ جا ڳالهڙي.
ماندِيڙا ميرِ پِرِي، پِريان کي پهچاءُ،
سون کي مَن آندرِ جا ڳالهڙي.

مولي! مون کي ميڙئين، سنڌيءَ جانب جاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
هوت هلن، آئون وهان، ته ڪا ايئن جڳاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
سسئيءَ جي سريءَ کي، اوڏاهين آڻاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
پيرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙه لڏاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
آلا! عبداللطيف چئي، ايها آس پڄاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.

## داستان ستون

( ١ )

پڇن مي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندين ڏسن، اڳ عجيبن جا.

( ٢ )

پڇيو، تان پورِ، نات پڇڻ هوءَ م پرينءَ کي،
ڏورڻ واريون ڏورِ، هڏ نه آهين هوت کي.

( ٣ )

ڏوريان، ڏوريان، م لهان، شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مڇڻ سا ماڻي ٿئي.

( ٤ )

ڏوريان، ڏوريان، م لهان، ساڻي ڪالهوڻا،
لاهي لاڏوڻا، سفر ڪنهن مانک ويا.

( ٥ )

آئون ڏورئين، شال م لهئين، پرين هئين پري،
هڏ نه ساه سري، تن تسلي نه ٿئي.

( ٦ )

آئون ڏورئين، شال م لهئين، تن م ملين تون،
لنءُ لنءُ منجهان مون، لوچ تنهنجي نه لهي.

( ٧ )

آئون ڏورئين، شال م لهئين، ساڃن مڃ سوال،
سڪ تنهنجيءَ، سپرين ٿئي جان زوال،
وهائيءَ وصال، آئيان آرامي ڪري.

( ٨ )

چَڏيم حَج هَلڻَ جِي، چاڙهِيڪا چِڪَامَ،
آريانِيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳامَ،
پِيچِ، پِرين سَندامَ، وِيئِيسِ، وِڪَ نَه آپڙي.

( ٩ )

چَڏيمِ حَج هَلَڻَ جِي، چاڙهِيڪَنِ چڙهِي،
آڙيڪَنِ آڙِي، پِيسِ هوتَ پنهونءَ سين.

( ١٠ )

چَڏيمِ حَج هَلڻَ جِي، چِڪِيمِ چاڙهيڪا،
آدِيونَ آڙيڪا، هِينئڙي پِيئِمِ هوتَ سين.

( ١١ )

وِيئِيسِ، وِڪَ نَه آپڙِي، آجَ آريانِي تونَ آءُ،
چِڪِيءَ تو سين چاءُ، پاسي پِرِ پيئي رڙهِي.

( ١٢ )

جيڪا ڪندي نينهن، سون جِئَن پارو چِنِ سين،
سڪَنِ سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙهيڪن تي.

( ١٣ )

جيڪا ڪندي سڳ، مون جئن پاروچن سين،
آنڪن چاڙهي انڪ، روئندي سا رت ڦڙا.

( ١٤ )

جيڪا ڪندي لاڳ، مون جئن پاروچن سين،
الدر تنهين آڳ، لڳندي لائون ڪري.

( ١٥ )

جيڪا ڏيندي منجهه، مون جئن پاروچن کي،
متان ڳلن هنجُ، ڪين لاهيندي ڪڏهين.

## وائي

منهنجي حجت ناهي وات، ڪانهي وات،
جيجان تن جتن سين.
ڪائيءَ ڪي ڪانئي ني، جيري جي جرات،
جيجان تن جتن سين.
ڪنديس ڪيچ ڏٿين لئي، لکن ۾ لولات،
جيجان تن جتن سين.

تازو ڀير پنهونءَ جو، لڙيو منجهہ لڙاٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.
آهيم آريءَ جام جي، آندر منجهہ آساٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.
ماريو ڪيم مٺيءَ ڪي، ڪيچي ڪاهي ڪنواٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.
ڪٺيو نيھ نهاريان، ڳوڙهن پريو ڳياٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.
سبب تنهن متي ويا، جهوٽي ڏينم جهاٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.
ڏنم ڏکوين جا، چپر ۾ چونڇاٽ،
جيجان تَنِ جتن سين.

## داستان اٺون

( ١ )

آتڻ اورانگهي ويا، آئون ٿي مران ماءِ،
پتون ٿينديس ڀير تي، "هئي هئي! ڪري، "ماءِ!"
جيڻ مون نہ جڳاءِ، ڀرين تان ڀاسو ڪيو.

( ٢ )

آتڻ اورانگهي ويا، آگڻ مون آفسوس،
ديوانيءَ مين دوس، سانڍي آهي سڄ ۾.

( ٣ )

آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميٽي ڪيئن،
هاڻ گهرجي هيئن، ته ڏجي باھ پنهور کي.

( ٤ )

آتڻ اورانگهي ويا، پٽيءَ توڏن تاڻ؛
ويھ ۾، منڊ پنهور ۾، هڻ پڇنديئن هاڻ،
راڻي منجھ رهاڻ، هل ته اٿي هوت مين.

( ٥ )

آتڻ اورانگهي ويا، پاري چڏي پوءِ،
آريچا آئن تي، هيءَ تان جڏي جوءِ،
ڪين هلي، ڪين هٿ ڪٽي؛ ڪين رڙهي، ڪين روءِ؛
کو پنهونءَ کي چوءِ، ته مٺيءَ ماتم آئيو.

( ٦ )

جاڻي مڇاڻي، مون کي چڏي هليا،
آديون آريچن لئي، آئون ڪوري جئن ڪاڻي،
پاھڻ ۾ پاڻي، هاريون! هارڻ آئيو.

( ۷ )

چاڻي سڄاڻي، موڻ کي ڇڏي هليا،
آئون ڪڏهن ڇڏيان پانهجو، آڏيون آرياڻي،
پريم جو پاڻي، سو ڪيئن ڪر نہ آئيو.

( ۸ )

چاڻي جي چاتوم، تہ پوندو فلڪ فراق جو،
آڪر ارادت جو، ڏرياڻين ڏوتوم،
پوءِ تان ڪون ڪيوم، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

( ۹ )

وارو، وڃن تا، ميڙ تنهنجا سنئي،
ههڙا پاروچا، ڪين لهندئن ڪي پيا.

( ۱۰ )

واري وراڻي، تو پنهنجا نہ ڪيا،
پوري رنجاڻي، هوند نہ پيئين هيتري.

( ۱۱ )

جڏان واري وڳ، اوڻي ٿيا چلنگيون،
مٿي تنهن مارڳ، پٺي پرزا نہ ٿيين.

( ١٢ )

ڏڪائيندي ڏونهڙا، منڌ ميٺالي وڃ،
ﻫر ٻاٽون م پڇ، ساٿ چڙهندو لڪيين.

( ١٣ )

ڇڄ م قطاران، ساٿ چڙهندو لڪيين،
مڃڻ ٿيين ﻫٿان، وڪ واٽ ٿي نه لهين.

( ١٤ )

ڪا جا ڪيائون، وائي واري ونڪڙي،
آيل تنهن آئون، ٻوليءَ ٻاتاڙي ڪئي.

( ١٥ )

وائي واري ونڪڙي، ٻولي ٻي نه ڪن،
آلا، ڪيچ ڏئين، مون سين ﻫوءِ م مامرو.

( ١٦ )

ڪا جا آندي ڪيچين، وٽڪاران وائي،
سٽي مون سائي، نيٺين لنڊڙي وه ٿي.

( ١٧ )

ﻫڇيوئي جان دوست، تان ﻫاسي ڪر ﻫرهيز ڪيه،
ڪڏيئي جي هوت، ته ڏين سپ دور ٿيا.

( ١٨ )

هَلو ۽ مَلهو، ڏَکَ مَ پَسو ڏوٿيا،
سوَنهون جو ساٿَ جو، سو موَن هوتَ سلو،
آن ہِڻ ٿِئي پَلو، آئون پَ گَڏجان ٻرينءَ کي.

وائي

موَن کي چَپَرِ مَ چَڏيجا، پاروچا پَلئي لَڳي آهِيان.

چوري چِنبي آهِيان، نِينهَن نِباهي نيجا،
پاروچا پَلئي لَڳي آهِيان.

چوري چَڏي چَپرَين، ڪيچي ڪيرَ وَچيجا،
پاروچا پَلئي لَڳي آهِيان.

پَنهوَن مَنهنجو آن سين، ساٿَ سَلامَتَ نيجا،
پاروچا پَلئي لَڳي آهِيان.

موَن تاڻ وَڙ وِچائِيو، آئين پَنهِنجو وَڙ ڪريجا،
پاروَچا پَلئي لَڳي آهِيان.

جوڪِتڪو وِس ڪري، سِڱهڙي سار لهيجا،
پاروچا پَلئي لَڳي آهِيان.

## داستان نائون

( ١ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪهين، مَن وجهاڻ وِڌيو،
ماريس سور تهين، جو نہ جياري جيڏيون.

( ٢ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪلو، ماءُ منهنجو جندڙو،
جنهين ماءُ مٿو، سي جت نہ پسان جوءِ ۾.

( ٣ )

جيءُ منهنجو جن، آلڪو يارو وڌيو،
ڇاتا پرين، سبان سچو لہ ٿئي.

( ٤ )

آچيو مر آچن، ياروچا پنيون ۾،
ٿيءُ لڳي جن، ڪميٽي ماڙهو ٿئي.

( ٥ )

رو، وِسانئي رالدِ، ۾ پرورج سات جا،
هوتن سين هيڪالد، هيم پاڻي ڏينهڙا.

( ٦ )

رُنءِ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري،
ڪنلِ ڪي قلب ۾، قرب جو ڪاڙهو،
هوتنِ لئي هاڙهو، رجائينديس رت سين.

( ٧ )

روئي ڪندئن ڪوهہ، هاڻي ڪو هوت وري،
جيڏيون جيڏوئي ڪيو، سانئس سڀڻ ستوهہ،
ڏوهي آئيان، ڏوهہ، متان ڪا مون سين ڪري.

( ٨ )

رُئان تان راند، ڪلان تان ڪامي هينئون،
آڪوڙيون ويساند، پرينءَ گڏجي ڪنديون.

( ٩ )

آڪينِ ڪين ڪيو، رت نہ رنائون!
آئي ڏنائون، ڏوڙائيا سپرين.

( ١٠ )

ڪاڻيون، لونيون آکيون، ڪنيون ڪين ڪچن،
نٿيون ماٺ نہ ڪنِ، هنيون رهن نہ هوت ري.

( ١١ )

وسي، وساٽيون، رتو روئي پرينءَ کي؛
پيون ڪٿن پٻ ڏي، نظر نماليون،
سي ڪٿن پيلياٽيون، جن ويندو هوت نہ واريو.

( ١٢ )

وسي وسي مينهن، جٿن لٿي ويس ڪيہ،
توءِ پريان جي ڏيہ، پٿي پچي خبرون.

( ١٣ )

ڪاٺيءَ م ڪاٺيو، مٿيءَ منڪر م ڏيو،
هيڪر آجهايو، ڏيٿي پر لهار جٿن.

( ١۴ )

ڪاٺي ڪيرن هيٺ، ويٺي روئي رت ڦڙا،
ڪا مون ٽيندي ڏيٺ، پيهر پاروچن سين.

( ١٥ )

پنهونءَ پرڙيون، گهر گهمندي جي ڏنيون،
سي مون سيرڙيون، نت نهارڻ پيئيون.

( ١٦ )

ميس، مر مران، ميس وچ مرتيين،
ورهيت ني پران، ٻاڙي چلم پنهونءَ جي.

( ١٧ )

ماريو جي معذور، تہ هيڪاري هور لهي،
ساڄن آهنجي سور، ڪبن جيان ني ڪيچيا.

( ١٨ )

نڪي مٿي آهيان، نڪي ني جيان،
ساڄن ساهہ ڏيان، توکي ماريو سپرين.

( ١٩ )

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ني گڏي پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪان مئي، تہ ڪا سگهي گڏي سپرين.

( ٢٠ )

آڳي پوءِ مران، مر مران مارڳ ۾،
مٿي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون.

( ٢١ )

پنهونءَ ڪارڻ هب ۾، مر سٿا ڏيئي،
تہ مرتيون سپيئي، واڪاڻيئي ويئيون.

( ۲۲ )

تنهين تون نہ ميان، جي کوهيارا ڪيچ ڏني،
آنکين چڙهيو آه، جان لالو ڪيڙه نينهن جو.

( ۲۳ )

متان جيءُ جتن، گهوريو گهوري سسئي،
ٻاري جي ٻنهون ٔ جا، ڪارون ڪري تن،
ڪيچ متان ڪا ڪن، ٻي شڪري پنهور جي.

وائي

هتان تي هلنديس، ميان! سامهين سائيه ڏي.
وڏا ٻنڊا ٻنڌ جا، ميرل مائينديس، ميان!
سامهين سائيه ڏي.
آلاهر عجيب ڪي، لڪن مان لهنديس، ميان!
سامهين سائيه ڏي.
جيڏيون جوڙ جتن جو، جڏهن آئون ٿينديس، ميان!
سامهين سائيه ڏي.

ڇـجائـِتـا هـوت کـي، ڏوراها ڏينديس، ميان!

سامهين سائيهہ ڏي.

فرياديون فراق جيون، پنهل کي چونديس، ميان!

سامهين سائيهہ ڏي.

## داستان ڏهون

( ۱ )

ڇپرِيان جي ڳالهڙي، رکو رنجائو،

ڏونگر ڏولائو، ڏيندا مون ڏبر ويا.

( ۲ )

آريءَ آتن جيئن، ايئن تان اونين نہ ڪيو،

ڪيچ پهچبو ڪيئن، اهڙن آباجهن سين.

( ۳ )

جيئن آتن آريءَ جام، اُئن تان اونين نہ ڪيو،

ٻڙڪي ٻاهر نڪتي، ڳاذر منجهان ڳام،

ساهہ ڏنائين سام، ستي سگهر ٻنهين.

( ٤ )

لَڪيون آن پِرِ لِڪ، ڪِينْ ڪوهيارا وِرَميا،
جَنِين سنديءَ سِڪ، رَتُم راتِ رَتَ ڦڙا.

( ٥ )

لَڪيون آن لَڳا، ڪي ڀَلو هانڊيڙَنِ جا،
توهان گهڻيرو ماءِ، روندا آءُ رَتَ وِيا.

( ٦ )

ڪو جو لَڳس ڪانُ، ڪيچِينَ جي قُربَ جو،
تِي نِماڻي نِيشانُ، چڙي سانگو ساهَ جو.

( ٧ )

ڏونَين چَيس "ڏورِ، ڪيچَ آڳاهون هَنڌَ نيو،"
هاٿا چَڙهي هورِ، وِڪ وِڌائِين وِتري.

( ٨ )

ڏونيا ڪو اونَين جو، سون ڪي آهيَ ڏيو،
سَچَ ڪِ ساٿ نيو، هنهون مُنهنجو هاڻ سين.

( ٩ )

ڪو جو آنِس سِينهن، آريءَ جي آڪير جو،
ٻاروچاڻون نينهن، مَتان مالو نہ ٿئي.

(١٠)

جيڏيون ڏسو ڪيچ، جو ڏيہ ٻاروچن جو،
پنھونءَ وڏم پيچ، نسورو نيئي نينھن جو.

(١١)

لڪ چڙهيو رڻ روءِ، ڪري سباجھا سڏڙا،
ايندن پڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ،
ڏيرن ۽ ڏاگھن جو، مون کي ڏس ڏيو،
مون ڪان ساٿ ويو، پٽي ڏونگر ڏوريان.

(١٢)

گھوڙن ھنيون کھٽيون، آئن ھنئي آنءَ،
جا نينھن ڪنندي نانءَ، سا مون جٺن پولڊي ماري.

(١٣)

لڪڙياريون آگريون، ٻاروچاڻون پير،
آچي پسو جيڏيون، تازو پنھونءَ پير،
ويچاريءَ مين وير، جتن جيڏونئي ڪيو.

(١٤)

لچڻ نہ لاھين، گوندر ھن غريب تان،
ھر ۾ ھچائين، جيجان جوش جتن جا.

( ١٥ )

هٿي! ٿو وڃي هوت، آئون ڪي آڪيري ٿيان،
متان چوي بلوچ، "ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو."

( ١٦ )

ڪميڻين هٿان، ٿين مورائين مديون،
تون ڪر پاڻ وڙان، سوڻ سپاجها سپرين.

( ١٧ )

نڪين ٿيان سگ ه، نڪين سگيڻي،
آهيان ڪميڻي، ذات پاروچي نه جڙان.

( ١٨ )

ڪيچ ۾ خبر هوءِ، هن منهنجيءَ ذات جي،
متان ننهونءَ پوءِ، لڄ منهنجي لوڪ ه.

( ١٩ )

لٿو ڪم ڪيچين جو، چڏي هليا سون،
آلا! آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.

## وائي

( ١ )

مُنھنجو ساهُ نِيو سيٽان، آيل، آيَل وِھان ڪِئَن پنھور ھِ؟

مونَ ڪي وِيا نہ وِسرِي، نِينھن پرِيا نيٽانِ،
آيَلِ وِھان ڪِئَن پنھور ھِ؟
سو ڪِئَن ھِينئڙو جھليان، جِھڄِي جو ڪيٽانِ،
آيَلِ وِھان ڪِئَن پنھور ھِ؟
مادرِ ھايو مَنڍيون، ڪَوڪِيان وَرَ ڪيٽانِ،
آيَلِ وِھان ڪِئَن پنھور ھِ؟

## وائي

( ٢ )

وَسان ٿي وِيِاسِ، آيَلِ لَڳُمِ ڀاڻ ڀَروچَ جو،

ڀَرزا ڀَپَ وَرَنِ ھِ، ڀِٽُون ٿِي ڀِيِاسِ،
آيَلِ لَڳُمِ ڀاڻ ڀَروچَ جو،
تہ ڀَنِ ڪاڍُو ڪيچ ڏِي، توڻي ماهُ ميَاسِ،
آيَلِ لَڳُمِ ڀاڻ ڀَروچَ جو،
ڀاڻ وِڄايمِ ڀيرَ تي، ڄڻِي آنُونَ ڄَڻِياسِ،
آيَلِ لَڳُمِ ڀاڻ ڀَروچَ جو،

آيم آنڌي لوڪ سين، منئي آئون، منياس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، لڪو ڀيءَ نہ ماس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.
ڀيم وچ وصال ۾، سنجهي آئون ستياس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.
ڀيم ڦهونءَ چام مين، ڪٽيءَ آئون ڪٽياس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.
آلا! آن م وسران، ڏني جن جياس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.
ڀيس ور وصال جي، جانڪين تان جٽنڊياس،
آيل لڳم پاڻ پروچ جو.

## وائي

(٣)

تہ ڪو هوت سڄڻ نيندا، هوا! ڏيرا،
ڪل نہ ڀيم ڪا، مون نہ پروڙيا ماڪ،
ڪهي ڪميٽي هليا، ڀانيم ڪري ڀيرا،
ڪل نہ ڀيم ڪا.

ھسان شال آکين سين، دوست سندا ديرا،
کل نہ ھيم کا.
سيٹن ساجهر لـڏيـو، پوء تـي ھجين ھيرا،
کل نہ ھيم کا.
ڏاڻ وِجهي ڏاگهن کي، ونگيئي نہ تنهن ويرا،
کل نہ ھيم کا.
ھڙکن تـا ھانيم جا، جيءَ آنـدر جيرا،
کل نہ ھيم کا.

## داستان ٻارهون

( ۱ )

واڪيو واڪيو وِک، ھاھوڙيو ھير کٿي،
سي نہ چڙهنديون ڏِک، موڙي ھر مرن جي.

( ۲ )

وِجهہ وڏندي وِک، مڇڻ لِک لکائيين،
ڏک تنهين کي ڏِک، حب جنهين کي هوت جي.

( ٣ )

واڪو هڏ ۾ لاهه، سڏن سٿي سڏڙا،
مان تنهنجي ڪا، سگر ۾ سار نٿي.

( ٤ )

سڏن نٿيءَ سڏڙا، واڪو منجهه وٿين،
سجڻ پنڌ گهٽي، مان ڪوهيارو ڪوڪ سٿي.

( ٥ )

ڪوهيارو ٿي ڪات، ميون مارڻ آئيو،
هوءَ مر هوت حيات، آئون ميائي گهوريي.

( ٦ )

وهين ۽ ويلا ڪريين، پڇين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر ٿيندئن هوت سين.

( ٧ )

وهين ۽ ويلا ڪريين، ايءَ نه آڪنڊ آهه،
سي لاڳاپا سڀ لاهه، اوريان آپيارين جي.

( ٨ )

وهين ۽ ويلا ڪريين، سڏيين ساڳاتو،
هاري آپاتو، تو سين سولهن نه سٿيي.

( ٩ )

ڪِجي جِتَن ڪيچِينَ لَيءِ، تو تان ڪين ڪيو،
وبجهائي وِڏو ءِ، وِڪَ نہ کنيئي هيڪڙي.

( ١٠ )

ٻاڙي ناهِ ٻروڙ، تہ ڪا راتِ رَنجائي گَذري،
ٻاليئِ ٻاروچَنِ جي، گهائي وِڏي گهورَ،
هِڪَ سَنئي ٻيا سورَ، وِيا ٻَنيِندا ٻاٽَ ۾.

( ١١ )

ٻاڙيچِيءَ روئي، چاڪ مَنهنجا چورِيا،
ٻَکَهرَ وِجهنديس ٻرينءَ جو، ڏَکَنِ ۾ ڏوئي،
ساجَنَ سيوئي، ساهہ اوهان تان صَدَقو.

( ١٢ )

آجَ نہ مون قرارَ، ڏِنَمِ سَنَڌو ساٿَ ۾،
نَهِي وِيئا بارَ، مَٿِي سانيِهہ سپِرِين.

( ١٣ )

ڪِيا ويچاريءَ وَس، ڪارڻِ ڪوهيارِي گهٽان،
گَهٽون ٻَچِي ٻانڌِيين، سَندا ڏيرَن ڏَسَ،
لَمون ڏوري لَسَ، سَنِي سَڳَرَ ٻَنيِين.

( ١٤ )

تان ڪا وَر ڪِجا، ڪَمِيڻيءَ تِي ڪيچيا،
آئُون اوهان جِي آهِيان، ٻالهِي ٻاروچا،
دِلاسي دوسا، مَتان مُون کي ڇَڏيو.

( ١٥ )

تان ڪا ڪِجا ور، ڪَمِيڻيءَ تِي ڪيچيا،
آئُون اوهان جِي آهِيان، بَندي بي سمر،
آچِي کوهيارا ڪَر، دِلاسو دِلگير کي.

( ١٦ )

هوءَ جي سُور سَجَن، سي مُون پينگهي ۾ پِرائيا،
ساندِيياس سَڪَنِ، سُورَن ڪارڻ سِرتيون.

( ١٧ )

سِرجِي، تان سُورَ ساماڻي، تان سَڪ وِيا،
اِهي ٻيئي ٻور، ڏماڻيءَ نصيبَ ٿيا.

( ١٨ )

سُورَنِ ساندِيياس، ٻورَن پالِي آهِيان،
سَڪَنِ جي سيدَ ڇٿي، ڀَڪي نَ ڀِياس،
جيڪَسِ آئُون هَياس، گَرِي گُونڌرِ وَلِ جِي.

( ١٩ )

سورَن ہَڏو سَندرو، مونهان مَهندِ ٿيا،
هَلو تہ ڏوريون آنِ کي، وِنڏرِ جي وِيا،
کَنڌِيس کين ٻِيا، هوتَ مَٿائي آکِيان.

( ٢٠ )

ٻِنِ وِهائِيسِ رات، هَلي هاڙهي سامُهين،
ٻُنهونءَ جا ٻِرِيات، آيي ٻَچِي ٻِهيڙا.

( ٢١ )

نہ کا تاتِ، نہ توتِ کا، نہ کا تاتِ تَنوارِ،
کانهي ٻِرِتِ ٻَچارَ، لَنئون وِ ٻِچاريءَ لَڏيو.

( ٢٢ )

کينهين طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تَيارِ،
ڏوريان، پِيو ڏکار، گهورينڌڙ کَئِي وِيا.

( ٢٣ )

جيڪي طالِبَ تاتِ جا، تاتِ ہِ تَنهين وَٽِ،
هَڏهين کانهين هَٽِ، گهورِ، تہ گَهران ٿي لَهين.

( ٢٤ )

آنْ جي ڏِئاهونِ، اللهَ ڪارڻِ ڳالهه ڪَريو،
نيڻ مَنهِنجا رُونِ، راتو ڏِينهان آن ڪي.

( ٢٥ )

آچا راتِ رَتومِ، ڪوڏِ ڪوهِياري ڪَنجَرو،
پينر پيچايومِ، صُبح سان، سُورَنِ سين.

( ٢٦ )

سَرَتينِ سَهج مَنجهاءَ، ٿي ڪوڏِ وِراهِيا ڪپڙا،
تَڏِهن مُنهنجِي ماءُ، ٿي ڀهَڻ آچِيا پَپ جا.

( ٢٧ )

ڪَڏِهن ڪَڏِهن جيڏِيون، ڪو ڀَهُ آچِيو پوءِ،
سو پڻِ سازو هوءِ، هِيءُ جو ساهُ سَرِيرَ ۾.

( ٢٨ )

ڪنهن جنهن نِينهن نِنڌاهُ، جِنُ مونَ واجهائِيندي تَ وَرو،
جيڪينْ مُنِي ڪَنداهُ، سو جانِبَ ڪرِهو جِڙي.

( ٢٩ )

مَتان ٿِيين مَلوَر، ڪِينَ آڪَاھوَن آھِيان،

ڏِسَڻ ۾ ڪَرَ ڏوَرَ، حَدَ ھِنھِين جي ھيڪڙي.

## وائي

( ١ )

ھو آرِماڻ آئِن، ميان! سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

ڪِجاوا ڪَرھَن تي، جوڙِيا جالَ جَتَن، ميان!

سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

ھِرَ نَہ نِڪَنِ ھوتَنِي، ٿا ڪامَنِ سانُ ڪَڄَنِ، ميان!

سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

مَھارُوَن مَنِ جيوَڻ، واڳوَن وَسِ ڏَئِين، ميان!

سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

نَڪَرَ ۾ نوڪار نِسي، صُبح سانِيرُن، ميان!

سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

سانگ تَہ تَنهنجو سَسُئِي، ھاڻي ھوت نَہ ڪَن، ميان!

سَسُئِيءَ جي سورَنِ لِيءِ.

### وائي

( ٢ )

ڪارونِ وَسِ ڪيامِ، ڙي! هئي هئي! ووا لَڏي ڏورِ و يامِ!
مُنهنجو هوت نہ موٽيو، ووا ڪارونِ وسِ ڪيامِ.
پَنڌَڻَ پاروچنِ جا، پينگهي مَنجهہِ پيامِ،
ووا! مُنهنجو هوتَ نہ موٽيو.
ڪٿين قاصِد ڪيچ ڏي، مُحبنِ لاءِ مُڪامِ،
ووا! مُنهنجو هوتَ نہ موٽيو.
سَدا سپيرينَ جا، سانڍيَڻَ سُور پيامِ،
ووا! مُنهنجو هوتَ نہ موٽيو.
هوتَ هلندي جي ڪيا، نہ مي سَڏَ سيامِ،
ووا! مُنهنجو هوتَ نہ موٽيو.

## داستان ٻارهون

( ١ )

ڏٺان جي ٻروچ، مون جِنَ هوت آکين مين،
مون کي چيان ”لوچ“، پاٺان پيئيون چپرين.

( ٢ )

جيڪس ڏئو جيڏين، ٻاروچو ٻيءَ پٽ،

مون جئن موڙهين مٽ، پسنديئي پنهونءَ ڪي.

( ٣ )

جيڪس ڏئو جيڏين، ٻاروچو ٻيءَ روهه،

سنجهي ۽ صبوح، هوند نہ وئڙن وسري.

( ٤ )

آن جي ڏني جيڏيون، پنهونءَ جي ٻاپوهه،

سنجهي ۽ صبوح، سورن تي سڄڪيون.

( ٥ )

جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جئن ملاقات،

ٻانهن وجهي وات، ريهون ڪيان رڄن ۾.

( ٦ )

جي تو ڳالهائي، ماءِ ٻاروچا پڇيا،

آنهين جي وائي، هوند نہ وييان وسري.

( ٧ )

آڄ معذور هئان، آلا! چڱي م ئيان،

رڙهان ۽ رئان، پنيءَ مڱر ساٿ جي.

( ٨ )

سِڪي مُون سَگ ڪيو، لِڪي وِڃان لوڪ،
مَتان مُون کي ڇڏِين، هِتي هُتي هوت،
نالي تو بلوچ، ميَس منجهه مرتئين.

( ٩ )

جي ڏُونگر مُون ۾ ڏَک، سي پَٽَرِ پُونِ ۾ پِرينءَ ري،
وَهَن مُون وِهَ تِيو، ڪير مانديندي سَک،
هَيرِ هوتنِ سين ڇِک، مَڇو سَگ نه مارِيان.

( ١٠ )

"ووءِ ووءِ!" ڪندي وَت، مَڇَنِ "ووءِ!" وِسارِيين؛
ڀانئي هارِ ۾ پَڌرو، رو منجهائين رَت،
صبر وَڏو سَت، سِکها ميڙي مُپرين.

( ١١ )

ووءِ! ووءِ! وِڏوڙا، ووءِ! ووءِ! وَڃن نِگِيا،
مُون سانگِيائيءَ جا مُپرين، مَڇ ڪِ منيوڙا،
لاٿِ نه توڙا، ماهه اوسيڙو آنِ جو.

( ١٢ )

گھوڙا گھٽيءَ پون، ووءِ! ووءِ! وڃن نـگيا،
مادرِ مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪَڍهين.

( ١٣ )

ووءِ! ووءِ! پنِ وِيٺي، رنن ڪارڻ جا هٿي،
پنھونءَ کي پيٺي، روندي ڪير رت ڦڙا.

( ١٤ )

ماٺِ مارينديئي پرينءَ جي، مڃن رنين رتَ،
چوري چڏِ م ستَ، هِمت هوت وِڄائيو.

( ١٥ )

ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ، هينڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پيس ڪاڻ، نبيريانس، نہ نبري.

( ١٦ )

ڪه جاڻان، ڪه ٿيو، ڪيڏانهن ٿي وڃان،
هٿ، ڪرايون، آگريون، موڙيو سڀ ٻچان،
ٻين گهرِ گهجان، مون هاريءَ هوت وڃائيو.

( ١٧ )

ڇان ڪِ آيسِ آڳاهين، تان اَتهين اَيي آهيان،
پرتِ پراهين، هاٿي مَران، م جيان!

( ١٨ )

سَرتيوڦ سوز پرينِ جو، ٿجنِ ۾ شاملُ،
ڪوهيارو ڪاملُ، مون کي ڏک ڏيکاريو.

( ١٩ )

ڏونگر، ڏنا، نوڻ، مون پارکو پڇيا،
هيڪليون هَلنِ جي، سي تاڪنِ سندي توڻ،
اِيءَ آهکي پوڻ، سونهنِ ريءَ نہ سٿري.

( ٢٠ )

لَکين لوڙائو، سهسين آهنِ سچ ۾،
بر ۾ بورائو، ڪَنُ، پيادي پاڻ سين.

( ٢١ )

ٻاروچا ٻيا گهڻا، مُنهنجو آجهو آرياڻي،
چوندي رکيم چت ۾، ساجن سچائي،
جا وِلڙ وِڪائي، تنهن جو مونکي مس ٿِئي،

( ٢٢ )

ٻاروچا ٻيا گھڻا، منھنجو ٻنھون سر سين،
چاتڪي ٿي چڙھي ڪري، ڪندو ور ولھين،
مٿي معذورين، ھوت ڏرينڊو ھٿڙا.

( ٢٣ )

ھوءِ ٻيا گھوري گھوٽ جي، تنھن ڪي ڄري چوڻ،
آگھاڙيون آئون ٿي، ھوت پڇاڻان ھون،
ٻرا تنھين ٻون، ڏنو جن آڪين سين.

( ٢٤ )

ڏٺم آٽ آڪن سين، مان ٻاروچا ھون،
جنين ڏاران ٻون، موريسر آڪين ٿي.

( ٢٥ )

سچڻ ڏنو جن، موٽن تنھين منھڻون،
اي مرڪ معذورين، جڻن مرڻ ٻريان جي پير تي.

( ٢٦ )

ور لڪن جي لوڏ، گھوريا سڪ پنھور جا،
آسڙ جي تون آچين، سي ڪر نه آچن ڪوڏ،
ھيڻين منھنجي ھوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين.

( ٢٧ )

ڪو جو آهي ڪوڙ، پاروچائيءَ ذات سين،
جي هو چونس ”پوڙ“، تہ ”جي“ مٿانئي جڳ کي.

( ٢٨ )

پلي ڪري ٿيوم، هيءَ سڳ پاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏنوم، پنيءَ لڳي جن جي.

( ٢٩ )

آڏيون ڪا ايندي، چپر مون سڳ ٿيو،
لائيندس لڱن کي، مليران ميندي،
وندر آئون ويندي، آريءَ چام آڇهو ڪري.

( ٣٠ )

ڪتي لئي ڪاٺي، وڪيئي پرت پنهون سين،
سهيو سڪيو چنڊ ڙو، وڏہ ڇيري ۾ چاڙي،
تو سين هاڻو هوتاڻي، صباح ڪندا سٿي.

( ٣١ )

مون کي لٿا نين، جت ملڪ پانهجي،
جي کهکهيرين گڏين، تہ پين کان پٺون ڪريان.

( ٣٢ )

آڳي ايئن هياس، جئن ڦنهونءَ ڏوتر ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جئن جت نه نيڻن ڏاڻ سين.

( ٣٣ )

ڪوهيارو ڪيڏانِ، ڪيڻ وڃي، ڪاڏي وڃان،
مون ڀانيو سيڏانِ، ڇپر، ڪنديس ڀنڌڙا.

( ٣٤ )

ڪوهيارو ڪاري، ڀنڌ آڙانگا ڀٽين،
سي ڏيهه ڏيکاري، جي آڳ نه ڏٺا ڪڏهين.

( ٣٥ )

ڏکوين آهيان، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو،
وڃن ڪونڌر ڪڏيون، لوڪ نه آچن پاڻ،
سورن آمان ساڻ، ننڍيئي نينهن ڪيو.

( ٣٦ )

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٿو آڳهاڙو،
سنهنجو ڪجاڙو، پينر هاڻ ڀنيور ۾.

( ٣٧ )

پنهوران ٻهر ٿي، آمڙ مون آماڻ،
مڇن ڪا رهاڻ، مون تو موٽي مس ٿئي.

( ٣٨ )

چپن چنا پير، هلي هلي ماءِ،
ڪوهياري جي ڪاءِ، ڳنهيو پٽان ڳالهڙي.

( ٣٩ )

جئن جئن جهلي جڳ، تئن تئن مون تاڪيد ٿئي،
کهريو تو ڳالهيون ڪري، وهسي پٽو وڳ،
لوڪ لتاڙي نند ۾، ٻئيءَ لائن لڳ،
آريائي اورڳ، پنهوران ٻهر ٿي.

( ٤٠ )

نينهن م نالو ڳنهه، پريتئي پير ٻيا،
سورن ساڻ م چئن، وره وهائج وترو.

( ٤١ )

هاري هينئون م لوڏ، سڪن هوندئن مستئي،
ڪوهيارو تو ڪوڏ، آڇي ڪره قطاريو.

( ۴۲ )

سَجَڻَ ڏِٺو جَنِ، تَنِ ڪِجهي سِرِڪَهہ ڪِيو،
پِيوَن ڪوهُ پَڇهَنِ، قَدُرَ ڪِيميا اِنَ جو.

( ۴۳ )

جَسَ جفاري نہ ٿِئي، جفا وارِيَنِ جَسَ،
سَتِي ساڻَ وِڃائِيو، ڪولِي چِڏَ م ڪَسَ،
لِيڙَنِ جو لَطِيفَ چئي، ڏونڪرِ ڏِينڌئي ڏَسَ،
پَنهوَن آڇِي ٻَسَ، سِر پِرِ هَلِي سَسئي.

( ۴۴ )

پَنيوران ٻهر ٿِئي، مون جي ڪيا سَڌَ،
پارو چاٽِيءَ لَڌَ، لَڪَ سوٻلا لَنگهيا.

( ۴۵ )

آوَجهَڙ وَتان آنءُ، پِيوَن سَڀِ سگِهر ساڻ جِي،
جا نِينهَن ڪِنهندي نانءُ، سا مون جِئَن پوندي مامري.

( ۴۶ )

ماڪِهين جي مٿي، تہ هوندَ نہ پِئي مامري،
چِڏيو جي ڪهي، تہ هيڪاري هورَ لهي.

( ٤٧ )

سسئيءَ جيءَ سريءَ سان، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي،
پنهن ڪارڻ پرين جي، منڌ مٺي ماندي،
لڪن تان لطيف چئي، آرياڻيءَ آندي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿي.

( ٤٨ )

جڙ جڙي جن سين، مٺي پڻ سين تن،
جي هت نہ هوت پنهن، مي ڪنهن پر ڪيچ سنديون؟

( ٤٩ )

مرتيون سيوئي ٿيو، آندر آرياڻي،
وپتي پسان پاڻ پر، ڏونگر ڏهاڻي،
هيس جن هاڻي، مي ڪيئي گڏير ڪوه پر.

وائي

وجي ويڙي ٿئي، جت، پير سڄاتائين پرين جو،
پير سڄاتائين پرين جو، منجهاڻ نينهن نرتي،
پير سڄاتائين پرين جو.

هوءِ وِيا وَڻڪارِ ڏي، هِنَ پوريءَ پاليا هِتي،
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

جنهن چيڙي وِڏِيسِ چِپڙين، سو ڪوهيارو ڪِتي؟
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

آسا، ليما، ڦَلَ، ڦاروُها، ڳاڳا، راڱا جِتي،
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

مَري رَهنديس ماڳهين، نه ته، هادي آچِ هِتي،
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

سَون ڪي ڇَڏي هَليا، ڪا پِين مَتي پِتي،
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

لَڪِنِ مَنجهه لَطيفُ چَئي، مِلي تان مَرَتي،
پير سَچاتائين پِرِينءَ جو.

# ليلا چنيسر

## داستان پهريون

( ١ )

داغ تنهنجو داسڙا، جيري مٿي جن،
تون ڪئن مٿان تن، چنيسر! چت ڪٿين.

( ٢ )

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! وڃج م ذورين،
آءٌ تو حضورين، مٿيون وجهان مڇ ۾.

( ٣ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٿان هار،
پري جي پتار، تہ ميريائي مان لهان.

( ٤ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٿي هار،
سو پي! سک، سيد چئي، ڪريين ڪوه قرار؟

راجا رِيسائون گهٽون، سٽائون سردار،
ڇوڙِس چنيسر چام جو، ڏيهان ڏيهه ڌڪار،
ٺاڪر آکين ٺار، مٽيي تي ٿي مٽيين!

( ٥ )

چنيسر چوُرنگ، پرنڪو لوڪ پيو،
تنهن سين ڇنيو سنگ، وڃيو هار هٿ ڇهين.

( ٦ )

مٽيي تي موهجي، مورڙهي ڪيئي مرڪ،
ڇڏي چنيسر چام سين، وڌو تو فرق،
وري ويو ورق، آئي ڏنئون ڌاڪ جو.

( ٧ )

مٽيي تي موهجي، هاري! ڪيرءَ هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، اِنهين خر خوار،
پري ويو پتار، آئي ڏنئون ڌاڪ جو!

( ٨ )

مٽيي مٽي جي هئا، تن چٽن ڦيرير چت،
هار ڪٽينديس هوڏ ۾، نيهه ٿيندم نت،
ڪوُنروءَ جو ڪرت، سونهان مٿاهون ٿيو.

( ٩ )

مٺيون ناهِ مٺيون، جو تون ٻسي هارِ هرڪنين،
اَصل آهي آکين، سندو ڪوڙ ڪٺيون،
اِن گهوڙنِ هنئي گهٽيون، دوسنئا ڏور ڪيون.

( ١٠ )

تو جو ٻانيو هار، سو سونَ جو سگهڙو،
چنيسر چِت ڪٺي، ٿيو پورهيتِ جو ٻار،
آوٽِت جو آچار، ڪانڌ ڪهين مين ۾ ڪري.

( ١١ )

نہ ڪين ٻانهڙين ۾، نہ ڪين ڳرِ هيومِ،
نہ مون سيندِ، نہ سرمون، نہ سينگار ڪيومِ،
تيلانهن ڪانڌ سندومِ، رکوئي ري ڳڙي.

( ١٢ )

سونا ڪڙ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوٽا ٻاهنِ ۾، سيندِ سٽيا وار،
تيلانهن ٻي ٻچار، ڪانڌ منهنجي چڏيي.

( ١٣ )

چنيسر جي چت ۾، ڪين جو آگ هئو،
تهان پوءِ ٿيو، سڀي تي ٿي مامرو.

( ١۴ )

جر هاريو ٿي جکري، جڏهن رنو ڏيريدار،
ڍولي تڏهن ڍيلين، سوڍي، ٿئي نہ مار،
چنيسر پتار، حيلو ڪيو هار جو.

( ١۵ )

آءُ ڏمريو ڏس، حيلو هونهين هار جو،
سڀهو، سڀ سرتيون، ور نہ ڪهين وس،
دعوي ڀهرئين دس، پڇيو تو پورا ڪري.

( ١٦ )

پوچا ڏنم پير، ڍکي مٿي ڍول جا،
مون پانئيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پرتڙي.

( ١٧ )

سوڙبين سترياءِ، پکو سهو ولاريو،
چنيسر ڪانڌاءِ، تان مون هئن نہ پانئيو.

( ١٨ )

ڏولا ڪچاڙيان، ٻولائيو ٻوڏ چئين،
آئون تو پيرالديان، ڪر موڙيو، ورا آئيان.

( ١٩ )

نئون، پڌيو، روءِ، آڳِن جهوڪيو ڪرهو،
ڪو چنيسر چوءِ: ته ليلا وڃي لڌيو.

وائي

آءٌ، ٻرين، گهر پيهي، ميان چنيسر!
هار هٿان مون ڇڏيو.
ٻچن ليلا، هو ڪن حيلا، ٻهران آچيو ٻيئي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
دوس لياٿون داسڙو، ويساهي ور ويهي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
اوگڻ، عيب، مٿائيون، ڏولا، ڏڪ سيئي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
تو دَرِ آچي، داسڙا، آر ڪريندس ڪيهي؟
هار هٿان مون ڇڏيو.

## داستان ٻيو

( ١ )

ٽڙڪي، ٻسي ٽوڪ؛ ٽڙڪي، تڪبر ۾ ٻئي؛
آچيو آچيو، ”آڪلي“، چئي ليلا کي لوڪ،
آندر او ٻالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو و ٻچاريءَ وسري.

( ٢ )

جيڪس ڪم سندام، جوٽا ڏٽا جيڏيين،
ڪلن سڀ مٽام، ساهيڙيون ۽ سرتيون.

( ٣ )

هئينءَ تہ گهٽون هشيار، ڪل پ هئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٽيان، ڪچي هائي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نہ وٺي، سئين پتين سينگار،
وهم لهي وينجهار، دليون ٻرڪي دامڙو.

( ٤ )

چان ڪي چڙهنديس ڪٽ تي، ريجهائينديس راءِ،
اهڙوئي آلله، جو ٻورهيتون ٻيس ڪري.

( ٥ )

ڏاھي ھيسِ ڏيھہ ۾، سرتين منجھہ سڃاڻ،
ڪا جا پيئِ ڪاڻِ، جنھن منھن مٽاھون نہ ڪٿان.

( ٦ )

آلا، ڏاھي ۾ ٿيان، ڏاھيون ڏک ڏسنِ،
مون سين مون پرينِ، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

( ٧ )

وڏيري ھياس، ميڙو مون گھر سرتيين،
ھٿ چھڙ ھار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياس،
ڍولي ڍِلياس، آئِ ڏنؤن ڏھاڪ جو!

( ٨ )

وڏيري ھياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڏھلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پڇياس،
ڍولي ڍِلياسِ، ٿيس ڏھاڳِڻِ ڏيھہ ۾.

( ٩ )

ھيس ھندورن ۾، پيئِ ڪانہ پروڙ،
مٿيي سندي مامري، ڪوجھي وڌيس ڪوڙ،
سامھان ٿيِ سوڙ، ويو ولڻي ولھو.

( ١٠ )

ڏھاڳان سُھاڳڻيون، کھڙي ڏوھ ڪنبن،
وَرَ وِڏوڻون اينھئين، جِنَ جِنَ ہاڻَ پسن.

( ١١ )

گھوريو سو سُھاڳُ، جنھن ۾ پسين ہاڻَ ڪي!
ڏوري لھہ ڏھاڳُ، جنھن ڪَرَلاھوَ داسڙو.

( ١٢ )

مارِجِ سيپٽي، لِيلا، لڪڻ ہانھنجا،
وَر سين وِڙھيو آئيين، ڏوراہا ڏيئي،
نہ ڄاڻان ڪيھِي، چنيسر جي چت ۾.

( ١٣ )

چٽي چنيسر چام مين، لِيلا، لڪايوءِ،
تو جو پانيو ہانھنجو، تنھنجو پرءِ ڪونہ پيوءِ،
ڪُونرُءَ ڪانڌ منڌوءِ، ڏست ڪيو داسڙو.

( ١٤ )

ليلا، جَم لڪائيين، چٽي چنيسر ماڻ،
وَر سين وِڙھيو آئيين، موڙھِي! مٺِي ہاڻ،
پوري، ڪيٽي پاڻ؛ تي آيٽي ڏٺون ڏھاڳُ جو

( ١٥ )

لِيلا، جِم لَڪائِيين، سو پِي، ماڻ مَچاڻ،
آهِين گهٽون آڇاڻَ، مَچڻ پوري نہ پئين.

( ١٦ )

لِيلا، پوري نہ پئين، چَئي چَنيسر ماڻ،
تو جو پانيو پانهِنجو، سو رِيساٽو راڇاڻ،
پاٽان ڏار پِريَاڻ، ڪانڌ ڪِنهنجو نہ وَٽي.

( ١٧ )

چَئِي چَنيسر چام سين، لِيلا، تون م لَڪاءِ،
دوس تَنهِنجو داسڙو، ڪاندِ وَڏيائِي ڪاءِ،
تہ ڍولو ڍڪ مَندياءِ، عيبَن ڪي آڏو پئي.

( ١٨ )

چَئي چَنيسر چام سين، لِيلا! لَڪاءِ م تون،
اِيَ ڪانڌ ڪنهنجو نہ ٿئي، نہ ڪا مون نہ تون،
روَنديون ڏِنيون مون، اِنَ ڏر مَٿي دادَلِيون.

( ١٩ )

لِيلا حيلا ڇڏِ، جي تون سو پِي سِڪيين،

پاڻي پاند ڳِچِيءَ ۾، پانُ غَرِيبِيءَ گَڏِ،

هَڏِ نہ چوندءِ لَڏِ، جي ڪاروُن آئِيين ڪانڌَ ڪي.

( ٢٠ )

جي ڪاروُن آئِيين ڪانڌَ ڪي، تہ روئِي رِيجهائيجِ،

لِيلا، لِيلائيجِ، آئِي ماڳِ مِنَتَ جو.

( ٢١ )

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پڻ لِيلائيجِ،

آسَرَ ۾ لاهيجِ، سَجَڻ سباجها گهڻو.

وائي

مون تي وهر وري، وارو ڏِينڊمِ وَلَهو.

توکي ماري، سِپِرين، آئون پونديس ماڳِ مَري،

وارو ڏِينڊمِ وَلَهو.

توکي سَري سِپِرين، آسان تان نہ سَري،

وارو ڏِينڊمِ وَلَهو.

آسان توري ناهِ ڪا، ڳجهاندر ڳري،

وارو ڏِهندمِ وَلَهو.

## داستان ٽيون

( ١ )

چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، تہ هي نہ ماٺي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سکهو ڏني سهاڳڻين.

( ٢ )

چنيسر سين چاءِ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهين جو نہ وٺي، ڳيرب ۾ ڳاءِ،
جي ٽڙي ٽورڙياءِ، تہ دوس ڏسائي دامڙو.

( ٣ )

سڀئي سهاڳڻيون، سڀني ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڍول تنين جي ڍار، هيڻاهيون هلڻ جي.

( ٤ )

سڀئي سهاڳڻيون، سڀني ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول تنين جي ڪس، هيڻاهيون هلڻ جي.

( ۵ )

سيپئي سهاڳڻيون، سيڻي منهن جڙاءُ،
سيڪنهن پانيو پاڻ کي، ايندو مون گهر راءُ،
پيئو تن ڊراءُ، جي پسي پاڻ لجائيون.

( ٦ )

آوڳڻ ڪري آهار، تو در آيس، داسڙا!
جڻن تو رسڻ سنديون روح ۾، تڻن مون پڻي ناهِ، پنارا!
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون منهنجيون.

( ۷ )

جي مون موڙهي مت، ته پاڻ سڃاڻج، سپرين!
اصل آوارن جا، عيب ڏکين تون آت،
اي، پرا! تنهنجي پت، جڻن ولهيون ڏکين، ولها!

( ۸ )

لکن ڪيم لکيج، جي موراهين ناهِ مون،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي، ولها!

( ۹ )

تان ڪا وائي وار، ڍلاسي جي، داسڙا،
تون منهنجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏکي، ڍول! گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

( ١٠ )

ڏولا! ڏيلِ ۾ مون، ڪانڌا! ڪميڻي آهيان،
مَ ڪ تنهنجيءَ، سپرين! پيري وڌيس پون،
مون ور تونهين تون، تو، ور وهون ڪيترئون.

( ١١ )

تو، ورا وهون ڪيترئون، سون ور تون وريج،
سو پيي انَ سهاڳ کي، پوري، پر ۾ ڏيج،
پرتان پير پريج، ملهائج مسڪين کي.

( ١٢ )

ڪوڙئين تنهنجيون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مون کي چڏ ۾ داسڙا، تہ وڃان نہ وٺواند،
مون ڳچيءَ ۾ هاند، تو چنيسرا! هٿ ۾.

( ١٣ )

ڏولا! اولا نہ سهان، آڏا آڏيئي جي،
تو، ورا وهون ڪيترئون، مون ور تون وري،
پرتان پير پري، ملهائج مسڪين کي.

( ١٤ )

ناتو نمائيءَ سين، م ڪرِ ڏول ڍلو،
ڪونهي ڪميڻيءَ جو، بِگرُ تو بلو،
تنهنجو نام نلو، وئيو وِڃي آهيان.

( ١٥ )

لِيلا، لَڄ مَ اِيترو، آئِي آڳَهَ سورِ،
آبو ڏاڏو گهورِ، پاڻَ سوڙو پِرينءَ تان.

( ١٦ )

لِيلا، لَڄ مَ اِيترو، آئِي، سورِ ٻهارِ،
ڍوليو آڳهِ ٻارِ، ڪانڌ ڪميڻيءَ آئيو.

وائي

جِيري زِيارَتَ، جي مان هوءِ پِرينِ سين!
سَدَرَ مَنهنجا سُپِرينِ! مون تان لاهِ مَ هَٿَ،
جي مان هوءِ پِرينِ سين!
مَوَلا! مون کي ميڙِيين، سُپِرِيان جي سَٿَ!
جي مان هوءِ پِرينِ سين!

چنڊيان ڪه آکين سين، ڀرين وجهان هٿ،

جي مان هوءِ ڀرين سين!

ڏوران ڏٺم سپرين، سچي جن صفت،

جي مان هوءِ ڀرين سين!

ملڻ ۾ مشتاق سين، ڪانه ڪياٿون ڪٿ،

جي مان هوءِ ڀرين سين!

# مومل راڻو

## داستان پهريون

( ١ )

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
سامِيءَ سيلو سِر تي، مالها موچاري،
ڏيئي ڏيکاري، ڦٽي دِل فقير ويو.

( ٢ )

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، جهڙو ماهہ منير،
فيض، فِراق فقير، جوڳِي جاڳائي ويو.

( ٣ )

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، پهر سِج ڪانہ پوءِ،
پسيو سونهن سامِيءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو منهن مومل جي پوءِ، مونکي تنهن مس ٽئي.

( ٤ )

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، بابو بانہ بري،
سائي سال ڪلهنِ ۾، سامِيءَ سون سري،
خبر ڏي ڪري، ڪا مومل جي مجاز جي.

( ٥ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت،
سريوسون سڪوت، جوڳيءَ سنديءَ ذات ڪان.

( ٦ )

بيڪاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳاليهون ڪندي ڪاڪ جيون، ڳوڙها پس ڳڙي،
ڪا جا آنگ آڙي، جئن چتا ڦٽ چڙي پيا.

( ٧ )

سڄ آيرندي جا ڪري، ساميءَ سائي روهہ
آڇي ٽي عطر جي، منجهان مڳت بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جئان لاهوتي لال ٿيو.

( ٨ )

سڄ آيرندي جا ڪري، ساميءَ سائي ونڪ،
سهي نہ سگهان سات سئن، تنهن جي راسِ جي رونق،
ڪِ رتائين لاک ۾، ڪِ ڏنائين هانِ پڪ،
سنديءَ سوڊل سڪ، ڪپڙ ڪورون جهليون.

( ۹ )

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نِسوروئي نينهن جو،
پَتنگ جِئن پيدا ٿيو، سامِي سج وڙاءُ،
آيو ڪاڪِ تڙاءَ، ڪَنڌارنِ ڪکوريو.

( ۱۰ )

آءَ، لانگوٽيا لال! ڪِنهن پرِ ڏٺيئي ڪَجريون،
آبَ آرَتو آڪِيِن، لڙڪ وَهائِيِن لالَ،
ڏِٺئي جي جمالَ، سامي، ڪَهه نَ سَلائِيِن.

( ۱۱ )

آئون آتاهين آئيو، جِتِ ٻِي جِي ناهِ مَجالَ،
مومَلَ جِيءَ ماڙِيءَ ڪي، طرح طرح جا تالَ،
لَڪَ مارايو لالَ، مونيو آچان ميندَرا.

( ۱۲ )

”ڪَجَرِ ڪي ڪجمِلَ جِيوَن، تارَنِ ۾ تبروَن،
هٿِي حاڪِمن ڪي، زور پِريون زبرون،
ڪاڪِ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جِيوَن!“

( ١٣ )

”ڳجر ڳاروڙين، آچو آڏي آڀي،
مٿان پيئي تن، ٻڌا پاڻ هٿن جي.“

( ١٤ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ الماس،
نہ کا عام نہ خاص، جي ويا سي وڍيا.“

( ١٥ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ آنبور،
هٿي حاڪمن کي، ڀت نهاري ڀور،
گهوٽ ڀرينءَ گهور، جي ويا سي وڍيا.“

( ١٦ )

”مومل ماري مير، آهيڙين کي آکري،
سوڍيءَ گهڻا سکائيا، پڙهيا، پٽت، پير،
هٿي تن کي تير، مٽيون جن متن ۾.“

( ١٧ )

سيني سمن ڪاڪ تي، راڻن حميرن،
هتان آيو ڪونہ ڪو، هتان لک وڃن،
ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نہ ڪيو.

## وائي

تان تون وِهُ سَنبَهِي، سائي مِيان! پانڊي مِيان!

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين؟

لـَڪين لَڏائيان مـَٺِي، مٿي واٽَ وِيا ٿِي، مِيان!

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين؟

جِنهن ڪي پَچان، سوچِوِ: ”آئيو ڪونہ آتان ٿِي، مِيان!“

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين؟

ڪونائو ڪَرِيمَ جو، آئِيو پَهِي پَربان ٿِي، مِيان!

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين؟

حَڪمُ ڏِيندءِ هَٿَ پُر: ”هاٿِي هَلَ هِتان ٿِي، مِيان!“

ڪاڪِ هَلبو ڪَڏهِين؟

## داستان پهريون

( ١ )

جوڳِيءَ جاڳائِي، ماري، وِڏو مامِري،

لَڏؤن لـَڏائِي ڪنڌِيين، آمِيو آهِي،

وَجِهو جِي ڪاهِي، تہ نوڪَون پَسو نِينهَن جِيَون.

( ٢ )

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اَچل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرينءَ کي.

( ٣ )

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن ٻچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا ٻسي ٻرينءَ کي.

( ٤ )

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو ٻسي ٻرينءَ کي.

( ٥ )

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، چڙو جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن، پانوڙيءَ ٻڪ سين.

( ٦ )

ڪرها! ڪارڻ ڪاهہ، توکي ڏٿين ڏاريو،
ساري ڏيج، سيد جي، لڏائي تان لاهہ،
مقابلو مومل سين، ٿيندو سنجهہ صباح،
سودي جيءَ صلاح، ڪوُنر چرندين ڪاڪ جا.

( ٧ )

آکون، ڍاکون، سرکنڊ شاخون، جت چوکا چندن ڪؤنر،
ميي سيئي ماڻيا، جت نہ پرن پؤنر،
ڪنڌاريون ۽ ڪؤنر، ڪاہ نہ پسون ڪاڪ جا.

( ٨ )

ننڍو، تان ڪوہ، پر وکين آهي وترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس ٻڪيءَ جئن پوءِ،
اِن ڪر سندو ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي.

( ٩ )

ڪرها! ڪاڪ چڙهي، ونءُ وٽاٿون نڪري،
لڏاٿان لطيف چئي، آيو ڪونہ وري،
گهٽا ات گهڙي، وک وساري هليا.

( ١٠ )

چڙهيا چارئي يار، سوڍا شڪاري،
فڪر سان ٿئي ڪي، سوڍي سوڀاري،
ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري،
سوٽيا نہ ماري، ڪؤنر لتاڙي ڪاڪ جا.

( ١١ )

ڪاهي آئيا ڪاڪ تي، ڏئائون ناتر،
گهوٽن وسريا گهر، گهور ڀرئين گهائيا.

واءِي

راڻا جي رجپوت، سومل سهي پسندا،
ڀڙهيا، ڀٽ، پير، توٽي مير، همير، مرندا،
مومل سهي پسندا.

مچي رضا رب جي، هٿان سڀ هلندا،
مومل سهي پسندا.

ڪلمي ساڻ لڏائين، هادي! هن هنڌا.
مومل سهي پسندا.

سهڪي سڪرات ڪرين، والي! وير وداع،
مومل سهي پسندا.

آهڪيءَ وير آچيج تون، آئي، آحمدا!
مومل سهي پسندا.

متان ڇڏين مڱڻو، مهندان، مرشدا!
مومل سهي پسندا.

"ڪُلُّ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ،" سَچي اِيءَ صَدا،
مومل سهي پسندا.
اَصلِ لِکيو آنگ ۾، ٽيندو تان پ آدا،
مومل سهي پسندا.

## داستان ڏيون

( ١ )

جِهڙا گُل گُلاب جا، تهڙا مَٽِن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها! هو، هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن آچن نيش،
لالن جي لبيس، آتي آکر نہ آچهي.

( ٢ )

جهڙا پاڻي ۾، تهڙيون سالون مٽن سائيون،
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهٽون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سونهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين، لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
سنجهہ مرڪيس من: "سودي سين سگ ٽيو."

( ٣ )

سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،
آگر اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪتن،
اوتيائون عبير جا، مٿي طاق ترن،
پانن پيلون پڌيون، پسيو سونهن سرن،
ٿيا لاهوتي، لطيف چئي، پسڻ لــِءِ پرين،
اجهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي.

( ٤ )

جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي، تن لهي نه لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، مٿي پي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏائيا لوڏي ٿيا.

( ٥ )

لڏائيان لوڏي ٿيا، وتن منجهه وصال،
آڄ آرتو آڪيين، ڏئي پيتائون ڪالهه،
ويٺي ويچارن وسري، ميان جي منيال،
پري ڪان پاسي ٿيا، ماسوين مثال،
جانب جي جمال، رتي، پس، رينو ڪيا.

( ٦ )

رَڇي جي رِڻو ٿيا، ڪِين، آڀانجن اوءِ،
ڪَنبِ نَہ ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هوءِ،
توڙي ڏوہي ڏوءِ، تہ لالي تهين نہ لهي.

( ٧ )

جنهن ترِ ڏوڙون ڏون، چوٽا چَندَن چِڪ ڪيو،
آچَنِ ڀِڏَنر ڀِنيوليا، ڀاڻيءَ تنهين ٻون،
راول رَتو روُن، ڪو وہ لکو واسين.

( ٨ )

جِتِ راياڻين راڻي ڪي، چَندَن چِڪ ڪري،
هاٿي آنهين ٻيٺين، ورہ وراڪا ڏي،
سوڍو سَج ڪري، مومل ماري هليو!

( ٩ )

ڳجر ڳهنا ڳهائيا، ٻاڻا لَکِس ڳهاءِ،
ميندَري مَلاءَ، لَکِس ڪانَ ڪپار ہ.

( ١٠ )

روءِ راڻي جي ناہ ڪو، سوڍو سوائي،
لَڏائيان، لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ٻي وائي، ٻيو مِڙوئي ميندَرو.

( ١١ )

روءِ راڻي جي ناھِ ڪو، سودو سڀنِ سونھن،
لاثائين، لطيف چئي، مٿان دلين دونھن،
ڪانھي ھِي وِرونھن، ٽيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٢ )

روءِ راڻي جي ناھِ ڪو، سودا ھيا پ سڄاڻ،
نسوريائي نينھن جي، ڪسيائين ڪمان،
ڇڏي وِيا ڇوھ ۾، دعوائون ديوان،
ھِي رهيائي ڪانَ، ٽيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٣ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاٿان وِيا ھَٿِي،
لوڏيڙن، لطيف چئي، سودو ڪِيو سڀي،
مومل ماڪ رھي، ٽيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٤ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاٿان ويا پري،
تن کي ناتر ڪوھ ڪري، جي لڏاڻيان لنگھي ويا.

( ١٥ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
ٻانڀڻ ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻجهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.

( ١٦ )

ويرو تار وصال ۾، گهورڻ گهايا جي،
تن ڪاڪ اوريائين ڇڏي، وڃي ٻيا پري،
تن ناتر ڪين ڪري، سومل سڪي جن کي.

( ١٧ )

اهڙيون اوريان ڇڏي، ويا لاهوتي لڪ،
پايو پٽين ويٺيون، ڪاڪ ڏڄاٽيون ڪک،
ڀڃي اي پرک: تہ سوڍيون سڃهائي ويا.

( ١٨ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
سوڍيون سڃهائي ويا، هيڙا جنهين حال،
جي چورين ڏنا چال، تپ لاهوتي لنگهي ويا.

( ١٩ )

توڙي ناهه نصيب ۾، مومل ميندرو،
هوندءِ جم ماهين ورين، منجهان پرت پرو،
راڻي لئي م رو، وهه طعني سين واڳجي.

( ٢٠ )

مومل ناهي ميندرو، توڙي منجهه نصيب،
مون کي، مون حبيب، طعنو ڏي تنهنجو.

( ٢١ )

آئون طعني سوڍي تنهنجي، تون طعنو ڏي مون،
سو کي مريو مون، جو مرتيون کنهن نه مريو.

( ٢٢ )

ٽي طعنو تنهنجو، حال وڃايم حق،
لکين لوڏي آئيا، سوڍي لاٿم شڪ،
ڏنم ڪاڪ ڪهڪ، سکهو سونج، سپرين!

( ٢٣ )

ڪڪوري ڪاڪ وهي، راڻا! پانءِ م رت،
سوڍا! اي شربت، نسوروئي نينهن جو.

### وائي

مينڌرا! مون کي، راڻا! جم وساري ڇڏيين!
مون کي طعنا تنهنجا، ڏيهه مڙوئي ڏي،
جم وساري ڇڏيين!
راڻي تي ريس ڪئي، ڪر مين ڪليم جي،
جم وساري ڇڏيين!

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏيتِ م وڃج ڏول، ڪاڪيارِي ڪاڪ ڪري!
آئون آکين آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻول،
توکي ساري سپرين، رنڻ منجهه رتول،
ڪاڪا ۽ ڪول، وسهه، مون وهه ٿيا.

( ٢ )

جي هٿا ڪوڙيا ڪاڪ جا، سنا ميي سونهن،
لڏائئان، لطيف چئي، لڏيو لوڏيڙن،
سي موٽي مس آچن، جي آتڻ آرامي ٿيا.

( ٣ )

لڙائنان، لطيف چئي، ڪنون ڪنياڻون،
ڇڏي جيلا ھليا، مومل مارياڻون،
ڀيرو ڀڳائون، آئون آرامي ٿيا.

( ٤ )

ڀيرو ڀڃ ۾ ڪاپڙي، لاھي وڃ ۾ لاڪ،
تان مون ھينڙو ماڪ، جان تون جوڳي جوء ۾.

( ٥ )

سوڍي سر نيو، ھت ڪرنگھر سڪٽو،
راڻي جيءَ رھاڻ ڪي، سڪي ساھ ڀيو،
پسان ڪين پيو، تو ري آڪڙين سين.

( ٦ )

سوڍي منھنجي ساھ سين، جيڏيون جئن ڪبو!
ڪڙي مون ڪاڪ ٿيي، آتڻ وسريو،
پسان ڪين پيو، تو ري آڪڙين سين.

( ٧ )

جيڏيون منھنجي جيءَ سين، راڻي رڻ ڪيو،
قلب ڪاڪ ڪنڌين ۾، پرزا ٿي پيو،
ڄجھان، پھر ويو، ھينئون ھنڌ نہ آڪيين.

( ٨ )

راڻي رِڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
مَن ميندري وِڌيو، ڏيِ ڏَڙ پيو،
ٻجهان، ٻهر وِيو، هيڻيون هنڌ نہ هيڪڙي.

( ٩ )

راڻا! نہ چاڻان، ڪِئن وِڏوڻين وَلها،
آڇي ڪاڪ ڪِنڌِن ۾، ھرچي ڏي پاڻان،
ميندرا! ماڻان، تو ري ڪنديس ڪِن سين.

( ١٠ )

رَنان تِي راڻا، هنڌ نِهاريو حجرا،
پيئي کہ ڪَئن تي، ٿيا پلنگ ٻراڻا،
ڏِريائي ڏوڙا ٿيا، وَر ريءَ وهاڻا،
جايون، گل، جبات، وَڻ، تو ريءَ ڪوسا،
ميندرا! ماڻا، تو ريءَ ڪنديس ڪِن سين.

( ١١ )

مِيان ميندرا موٽ، بخش ڪر ٻچائيون،
تون گهڻِ جو گهوٽ، سون وَر تونهين هيڪڙو.

( ١٢ )

جِنِ ايندي موٽيِن، مينڌرا، وڏي جاڙ ڪِناءِ،
ورنون نَه هوءِ، ولها! هوند جِنِي، مون جاڳاءِ؛
تَه مَنِي جي ساڃاهِ، سوڍا! سِکَهيائِي ٽيئي.

( ١٣ )

جڳ جيهين چوءِ، سوڍو تِنِ نَه سِکيو،
راڻو تِنِ نَه روءِ، ڪوڙهو جِنِ ڪَلِ ڪُڙِي.

( ١٤ )

مهيسين جِنان سِکَنِ، تِنان مومل موٽِ لِکيو،
مي هنهين جاڙ جِنِ، جي ڪوڙي ڪاغذ آئيون.

( ١٥ )

وِيئي نت نهارِيانِ، راڻا تنهنجي راهه،
موٽائي ماڻِهِين مِ، آئيندءِ الله،
سوڍا! توکِي ساهه، نات راڻا گهڻا راج مِ.

( ١٦ )

راڻِي سندو روح مِ، پسو پڳهه پيوم،
پيڙيءَ جِنِ پڌي وِيو، سوڍو ساهه سندوم،
وِهو وِهه ٽيوم، جاکيو تِي، جر هارِيان.

( ١٧ )

تن باغنئون ہس، جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،
سوڍي ري مرتيون، ڪاڪ نہ اچي ڪس،
راڻي پاڻي رس، تن ہيڙيءَ جئن تاڙيو.

( ١٨ )

لوئيس لباڻي، پسو، جو ہرين ري،
جيڏيون جيهاڻي ڪئي، رات رسي راڻي،
ھلبو ھاڻي، ويرا، ڪاڪ وہ ٿيي.

وائي

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟ مون کي سوڍو سجھہ نہ ڏي.
راڻو رات رسي ويو، ڪر ٿي ڪل مٿي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
اچيو آتن واريون، طعنا ڏينم تي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
ہتر وار وڃائيان، ريجھي راڻي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
ڪارايان ڪيروليون، چاريان چانگي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

## داستان پنجون

( ١ )

شمع ٻاريندي شب، پرھ ٻاڪون ڪيون،
موٽ، مران ٿي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ آڏايم ڪاڪ جا.

( ٢ )

آيي اُڀاريام، نڪت سڀ لٿي ويا،
هڪ ميو، ٻيو ميندرو، رات سڄي ماريام،
ڪوڙها ڪِل ڪاڙيام، سورج شاخون ڪيون.

( ٣ )

ڏيا تيل ڦليل جا، ٻاريم تائين ٻالڪ،
ڍولو ڏيئي رهائيو، ڪنهن سنائي مانگ
چانگي چڙهي آءٌ تون، لال ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، اُڏايم، اَڃع ترن.

( ٤ )

موٽ ميءٌ جا ولها، لال ورائي لانگ،
ڏيا تيل ڦليل جا، ٻاريم تائين ٻالڪ،
سهسين ڇيم سانگ، جي سوڍو آڇي مان ڪري.

( ٥ )

وَٽِ سورِيندي، وَلهَا، وِيَمِ تيل ٻري،
مورِتَ مُسافِرَ سپرين، چانگي ٻي چڙهي.
راڻي لاءِ رڙي، وِيئي وِهامي راتڙي.

( ٦ )

ڪَتيَن ڪَرَ موڙِيا، نيڙو آيا ٻيئي،
راڻو راتِ نہ آئيو، ويل تَري ويئي،
ڪوءِ ما ڪاڻي راتڙي، جا پِرين ري ٻيئي،
مون کي ڏَنڙن ڏِيئي، وَڃي ڍولو ڏيٿ قرارِ ري.

( ٧ )

سوڍي ڏاران سَرتيون، ڀِو پِئن ۾ پنگ،
آياتجي آءُ وِيو، راڻا تو ري رَنگ،
هِينئين سان هاجو ٿيو، پيو ارسيڙي آنگ،
مرن توهِي سين سنگ، پڇايو پُجان ڀِي.

( ٨ )

مَيي کي ۾ ميندَري، ڏِني ٿُڙمِ ڏِنهن،
هاڻي ڪَريان ڪِئن، ويئي ڪوڙها ڪاڙيان.

( ١٤ )

آءٌ، راڻا راحت، ڏاج ڏرتيءَ جا ڏئي!

سڪن ٿيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سٽ،

مون تان لاهِ مَ هٿ، ڪامل ڏئي ڪاڪ جا.

وائي

ميو تون موٽاءِ، مون روندي رات وهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

گهر مهارا گهوريان، سرهو مون نہ سهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

ڪاڪئان وڃي ڪيڏهين، راڻا تو نہ رهاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

سٺم ساهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

سوڍا! سڪيالي ٿيان، هير هرچي هاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

آسائتيءَ کي، عبداللطيف چئي، مؤلا! محب ملاءِ،

سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

# داستان ڇهون

( ١ )

راڻا! رمڻ ڇڏ، وارِ ڪرهو ڪاڪِ تي،
حب هينئين سين ڳڏ، تہ وڃِن سور سنڌيون ڪيو.

( ٢ )

راڻو راتِ رسي ويو، ماريس تنهن مذڪور،
جانب جدائيءَ جا، پلپل پون پور،
وهم مون، وه ٿيو، وڃان ٿي وهلور،
آندرِ آڳيون لائيون، سوڍا تنهنجي سور،
لمعا ڏينم تور، آءٌ تہ ٻرجون ٻاڻ ۾.

( ٣ )

نہ وارث نہ ولهو، نہ سڱ، نہ مياڪو،
تو ڀڃاڻان سيرين، آيم اولاڪو،
ڀانڊيا! ڀاراهو، ڏجان ڏاڻيءَ ڏول ڪي.

( ٤ )

ڏجان ڏاڻيءَ ڏول ڪي، سنيهو ساري،
مون ڪي ڦٽ فراق جو، ميندرا ماري،
آڇين جي واري، ڪرهو ڪميڻيءَ تي!

( ٥ )

ڪِرهو ڪيميٖ تي، سودا وارِ، سڄاڻ!
ڪَهہ ڪَرہان ڪاڪِ کي، تَن تونهين ڏي تاڻَ،
لاهي غيرَ گماڻَ، آڳِ آءٌ آڪنديين.

( ٦ )

آڳِ آءٌ آڪنديين، پَرچي، پيارا!
پلڪَ پرا هون نہ سهئين، جيءَ جا جيارا!
نيهان نيزارا، سچ، تہ مان سورَ لهي.

( ٧ )

سچِ تہ مان سورَ لهي، آکيون پري پاجهہ،
راڻي جيءَ رهاڻ کي، ويني وجهان واجهہ،
سوڍا! لهي ماجهہ، پس توشڪون تڪيا.

( ٨ )

پس توشڪون تڪيا، سيئي وهاڻا،
پسيو هندَ، پچي هينئون، جي حبيبن هاڻا،
هڪ ڏ ڏنگا ڏاڏاڻا، پيو مونيو تان نہ مينڌرو.

( ٩ )

ڪري موٽ ميندرو، جي لڏائيان لال،
گهر مڙوئي گهوريان، هوند پنهنجو حال،
راڻي ڏاران راج ۾، مون نہ گهرجي مال،
سوڍي کي سوال، ڪريان ٿي قرب جو.

( ١٠ )

سوڍا! سور سڪائيون، آکيون آب نہ ڪن،
راڻي جيءَ رهاڻ کي، ورونيون وڄن،
سي ڪِئن، ميندرا مڇن، جي تو سوريءَ چاڙهيون.

( ١١ )

لوڏي لڪ آڇن، روءَ راڻي جي ناهہ ڪو،
هڪ آکيون، ٻيا آڱرا، ٻر ۾ ڏا ٻچن،
سي ڪئن، ميندرا مڇن، جي تو سوريءَ چاڙهيون.

( ١٢ )

مومل ويٺي ميندرو، سدائين ساري،
وليون واس ورنيون، چانگي کي چاري،
جڏهن تڏهن جيڏيون، ايندم اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڪالهيون ڪنديس ڪجهہ جيون.

( ١٣ )

سوڍا تنهنجي سُور، اندر آکيون لائيون،
راڻا رهاڻين جا، مارينم مذڪور،
طعنا ڏينم تور، آهه، ته پرچون پاڻ ۾.

( ١٤ )

راڻا رهائيون، سوڍا ويئي سارِيان،
مهسين سج اُلٿا، راتيون وهائيون،
ڪوڙيين مون ڪاٿيون، ڍولا ڏکي آهه تون.

( ١٥ )

مون گهر اچي جي ٿئي، سينڌرو مهمانڻ،
آئي جهوڪيان آڪ ۾، جيري وجهان چاڻ،
تائي تنورن ۾، پيري هٿان پاڻ،
پيڪن سوڍو هاڻ، گهر تڙ گهوريان ٻر تان.

( ١٦ )

آج نه ڪالهائونِ، هونِ ڏيهاڻي نجهري،
پسو، ٻه پيونِ، آتڻ سچو آنِ ري.

( ١٧ )

آجَ نہ ٻَسان سِي، آتڻ ڪِتم جنِ سِين،
هاڻي تنين کي، ڪَنڌيءَ ڪاڪِ نِهاريان.

( ١٨ )

تون ڏاڻِي، ڏِٺَ ڏَئِي، ڏولا تنهنجو ڏِٺَ،
ٻاڻي ٽراڙي تورِيان، تہ مَلڪ نہ تنهنجو مٺ،
لاهي ڪسر، ڪُٺ، آڇِي ڪوڙِ ڦاتون ڪاڪِ ۾.

( ١٩ )

ڪوڙِ ڦاتون ڪاڪِ ۾، راڻا، ويٺہ رهي،
ماڙهو جي مَحلات جا، سودا، ڪِج سهي،
ويندِئي ڪالهہ وهي، وِڪرِ ٻوندين وَلها!

وائي

نيڻي نيڻي ڏيچ، اي آدا، ٻانڌي،
ساڻي، ٻرِينءَ سنيهو.

پيرين وِجهي هٿڙا، زاريون زورِ ڪريچ،
ساڻي، ٻرِينءَ سنيهو.

ڪالهہ ڪوماڻا گُلڙا، سُڪا مَٿي سيج،
ساڻي، ٻرِينءَ سنيهو.

تو لــِءِ هنجون هاريان، هي جي منجهان هيج،
سائِي، پرينءَ سنيهو.
جي آن پيرو نہ ڪيو، تان موڻ مٿي سٽيج،
سائِي، پرينءَ سنيهو.
نماڻيءَ جي نِجهري، ٻيهي تون ٻچيج،
سائِي، پرينءَ سنيهو.

## داستان ستون

( ١ )

سگ ڪري سين سينهن، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
رمج راڻي پٽ ۾، نرتون منجهان نينهن،
اٿن م وسج عام تي، جن مومل وسن مينهن،
سندي حشر ڏينهن، سوڍو سارينڊئن گهٽون.

( ٢ )

وٺيو وڃج واٽ، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
لوڏي ڦير لپاٽ، متان لڪئي لطيف چئي.

( ٣ )

ڪنڌَ ۾ ڦيرِج ڪيڏهين، وَنيو وچ راهه،
اَڄ ڪِي سنجهه صباح، نيئي ڏڙ پنده ڏوڙ ۾.

( ٤ )

جا پون پيرين سون، سا پون مٿي سجڻين،
ڏگ لَٿا ڏوڙ ۾، آپِي ڏٺا سون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اَٿي لوچِ، لطيفُ چئي.

( ٥ )

پلاٽيا پنڌ پيا، لڌيو لطيفن،
هتان حبيبن، ڪونہ ڏکو ڪڏهين.

( ٦ )

راڻو پاڻيءَ راند، وڃيو پيا وَر راڻين،
وَرُ وڏو ڏٺو اِيهئين، جئن پر پجتوءَ ٻاند،
هيءَ پڳيءَ هيڪاند، سوڍو سارينديون گهڻون.

( ٧ )

رس ۾ رسڻ گهوريو، پل ۾ پري وانئن،
پريم پسي ڪالهيون، مديون مون هتان،
ڪميٽيءَ ڪنان، ٿين مورائين منيون.

( ٨ )

رَسَ مَ، رَسَنَ گهورِيو، آڻَ اوراهوَن آڻ،
ليڙِي جو، لَطيفَ چئي، تَنگ سوارو تاڻ،
شرمِنديون سِپين ڀرين، ڀئي لائج ڀاڻ،
آڇي مُشڪ ماڻ، تہ سودا سُکياڻي ٿِيان.

( ٩ )

رَسَ مَ، رَسَنَ گهورِيو، آڻَ اوراهوَن چور،
تو ري ڪاڪ ڪڙي ٿِيي، ساڻ سِرڪَنڌ سوڙ،
آڇي چَندَنَ چوڙ، تہ سودا سُکياڻي ٿِيان.

( ١٠ )

رَسَ مَ، رَسَنَ گهورِيو، ڀرچ، مَ وانءُ ڀري،
ماريَس ڦَٽَ فِراق جي، جهَتَ جي ذَري،
لالَنَ جي، لَطيفَ چئي، سونهاڻي سري،
آبِس تو ڪَري، تہ سودا سُکياڻي ٿِيان.

( ١١ )

رَسَ مَ، رَسَنَ گهورِيو، راڻا چڏِ ريءُ،
ميٺ مَدايون، موٽ تون، ڪري نرتِ نياءُ،
لالَنَ جو، لَطيفَ چئي، ڪولهي سونهن سياءُ،
آوَکُو ڏِکي آءُ، تہ سودا سُکياڻي ٿِيان.

( ١٢ )

رَسُ ۽ رَسَنَ گهوريو، چڱِ راڻا ريڏائيِ،
مَنهنجِي ميٺِ مينڌَرا، عاقِل، آگلائيِ،
لِپينجِ، لَطِيف چئي، ڪامِل ڪچائيِ،
ڪرِ مَعاف مَدائيِ، تہ سودا سُکياٽِي ٿِيان.

( ١٣ )

ڪاڪِ ڪَڙهِي، وَڻُ وِيا، جَلِي مَنهنجِي جان،
رَکِي ڪامُ ڪَنڪِيو، مارِيس تِنهن گمان،
هڏِ نہ جِيان هاڻ، سِکهو مونِجِ، سپرين!

( ١٤ )

ڪاڪِ ڪَڙهِي، وَڻُ وِيا، پَرِيا مَحَل ماڪَ،
سوڍِي جِي، سرتيون! وڏيسِ وهِ ويراڪَ،
سورَنِ لائيا سانگ، سِکهو مونِجِ، سپرين.

( ١٥ )

ڪاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِيا، پَرِيا رَنگ رَتولَ،
تو پَهچاڻان، سپرين، هينئڙِي آچِنِ هولَ،
جِي مون سين ڪيئِي قولَ، سِي سِکها ٻارِجِ سپرين.

( ١٦ )

ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لوڻو لڏاڻو،
تو پڇاڻا، سپرين ، آتڻ آجهاڻو،
مين سين ماڻو، مناسب نہ مينڌرا.

( ١٧ )

حال قربان، مال قربان، گهوريان لڏاڻو،
فدا ٿيءَ فقير جو، شل رسي م راڻو،
مين سين ماڻون، مناسب نہ مينڌرا.

واٿي

ڏور وڃيو، ڏينهن لائي، ڪا سوڏل کي سمجهائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاجهہ پئي.
چنا، منهن، ساڙيون، اوڏاهن آڏائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاجهہ پئي.
ميڙ منجان ٿي، مينڌرا، تو در تيلاهي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاجهہ پئي.
منٿ منهنجي مينڌرو، مان م موٽائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاجهہ پئي.

قتيلِ مينهن فِـراق جـا، وِينـي وسائِي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهہ نہ ٿي.
سوڍا، سِرُ ڻ گهوريان، آءٌ ڪرهو ڪاڪ وَرائِي!
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجهہ نہ ٿي.

## داستان اٺون

( ١ )

ڪين ساڳاهيم، سپرين، جاڙون ڪيم جال،
سوڍا، مون کي ڪالهہ، موٽي منهن نہ آئيون.

( ٢ )

ڪين ساڳاهيم، سپرين، جاڙون ڪيم جتِ،
سوڍا مون کي تتِ، موٽي منهن نہ آئيون.

( ٣ )

ڪين ساڳاهيم سپرين، جاڙون ڪيم جي،
سوڍا مون کي سي، موٽي آئيون منهن نہ.

( ٤ )

خاموشي خبر جي، مومل ٿي مت،
صبر ٿيو سپت، منهنجي حق، ميندرا!

( ٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مومل مت ٿيو،
تو جو ڪالهہ ڪيو، تنهن مڏيون ميڙي ڇڏيون.

( ٦ )

تو ۾ ٻڌيس ٿي، جي منهن ۾ مڏيون نہ ڏيين،
ڍولا، جي ڏڪيئي، سي متان عيب آهنيين.

( ٧ )

جي منهن ۾ مڏيون نہ ڏيين، تو ۾ تي ٻڌياس،
سوڍا، اِنَ سهاڳ ڪي، وئي واجهاياس،
ڍولي ڏڪيياس، ڏيئي پاند پناه جو.

( ٨ )

ڍولي ڏڪي آهيان، هيس آگهاڙي،
ڏيئي لڪ لاڙي، ڪڪر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ٩ )

ڍولي ڏڪي آهيان، هيس آگهاڙي آڳ،
جوڙي وڃان جڳ، ڪڪر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ١٠ )

ڏولي ڏکي آهيان، هيس اُگهاڙي آنءَ،
رکي پنهنجو ناءُ، ککر کيائيم کاڪ جو.

( ١١ )

ککر کيائيم کاڪ جو، ڏيئي لاڙيءَ لڪ،
هاڻي مٿي ڏک، چڙهيو ٿي، چاڪ ڪريان.

( ١٢ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مرڪ لڄاين،
چپ سين جي چون، آدب ڪجي اُن جو.

( ١٣ )

سوڍا، صبر تنهنجو لڄاين مرڪ،
نہ ڪچڻ سين نڪ، ريءَ رڪ راتي وڃيو.

( ١٤ )

سوڍا، صبر تنهنجو، سين سيکاري،
مومل جي واري، ڪہ چاڻان ڪہ ٿيو.

( ١٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، سيکاري سهس،
ٻجي تنان پهس، مون کي نصيب نيئي جهليو.

( ١٦ )

سوڍا، صبر تنهنجي، ماڙهو ڪي مومل،
ڪپر منجهان ڪل، پيم پرين تنهنجي.

( ١٧ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مون کي نصيحت،
ريلا ڪنديس رت، مينڌرا، تو مهندان.

( ١٨ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقلن عقل،
آهي آلڱ آمل، ماڻ تنهنجي مينڌرا.

( ١٩ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقل آئي باز،
سندي صبر ساز، توبهه ڪاريم تڪڙي.

( ٢٠ )

سوڍا، شرمايون، پسيو عيب آڪيان،
نڪ نرچايون، هيون منهنجي حق ۾.

( ٢١ )

موٽي آئيو منهن ۾، سوڍا، شرم جن،
مي لڄايون لڄن، پسيو عيب آڪيان.

( ٢٢ )

آديون، آتڻ واريون، نرچا نڪ ٿيا،

وڏيا، تان نہ ويا، پاٽان موريا منهن ۾.

( ٢٣ )

موري منهن وڏا ٿيا، وڏيا، تان نہ وڃن،

آديون، آٿاسن، تن ڪوڄهن کي ڪئن ڪريان.

( ٢٤ )

جنين سندي منهن ۾، نيهائيون نڪن،

تنان وڏيو هيڪڙو، تہ کهڙو نورو تن؟

مي مر سچائي سونهن، جن پلي پينگ پرم جي.

وائي

آءُ، راڻا! رہ رات، تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

راتيان ڏينهان روح ۾، تن تونهين جي تات،

تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

ويٺي نت نهاريان، آچين جي پرڀات،

تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

مون کي آهي، مينڌرا، وائي تنهنجي وات،

تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

## داستان نائون

( ١ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن، ڏيو سامي سهائو،
لٿو اولڏاهو، جوڳيءَ سنديءَ جوت سان.

( ٢ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، ولات سڀ واسي،
موڏو سناسي، آتاهين ٿي آئيو.

( ٣ )

راڻي ريهارو، توڏانهن مڪو تڪڙو،
لڏائڻان لطيف چئي، مائج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.

( ٤ )

راڻو رب راضي ڪري، مان وراڻي واڪ،
چندن سين چڪ ڪري، مومل لڏبي ماڪ،
سوڍي جي مهاڪ، ڏٺ مڙوئي ڍڪيو.

( ٥ )

نئون نياپو آئيو، راڻي ملا راتِ،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏاتِ،
ڪهڙي ٻچين ذاتِ، جي آئيا سي آگهيا.

( ٦ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چناڻو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوريُي، منجهين لڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، ري راڻي پيو ناهہ ڪي.

( ٧ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چناڻو چوڏار،
منجهين ڪاڪ ڪڪوريُي، منجهين باغ بهار،
ڪانهي پي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

وائي

ڪي جو ڪاڪ ترّاهہ، چانگي چرهو چڪيو.
ڪرهو سرهو ڏيهہ ۾، نہ تنهن ڏپ نہ ڏاهہ،
چانگي چرهو چڪيو.
ساهہ پرائي آئيو، لالي لڏائيشاهہ،
چانگي چرهو چڪيو.

ڪَرهي ڪاڻيا رَتا، ناڻي ناڪيلاءِ،

چانگي چَرهو چِڪيو.

وَڳ واسيائين پانهنجو، سڀ ٿي سَراهناءِ،

چانگي چَرهو چِڪيو.

تُون ڏاتي، ڏِتَ ڌڻي، تُون راڻو، تُون راءِ،

چانگي چَرهو چِڪيو.

مومَل مُحتاجيُون ڪَري، عاجِزيُون آکِناءِ.

چانگي چَرهو چِڪيو.

آءٌ تُون، عبدالطِيف چئي، موني هِن مَحلاءِ،

چانگي چَرهو چِڪيو.

# بروو سنڌي

## داستان ٻهريون

( ١ )

ڇاڪي وِڇيو ڇو، ٻيلي ٿيِن ٻينِ جو،
وَٽ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو.
سؤڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

( ٢ )

جِتن ڪا ڪاني ڪانهن، لسندي لا تِيون ڪري،
آچي ٻيٺي اوچتي، درد ٻريان جي دانهن،
ويچ ڏٺين کهه ٻانهن، سور هينئين کي سامهان.

( ٣ )

ٻروس تيم ٻراڻ، ٻرين وس نہ ٻانهجي،
لڳي ڪينءَ لطيف چئي، چهر ڇاتيءَ ساڻ،
ٻرين ڏيکاري ٻاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

( ٤ )

آچين جي هيڪار، سون ساريندي سپرين،
پيرين ڏريان پنبيون، هنڌ وڇايان وار،
ساڄن سڀ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

( ٥ )

سون ساريندي سپرين، آچين جي تون هاڻ،
ڪريان روح رهاڻ، هوند لڪن منجهہ لطيف چئي.

( ٦ )

ڏر ٿي ڏونهينءَ ڄڻن، سڙان سپرين جي،
لڳو آهي لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
جي حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو.

( ٧ )

لڳيءَ جو لطيف چئي، نڪو قال نہ قيل،
لڪئي لامون ڪوڙيون، نيٽين وهي نيل،
هينئڙا ٿيءُ سڌير، ڪالهہ قريبن لڌيو.

( ٨ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، هيئن نہ مناسب هوءِ،
لائي چت، جريو ڪري، هاڻ ڪڍي وئين پوءِ،
توڻي حب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن هيڏيون.

( ٩ )

پلئي ڪيئي، پلا پرين، هيءُ نه شان سندوءِ،
پهرين لايو پريتڙون، ڪين پڄين تڙ پوءِ،
قادر شال ڪندوءِ، ميڙو هن مسڪين سين.

( ١٠ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، مون نه چاتو ايئن،
هينئون هيرائي هٿ ڪري، هليو ويندين هينئن،
سا سڪ سلان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا.

( ١١ )

اَڄ پڻ اَکڙين، سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳِين تان ڳوڙهن جڙن، پرندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

( ١٢ )

اَڄ پڻ اَکڙين سين، ڪوئي ڪنائون،
ماس وِراهي هليا، ڪرنگل ڇڏيائون،
"وتواصوابالحق و تواصوابالصبر"، ايئين آنيائون،
مٿي مارِيائون، ڪلي گهايو سڄڻين.

( ١٣ )

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين،
ڪي چت نه چڙهن ڪڏهين، ڪي نه وسرن مور،
جئن سينهن ڪنڍڙيءَ پور، تئن دل وراڪو دوست سين.

( ١٤ )

ماڻهو گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
ڏليا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نانءُ نهال، پسن تان پري ٿيو.

( ١٥ )

هيرائي هٿ ڪيو، هينئڙو حبيبن،
ٻڌي ڪچيءَ تند ۾، سلهاڙيو سيڻن،
وجهي ٻيچ پرين، هينئڙو هٿيڪو ڪيو.

( ١٦ )

جڏهانڪر جاني، سجڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت ناهه ڪا، ڏيهان حيراني،
آئون پانهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نات ڪيم وس وصال ڪي.

( ١٧ )

جڏهانڪر ٻيام، ساڃاهہ سپرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو، وير نہ وسريام،
آندر روح رهيام، سچڻ اوطاقون ڪري.

( ١٨ )

جي مون گهر آچين سپرين، هوڏ ڇڏي هيڏي،
ڳالهيون ڳجهہ آندر جون، تن گهريون تو ڏي،
جي وهين ڳڌ گوڏي، تہ دور مٽايئين دل جا.

( ١٩ )

ڪڏهن کلن در دوستن جا، ڪڏهن طاقيون ڏين،
ڪڏهن آچان، آچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

( ٢٠ )

ڪڏهن در ڪشادا دلبر سندا، ڪڏهن ڀوريو ڏين،
ڪڏهن وڃان، وڃي نہ سگهان، ڪڏهن سچڻ ڀاڻ سڏين،
ڪڏهن ڪڇن ڪينڪي، ڪڏهن ڀاڄهہ منجهان ٻولين،
ڪڏهن قول ڪرين، ڪڏهن حرف نہ ڪڇن هيڪڙو.

( ٢١ )

آثارو تنهن عِشق جو، ڪَڍهِن ڪونه ٿيوم،
مَحبوبنِ مِنٿون ڪري، سِڪَڻ سيکاريوم،
تِهان پوءِ ٿيوم، آرو پسڻ پِرينءَ جو.

( ٢٢ )

توُن صاحِبزادو سُپرين، آئوُن نِسورو نوڪر،
بيحد ڪَريان بندگي، هَٿ ٻڌي حاضر،
چَنِ چِڏيندس ڪينَ ڪي، دوست او هان جو در،
موُن تان مهر نظر، پِرين، لاهِ مَ پانهنجو.

وائي

هوت نيٺان دا دِلبندُ، لو، يلو جيڏيوُن!
هيڏانهن هوڏانهن سُپرين، ڪاڏي واريان ڪَنڌ؟
لو، يَلو جيڏيوُن!
ٻَڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهَ پَڇايان رَنڌ،
لو، يلو جيڏيوُن!
ساجَن سَيِنَان سَهڻو، سائينءَ جو سوڳند،
لو، يَلو جيڏيوُن!

## داستان پيو

( ١ )

آهين شان شعور سين، جانب تون جيڏو،
مون ٻي ڪر، منهنجا پرين، توه تسي تيڏو،
اي ڪامل ڪم ڪيڏو، جي نوازيم نگاه سين.

( ٢ )

جانب منهنجي جيءَ ۾، جي تو طمع پوءِ،
تہ ڪج ڪاتي وڍ آنڱڙا، آدب ڪري ۾ ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساجن منٿون نهارئين.

( ٣ )

جانب، ايئن نہ جڳاءِ، جئن ماريو، موٽيو نہ پڇين.
رتي رت نہ سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ،
اسان توهين لاءِ، ٿي ٻر ٻر ٻچائون ڪيون.

( ٤ )

جڏهن هوءِ ٿي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، ناگهہ وڃي نڪيو.

( ٥ )

جڏہن لهارن لپيئيو، ڪڙو منجهہ ڪڙي،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگهو ڪيو.

( ٦ )

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پون پڻ ”بسم الله“ چئي، راهہ ڇهي ٿي رند،
آيين گهٽي آدب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ،
سائينءَ جو سوڳند، منهنجو ساڄن سڀني سهڻو.

( ٧ )

ساڄن! سپاهي، آئون اوهان جو آهيان،
آڇان وِہل سڀڪنهين، وڃان واجهائي،
لالن تو لائي، ڪينڪار پرم ڪرن ڪي.

( ٨ )

فاني ٿي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،
لئي لوڙهہ لتن سين، جوڙ پندءِ، جاني!
حرف پڇندءِ هيڪڙو، ظاهر زباني،
ڪوڙ ۽ ڪاني، آهي سر سڀڪهين.

( ٩ )

پِر پنجوءَ وِيهي، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي،
ڄاڃي ماڃي مونيا، وَر وِنيءَ ڏِيئي،
خبر نه پيئي، ته ڏيج ڏنائون ڪيترو.

( ١٠ )

نيڻ صقيلا سِپرين، پونَر پِرون پالا،
ڇِڪيا قُمت فِراق جا، آندَر ۾ آلا،
يار ميڙئين، يالا! جِنهن جي صحبت ڪاڻ سِڪي هينئون.

( ١١ )

ويٺو ڏِسان راهه، اَڄ پڻ آيا ڪِين ڪي،
ساڄن لاءِ سِڪي گهڻون، منهِنجو ساريو ساهه،
آئين شال الله، ته آڳڻ نِينم آجرا.

( ١٢ )

اَڄ پِڻ آڪڙيون، ساريو رونَ سجڻ ڪي،
جانب جي جمال ڏي، تائين نِيون تڪڙيون،
جي وهم هِريان وَڪڙيون، تن اَڄ آڪين ڪي نه لهي

( ١٣ )

اَڄ پڻ ڪِيا آڪِينِ، آبر جِئَن آگم،
کوڙهنِ ڪيو کِلَنِ کي، نائي پائي نم،
پوندنِ بس ڪي ڪانڪا، دوستَ پيچاٿان دم،
حبيباڻا هم، ساڙيندا مرير کي.

( ١٤ )

اَڄ پڻ جَرِيرِ جوڙ، دوستَ پيهي دَرِ آئيو،
سَکَنِ وَنِيِي ڏَکَنِ کي، مَحڪَم ڏِنِي موڙ،
جا پِرِ کَنيءَ کوڙ، سا پِرِ سورنِ سين ٿِئي.

( ١٥ )

اَڄ پڻ آنگيم آنگَ، هَتان حَبيبَنِ جي،
جا پِر سونيءَ سنگَ، سا پِرِ سورنِ سان ٿِئي.

وائي

مَولو ڪَندو مارِ، مَنهنجي اَللهَ ڪندو مارِ،
هادي! ڏينِي هتڙا، آچِي ڇِڪنِ مان مون چاڙِهه،
مَنهنجي اَللهَ ڪندو مارِ.

ڪشتي ڪمينن جي، الله لڳ آڪار،
منهنجي الله ڪندو ماڙ.

هو جو ويري وات جو، سائين! نيٺي ماڙ،
منهنجي الله ڪندو ماڙ.

ڪرم ساڻ ڪريم جي، سڀ لنگهيندا پار،
منهنجي الله ڪندو ماڙ.

## داستان ٽيون

(١)

عشق اهڙي ذات، جو، سانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏيهان ڏورڻ ڏونگرين، رڻ سچيائي رات،
آئي ويٺي تات، ميان محبوبن جي.

(٢)

پيٺي ناه پنيور ۾، جنهن جي ڏٺيان ڏار،
تنهن ڪميٽيءَ جي ڪان ڪي، ساڻ لڏيندي سار،
آءُ عالم جا آڌار، واري واڳ ولهيءَ تي.

( ٣ )

يار سڏائي سپکو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ڪل پوي.

( ٤ )

آدمن اِخلاص، منائي مالو ڪيو،
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو، سندو ماڙهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس،
پيو سپ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

( ٥ )

سورن سانگھيڙا ڪيا، متي مون سعذور،
آئون هت ويٺي وجهلان، مران نت مهجور،
جي دوست منهنجا دور، سي والي وهلا آئين.

( ٦ )

منهنجي مدايُن جي، جي ڪل برپان پيئي،
نہ ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏوراهو ڏيئي،
ساجن سپيئي، ڏڪير ڏول ڏلائيون.

( ٧ )

دِل جو دِلبرُ هيڪڙو، گهڻان تان نہ ڪجنِ،
دِل ڏِجي ڪي هيڪڙي، توڻي سو سِڪنِ،
مي چِلولا ڇڄنِ، جي دَر دَر لائِن دوستي.

( ٨ )

شڪر گڏياسون سپرين، جاني جِڙي يار،
ويٺي جنين جي وٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قرار،
ڏَٺيرا ڪرم ڏار، ٻاڙو تن پرين جو.

( ٩ )

ڪتان سِکئين سپرين، ڪامائِڪي ڪار؟
تِکي ڪاتي هٿ ڪر، مڏيءَ سين م مار،
چوري چاڪ نِهار، سورن سانگهيڙا ڪيا.

( ١٠ )

ڪوڙي ڪَنِ م سپرين، ڪنيئي تان ڪوڙ،
عادت جا آڪين جي، سا نيئي نِبائج توڙ،
سون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سجائج سپرين.

( ١١ )

ذاتر مون ڏيکاريو، هوتن جو حضور،
ٻرين ٻرچڻ جو ڪيو، موٽائي مذڪور،
اِي دوستنِ دستور، جڏن چنين چجن ڪين ڪي.

واٽي

وٽان وڃ م مون، منهنجو تونهين تون،
ڪونہ مٺي ڪو پيو، وٽان وڃ م مون،
مون تڏهانڪر مڃيو، جڏهن "ڪن فيڪون"،
وٽان/وڃ م مون.
اَهڪيءَ رسِج احمدا، آڪيان سوڙهي پون،
وٽان وڃ م مون.
رس محمد ڪارڻي، جتي هونگ نہ هون،
وٽان وڃ م مون.
آڳهہ هنَ اَمت جو، آهين تونهين تون،
وٽان وڃ م مون.

# ڏهر

## داستان پهريون

( ١ )

ڪرِ ڪي ڳالهڙيون، ڪَندا ڍور ڏَٺين جون،
ڪِٿِن ۾ي راتڙيون، ڪنهن پَر ڏِينهن گذارِئين؟

( ٢ )

ڪَرِ ڪا ويهي ڳالهه، ڪَندا ڍورَ ڏَٺين جي،
مِهڙي آڄ تون حالِ، ڏِکيا ڏينهن گذارِئين.

( ٣ )

ڪَندا تو وٺان، سچ ڪِ سِيٺِن لَڏيو؟
مِڄر تو سَنجهان، ڇٽيو پونِ ڇڳا ڪيو.

( ٤ )

ڪَندا ڪَجاڙيان، آيو آهيين رَيل ۾؟
پرينِ پچاڻان، سڪي پانهڪر نہ ٿئين.

( ٥ )

ڪَندا ڏور ڏڏين جو، جي تو هُڙو سورُ،

لاٿن مٿي ٻورُ، هوند نہ چاڙهيئي هيترو.

( ٦ )

جي تو هُڙو وَڌي، ڪَندا ڏور ڏڏين جو،

پاٽان ڏيئي ڏِڏي، موڙئي مَجر نَ ڪَرِئين.

( ٧ )

ڪَندا تون ڪِيڏو، جڏهن پريو ڏور وهي،

جسودَن جيڏو، تو ڪو گَڏيو ڀيڙو.

( ٨ )

سِچ ڪِ سڪو ڏور، ڪنڌي آڪ ڦلاريا،

جنڪِن چڏيو زور، سر سڪو، سونگِي گيا.

( ٩ )

جڏهن ڏاکِي ڏور، ٻِئي وهن ٻليار ۾،

تڏهن تازڙين طور، هئو جسودن سين.

( ١٠ )

سڪِي ڏور ڏيون ٿيو، ڪَنڌيءَ ڏنو ڪانو،

پاڻي پنيهل ۾، آجَ آڪيون نَہ آيو،

ماڙهن ميڙائو، ڪنهين ڪنهين پيٽين.

( ١١ )

پَنهل تو ۾ پور، آڪيون آهه نه آب جو،
مَڪين کهڙي سور، پيئي واري وچ ۾.

( ١٢ )

ٻور نه آڪينءَ ڏار، مهندِ مَلاحن لَڪيو،
موڙي چوڙِيا مَڪڙا، پسي پاڻيءَ پار،
جسودن جيها يار، پيڙا وِير وِماس ۾.

( ١٣ )

جانْ واهڙَ ۾ وهه، تانْ تون مَچَ نه موليو،
ڪائي ۾ ڪوهه ڪرئين، پوءِ موٽن جو پهه،
سِر مٿي تون سهه، مهميزون مَلاحن جون.

( ١٤ )

جانْ جرَ هٿڙو جال، تانْ تون مَچَ نه موٽئين،
پوندئي آجَ ڪِ ڪالهه، سانيويون سانگن جون.

( ١٥ )

جانْ جر هٿڙو ميرِ، تانْ تون مَچ نه موٽئين،
آڏا آڏي ڪير، ڪهتَ ۾ جهليئي گهاٽئين.

( ١٦ )

مَتو آهين مَڇَ، ٿُلهو ٿو ٿونا هٿين،
جا تو ڏِني آڇَ، تنهن ٻاٽيءَ ٻنان ڏينهڙا.

( ١٧ )

ڏورانِ ٻسي ڏورِ، وهين جي وهرون ڪري،
هوندَ نَہ وِڌَئي هورِ، ماٺگرِياٽي مڇڙا.

( ١٨ )

ڪنڌِي ڪلينِ وِچَ ۾، جڏهِن هنئي جنِ،
موٽي مون پرينِ، ڪڏهن جِي ڪان ڪئي.

( ١٩ )

ڪنڌِي ڪلينِ وِچَ ۾، جڏهِن هنياٺون،
موت نَہ مارِياٺون، ڏور وِجهي وِيا ڏَک جِي.

وائي

لائي جا وَرنَ ڪي، سا ڪانڌ منهِنجي ڪورا.

ماڻ مارِيندمِ ڪڏهين، هوتائين جا هورا،

سا ڪانڌ منهِنجي ڪورا.

ميٺين مِرڪندڙ سپڄي، پيو عطر پرين آتوارا،
سا ڪانڌ منهينجي ڪورا.
چپر ڪٺوري ٿيو، پي تازي ڦلن ڦورا،
سا ڪانڌ منهينجي ڪورا.

## داستان پيون

( ١ )

ڏٺي سو وارثين واهه، جو ميڙائو سڄڻين،
وَنهيڻن واٽ مٺاهه، هينئڙي آسر نہ لهي.

( ٢ )

مديني جا مير، سڻ منهنجا سڏڙا،
سرڻ تنهنجي مير، تون پار لنگهائين پيڙا.

( ٣ )

مديني ڏٺي، سڻ منهنجا سڏڙا،
تنهنجي آهِ ٿَئي، پي ڪنڌي ماريان ڪانڪا.

( ٤ )

مديني جا گهوٽ، سڻ منهنجا سڏڙا،
ڪج محمد موٽ، عاصي تنهنجي آسري.

( ٥ )

مَدِينِي جا شاهَ، مُنهنجا مَنهنجا سَڏڙا،
ڪارڻ نَڪَ آلله، سِکهو، رَسج سِپرِين .

( ٦ )

مَدِينِي جا ماهَ، مُنهنجا مَنهنجا سَڏڙا،
پيو نَہ وَسِيلو واهَ، آهِيان تُنهنجِي آسري .

( ٧ )

مَدِينِي جا شير، مُنهنجا مَنهنجا سَڏڙا،
پِر مُبارڪ پِير، عاصِي تُنهنجِي آسري .

( ٨ )

مَدِينِي جا چارَ، مُنهنجا مَنهنجا سَڏڙا،
آهِيان تُنهنجِيءَ سارَ، سِکهو رَسج سِپرِين .

( ٩ )

آلله جِنِ نالوءَ، تِنِ مون وَڏو آسرو،
خالق! تُنهنجِي ڪاند جو، پَرو پاند نَہ ڪوءَ،
نالو رَب سَندوءَ، رَهيو آهِ روح ۾ .

( ١٠ )

مِئو جِتَن نالوءِ، تِتَن مون وَڏو آسرو،
ڪو دَر ناهِ جِهوءِ، مون پيا دَر ڳهٽا نِهارِيا.

( ١١ )

عَجب جِهڙي آهِ، صاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
وَڏِي سگهه سَندِياءِ، هاڻ وَهيٺون آهيِن.

( ١٢ )

عَجَبَ ڏِٺِي مون، صاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
پَن ٻوڙِين پاڻ ر ۾، ڀَهڻ تارِين تون،
جيڪر آچِين مون، تہ مِيرِيائِي ماڻ لهان.

( ١٣ )

سَتر ڪج مَتار، آئون آڳهاڙي آهيان،
ڍِڪِئين ڍِڪڻهار، ڏِيئِي پاند پناهہ جو.

( ١٤ )

وَڏِي سگهه سَندِياءِ، ٻاجهن پِريو آهِين،
مون تان مِهر م لاهِ، آئون تنهنجِي آهيان.

( ١٥ )

سَترَ ڪَر سَتارَ، آئون اَگهاڙي آهيان،
ڏِکج ڏِڪَنَهارَ، ڏِيئي پانڌ پناهہ جو.

( ١٦ )

جيڏو تنهنجو نانءُ، پاڄهہ پِ اوڏيائي مَڱان،
رِي ٿَيين، رِي توڻين، تون چِڙ تون ڇانءُ،
ڪچاڙو ڪهانءُ، توکي مَعلوم سِڀڪا.

( ١٧ )

ناتو نِماڻيءَ سين، مَ ڪَر ڏِول ڏِلو،
ڪونهي ڪِميڻيءَ جو، بِگَر تو بِلو،
تنهنجو نانءُ لِلو، وَنيو وِڃي آهيان

## وائي

مون ڪي نِنڊِ نہ لَيڻين نيڻين، ڪالهون پوءِ لَڪَن ۾،
موتَ آيلِ ماءُ مَنهِينجِي، تان تو ذَڪَ نہ ڪِيڻين ڪيڻين،
ڪالهون پوءِ لَڪَن ۾.
هوءِ نہ نينِم پاڻَ سين، آئون تان وِيندڙي سيڻين سيڻين،
ڪالهون پوءِ لَڪَن ۾.

ڪالھوڻيان آج گھٽي ڪر، جھورڙي جھيڻين جھيڻين،
ڪالھون ہوءِ لڪن ×.
ٻيون سپ واڪيون ورن سين، آئون واڪڙي ويٽين ويٽين،
ڪالھون ہوءِ لڪن ×.
ھينڙو ڏاڙھونءَ ڳل جڻن، روئي رتڙو ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالھون ہوءِ لڪن ×.

## داستان ٻيون

( ١ )

ڪر ڪو پيرو ڪانڌ، مون نماڻيءَ جي نجھري،
پرين تنھنجي ہاند، ڏولا ڏکي آھيان.

( ٢ )

جڻن تون قائم ڪانڌ، تئن آئون ور ولھي نہ ٿيان،
پکي چنان ہاند، ڪنڌ نہ جاڻي ڪو پيو.

( ٣ )

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي وٿ،
ٿان ڏيئي ھٿ، جنھن عيب منھنجا ڍڪيا.

( ٤ )

ڪانڌَ پِنِ ڪيتَرا، مُون وَر وَڏي جوءِ،

لوڪ نہ آڇي اوءِ، جي ڏِسي عيب آڪينِ سين.

( ٥ )

ڪانڌَ پِنِ ڪيتَرا، مُون وَر وَڏي ڪاند،

پاٿان ڍِڪي پاند، جي ڏِسي ڏوهَ آڪين سين.

( ٦ )

ڪانڌَ پِنِ ڪيتَرا، مُون وَر وَڏي ذات،

لوڪَ نہ آڇي وات، جي ڏِسي ڏوهَ آڪينَ سين.

( ٧ )

هي تان ٿورَڙِيُون، جي تو پوري پائيُون،

راتِيُون پيُون گهَٽيُون، جي تو اِينديُون هيڪلي.

( ٨ )

وَر سِين وِجهيو ڪاڻِ، ڪَر سين ڪِلُون پائِيين،

پوري مُنڌَ آڇاڻِ، ڪِن ڇِڏيو تَهَ سيڙُئين.

( ٩ )

مُتا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪِجي ايتري،

سُلطاني سُهاڳ، ننڊُن ڪندي نہ ملي.

( ١٠ )

ڪِي سَمهه ڪِي جاڳَ، نِنڊ نہ ڪجي ايتري،
اِيَ مانجهاندي جو ماڳَ، جو تو سائيهه پائيو.

( ١١ )

جاڳَنِ مَنجهان جَنِ، آهي آدا جَنِ کي،
لاهي جو لَطيف چئي، مَٿان قلب ڪَسِ،
وَرَنهه ڪِجا وَسِ، صَبح ساڻ سيدَ چئي.

( ١٢ )

سَتي نہ سرَنڊياءِ، ڪَر پچار پِرين جي،
وِهامي وِينڊياءِ، گهٽا هَنَڊين هَٽڙا.

( ١٣ )

سَمهَٽان سازڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،
پِرينِ سين پاڙو، منهنجو نِنڊ نِبيريو.

( ١٤ )

سَمهَٽان سازڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،
هوتَ لَنگهيا هاڙهو، تون آنامي اوجهرين.

( ١٥ )

پِره ڦٽي رات وئي، جهيٽان ٿيا نڪتَ،
هاري وِيئي وَتَ، گهَٽان هَنَدين هٽڙا.

( ١٦ )

سڄيون راتيون سمهين، ڇڏيو ٻي ٻچار،
پانئيثي سڀ جمار، سڄڻ هوندا مان ڪري.

( ١٧ )

ڍول م ڪٿي پانهڙي، ٻرهه م ڪٿي پاند،
آئون پانهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رانئيان.

( ١٨ )

ڦريا ٻسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ ڇڪيو،
ڏنيا ڪارڻ ڏين، وڃائي ولها ٿيا.

( ١٩ )

مسن منهن سنرا، ڪريا گهٽون ڪلن،
مي تان وسرين، آيا جن ڪمن لئي.

وائي

مون سين هوت نہ ڪندڙا هينئن، ماهہ جام نہ ڪندڙا هينئن،
آلا! مون نہ ڇڏيندا ڇپرين.
هوتن جي هيڪاند ڪي، روئان راتو ڏينهن،
آلا! مون نہ ڇڏيندا ڇپرين.

چيڙي وِڏيس چپرين، ووا پاروچاٺي نِينهن،
آلا! مون نہ چِڏيندا چپرين.
لَڪون لَڳَنِ ڪوسيون، ڏاڍا تَپَنِ ڏينهن،
آلا! مون نہ چِڏيندا چپرين.
مون کي ٻِرينِ ٻِيڙئين، روجهڙيون ٻيڙئين مِينهن،
آلا! مون نہ چِڏيندا چپرين.

## داستان چوٿون

( ۱ )

روه راماڻا ڪَنِ، آج ٻن هلڻهارِيون،
ڪرڪِل ڪونجڙين، راٽي ۾ رات ڪيو.

( ۲ )

قسمت آندي ڪونجڙي، وطن سندس روهہ،
ڪِنهن جو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾.

( ۳ )

وِڪر اڪيري، سر ساريو سور چري،
جهري جِهجندي ڏي، سنيها کي سڄڻين.

( ٤ )

وَڳَرَ وِساري، وِيئن ڪِئن. مات ڪري،
ڪِ تو، نَ ماري، رُڻُ جھڻ سندي سڄڻين؟

( ٥ )

وَڳَرَ وِيا وَھي، ڪالھ، تَنھنجا ڪُونجڙي،
ڪَندين ڪوھُ رھي، سر ۾ سُپرين ري؟

( ٦ )

روھ نَ وِئين رات، ڪوھُ نَ ڪَريين ڪُونجڙي،
آڄ توھين جيءُ نات، سَرَ ۾ سارُڻ آئيون.

( ٧ )

وَڳَرَ ڪيو وَتن، پرت نَ چَنِ پاڻ ۾،
سو پَکيڙو ن، ماڙھنئان ميٺ گھڻو.

( ٨ )

وَڏي وَڳَرَ ھيرئين، چِٽي نَ پِين گڏ،
ڪُونج ڪَريندي سڏ، وِيئي وِھامي راتڙي.

( ٩ )

مَ لَنئن ڪُونجي، مات ڪر، چور مَ ھينئين چاڪ،
ڏِنيُون جي فِراق، سي ڪَھرَ گھارِينديُون ڪيترو.

(١٠)

ٻَ لَنئَن ڪونجي، ماٺ ڪر، چور ٻَ هيٺين سَل،
ڪُوڙها مٿي ڳِل، جي وِهائيءَ وهائيين.

(١١)

ڪونجڙي ڪالهه لنئي، سڄڻ وڏ ِ چت،
آئون جنهين ري هِت، گهنگهر گهارِيان ڏينهڙا.

(١٢)

اَتر ڏي آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري،
ٻرين ٻِسي منجهه خواب، وِهائيءَ وايون ڪري.

(١٣)

ڪونجون ٻيون ڪنڪن، جڪِس هلٺهارِيون،
ٻچا ٻوءِ آنِ، وجنِ وانڊا ڪنديون.

(١٤)

آيون ڏور ڏري، آصل سندي آسري،
ڪڙي هر ٻون ڪري، پاٺان پير ڏکويا پکڻين.

(١٥)

وکر ٻ وائي، ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي،
سر ٻ مارِينئي گهٽون، پنر ۽ پائي،
ٻسين نہ ڦاهي، جا ماريءَ سندي من ۾.

( ١٦ )

چٽي نہ، آئِي روءِ، سَنِيارِيو کي سڄڻين،

هِيءَ جهڄندي چوءِ، تہ آئون آکندي آهيان.

( ١٧ )

ڪونج نہ ڀسين ڪک، ڏِٺ جنين سين ڍَڪيو،

ماريءَ ماري لڪ، وڳر هِٽي وِڇون ڪيا.

( ١٨ )

ماري مرين شال، ڏِٺ وِڇنئي ڏِيئون،

جڻِن تو آڇِي ڪالهہ، وِڏو وِڇ وِرهن کي.

( ١٩ )

ڪونج نہ لکيو ڀاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾،

اوچتي ڀرياڻ، وڳر هِٽي وِڇون ڪيا.

( ٢٠ )

بغل منجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪمڙا،

مارِيو مِير مَلوڪ، لَتاڙِيو لَڪ جڙهي.

( ٢١ )

چيتان ڪيو چٽيج، ٻداماڻيءَ ٻٽ ۾،

نيٺين نِندَ م ڏيج، چيڙون چهر آئيون.

( ٢٢ )

سنگهارن ساري، ساٿي ڏيج سنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، منڌ ڪاڇي ڪنڌ ئين.

( ٢٣ )

ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين،
جنهين جي خيمس، واٽيون واري ڇڏيو.

( ٢٤ )

ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪ سنگهارن لڏيو؟
مان تن مارِيائون، پاٿان وجهي گوندرين.

( ٢٥ )

ڪاڇي پيئي ڪوڪ، آيل سنگهارن جي،
مادر اوء ملوڪ، آئي وڻڙا اکري.

( ٢٦ )

جين سي سنگهار، آجهي جن جي گهاريان،
مان لهنئون سار، وچ ولهين ڏينهڙين.

( ٢٧ )

ڏڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءَ نہ سنگهارن سٽ،
ڪاهي اِيندا ڪڏهن، مٿي واند وهٽ،
جي هاٿون هوئني مٽ، تہ ٻہ آوڌو لاهم م آن جو.

( ٢٨ )

جهڄان ڀَسيو جهوڪ، آيل سَنگهارن جي،
جن تي ڀِي ڀِاريا، منجهان مَنَ موڪ،
لَڏي وڃان لوڪ، آئي ويا آکري.

( ٢٩ )

جهوڪون نه جهڻڪن، وڳ نه ڀسان وٿ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس چِٽائو چِت ڪيو.

( ٣٠ )

جي پاڻين وس چران، ته سنگهارن سين لڏ،
ته هاجي سندي هڏ، ڪوڪ نه سُٽين ڪڏهين.

( ٣١ )

جي پاڻين وس چران، ته سنگهارن سين ڪهار،
جنين سندي واڙ، چور نه آچي ڪڏهين.

( ٣٢ )

جيڪا ڪهاري ماه، آيل سنگهارن سين،
ته رکو سور نه ڪاه، توڻي هوء آوڳڻي.

( ٣٣ )

هِنين ڀِڪون ڀون، پريا پاڻ هٿن ۾،
نيڻ منهنجا رون، ساريو سنگهارن کي.

( ٣٤ )

مَنڌيوَن مَنِين گَرَنِ، جهوڪ ۾ سونهنِ ڀيڙا،
سندي سَنگهارَنِ، جوٴ ڄِياري جڏئين.

( ٣٥ )

پورينِ پاند نِمنِ، جهاڪ جهاڳي آئيون،
ڪاڄو ميِنهڙينِ، منڊائتو مائيو.

( ٣٦ )

راءِ ميِن رَنا جِي، تنِ جاڙ ٻجنِ جاڙ ڪي،
ڪَٿن مائيندا ٻي، چوڌهن چارو ڪَچڙو.

( ٣٧ )

جاڳو جاڙ ٻجا، سَما سَڪ ۾ سَمهو،
ٻسو آن ٻارئان، لاڪو تو لوڙيون ڪري.

( ٣٨ )

ڀجنان ڀلي ڀير، وڏو راءِ رِڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير، لاڪو لوڙائن مين.

( ٣٩ )

ڀجنان ڀلي نِگيو، ڏٻي ٻاڳوڙي ٻير،
جسي * جسراج جو، مٿي وانئين وير،
ڪڇ رهندو ڪير، لاڪو لوڙائو ٿيو.

( ۴۰ )

ٿانو ڪينِ ٻلاڻ، سدا هٿن ڪرڪرا،
لاکي لوڙائنِ جا، اهڙائي آهجاڻ،
ڏيئي تنکن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪچڙي.

( ۴۱ )

لاکو لوڙائنِ سين، چوڏسِ ٿو چڙهي،
وڙهيو وَرياسنِ جا، ڏيئو ڏڻ هٿي،
ٻيسِ جو ٻري، سو واهر ڪنهين نہ واريو.

( ۴۲ )

آڏيو جو اوڏنِ، سو شال ڏِنگهر ڏِلو م ٿئي،
جنهن پر ونهي ڪنِ، ليکو لاکي جام سين.

( ۴۳ )

لاکي لَڄ ڪنئي، آڳلن اوڏڙ ين جي،
ڪندو ڪانہ ٿئي، آکب وِسوڙل آهيون.

( ۴۴ )

لاکا لَڄ سنڌياهہ، اوڏ آڳلي آهيان،
ٻـکا مـي ٻرڻاهہ، جي آجهي تنهنجي آڏيا.

( ٣٥ )

آڏيندي اوڏنِ، لَڏَڻَ جي ڪانہ ڪئي،
لاکو مَٿان تَنِ، اوچتوئي آئيو.

( ٣٦ )

لکي ۾ لاکو، ٻئي مَٿا ٻاجھہ ٿِيو،
قادرَ لاٿو ڪَڇ تان، آدِيوَن اولاکو،
واندين ۾ واکو، ريهاري رَهِي وِيا.

( ٣٧ )

چِنَلَ چَڇَ هَٿَنِ ۾، ڪَلَهنِ ڪوڏارا،
ھرِ ھِي خاطِرِ پانھنجي، آئِينِ سوارا،
اوڏ ۾ ويچارا، لاکا! وَڃنِ لَڏيو.

( ٣٨ )

نَئِي نِهارِيمِ نارَ، تانَ پِرتِ پُراڻِي نہ ٿِئِي،
ويچارا سَنگهارَ، ڪِنهن سائِي جي سانگَ وِيا.

( ٣٩ )

ڪيڏانهن وِيا سَنگهارَ، جي هَٿا هِنِين پيٽئين،
ڏور تہ ڏوريون يارَ، پيلي پِنهين ڪنڊئين.

( ٥٠ )

رڙَ ي ريہارڻ روءِ، واڙي پايو وچڙا،
کرا وِيهَ کنگهار کي، چنچل آيِي چوءِ،
واڙي وَچ نہ ڪوءِ، لاکو لوڙائن سين.

( ٥١ )

رِيہارڻ روئي، واڙي وِڏا وَچڙا،
سمورا سوئي، هٿي هتان سات ويو.

( ٥٢ )

رِيہارڻ رِيجهاءِ، لاکو لولائين سين،
سائو مانَ سَنڌياءِ، ٿَتَ مَٿائي ٿاڪرو.

( ٥٣ )

لاکا لکَ سَجَنِ، پر ڦلاڻيءَ ڦير پيو،
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽَن ڏٿي ڪنبَنِ،
جنهن جو جاڙيجن، مٿي سنڪو نہ لهي.

( ٥٤ )

جتن جاڙيجن سان، صلح ڪر سنگهار،
نون وکَ چڏين تو ويسرا، هوءِ چمڪيا چوڏار،
تو جيڏا تو بار، لاکي ڪئين لڏائيا.

( ٥٥ )

وَلهين سَنگهارَن جي، سوُنهاري سانجاڻ،
ڀوءِ تا ڀين ڀاڻ، ڀرين ٻيارين ڀڙا.

( ٥٦ )

آڏي آڏي اوڏ، چڏي ويا ٻبيون،
تڪاتا ۾ تول، پيا آهين ڀَتَ ۾.

( ٥٧ )

ڪَڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪَڏهن مڙهه مقام ۾،
سندو واريءَ ڪوٽ، آڏيو آڏيو ڪيترو.

وائي

توُن جو وڃين ڪيچ ڪهي، اي ادا، ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.

ڏکَ منهنجي ڏيل ۾، سگهان ڪين سهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي،

آئون ٿوڙائي مارئي، منهنجا واقف ونڙا وهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.

پينر هن ڀنڀور ۾، ساريان ڪونہ سهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.

سوُن مٿيءَ مٿان ڪيترا، وَنڙا ڪانگ لئي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.

# گهاتو

## داستان ڇهريون

( ١ )

گهنگهريا گهڻ ڇاڻ، سوڙهي مٿ مهائين،
ويا ڳڌجي ويڙهه، پيا منهن مهراڻ،
آڪيان هويان تاڻ، ويا ويچارا وسري.

( ٢ )

ماڪ پچاين موليا، مٿان رات پئي،
اوليون اڄهڻ لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڍهن ڪون آئيو.

( ٣ )

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪون ڏئي، ته رڃ ڪهاڙي رنڍيا؟

( ٤ )

ڪالهه ڪلاچي ويا، ڇتيون ڪئي ڇڪير،
پاڻرن پيرو نه ڪيو، آدن ڪي آوير،
اهڙي خاصي کير، ڪن ورائي جهلي.

( ٥ )

تريڙن ۾ سان نہ تار ۾، جوکا جاءِ نہ ڪن،
مادر! ملاحن، ماکب نہ ڏويا مکڙا.

( ٦ )

ڏهائي ڏئم ڪينرا، جنين ماريو موڪ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا مارينم ٽوڪ،
لڏي وڃان لوڪ، ارنهي ويا اوهري.

( ٧ )

ڪالهہ ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهور،
مادر، ملاحن جا، ويئي سهان سور،
مون کي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.

( ٨ )

آئي اوسڙان آس ۾، جهليو ڪن ڪنار،
گهاتو گهر نہ آئيا، وڏي لڳين وار،
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مکڙا.

( ٩ )

ڪلي جان ڪنڪاريان، تان سائي سگ نہ ڪن،
واريو وهٽ وڃن، ڪن سياڪن سامهان.

( ١٠ )

جتي گهوريو گهاتئين، تتي واريءَ بٺ،
سهسين سانِي مٺ، سرَ نَکو، سونکي گيا.

( ١١ )

نڪا بوءِ بازارِ ۾، نڪا چلر چٺ،
جتي ڏنيرين جي، آکِي هئي آکٺ،
سي پڙ ڀسيو ڀٺ، مارهو وڃڻ مونيا.

( ١٢ )

مون اُداريا ڀچڙا، الله، گهاتو آڻِ،
سيان مدارن سين، مون کي، قادر! وجهه ۾ ڪاڻِ،
هٺ منهنجي هاڻ، ڏدر لڏو جن ري،

( ١٣ )

اوري هنا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
سانِي سڏ ڪري، ماڳ نهاري مونيا.

( ١٤ )

آئين جا لڏو لوڏ، اڄ پر گهاتوئڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ، سک نہ ستا ڪڏهين.

( ١٥ )

گھوريندي گھور پيا، آگھور گھوريائون،
ميڪر مارِيائون، ملاحن منهن مَنراه

( ١٦ )

جان گھڙندا گھاتونا، تان رچن ڏيو رگ،
سڳايون ۽ سگ، ڪلاچيءَ ڪير ڪري.

( ١٧ )

جِتن جهڳا ہائيين جھول ۾، ايئن نہ مرن مڇ،
سِر ڏار سمنڊ جا، ڪي رائون رڳي رڇ،
هي چارون ۽ ڇڇ، آجان اوڙاهہ آڳاهون ٿيو.

وائي

جيڪس جھليا مڇ، گھاتو گھر نہ آئيا.
ڪاهي وهو، ناڪنا، ڪريو بري تي ٻچ،
گھاتو گھر نہ آئيا.
ڪاني سندين ڪنڍيون، ڪاني سندن رڇ،
گھاتو گھر نہ آئيا.
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو، آتو آڳيان آچ،
گھاتو گھر نہ آئيا.

# ڪاپاڻني

## داستان پهريون

( ۱ )

توني تون ڪاتار، جم هيڪلي پيرئين،
ڏلي ڪا ڏنار، صراف انهين٤ ست ٻ.

( ۲ )

جنين پيريو، هيڪلو، تنين ميڙيو ماء،
تند اهڙي ساء، مون آتڻ هڏ نه اڇهي.

( ۳ )

چرخو چوري مت ڪر، هيءُ هڏ وهائي،
ڪاهائتي ميڪا ڪتي، ساجهر سيبائي،
چاتو جن چائي، تن هتان پهي نه چڏي.

( ۴ )

هيءُ هڏ وهائي، ڪرڙه ڪالهوني ڏينهن کي،
آئي اور آرٽ سين، وڇهه م ويڳائي،
ته صراف سيائي، موٽائي هٽنئي نه منهن تي.

( ٥ )

جان ڪتين تان ڪت، هيءُ هڏ وهائي،
ڪو پنهنجي عيد لئي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، صباح وچ سرتئين.

( ٦ )

ڪتن جي ڪان ڪرئين، سي ماهين هڏ،
سيان ايندئي اوجتي، عيد اگهاڙن گڏ،
جت مرتيون ڪنديئي سڏ، ات سڪنديئن سينگار کي.

( ٧ )

هائي ڏور آرٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
وهاڻ واڏائي، پٽين سنپوڙي،
سي جنهن موڙي، سا ڪئن وهي ويسري.

( ٨ )

ڪتوئي نہ ڪالهہ، اڄ پڻ اجهون کي مرين،
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا.

( ٩ )

جي تو وبهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
آرٽ اوڏي نہ ٿئين، پوري پوري سيئن،
ڪنڌ ڪنبنديئن ڪئن، اڳڻ عجيبن جي.

( ١٠ )

تونکي ٿيڻ وڏي، توءِ آئي آتڻ آءٌ،
ٿي پيڙي پيرم وارئين، ٻي هڏ ڪر م ڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوٺي ڪاتارين سين.

( ١١ )

سون ساريڪا هٽڙا، ڪوهہ نہ ڪنئين رڏ،
ويهي ڪنڊ ڪاپو ڪر، گهتون گوهيون چڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪيو هوند مٽائيين.

( ١٢ )

پڳو ٿي پير، جانسين رتو راس ٿئي،
بري بيڪاري سين، هاري پاڻ م هير،
ڪت ڪتنديون ڪير، ٿئين سين نہ چاڻجي.

( ١٣ )

پيرئين ۾ پائيين، اٿن وڏوٺو ڪانڌ،
وٺي اور آرٽ سين، ڪِجي پايو پاند،
تہ تنهنجو وٺواند، ڪتو وتو نہ ٿئي.

( ١٤ )

مجن پاڪ پر ڏئين، ڪت، ڪنبندي آءٌ،
جڏهن تڏهن ماءُ، پيرن پيرم واريون.

( ١٥ )

چانئتِ پاڻي چِتَ ۾، سَنهون ڪِتو جنِ،
تنِ جو صَرافنِ، ذڪو داخلِ نہ ڪيو.

( ١٦ )

مَحبتَ پاڻي مَن ۾، رنڊا روڙيا جنِ،
تنِ جو صَرافنِ، اَڻ توريو آگهائيو.

( ١٧ )

آئي پهر آرٽَ سين، جي ڪَتنِ ۽ ڪَنبنِ،
تنِ جو صَرافنِ، ڦورو ڦوليو ڪين ڪيِ.

( ١٨ )

ڪو جو وَه ڪاپائين، ڪتنِ ۽ ڪَنبنِ،
ڪارڻِ سَود سَوارِيون، آتڻ مَنجهه اَجنِ،
اَنِ جي سونهن سيدَ چئي، تا صراف سڪنِ،
آگهيا سَٽَ سَندنِ، پاڻي تَرازي نہ توريا.

( ١٩ )

سَٽَ آنين جو سَقرو، جي پر ۾ پَچائين،
آوازَ آرٽَ جو، ساه نہ سَٽائين،
لِڪايو لَطيفَ چئي، ڪَنبيو ڪتائين،
جي ماڻڪ موٽائينِ، توء مَله، مهانگو اَن جو.

( ٢٠ )

تنباٽي تاڪيد سين، جن پچايو پاٽ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هٽاٽ،
ململ منجهان ماٽ، جي سکيون تن سون ڪيو.

( ٢١ )

پلئي پايو پوٽيون، در در پيرا ڏي،
ڪا سون ڪتائي، آئون ڪاپاٽي آهيان.

( ٢٢ )

تڪ ونڪي، ور گهٽا، ڪتيان ڪچاڙو،
ڪاپي مٽان ڪيترو، آئيان آڌارو،
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

( ٢٣ )

اولاٽيان آرٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون،
پهيون مٿي پٽ، لڙجن لاڪيٽين جون.

( ٢٤ )

ڪتي ڪتي ڪالهه، اڄ نه آتڻ آئيون،
آرٽ آکلي مالهه، پوري ويٺيون نجهرا.

( ٢٥ )

نہ سي وَڻُ وَٽِنِ ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پَسيو بازاريون، هِينئڙو مون لوڻ ٿئي.

( ٢٦ )

ڪَتي مَٽي آئيون، ڪَري تَندَ تَيارَ،
اَتَلَ اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پرينءَ پارَ،
ڪاپائتيءَ قرارَ، منجهان پوٽيءَ آئيو.

( ٢٧ )

جا سَنهون نہ سِڪي، تہ مَرُ رَنڊائي روڙي،
سَٽَ آئين جو مَقرو، وِيا تَرازيءَ توري،
تُلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سڀِ وَڙُ ٿيو.

( ٢٨ )

جَنين ڪِتو ڪالهہ، سي پاٽا پيٽيون ماسري،
جَنين تَڪُ نہ مالَهہ، سَرهيون سي صَرافَ سين.

( ٢٩ )

پائي پاندِ ڪَپاهہ، مون آتَڻَ سڀ نهاريا،
ڪَٽي ڪانہ پَساهہ، سَرتيون وَڃي سَتيون.

( ٣٠ )

ڄرڪو پنهنجي چِت ۾، پِنِيءَ پيرِيو جِنِ،
توٽي ڪِين ڪتن، ته بہ ڪانڌ اُنين جو ڪوڏيو.

( ٣١ )

تاڄي تورِبائون، تان عيب نِڪتا آڳرا،
ڪوٺي ڪاپائِتينِ کي، پر ۾ پڇيائون،
آڳَڙي آئون، مون ڪان پِڙا پِڳا نہ ٿيا.

( ٣٢ )

مون ڪان پِڙا پِڳا نہ ٿيا، آڳِلي آئون،
جان تاڄي تورِيائون، تان عيب نِڪري آئيا.

وائي

( ١ )

ڪا هِينئين سين لاءِ، پوري ڪا هِينئين سين لاءِ.
تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءِ،
پوري ڪا هِينئين سين لاءِ.
لسي تند، لطيف چئي، هلي تن هٿاءِ،
پوري ڪا هِينئين سين لاءِ.
ڀيون تنهنجيون جهرڪن جهورِيون، پيون اڌايون واءِ
پوري ڪا هِينئين سين لاءِ.

آرڻ پاسي اوجهرين، توکي سمهڻ آيو ساءِ،
پوري ڪا هينئن سين لاءِ.

وائي

( ٢ )

آئون جا ويندڙي پار پرينءَ جي، مون کي آيل جهل م پاءِ،
جهلون پلون پائيين، پاٽا مت نہ آڇين ڪاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
وِيو پاروچو نڪري، سور چکايم ساءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
منهنجا ڪم ڪريم تبي، رہبي مون م رهاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
وينيون ڪنهن وِکهہ تڙ، پيڙا پڇي ماءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.
آتڻ سڀ آسري، آيس آنين لاءِ،
آئون جا ويندڙي پار پرين جي
جنين سور سريرم، تنشان هت نہ ڪاءِ.
آئون جا ويندڙي پار پرين جي.

# رب

## داستان پهريون

( ۱ )

ڳوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو چندڙو،
ڏکوينِ مرڪ، مٿي سگهر هنڌڙا.

( ۲ )

ڳوندر ڳڏيياسِ، صحت نيڙم سڄڻين،
مادرِ ماريياسِ، ڦوڙائي پرينِ جي.

( ۳ )

آئي جڻن سورنِ، اوڙ ولهارن ۾،
سا پرِ ڳوندر ڪنِ، جهه ڦوڙائو سڄڻين.

( ۴ )

لائي جو ويا، سو منجهئين نو مچ پري،
سو آجهامي ڪنان، جنهن سوربندڙ سپرين.

( ٥ )

کھڻ تہ ڪڇائي، سور نہ مانديڻ مترا،
آڇان تان آئي، ڏبل منھنجي ڏک سين.

( ٦ )

جيئن سو تئيءَ ترو، ڪاسي ڪوري وچ ۾،
مون کي ڏنو سڄڻين، منجھان سک سرو،
ور جھيٽو اي پرو، م ڦوڙائو سڄڻين.

( ٧ )

آپريم آنکور، سِتي سپرين جا،
ڪايو ڪايو سور، لڇيو لوڇيو آئيان.

( ٨ )

ڳرن ۾ ڳرھيج، روئي ڪج م پڌرا،
تان سوران ٿي سھيج، جان لاھيندڙ ڪو لھين.

( ٩ )

ڳر ۾ ڳجھو روءِ، پڌر وجھہ م پرينءَ ري،
سورن سپر ھوءِ، ھينئڙا ڪم ڪنن جئن.

( ١٠ )

لاهہ م پچارانِ، سَک مَ سمہ جِندڙا،
کَر جھوري ڪيٽانِ، ڪالھوڻيان آجَ گَھٽِي.

( ١١ )

جھوري جِھڄڻ جھانءِ، مون جنھِين جي نَ لَھِي،
آبل! اِيڻن مَ پاڌءِ، تہ ڪا آنون جِئندي آنِ ري.

( ١٢ )

جِھڄي جھانءِ ڪَري، ماٺ نَ آچِي مون ھِينئين،
سڄڻ سِي ساري، ھو جنھِين جو ھِيرنُون.

( ١٣ )

جاءِ نَ سجو ڏِينھن، ھِينئڙو اوٺِي وَڳ جِئن،
مون پِريان سين نِينھن، چِنڻ ڪارڻ نَ ڪيو.

( ١٤ )

لاھِيان جي نَ چِتان، الله! آنِ مَ وِسَران،
مڙھيو منجھاران، جِيءُ منھنجو جنِ سين.

( ١٥ )

پَل پَل ٿِي ہِليانسِ، ہلڪ نَ رھي پِرِينءَ ري،
جِئن جھوري ڪان جھِليانسِ، جِھڄيو تنھن جھوريءَ ہوي.

( ١٦ )

ڪڪر منجهہ ڪپار، جهڙ نيڻنئون نہ لهي،
رات منهنجي روح ۾، آئا پرين آپار،
آهہ، ساجن! لهہ سار، ورهہ وڪوڙي آهيان.

( ١٧ )

سون منجهيئي مينهن، ڪوهہ ڪريندين ڪڪرين،
سرلو سارو ڏينهن، سون پريان جو نہ لهي.

( ١٨ )

سئي سنيهو، ڪوڳن ٻاروچن جو،
ڪنڌ وهائو پنو، هريو هٿ ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جيان ٿي جيڏيون.

( ١٩ )

سڄڻ سنيهام، ٻيم ڪر ڪپار ۾،
جهڙي تهڙي حال سين، پرين نہ وسريام،
هريا هٿ ٿيام، نيڻنئون نير وهي.

( ٢٠ )

سنيهو جيان، ڳالهيون، پرين، تنهنجيون،
ڪهڙا ڳڻ ڳڻيان، تو رن مٿو ناهہ ڪو.

( ٢١ )

جھڙ سي سَنيرجن، ڳالھيون ھر ٻن تنھنجيون،
لِنءِ لِنءِ ھيٺ وجن، رَڳون ربابن جئن.

( ٢٢ )

چِتر رھي نہ چِت، وٺين واڪيو نہ رھي،
رُنيءَ لَنجي نِت، ھينڙو واٽ وِرک جئن.

( ٢٣ )

چوري چوري چِت، وِئيءَ وِھائيءَ نڪران،
لينھن گھرائي نِت، ھِريان سندي ھير ءِ.

( ٢٤ )

چِتر رھي نہ چِت، سوريِن صبر نہ ڪري،
سڄڻ ساريو نِت، وِڳاڙو ٿيو وِجھلي.

( ٢٥ )

چيتارِيان چِڪن، سنيارِيان سھي،
آندر روح رھي، صورت سپرين جي.

( ٢٦ )

چيتارِيان چِڪن، وِسارِيان نہ وِسري،
ويرو تار ڏکن، سڄڻ ڳِڻي ھڏ جئن.

( ٢٧ )

چيتاري چونڊ ياسِ، ڳالهيون سيوئي سڄڻين،
جهہ مقابلِ ٿياس، تہ سڀ وڃنم وسري.

## وائي

جو نوازي ڏڏ، آسر لاهہِ م آن جي،
ويهہُ داتا جي در تي، لنگها لاهي لڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.
اوڏايان اوڏو گهڻو، ڪهڙا ڪرئين سڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.
آگلن ڪي اوڏو وِهي، ڳنڍا ڪري ڳڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.
ڪهڙا جڏ جڏوئيين، جوڌ مهندان جڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.
اکيان عجيبنِ جي مشڪل ٻڏن مڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.
آدم تنائين خلقيو، هوءَ جا ڪجي منجهان ڪڏ،
آسر لاهہِ م آن جي.

# داستان پيو

( ١ )

سَجَڻَ ساڻ نہ پيتَ، ڪَجهہ ڪَرهيان ڪن سين،
ڪَالهيون انهي ريتَ، سَلا ڀَذي سوريون،

( ٢ )

ڪَالهيون پيتَ وَرَنِ ۾، وَڏي وَڻ ٿيون،
ڀَر سين مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ گَڏيا.

( ٣ )

آنگَڻِ چاڙهي آنگَ، ويو پاروچو لڪري،
روئي ڏِنو رنگَ، ويچاريءَ وَٽن ڪَي.

( ٤ )

آڪَينِ جا آگَرَ، مون تان لاهِ ۾ سپرين،
ڪَري ملار مينهن جِئَن، وَسي لاهِ وَهم،
تو ڏني مون غم، ڏِينهن جا ڏور ٿِيا.

( ٥ )

نينَ نہ نِندون ڪَنِ، پکو آرس آڪثين،
آجهاميو پَرنِ، توکي سارِيو سپرين.

( ٦ )

سنئين نہ سيئان، ناهہ آهي آن سين،
ونءُ سهي ويٺان، تو نہ سرندي تن ري.

( ٧ )

آندر آندريون، جئن سي وانجهيءَ لٿ ۾،
مون تن تيٽريون، تہ ڪينءَ ملبو سجٽين.

( ٨ )

جئن سي ڪوهيءَ نار، وهن واريءَ گاڏئان،
هينئڙو ۾ريان ڏار، نبيريانس نہ نبري

( ٩ )

سپر سيءَ پيو، نہ مون سوڙ نہ ڪبرو،
نہ مون ڪانڌ نہ قوت ڪي، جوڙن وهي ويو،
تنهين حال ڪهو، نڌر جنهين نجهرا.

( ١٠ )

اُتر اوتون ڏي، نہ مون سوڙ نہ ڪبرو،
سيءَ سارينديون سي، جنهين نڌر نجهرا.

( ١١ )

اُتر ڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ ڪبرو،
ڇارئي چنيءَ پوت، مون ريڙهيندي رات ويئي.

( ١٢ )

نينهن نهائينءَ جان، ڏٺيو ڪوهه نه ڏڪڻين،
ڄر ڄيري ڄڏي، ته ڪُڻ ٻچندا ٿانءَ،
سندي ڪنيارن، ڪن ڪريجا ڳالهڙي.

( ١٣ )

نينهن نهائينءَ جڻ، ڏڪيو ڪوهه نه ڏڪڻين،
ڄر ڄيري ڄڏي، ته رڄ ٻچندا ڪڻ،
تون ٻڻ ڪريج تڻ، جڻ ڪنيار ڪرن ڪم سين.

( ١٤ )

نهائينءَ ڪان نينهن، مڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

( ١٥ )

نيڻ نهائينءَ جان، سٽي لوڪ ڏڪيان،
اجهاميو ٻران، توکي ماريو سپرين.

( ١٦ )

ڪي جو ڪنيارن، مٽيءَ ماٺي منيو،
تنهن مان تر جيتري، جي ٻٽي خبر ڪرن،
هي تان هوند مرن، هن آڳڻ اوراتو ٿئي.

## وائي

هاڙها ڳاڙها هوت، ڪيچي ڪاله لنگهي ويا،
سِڪ ٻاروچي نہ لهي، مٿي تائين سوت،
ڪيچي ڪاله لنگهي ويا.
لَڱندي لڪن ۾، ٻاڻان نيس ٻوت،
ڪيچي ڪاله لنگهي ويا.
مَتان مون کي ڇڏين، هِت هوتاڻي هوت،
ڪيچي ڪاله لنگهي ويا،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، تو هي ڪارڻ جهوت،
ڪيچي ڪاله لنگهي ويا.

## وائي

( ٢ )

جُڙي زيارت، جي مان هوءَ پِرين سين.
سَڏ منهنجا سپرين، سو تان لاهِ م هٿ.
مولا مون کي ميڙئين، سپرِيان جي سٿ.
چنڊيان ڪِهه آڪِين سين، پرين وِجهان هٿ.
ڏوران ڏلمِ سپرين، هيمِ جن جي سڪ.

# ڪارايل

## داستان ڀريون

( ۱ )

”وَحدَہ“ وائِي، چَڙهندي چيائِين،
سو لڙ لَنگهيائِين، جتي ڀارَڪ ڀَڪيان.

( ۲ )

ڀَڪُهن سين ڀانءُ هَٿِي، اڏائو آڪاس،
جتي ڀرِين سنداس، سو سَرُ مَٿِي هَنجهڙو.

( ۳ )

آڪڙيون اوڙاه ۾، آيو تَڪي تار،
ڀڱون جي ڀاتار، هَنجهه تِنهين جو هيرئون.

( ۴ )

ڀڱن ليءِ ڀاتار ۾، وَڃي نَہ ڀِڄي،
ڪَنڌيءَ ۾ ڪِيهي، حاج تِنهنجي هَنجهڙا.

( ٥ )

اونهون جت اوڙاهه، هنجهه تتهين هوءِ،

اِي ڪانرو ڪوءِ، جو چاڙ ۾ چيرون ڪري.

( ٦ )

ٿيو حضوري هاڻ، سوجها پيئس سر جي،

ڪنڌي لڌي ڪاڻ، ڪيڙي پاتار ۾.

( ٧ )

آچو پاڻي لڙ ٿيو، ڪارو ڪيو ڪنگن،

ايندا لج مرن، تنهن سر مٿي هنجهڙا.

( ٨ )

ويٺو جڻن وماسيين، حيرت پؤ م هڏ،

لاتيون جي لباس جون، سي چياڻي چڏ،

"آئون، آسين" ڪن جي، پاسي تن م آڏ،

تن طالبن گڏ، ته ويجهو ٿئين وصال کي.

( ٩ )

ويٺو جڻن وماسيين، حيرت پؤ م هور،

اونهون جو آچو وهي، ڪهڙي تنان ٿي گهور،

ڏيون هڏ م ڏور، گهوريو ڪپ ڪسين جو.

( ١٠ )

وينو جنّن وماڻين، حيرت ۾ هوءَ هاڻ،
للن ڪي لطيف چئي، آچي سان آراڻ،
ڪنگن لئبس ڪاڻ، ڳڌيو هنجهه حبيب کي.

( ١١ )

ٻکي ٻيھي نگيا، منجهان لتاڙين لڪ،
ڪنهين ماڻڪ ميڙيا، ڪنهين رتا ٻڪ،
ٻئيءَ لائي لڪ، ڳڌيو هنجهه حبيب کي.

( ١٢ )

هنجهن سين هيڪار، جي ڪن ڪري نهارئين،
ٻگهن سان پيھار، هوند ٻيلهه نه ٻڌين ڪڏهين.

( ١٣ )

هاريا هنجهه ٻگهن سين، ڪيھي ٻڌين ٻيلهه،
ميرو مٽائيج تون، آچي ڪر آڪيل،
ڪنگن سان ڪويل، للي جئن لڙ ٿئين.

( ١٤ )

آچو پنو آچاهه، ته آچائيءَ آهيو،
وهن وڙ نه آنهنجو، ٻائيءَ لڙ للاهه،
سسر ڏجي ساهه، ڪسر ڪنگن قبرون.

( ١٥ )

ڪَسَر ڪَنگَن ڀَرُون، سَسر ساڱاهيج،
هنجهه هِتي جي ڳالهڙي، پکَهن ۾ پوايج،
ماڻي تون مَربج، چُنج ۾ ڪَنهين ڇهنج سين.

( ١٦ )

سَرَ سُڪي سال ٿيا، هَنجهه هَر بوٺي پير،
ڪَنگ ويچارو ڪير، جو رَمي اِنَ رمز کي.

( ١٧ )

آءَ آڏامي هَنجهڙا، سَرَ ۾ ماريِنئي،
مَتان مارِينئي، پاڙهيري پَهه ڪري.

( ١٨ )

سَرَ ۾ سڪي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاه،
سنديءَ آس الله، لَڌي لَهرين وِچ ۾.

( ١٩ )

هَنجهه مِڙيئي هَنجهه، ميرو مَجهن ناهِ ڪو،
موتي جي مِهراڻَ جا، سي ڀورا چُنج پَنج،
آج کِ صُباح سَنجهه، ڏِيءَ ۾ ڏِٻري ڏِٺين.

( ٢٠ )

هڪي هِسي آئيا، دلبو منجهه دَرياهه،
ويچارا وِساهه، آئي اِت آڙائيا.

( ٢١ )

جنِ قطرَ چٽيو ڪرِهه پرِئين، پول ٻجهندين هنجهه،
اَڄ ڪي صَباحَ سَنجهه، نو ڏِيءِ ۾ ڏيري ٿئين.

( ٢٢ )

هڪي جنهن ٻچائيا، تنهن ۾ ساه نه ماهه،
منجهه ڪرنگهر ڪاٺ جو، مٿي پڪن ڳاهه،
ويچارن وِساهه، مٿي هڪن آئيو.

( ٢٣ )

ڪونرَ هاڙون هاتار ۾، پونرَ پِري آڪاس،
ٻنهين سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عِشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙِيا.

( ٢٤ )

ڪونرَ هاڙون هاتار ۾، پونرَ پِري ۾ سَچ،
ٻنهين سندي ڳالهڙي، عِشق اِي اَهيج،
توءِ نه لهين اَڄ، جي پيو بين ٻاڻ ۾.

( ٢٥ )

ڪنڌ ٻنِ ۽ ڪوهہ ڪرِ ٿين، ڪسن ۽ م ڳذار،
وچي وحدت ويءُ ۽، کھتون چڏي کھار،
شريعت جو سر لهي، تن تنائين تار،
حقيقت هنجهن سين، طريقت تنوار،
منجهائين معرفت سين، آندر تون آجار،
هدايت جي هوهہ ۽، چٽيو تون چونڪار،
تہ ٻاڙهيري اِنَ ٻار، ڪونہ ڏسين تون ڪڏهين.

( ٢٦ )

جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهير اڌلمن،
هُون جي ٻاتار جون، چيتاريو چٽن،
ڪوهہ ڪندا ڪي تن، ٻاڙهيري ٻهہ ڪري.

( ٢٧ )

مالڪ چوٽو جن جو، هنجهہ حضوري سي،
چلر ۽ چهنب هٽي، مچي ڪين نہ اي،
لوڪ نہ لکيا تي، جيلانهن پٺن ٻکهن ڳڏيا.

( ٢٨ )

لِلي لنئي رات، سرَ ۾ ڪيو سوجهرو،
پکها پاتارا ئيا، وائي ڪَنِ نہ وات،
جنگنِ پنهنجي ذات، نِيئي رسائي روھ ڪي.

( ٢٩ )

هنجھہ مِرَيئي هنجھہ، ميرو منجھن ناہ ڪو،
جتي رهن منجھہ، سو سر ڪرين سرهو.

( ٣٠ )

سر آهي ئي آکيان، پکي پيا پيا،
جن لِمتو لاتيون ڏينهن، سي ويچارا ويا،
پاتوندر پيا، وڃي ڪينجهر ڪنڌئين.

( ٣١ )

ويا مور مري، هنجھہ نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ئيو وري، ڪوڙنِ ڪانئيرنِ جو.

( ٣٢ )

سرهو سر وڃائيو، ڪوڙنِ ڪانئيرنِ،
رُنا روھ وڃن، ڪنهن هيئائيءَ ڪان هنجهڙا.

## وائي

جي سان چارائين، جيڪر جيڏيون، ووا ڪرھ سندان چاريان.

ٻيربن آئون نہ ٻچڻي، ڪرمل ھوءِ نہ جھلين،
ووا ڪره سندان چاريان.
ڳجھي آئون نہ وڃڻي، ٻڌر ٻرين نہ نين،
ووا ڪره سندان چاريان.

## داستان پيو

( ١ )

وِياءُ واسينگن جا، سنھا پانءُ م سپ،
جنين جيءُ جھڙپ، ھاڻي ھنڌائين نہ چري.

( ٢ )

سنھا پانءُ م سپ، سڪا جنين پيٽ،
تنين جيءُ جھپيٽ، جنگن کي جوکو ٿئي.

( ٣ )

جن اوطاقون آريج ۾، تن جي وھ جو ورن پيو،
ھرينئان ٻڌرو، تن نانگن جو نھو،
آن جو ڪنڊو لي ڪم ڪري، جي متس ھبر پيو،
ڪلي ويل ڪھو، جو سامھون ٿئي سپن کي.

( ۴ )

وِهُ هٿين، وِهُ پيرين، وِهُ جن جي وات،
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن ۾ مٿي چڙهي.

( ٥ )

ڪِنهن ڪِنهن ڪاريءَ ذات کي، مور به مٿانئين،
جي چِتَرا چِڪيا ڪري، ته وَڪَ ورائي ڏِين،
سات سَمورا نِين، جي مَٿين پانٽي موٽيا.

( ٦ )

ٻهرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڇرڪيل ڇيڙ ڪري،
جي هٿي ڏنگ ڏسانيو، ته ويجهو تان نه وري،
جيڪي ٿپ مري، جيڪي سِڪي صحت کي.

( ٧ )

واتان جنين وِهُ وَهي، سي آيا اوڪارين،
جي آرڻ ۾ڏي آئيا، تان نانگ نه نهارين،
ڏِيرَ تن ڏاڙهين، ميل جنين جي مَن ۾.

( ٨ )

ڪَپر ڳارو ڙين سين، وَڏو وِڏء ويرُ،
نانگ نه وِيندين نِڪري، تو ڏر مٿي پير،
هي تنين جو ڏير، جنين جهونا ڳڙهه جلائيو.

( ٩ )

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ڪينجهر سپ نهاريو،
وري واهيري نه وريا، للا لاڪيڻيءَ لوڏ،
هينئين جن سين هوڏ، سي هنجهڙا سپ هلي ويا.

( ١٠ )

سو ٻڪي، سو ٻچرو، سو سر، سوئي هنجهه،
ٻهي جان ٻروڙيو، مون پانهنجو منجهه،
ڏيل جنهنجو ڏنجهه، سو ماري تو منجهه ڦري.

وائي

ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو، لڪ سيڻن للو هتو،
لنئو جنن لامين چڙهين، ڪريو ڪارايل ڪنڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو.
ڪِ تو ڪنين نه سئو، شهباز جو سنڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چنڪو.

# مارئي

## داستان پهريون

( ۱ )

'اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ'، جَڏهِن ڪَنِ پِيوم،
'قَالُوْا بَلىٰ' قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتَ چِيوم،
تهين وِير ڪِيوم، وَچَن وِڙِهچَن سِين.

( ۲ )

نڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْن' هُئي، نڪا مُورت ماهه،
نَڪا مَڏَ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرضَ گُناهه،
هيڪائي هيڪ هُئي، وَحدانيت واهه،
لکيائين، لَطيف چئي، اِتِ پُجهاندرَ ڳاهه،
آڪِينَ ۹ آرواح، آها ساڃاءِ سُپِرينَ ا

( ۳ )

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْن' هُئي، نڪا تَنگ نه هون،
سڄڻ تنهن ساعت ۹، ٻيئي ڏِنوسون،
مُون تَن تَڏاهڪون، مِلي مُلاقات ڪئي.

( ٤ )

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْنَ' هُئِي، نَڪو لِڳَ، لَحَمُ،
بَنيو هو نہ ٻَتَ ٻُ، اڃا ڪِي آدَمُ،
سُوْنَ توهين سين سَڱُ، آهِ ماڃاءِ، سِپِرِين!

( ٥ )

'فَيَڪُون' نِدا ڪَري، ڪَهيائين سين 'ڪُنْ'،
تَعظيماً تَمامُ ڪري، ٻوءِ ٻَرِيائين ٻُون،
مارُوَ تِنان مُون، پينرا ڀاڳي آئيا.

( ٦ )

جِئي 'ڪُنْ فَيَڪُوْنَ'، جَڏهن خَلقِيا رُوحَ خَداءِ،
گَڏُ جِتِ گُذرانُ هُئو، جَڙَ لَڳِي تنهن جاءِ،
مارُونُءَن ساڃاءِ، سائِي آهي سومرا.

( ٧ )

جَڏهن 'ڪُنْ فَيَڪُوْنَ'، مَنَّ تَڏهانڪُون مارُئين،
تُوْنَ ڪِلّن وِجهين تَنَ ڪَي، سُومرا، شَڪُون،
هِميرَنَ هَڪُون، جاڙَ جَسي کَي ڀاتيُون.

( ۸ )

تسمت قيد قوي، نات ڪير آچي هن ڪوٺ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ذڪاريم هي،
ارچي ڪين ڀنوار ري، جان، جسو ۴ جي،
راجا! راضي ٿي، ته مارن ملي ماروئي.

( ۹ )

تسمت قيد ڪياس، نات ڪير آچي هن ڪوٺ ۾،
'ونحن اقرب اليه من حبل الوريد'، وطن آءٌ وينداس،
مارن کي ملنداس، ڪوئيون ڇڏي ڪڏهين.

( ۱۰ )

'قيدالماء' ٿيوم، هت آزانگي گهاربان،
'هناڪ جسمي و الفواد لديڪم'، هينئون هت سندوم،
قادر شال ڪندوم، ميڙائو مين مارئين.

( ۱۱ )

'قيدالماء' ڪهن جو، سو مون پاند پيو،
'جف القلم بما هو ڪائن'، وهي قلم ويو،
اي قضا ڪم ڪيو، جتن تر مارو، آءٌ ماڙئين.

( ١٢ )

جھڙو ’قيدالماءُ‘، تھڙو بند نہ ڪو پيو،
’جف القلم بما ھو ڪائنٌ‘، لھي نہ ترُ تناءُ،
عمرا تو ھتاءُ، آجائي ڻني آجڙين.

( ١٣ )

ري آعرابين ھت، ڪھنگھر گھارڻ مون ٿيو،
’بڪت العينان في ھواڪ دماً‘، پچان ساڻ پرت،
من، آڪيون، تن تت، جتي جنم جيڏيون.

( ١٤ )

ھي ھند ماڙيون ھاڻ، ماڙيان سڀ ڏيھين ري،
’ڪل شيءٍ يرجع الى اصله‘، ٿي جھجان جھانگين ڪاڻ،
پري پنھنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جوا

## وائي

عمرا آنون ويندڙو پڄان ڪوھ،
جتي مارؤ، تتي ھانڌي، آلوا
متي ماڙيءَ مارئي، رناري ٭ روھ،
جتي مارؤ، تتي ھانڌي، آلوا

پنڌان ڪاريو پهڙا، ڪين جو آيري چوءِ،
جتي مارُو، تتي هانڌي، آلوا
ساريو سانيڙن کي، روح منهنجو روءِ،
جتي مارُو، تتي هانڌي، آلوا
هانڌي ڀنوارن جو، ڪالهه نه آيو ڪوءِ،
جتي مارُو، تتي هانڌي، آلوا
راڄ ڀرتو رب کي، سومرا، سندوءِ،
جتي مارُو، تتي هانڌي، آلوا

## داستان ٻيو

( ۱ )

نڪو اير نه ٻير، نڪو اولي آئيو،
مون وٽ آيو ڪون ڪو، پانڌن پري پير،
ڪتابتون ڪير، آئي ڏيندم آن جيون.

( ۲ )

نه خبر، نه خواب، نڪو اولي آئيو،
هتي جو هت ڪهين، ڏنو ڪون جواب،
هميرن حساب، ڪهڙو جانان ڪهڙو ٿيو.

( ٣ )

اوڻي ڳوڙِهي آئِين، ڪو هتي جو هت هير،
تہ ڪِنا جِي ڪونَن جا، تِين مُرها مير،
آئہ تہ آکِين اڳهان، جي پاڻ ڏِنئي اير،
الله لڳ، لطيف چئي، لاءِ م تون آويرَ،
ڪونِين ڳهارِي ڪير، محلِين منجهي مون هينئون.

( ٤ )

آلا! اوڻي آئِين، جي نياپا نِين،
آئون آئين جي آهيان، توڻي مون نہ مِڄين،
مَس منهنجي هت ۾، ڪاغذ ڪي آئِين،
لڙڪ نہ لِکڻ ڏِين، ڪِريو پون قلم تي.

( ٥ )

جي اَمر هِئيو آڏ ڪري، ٻي ڪاغذ لِکان جيئن،
واڳون جي وصال سين، تَنين چاڙهي چيئن،
رُئان راتو ڏِينهن، جيئن اُن جي وائِي ۾ ورڪهنان.

( ٦ )

تن وِهين وِيڙيچن ڪي، رُئين تہ راتو ڏِينهن،
ڪالهہ پهنوارَن لڏيو، مون کي چاڙهي چيئن،
آئون جِنندي ڪيئن، جہ اُن تِر وَڃي، ٽانا ڪيا.

( ۷ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿاڪَ، عمرَ، مارو ٿرن جا،
لا ٿائون، لَطيفَ چئي، مٿان لوئي ۽ لاڪَ،
عمرا ڪريو آڪ، ڀهريو ٿي مَن چران.

( ۸ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿان ۾، وَهين ويڙهين جو،
سڀ تنهنجو سومرا، ويٺا ڪِنهن نان ۾،
آئي وِيندِيس آن ۾، لوئي لَڄ مٿي ڪري.

( ۹ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٽيام،
آباٽن جي آسري، ڪتي ڪان ڪيام،
جا ڏٺ ڏِڪيام، تنهنجو، پردرا مَن رهائيين،

( ۱۰ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
وامي وار، نه ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ري ۾، آندر ناهه آڪير،
هيڙو حال، همير، وني شال ويڙهه وَجان!

( ١١ )

ٿهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڙن،
هوڙو حال ولي ڪري، وڃان منجهه ترن،
مارؤ مان چون، ته هئي آسانهين لسري.

( ١٢ )

سبي سيبا ذي، پوريءَ نينهن نه ڪجيو،
ڪٿيءَ ونيون ڪٿيون، مٿي سيوي سي،
مچڻ چونم ڪي، ته لجائيني تر چائيون.

وائي

منهنجو من، ميان! واڳيو ويڙيچن سين.
پاهي پاڪي پٽڙي، پرين ماڻ پيان!
واڳيو ويڙيچن سين.
پير نه چڏيان پرينءَ جو، جانسين ٿي جيان،
واڳيو ويڙيچن سين.
حرف لٿي هيڪڙي، هتي تان نه هئان!
واڳيو ويڙيچن سين.

ڪيمروُن ڪنيرين ڪسي، وڃي ڏيهه ڏيان!
واڪيو وبڙيڇن مين.
آئون ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏيهان؟
واڪيو وبڙيڇن مين.

## داستان ٽيون

( ١ )

ٻئولا ڀهنواريون، مور نه مٽي ڪن،
جي لاک رتائون لوئيون، ته سالئتان سونهن،
اَن ايلاچيئون آڪري، بخمل بانتن،
سکر پائيان، سومرا، ڪتي ڪان ڪهنبن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

( ٢ )

آرم هڏ م اوڍيان، ٻئولا، ٻت چير،
باندوٽا ٻن ڏيان، آرغج ۽ عبير،
ماروءَ سين شل مائيان، ڪٽيون جهڙيون ڪير،
آندر اچ اکير، مون ڪي پرينءَ ڀهنوار جي.

( ٣ )

سون برابر سگڙا، مارُوءَ سندا سون،
ھولا ھنوار کي، عمر، آھ م تون،
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

( ٤ )

سون برابر سگڙا، لون لون برابر لک،
رھو جنھن رد ڪيو، ڪوڙ تھين کي ڪک،
مون مارُوءَ جو مک، تيل نہ لائيان تنھنجو.

( ٥ )

تيل نہ لائيان تنھنجو، مون مارُوءَ جو من،
ڪريان بي نہ ڪن، آھر آنھين آھيان.

( ٦ )

مون مارُوءَ سين لڏيون، لوئيءَ م لائون،
سون برابر سگڙا، مون کي ھامن ھڏائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪٿن پرھيان، سومرا!

( ٧ )

پٽ نہ پرھيان، سومرا، جانڪيتان جيان،
آئون ڪٿن لوئي لاھيان، ڪارڻ ٻن ڏيھان،
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو.

( ٨ )

جِنِ ڪَرايِنِ ڪَچ جا، وَرَ ساهيڙيون سي،
آت آڪنڍيِ آهيان، مَنهن ماروءَ جي،
پَکَنِ سين نَہ پاڙيان، هنڌَ هِتي جا هي،
اَهلَ آباڻنِ کي، مَري شال مُلهائيان!

( ٩ )

ڪرايُن ڪَچ جا، چوڙا ڪوڙا جَنِ،
سو مَرڪ مارُوئڙن، جِنان لوڪ لڄ لٿي.

( ١٠ )

ڪارا، ڪَرايِنِ ۾، سونَ آسان کي سوءَ،
وَرَ جيڏين سين جوعِ، فاقو فَرحَتَ پائيان!

( ١١ )

اِيُ نَہ سارن ريتِ، جِنَ سين مِٽائن سون ٿِي،
آڇي عَمَرڪوٽَ ۾، ڪَنديس ڪانَ ڪَريتِ،
پَکَنِ پِي پِريتِ، ماڙيءَ سين نَہ مَٽيان.

( ١٢ )

عمر، آڇا ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪَٽن ڪَنِ،
جنين جا ٽِرن ۾، وَرَ ٿا وِيڄ سهنِ،
هوءَ جي حق پچنِ، سي ڪِٽن سَتيون، سومرا!

( ١٣ )

آئون ڪِئن سوڙِيِن سمهان، مون وَرَ گهاريِ وِلهه،
ڪَٿيري ؑ تان ڪِل، عمرَا! ڪِجِ م امڙي.

( ١٤ )

آئون ڪِئن سوڙِيِن سمهان، مون وَرَ گهاريِ سَڄ!
وَرَ آباڻِن مِين اَڄ، ڪوه شربت تنهنجو سومرا.

( ١٥ )

وَرَ مِي وَطن جانيون، صحرا سَتر جنِ!
گولاڙا ۽ ڪَرِيرن، اوچِن آباڻِن،
وِيڙهيا گهمنِ وِلِين، جهانڪِي منجهه جهنگنِ،
مون ڪي ماروئَڙن، سَجّ ڪَناڻِي سيجّ ۾.

( ١٦ )

هلَر هِيَنِ، اوچِن آنِ، جنِ جا هير مٿي هٽ هاڪ،
وِهن وَراڪنِ ۾، آنِ جي آجوڪي اوطاق،
هاڻ نَ بسنِ هاڻ ڪِي، وِيچارا بي هاڪ،
عمر، آوه نَ عاق، ذَڪيا جِم ذَڪوئيبين.

( ١٧ )

ڪارا، ڪيہڙ ڏيھہ ۾، پيا واريءَ منجهہ وٺان،
سائين کي، سيد چئي، پريو ڏين پاڻ،
عمرا! ايءَ امان، ثابت رکج سومرا.

( ١٨ )

ٿورا منجهہ، ٿرن، مون سين ماروءَ جي ڪيا،
عمرا! اُن ڪٿن، آئون ڪين لوئي لاهيان.

( ١٩ )

مڏ نہ پڙان هيڪڙي، توري ٿر چاڻين،
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نہ مڃيو.

( ٢٠ )

چڏ سپرايون سومرا، عمرا! لڳ الله،
ٽيم ڌ ٿورا ڏينھڙا، ماڙيين ڪاريم ماه،
سڪ منهنجي ساه، ماروءَ جي مس لهي!

( ٢١ )

جا عمرا! تو مل عيد، سا آن سوءَ ورتي، سومرا!
ويئي وپچارن وسري، خوشي ٿي خريد،
سکن ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.

( ٢٢ )

مَنهنجو تورَ تَلنِ ۾، ڇيها ٿو ڇاري،
ڏاڻي ڏِتَ ڏاري، آهِ اَلي مينهَڙي.

( ٢٣ )

مَنهنجو تورَ تَلنِ ۾، آئون هِتِ بَندياڻي!
مون ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾، ڦرهِ ۾ لاڻي،
ڪَنديس رِهاڻي، ماروءَ پاسِ مَلير ۾.

( ٢٤ )

حَقاڻو هَتِ ٿيو، آئون هِتِ بَندياڻي!
ساري ساڏ وهينِ ڪَي، ڪولين ڪوماڻي،
لَگين لوهَ لَطيفَ چئي، ويٺيسِ وِساڻي،
مَنڍَ ماروءَ جي نہ لهي، ڪَپتَ ڪجاڻي،
سمَنَ سچاڻي، اَتي آهِ اَنِ سين.

وائي

لوئيءَ ۾ لاڏون، سون ماروءَ سين لَڏيون.
سون برابر سڳڙا، پاهَنِ پَڏائون،
مون ماروءَ سين لَڏيون.

سو ڪئن ڪت پرهيان سومرا، گهوريو عمر جو، آئون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
ڪاڄ ڪئيرن سفرو، سگر ۾ سائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
سا ڪئن ڪاٿي ڪارڪون، جنهن ڪي ڏونرا ڏيج ڏنائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
ڪه، سانڍائون، مکئي، قوت جنهين جو سائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
عمر تي جور ڪري، جيلانهن راڄ آڪاهون،
مون ماروءَ سين لڌيون.

## داستان چوٿون

( ١ )

مينڍا ڏوئي نہ مارئي، ٻيس ٻهنواريون چت،
راڄ رناڙي، هنجون هاري، هيءَ هتيجي هت،
آهس ٻانڊ ٻار جو، ڪجهہ ۾ ڪيت،
ونگس ونڊيچن ريءَ، مس مٿي ڪا مت،
سومرا! سپت، ڪر، نہ ڪوننان نڪري.

( ٢ )

مينھڙا ڏونئي نہ مارئي، آهي من ملير،
ڪڏهن نہ ڪاڻ لهي، هتان هي همير،
ڪانہ ٻين ڪير، جي امانت آهي وٽ جي.

( ٣ )

مينھڙا ڏونئي نہ مارئي، نہ ڪلهي نہ ڪاهہ،
عمر جي انصاف جا، ويئي واساما ڳاهہ،
هي جا ڪيئي هاءِ، سا، مهندان اينديئي منهن ۾.

( ٤ )

مينھڙا ڏونئي نہ مارئي، نيہن ڪرنون وار،
متي ميئي ساريا، جي ٻانہ جا ٻهنوار،
عمر! انهون ڏار، مور نہ وهي مارئين.

( ٥ )

مينھڙا ڏونئي نہ مارئي، محلين مارئڻان ڏار،
ٻابو ميٽ ملير ري، منڌ نہ وڃي وار،
جا هتيجن هار، سا ڪين وهندي ڪوٽ ۾.

( ٦ )

مِيندا ڏوئي نہ مارئِي، ڪونهي آنَ اوڇاهُ،
عُمَرَ جي اِنصاف جو، ٻيس ڪَنِ ٻڙاڪ،
وِيئي چوءِ: "اَللهُ، مون تي مِٺَ نہ موٽيا!"

( ٧ )

مَحلين ماندي مارئِي، ڏِينِرِ مَنهن مَلوُر،
آئيا سَٿِيا نہ ڪري، سونهن وِڃايسِ سور،
ٻِيس لوهَ لَطيف چئي، لِتَسِ ڪوڏَ ڪوُر،
چِتَ جَنِين جا چوُرَ، سي مَکي مَرڪَ نہ ڪنديون.

( ٨ )

ڪِريو مَهارِ مَلير ڏي، روءِ آيي چوءِ:
"سهج سوري پائيان، سومرا! سندوءِ،
"مُلڪَ ماروءَ جي آهيان، جورِ نہ ٿيان جوءِ،
"سو قَلبَ ڪوٽ نہ هوءِ، جو هَنيجَنِ هَٿَ ڪيو".

( ٩ )

ڪِريو مَهارِ مَلير ڏي آپيائي آهي،
جا مَٽي ڏِنيسِ مارئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا! سَاهي، مَتيءَ وِجهه م مَنگهرون.

( ١٠ )

ڪيم مهاڙ ملير ڏي، سڀ ڪوٺ چڙهي،
نت نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها ٻير ڳڙي،
نڱي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
ويڙيچن وري، ڪر نہ لڌي ڪڏهين!

( ١١ )

جي ڪر لڌائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو،
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسري!

( ١٢ )

بندي پيا قرار، آسين لوچون لوهہ ۾،
مٿي تن ترار، سدا سانڀيڙن جي.

( ١٣ )

نير نہ لهي نينهن جو، لهہ جا وِيا لهي،
ڪنجيون جي قفلن جيون، سيڻن هٿ سهي،
وئڙا راج رهي، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

( ١٤ )

لير نہ لهي نينهن جو، لهہ جا لهي ويا،
مارن ڌاران ماڙيين، ڏهلا ڏينهن ٿيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

( ١٥ )

لنگرِ ياري لوڪ ۾، جنهين لئِ ٿياسِ،
تنهين تِر جيترو، ڀلڪ نہ ڀچياسِ،
جهروڪن جهوريو هينئون، ڪولين آءُ ڪنياسِ،
مارن مونجهہ مياسِ، تات مارُين ماريس ڪين ڪي.

( ١٦ )

مارُين ماريس ڪين ڪي، ميس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهين، منهنجي آچي ماءُ!
سڙن سداءِ، ويٺو واجهہ وجهي هينئون.

( ١٧ )

ويٺو واجهہ وجهي هينئون، پر ۾ ڀنوارن،
آت اکنيي آهيان، ڀانئر ۽ ڀرين،
ڪريان پي نہ ڪن، ويندين وطن سامهين.

( ١٨ )

ويندين وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳ،
ڏت چونديندين ڏيهہ ۾، ماڻ سرتين ماڳ،
تہ مون سنون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ورڪي

( ۱۹ )

جي ويجهي ٿيان ور کي، تہ ميا ڳوم مٿون،
نت نت آهہ نئون، مون کي ورهہ ويڙيچن جو.

( ۲۰ )

آئون ڪئن ڇڏيان، سوسرا، تن ڀنوارن ڀچار،
جڙ جنين جي جانِ ۾، لڳي ريءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هينڙي منجهہ هزار،
ڀڪا ۾ ڀنوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

وائي

مون ۾ ڪسيجاهہ، مون ۾ ڪنيجاهہ لوئي، ميان عمرا
ساڻ ڀلاهہ نہ ڀاڙيان، سندي ڏؤنرن ڏوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪسيجاهہ.
ڪالڌ نہ ڪنديس ڪو پيو، مون ور مارؤ سوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪسيجاهہ.
ڪوءِ سي طعام تين جا، ور سا ڏؤنرن ڏوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪسيجاهہ.
جهانڪي جسو جهنگن جو، سين ڪميڻيءَ سوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪسيجاهہ.

## داستان پنجون

( ١ )

سونهن وڃاير، سومرا! مارو مس مڃين،
ڏونگها ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا، ڪي ڏين،
جي مان لوهه لاهين، ته ڪوٽن ۾ ڪين هئان.

( ٢ )

سونهن وڃاير، سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت، پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري.

( ٣ )

سونهن وڃاير، سومرا! سکر جهڙي سونهن،
دل ۾ ڏکي ڏونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو.

( ٤ )

سونهن وڃاير، سومرا! هتي آڇي هاڻ،
ڪڻن لهنديم ڪاڻ، حسن مون هت ويو

( ٥ )

سونهن وڃاير، سومرا! ڪيڏانهن ويم ڪمال!
وڃان ڪڻن وطن ڏي، هيڙو ولي حال،
جي مون ڏين جمال، ته پسان منهن پنوار جو.

( ٦ )

سونھَن وِچاير، سومرا! وطنِ وِچان ڪِيئن،
حسنَ ڌاران ھيئن، پسان ڪِئن پھنوار کي.

( ٧ )

سونھَن وِچاير سومرا! پسان ڪِئن پھنوار،
ڏِٺي جا ڏراڙ، تنھن روءِ ريءَ رچڻ ناھ ڪو.

( ٨ )

سونھَن وِچاير، سومرا! عمر، ڻيس آسير،
مارو منجھ مَلير، مون سين ھتِ ھئن ڻيو!

( ٩ )

سونھَن وِچاير، سومرا! ڻينديس ڪِئن قبول،
ڪونھي مَنھِڪَ، نہ مول، ھوچي منھن پھنوار سين!

( ١٠ )

تنِ منھن موچارا مارئين، مَلير جنھين ماڪ
ناقص نوازي گھڻا، سندو تنِ سپاڪ،
آڳِ مون آياڪ، حسن مون ھتِ ويو!

( ١١ )

ڪونهي قادر ڪو ٻيو، آنهين جو آياڪ،
"قل لن يصيبنا اِلا ما ڪتب الله لنا"، ايءُ معذرت ماڪ،
سپونئي سياڪ، مارئيءُ مساري ٿيو.

واٸي

منجهه رهي مليرَ، هاري، سون ڪوه ڪيو؟
سون هتان، منهنجا ڏٿي، سهسين ٿيا صغير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
ٻڪي منجهه ڀنوار جي، ڪوڙيين ڪير ڪبير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
تون ڏيين، تون ڏٿي، دلاسو دلگير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
ٻڙو لاهه م ٻاجهه جو، سون تنان، منهنجا پير؟
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
تڏيون وليون ترن ۾، ڪوڙين ڪرڙ، ڪرير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟

## داستان چھون

( ١ )

جھڙي آيس جئن، جي تھڙي وڃان تن ڏي،
تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر مندن آئا مينھن،
ليس ڪاڻياري ڪاڻڪ جي، ھتي آچي ھيڻن،
ڪنڌ ڪڻنديس ڪئن، منھن مارُوئڙن جي.

( ٢ )

جھڙي آيس جئن، جي تھڙي ملان تن کي،
'قران، قر چاريان،' ھينئون چئبر ھئن،
وڃان ڪئن وطن ڏي، ڪاڻ لھنديم ڪئن،
منداڻتي مينھن، سونھان سرتين وچ ۾!

( ٣ )

ھيڪ جئن نہ چاياس، پيو چاھندي جي مران،
گھنگھر گھڻون ڻياس، چاپي، مارُوئڙن کي.

( ٤ )

ھيءَ منھن ڏيئي ٻن، تون وہ ڪائي نہ مرين،
تان جي ملير جائيون، توسين سنگ نہ ڪن،
تون ڪئن منجھان تن، پاڻ ڪوٺائين، مارُئي!

( ۵ )

عمرا پنِ جيو، ڪوٺ منهنجو، سُومرا!
جا پرِ نہ ڀينوارنِ جي، مون سين تئن ٿيوا
وِٺي منهن ڪهو، وڃان وطن سامهين.

( ٦ )

م سوني مارئي، مٺي، م ڇانئي،
جنهن آڇي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪين مرڪي ماڙيين.

( ۷ )

يا الله آهيان بند ۾، ڏٺان ٿي ڏيہ،
وينءِ وراڻي ناه ڪا، سومرو سيہ،
ميان مهربان ڪرين، الاهي عمر،
ويڙ پسان سو ور، جيڏانهن عالم آسرو!

( ۸ )

آلا! ايئن م هوءِ، جئن آءٌ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏيهان روءِ،
ڀرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا!!

( ٩ )

آئون بندياڻي بند ۾، ڪِ آئون پيس بنڌ،
مونهين لڳو ميھڻون، ڪِ مونهين ڪڙو ڪنڌ،
مران جي هِن هنڌِ، تہ نجاھ مٽڻ ملير ڏي۔

( ١٠ )

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساھ،
بت منهنجو بند ۾، قيدِ ۾ ڪريجاھ،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏار ۾ ڏريجاھ،
ڏي وسائج تر جي، مٽي مٽيءَ مقاھ،
جي پويون ٿئي پساھ، تہ لجان مڙہ ملير ڏي۔

( ١١ )

واجهائي وطن کي، ساري ساھ ڏيان،
هيءُ سر سانڍيہ سامهون، منهنجو نج، ميان!
مقامياڻي مارئين، وڃي ٿر ٿيان!
مياڻي جيان، جي وڃي مڙہ ملير ڏي۔

( ١٢ )

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پهنوارن پاس،
ڏج ڏاڏائين ڏيهه جي، منجهان ولڙن واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

( ١٣ )

ڪچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چوڳانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه ڇڄي آهيان، اهڙيءَ مٺ سرير،
مارو چام ملير، هڄج ڪي پهنوار ڪي.

( ١٤ )

چن نه ڇڄي هيٺ، ڪچن آهيان ڪوٽ ۾،
لوئيءَ سين، لطيف چئي، پيڙيو پڏان پيٽ،
مرهيون مي مرتيون، وطن جنين ويٽ،
ات سپجي ان سسن جي، هت رچائين ريٽ،
ماڻيان شال ملير ۾، مدائتي ميٽ،
ڏيهيا! ڪجا ڏيٽ، ڪا مدت مون مين مارڙين!

( ١٥ )

ڇن نہ ڇڄي آهيان، ڪڇن ۾ ڪونَن،
ايندي پيم آبتا، ڀڪڙا ڀرنَ،
ڦوڙيون ھٿنِ، جنگهون ڀانهون ڪاٽ ۾.

( ١٦ )

ھٿين ھٿڪڙول، هينڙي ٻڙم هنِ جا،
سانگي سارِيم، سومرا، ذاتي ھاسي ڍول،
ڀاڀانِ سين ٻول، ڪيم نہ ڪوٽ وِھنَ جا.

( ١٧ )

زيرين ٻيڙين لوھ ۾، ڳتنِ ڪيس ڳاھ،
سونڪي سندي سومري، ھڏ نہ چاڙهيم ساھ،
مرتيون! دعا ڪجاھ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي،

( ١٨ )

پرم پاروڙيءَ رهي، جنھن آڇي آن!
تہ ٻنِ ويٺي وِنڊيان، توڙي ڀونس تنِ،
غافلِ رک غريب کي، عمر! منجھہ آمن،
مرتين ساڻ سمن، آئم آئي مينهڙين.

(١٩)

آهِيرَ آئِي مينهڙَين، سَمَنَّ سِرَتِينِ سانُ،
ڪِنهن پِرِ لاهيان ڪانُ، وڃي وِبڙيڇِنِ سين!

وائي

عَمَرا آئُون مَرِي تانِ نہ ڇڏيندِي، لوا
مِنِي مارُوئڙن جي.
مينهينِ آئِي مارُئين، لالَنَ سانُ لَڏيندِي،
مِنِي مارُوئڙن جي.
مِرِي مَنهنجي سُومرا، تُرنِ ڪينِ ٽڪيندي.
مِنِي مارُوئڙن جي.
هَميراڻان هَٽڙا، سِهِرِي ڪينِ مڃيندي.
مِنِي مارُوئڙن جي.

## داستان ستون

(١)

پهنوارن پاپُوهيو، وَرِيا واهُوندا،
سارِيرِ سينِ، سيدَ ڇَپِي، ڳاڏيليون ڳوندا،
پَٽَنِ پِرِ هوندا، پونڪا پَڙَ پتارَ جا.

( ٢ )

ڀنوارن ڀائوڙيون، ڪي وس واھوندن،
لٿو سيءُ، لطيف چئي، ھڏو ٿڌ ٿرن،
آءٌ نه ڪورن ڪنڌري، سرتيون، ستان سسن،
عمر، اَنَ آڳوندري، ھاسي ڪاڻ ڪتن،
ھاٿ ڏنيون ھنيون، تنڌن نوراھن،
ڪاٿ ڪتيون خاصيون، اوچيون آت اجن،
ڪڍيو ھين ڪھن: "ملير گھر جي مارئي!"

( ٣ )

ڀنوارن ڀائوڙيون، ڪي واھوندن وس،
عمر! آئون ڏيھ ڄاءِ، ڏونئين ڏٿ ڏس،
وليون، وڻ ٿلاريا، ٿلر نڳيو لس،
آئيو وڄون آھرين، ستدا ٿوهن طس،
ميوا مڃر، ماڪيون، ميڪا چڪن چس،
مارُئيءَ وھي مس، ملير ويندي مارئي.

( ٤ )

آلين ۾ چاڙهين، ڏٺ ڏيهائي، سومرا!
ستا ڪيو، سومرا! مائون سڪائين،
منجهان لنب، لطيف چئي، چانئر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نه پاڙين، عمر، آراڙي مين.

( ٥ )

تن وهين ويڙيچن ۾، سدائين سڪار،
چونديو، آئيو چاڙهيون، سندي ڏونرن ڏار،
جن جو ويڙن مين واهار، سي ڏوئي هون نه ڏيرا

( ٦ )

ٿوري قوت قراريا، رهن مهر ست،
ڪتيءَ ۾ ڪه پڪليا، پوٽن اهڙي پت،
پنهوارڪي ھت، پيهي پچ ملير ۾.

( ٧ )

نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آئيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ آمل، مليرون مرڪٽون.

( ۸ )

مٿن ٽڪ ٽڪرا، ڇڪندڙا آڇن،
ڪڙيون ڪيھ، ڍڪليون، ڀڳھر سر ڀيرن،
اي وڙ ويڙيچن، مون لوڏان ٿي لڪيا.

( ۹ )

نن ساڏو ھين سڏ مران، ڏنگا جنين ڏار،
ڀٽي ساٺ پتار، ھاٿر ڀيرون چونديان.

( ۱۰ )

ھانھين ٻجي ٻيٺيون، ريءَ واھيت، ريءَ واڙ،
جوء ڪشادي جيڏيين، ماير موڪ مھاڙ،
آت آباٺان جنھن جا، سا ماڙيءَ مورم جاڙم،
جي آکنڊيون آراڙ، لوھ تنين کي لاھين.

( ۱۱ )

در، دروازا، دريون، ھاٿي ھتي ھو،
ڪوڙيين آڏيان ڪيترا، تنبو مٿاءَ تو،
جي مول نہ آيا، مارٿي، تنين رڙ م رو،
ڪوڪٽ آھي ڪو، ٻسيءَ ڀھنوارن ۾.

( ١٢ )

سَنهيءَ سَٺيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهه،
وِٺي سارِيان سُومرا، ڳولاڙا ۾ ڳاهه،
هينئُون مُنهنجو هِتِ ٿيو، هِتِ مِٺي ۾ ماهه،
هِڪنِ مُنجهه هِساهه، قالِبُ آهي ڪوٽ ۾.

( ١٣ )

سَنهيءَ سَٺيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين مَنُ،
هِٺي ڪَنُ حِلِمَ جا، تهه وِڌائين تَنُ،
ڪنن نوپايان ڪَنُ، آپاٺيءَ اِبرَ ري.

( ١٤ )

پاڇاهي نَه پاڙيان، سَرتيون! سَٺيءَ ساڻ،
ڏِڪي آڳهاڙَنِ کي، ڪِين ڏِڪيائين پاڻ.
پِيهر چاڙِي چاڻ، اِبرَ جي اوصاف کي.

وائي

روُندي رات وِهاءِ، مُون کي رويو رات وِهاءِ،
عمرا! ميان سومرا!
آئون بَنِدِ باٺي بَند ۾، ڪِ ڪَي بَندِ ٻِيا،
عمرا! ميان سومرا!

سون کي ڏِسهان نِڪري، ٻه نِي نوڪ تيا،
عمرا ميان سومرا!

هڪ عمر منڊيا سامرا، ٻيو ساروُ تر تيا،
عمرا ميان سومرا!!

عُمر، بنديائين سين، جورو تو نہ جڳاءِ،
عمرا ميان سومرا!!

## داستان اٺون

( ١ )

چرن، چِٽڪن چِت ۾، وساريان ڪين ورِي،
ڪنا عهد 'اَلَستَ' جي، ڪِ تهائين ٻري،
'لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ'، مارُئي ڪوهُ ڪري،
اَڄ ڪِ ڪالهه مري، ساري سانبيڙن ڪي!

( ٢ )

چرن، چِٽڪن چِت ۾، وساريان، ڪين وري!
جن ٿي ٻهي ٻاريا، منجهان سِڪ سري،
دِهين وِيڙيچنِ جي، سنائن مري،
لُرن نوڪ ڏري، آئي وِترا آڪري

( ٣ )

چرن، چٽڪن چت ۾، وساريان ڪين ورن!
'ليس ڪمثله شيءٌ'، پسڻ ناهِ پرين،
هڪا ڀنوارن، ايئي آڏيا ناهه ۾.

( ٤ )

چرن، چٽڪن چت ۾، ڪهارن مٿي ڳهت،
ڪه، مانڌاڻون، مڪئي، ڏونئن ٻاهي ڏت،
ڀنوارڪي هڪڙين، وجي ڪريان وٽ!
ماڙيه ساههين سٽ، ڪنديس، پچي ڪڙن ڪي.

( ٥ )

چرن چٽڪن چت ۾، هرن منجهه هينئين،
لطف ٿيو، لطيف چئي، مهر ڪي مينئين،
ڏڪيءَ ڪي ڏينهين، سرهايون ساڙيه جيون!

( ٦ )

چرن، چٽڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪنهن لوءِ وٺا، مارو منجهه ملير،
ويٺي نوجيان نير، سان سلنم ڪڏهين!

( ٧ )

ڇرن، ڇنڪن ڇت ۾، رهيا اندر روح،
اُبي ونڙا اُڪري، مارو مٿي موهه،
ويرون ولوڙڻ جيون، ماريان گهڻون صبوح،
ور مبي كارا كوهه، سنجهه جي ماڙيهه جا!

( ٨ )

ور آهائي وير، جڻ ڏڻ تسي تڙ آئيو!
سرتين ڏٿ سيل ڪيو، آڳهه ڊوئي ڊير،
هينئون اُن جي هير، تو جهڄي جهروڪن ۾!

( ٩ )

پير ڪنياتون ڀر ۾، پيارين پهون،
سنجن سائيڪن تي، وڏيءَ وير وهون،
پايو جر جندن ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون،
ڏينهان ڏينهن نئون، مون ڪي ورهه وبڙيڇن جو.

( ١٠ )

آڏيءَ اُٺن تي، جيلانهن پاٺي پاتار ۾،
وارو وبسرين ڪي، ڏينهان ڪونه ڏئي،
مون ڪميڻيءَ ڪي، مٿان ڪوهه ڪٺي وپا!

( ۱۱ )

مرتين سنجهه چڏيو، ستين ڪالهه سڀي،
مارئيءَ مارئين ۾، ڪڏهن ڪان ٿئي،
عمر، آءٌ نه مڃي، اُن اوڀالئان آکين!

( ۱۲ )

ٿڌيءَ جي ٿورڙي، پيچ پٽڪو نه مٿان،
سنجهه واريون سٿيون، وڃي ويڙهه ورن،
ڀا ڀيڻ ٿورن، ترهي ڀنهين ڪنڌين.

( ۱۳ )

سپ نه وڃي سٿيون، آهان ڪي سنجن،
ڀوءِ سڀي ٿورڻ جي آهانجي آئيون.

( ۱۴ )

ٻري نه ٻڪر دانهن، پوڻ پٽڪو نه مٿان،
ميان مارو ٽڙن جا، آوٺا ڏسان آنهن،
جن سانيڪا سنجها، سي، ڏئي! ڪيڙهه ڪانهن؟
ٿيڪا ڪٿي ٿرانهن، جيڪس لڏيو لوڙياريين.

( ١٥ )

سنجي سنجي ڪوهڙا، وِڙهي وِيا وَرَت،
مِيان، مارُوئڙن جي، مون کي هِينئڙي ۾ حيرت،
ڇڏڪن آندر ڇت، سانيڙا ساڏوهيون.

( ١٦ )

ڪوهر، ٿوهر، ٿر، ڇت سانيڪا ۽ سٽيون،
چارنِ آتِ چاهه مَنجهان، پاسي ٿوڪن ٿر،
ڪٿن لهندم ڪر، جٿن مارو پاڻ آهارِيا.

( ١٧ )

عمرا ٿيم آهار، وِرهه وِٽِيان ڪنِ مِين،
ڏونڀڙا ڏورِ ٿيا، ٽڪيان جن ٽنوار،
مِٺائون سنگهار، ڪوهِن تان ڪٽي وِيا.

( ١٨ )

مون مارُئيءَ جو، سومرا! پنهين پارين ڏڪ!
هتِ عمر جو آهڪ، هتِ مارو ڏينم مِنهنان!

وائي

پرچِن شال پهنوار، ڍولا، مارُو مون سان، لا!
مون مورائين مديون، آهِن سِين مَتار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

عيبن ڀري آهيان، ستر ڪج، ستارا!
ڍولا، مارو مون سان، لا!
آئا مينهن ملير ۾، تر تر هوء تنوار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!
ڀانئي آيس ڀاند ۾، اوڳڻ عيب اپار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

## داستان ناڻون

(۱)

جهڙ ڦڙ جت ٿيان، آت آڏيائون ڀڪرا،
هن منهنجي حال جو، قدر نه ڪيئان،
جيڪس آن وسريان، مارو قوت قراريا.

(۲)

جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جت جيها، چلڙ، جڪ،
آندر ٿو اڄ مري، ساه آنين جي سڪ،
ڀيهون شال ڀهيون ڀري، ٿنان ڏيئي تڪ!
ور ڀريان سين ڀڪ، ڀيا ڀاڻ ڀريائي گهوريان!

( ۳ )

ڏٺين اٺين ڏيهه مهير مارُوئڙن جا،
پائڻ سڀ ٻچي پڌر، گهر گهاريندي ڪير،
ڪوليين لڳي ڪير، محلين منجهي مون هيئڙو.

( ۴ )

هن منڊ مارو سنرا، ڏيڙين وڳ وارين،
ڇڇيا ڇيڪاريو ڇيلڙا، اتين پهرائين،
نيڻ منهنجا آئين ڪيا، جهجهو جر هارين،
تاڙا تنوارين، ميئهن وسندا، موٽ ترون.

( ۵ )

هن منڊ مارو سنرا، ڪاڻر ۽ خوشحال،
سانوڻ، سيارڄ، مڪڙي، جيڏيون آئين جال،
متي جي، سيد چئي، ڪا ماڻيه منجهه مثال؟
لڳن تاڙ، لطيف چئي، ڏوڻي لاهه م، لال!
پلو ڪندو پال، ميئهن وسندا، موٽ تون.

( ٦ )

هن مند مارو سنرا، ڏنگر ڏار رهن،
ٻاٽي ٻوج ٻَٽن ۾، ٻکي ٻاند ٻين،
هن کي لوه، لطيف چئي، هوءَ ڪاٿر منجهه ڪلن،
ڪانوڻيا ڪاڇن، سينهن وسندا، سوڻ تون.

( ٧ )

هن مند مارو سنرا، ماڙيهه منجهه مڏير،
هن کي لوه، لطيف چئي، ڪوٽين آندر ڪير،
مها منجهه ملير، سينهن وسندا، سوڻ تون.

( ٨ )

هن مند مارو سنرا، جيائي جالين،
چاريو لنب، لطيف چئي، واڳيين وهارين،
ڪيئائي ڪاهين، سينهن وسندا، سوڻ تون.

( ٩ )

ڪاروڙنان ڪئي، وبڙيجهوپ ويا،
مين منهنجا، سيد چئي، هاٿي هٽ هٿا،
پسي پڌ آنهين جا، لڙي لڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراهو ڪن کي!

( ۱۰ )

سدا جن ڳريان، ڀالڙي ڀڪي لڌ سين،
مارو ڳُٺي سان، وڃڻا ٿر آڪري!

( ۱۱ )

مٿي ٿر رهي، وِيا ڳذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪون آئيو، تن ڀُنوارن ڀي،
وڃڻا سي وهي، جنب ڳذاريم جن سين!

( ۱۲ )

ڀاسا ڀولڙين ۾، ڀانهون سر ڀيئي،
آڪيون، نڪ آربج ري، ٿمايم نيئي،
ڏور ٿيا ڏيهي، ڀرين ڀاٽر وٽ ۾!

( ۱۳ )

ٿا جا ٿر ٻر جهل، ڀيون ڀاٽر وٽ ۾،
سيئي ساريو، سومرا، آجي آب اچل،
سانبين ڏنم سل، ڏٺي جن ڏينهن ٿيا!

( ۱۴ )

جهران، جهجان تي، جٽن ڀسٽان ڀري ٿيا،
آلا! اوٺي آئيين، جوکيڻ جي خبر ڏي!
مَن منهنجي ڪي، واڪو لهي ويڙهہ جو!

## وائي

وِيڙيچن ذي وِيندي، عمر! آئون ماروئڙن ذي وِهندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

سگر ساهيڙين سين، ساڙيهہ منجهہ سنيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

آئا مينهن ملير ۾، ڏاڪا ڏيہر ڏوندي

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

عمر! آئين ڏيهہ جا، ڪوڏر قوت ڪريندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

گولون گولاڙن جيون، جهپي ساڻ جهنيندي

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

ڪوڪڙ ڪنڊيرن ۾، ڦوڪيو ڦک پرِيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

عيدن برادن تي، ڪہ ماندائون ڪيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

پسي ڪائي پيٽ ۾، ڏؤنرا ڏن ڏيندي

ڏيهہ ڏاڏائين ڪکڙين.

## داستان ڏهون

( ١ )

آئي ٿي وراڻ، ڪينئن واڏايون آئيون،
لئي لوئڙياريين، ٻڙني منهن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، جئي ڀهنوارن ڀاڻ،
همير نئون هاڻ، مهت لهنديئن، مارئي!

( ٢ )

ڏريائين ڏار، جي ودي وڻ جدا ڪيا،
تن سڪن ڪهڙي سار، ته ڪا آئا مينهن ملير ۾؟

( ٣ )

آيو ڪير ڏيهاءِ، جنهن ڪر پڇان خبرون؟
وڃون اِن وٽاءِ، رات ماروءَ تي وئيون.

( ٤ )

آتان اوئي آئيو، خبر اي ڪري،
وساريج م ور ڪي، پنج م، منڊا! مري،
ويندئن اُت وري، ڪو ڏينهن آهيين ڪوٽ ۾.

( ٥ )

آج آڏنگا وڻ، مون کي مَکا جيڏيين؛
"هاري، همير ڻ جا، جڪس ڪاڏئي ڪيڻ،
"سانبيڙا ۾ سِين، ڪِ تو ويا وِسري"

( ٦ )

ڪو ڏينهن آهيين ڪوٽ ۾، لوئي هَنڌِ ۾ لاهِ،
ڪاڻ، آهنجي ڪَر جي، آڏو ڏاڻي آهِ،
مت ۾ ٻاڙج هيڪڙو، ٻاڙ جي پساهِ،
متي! سِيل نباهِ، ملير وِيندئن، مارئي!

( ٧ )

سي ساهيڙيون مارين تو، سيل جنين جو سچ،
ماروءَ ريءَ ۾ مچ، سيهو پانئج سون کي.

( ٨ )

ساهيڙيون مارين تو، سچ جنين جو سيل،
نکو ڦال نہ ڦيل، آنين جي آدب ۾.

( ٩ )

جو ڏيهہ ڏاڏاڻان آئيو، پيرين تنهن پٽاڻ،
سانگاڻتوءَ سيد چئي، سنديون چت چٽاڻ،
هتي تان نہ هٿان، حرف لئي هيڪڙي!

( ١٠ )

جو ڏيهه ڏاڏاڻان آئيو، ڏنم تنهن طعنو،
"ٻاڻي ويهه م ٻلنکين، ڳچيءَ سر ڳانو،
"متان لکئي، لطيف چئي، ڪاءِ م خزالو،
"سرتين سيل چوائيو، جور هٿي جالو،
"تيو سڌ سمالو، حرف لئي هيڪڙي."

( ١١ )

[illegible] ٿڙيون، کهڙيءَ ريت رسنديون،
[illegible] چيڙهه پيو، پيم رت جيون،
نيڻين ننڊ وهه ٿئي، ساري ساڏوهيون،
هتي جي هيون، ته سڌ پئين سيل جي!

( ١٢ )

"ستي! تنهنجي مت ۾، ڳالهه ڳهرجي ڳچ،
"وڃيو، چيريو، چچريو، ٻر ۾ آئي ٻچ،
"ساڻ آمانت آڇ، ته تئين سمائي سارٻهه ۾."

( ١٣ )

جانڪين ستين ميرَ، تان ڪين وِهنديس ڪوٺ ۾،
سَپ سمنڊين سچي، نديءَ ٻي نه نيرَ،
جنِ هوءَ آبرَ آسري، تنِ مون من مليرَ،
ڪاڻ ٻين ڪيرَ، جي آمانت اتِ وَجي!

( ١٤ )

جرَ ۾ سِپون جيئن، آهين آبرَ آسري،
جنِ ڪونجون سارِن روهه کي، مون تن آلدرِ تيئن،
ڪوئين وهان ڪيئن، جي نظربنديائي نه هئان.

( ١٥ )

سَپ سمنڊين سچي، آبرَ آسارُوس،
ٻاڙو ٻي نه پيڙي، مِلو منهن لڳوس،
ماڻڪ تي مڙيوسِ، جنِ تنگ ڪڍيائين تارِ ۾.

( ١٦ )

سِکو، سَپ سرتيون، مِهنِ ملا ميرَ،
ٻيو ستائي نيرَ، اپيون آبرَ آسري.

( ١٧ )

سکو مِہِنِ کانُ، سَرَتیون ریتِ سَکَنِ جي،
مگَنِ جرَ مَتان، اوري کَنِ نہ آمَرو.

( ١٨ )

پهرینءَ راتِ پسي، مونَ مارُيءَ منَ ڦکو ڪیو،
موهڙ ماروئڙَنِ کي، واحِد، ڏیجِ وَسي!
آهَرَ جنهن آسین، سو مِندو شالَ مَلیر ۾!

( ١٩ )

وطَنَ ريءَ ویهي، جي هِتِ گهاریم ڏینهڙا،
آوءِ مارو ڏیندم منهن ۾، ڏاڏاڻان ڏیهي،
پَکَنِ ۾ پیهي، شَل مَحَلَنِ جي مرَ ڏٺان!

( ٢٠ )

مَ کینُ رو، مَ رَڙ ڪینُ، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ،
توتان بَندَ بدا تیو، بیڙیون نیٺي بارِ،
پهچندینءَ، پهنوارِ، سکهي سَنگهارَنِ کي.

( ٢١ )

۽ ڪين رُو، ۽ رُڙُ ڪين، ۽ ڪينُ هنجُون هار،
جهڙا آڇنِ ڏينهڙا، تهڙا وِيئي گهار،
ڏُکن هنيان سُکڙا، ميکها ٿين، سنگهار!
لٿو لوهه، لطيف چئي، ٻروڙج، ٻهنوار،
ٻيڙيون ٻيئي ٻار، توتان بند بدا ٿيو.

( ٢٢ )

۽ ڪينُ رُوءُ، ۽ رُڙُ ڪين، ۽ ڪينُ ڪر دانهون،
سٿي لوڪ، لطيف چئي، ٻيئي ڪَنج ٻانهونُ،
لڏيئي جت لائون، سو ڏينهُ پسندئن، مارئي!

( ٢٣ )

جنهن سٽيءَ سٽ نه ڇڏيو، سا مارئي مرُ ڇائي،
آنهي عمرڪوٽ ۾، لڄ نه لڄائي،
سا ٻيئي ٻندياڻي ٻند ۾، ڪولين ڪهائي،
ها مالڪين سڏائي، سا سور نه مرڪي ماڙيين.

( ٢٤ )

آڄ ٻنُ ڇڪيم ڇاڪ، ونهين وڙڇن ڇا،
سُورنُ آڇي سومرا، آندو ڪي اوطاق،
مارن جي فراق، هڏ منهنجا ڪپيا،

( ٢٥ )

ڇڪي ڇڪير چاڪ، وهين ويڙيچن جا،
واجهيندي وصال کي، ڦٽا ڪيس فراق،
سيئي ساريم، سومرا، ٽڙ جنين جا ٽاڪ،
ماروءَ جي اوطاق، گهٽون اکنڊي آهيان.

وائي

مون من ماروءَ جو، ماروءَ جو منهنجو، ميان!
مون من ماروءَ جو.
منهن منهنجو، سومرا، مٿر ميروئي هوءِ،
مون من ماروءَ جو.
”ڏوتوءِ ڏورارن ۾“، متان مارو چوءِ؛
مون من ماروءَ جو.
لارون جي لڙڪن جيون، ڪِٽي وهان توءِ،
مون من ماروءَ جو.

## داستان يارهون

( ١ )

مليران مارو، هڪي ههي آئيو،
وريا واهارو، هاٿون سڀ هيٺان ٿيا.

( ۲ )

پهِي سَکَ، پِرنَ کيهَ، ڪونهي نياپو مارُئين؟
آتِ آڪنديِ آهيان، تِئن آتو، تِئن ڏيهَ،
سَندي جا ساڙيه، کهَ کَٽوري پائيان.

( ۳ )

ڪنهن تو ڏيهائِي، ڪِٿي آئنِ مِينهڙا؟
مون وٽ مون پِرينِ جِي، وِيهي ڪرِ وائِي،
آئون آکَ ڏائِي، سَنيهو سٽي جِيان!

( ۴ )

جيڪَس آئا مِينهَن، مونهان پوء مَلير ۾،
ڪالهه سَجوئي ڏينهن، مَنهنجي آکَڙينَ آڪير يو.

( ۵ )

سَچَ ڪِ آئا مِينهَن، مونهان پوء مَلير ۾،
ڏوٽين لائيا ڏينهَن، پهِريا جي ٻسيءَ کي.

( ٦ )

آئنِ مِينهَن گهٽان، تِينِ موڪ مَلير ۾؟
آکيون آبَ پِريو، آنهين کون کَٽان،
مارُنِ شالَ مِڙان، ڪوئيون چِڏي ڪَڏهين!

( ٧ )

تنهن ہر آئن مينهڙا، جنهن ہر گهريائون،
"رضا جا رحمان جي، ٻچي ٻاڙيائون،
ٻليڙ ماٺيائون، حڪم ساڻ حبيب جي

( ٨ )

سڪر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا ٻنڌ ۾،
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙن مينهن،
واجهائي وصال کي، ٽيس تهوارون تيئن،
نير منهنجي نيهن، آجاري آچو ڪيو.

( ٩ )

مٿي ساٺيهه ڳالهڙي، وهسي وڄڙيجي،
سپ سڏ ٻيئر، سومرا، هني هتي جي،
پيئر ۾ پيجي، سوايا سارين سون.

( ١٠ )

مٿي ساٺيهه ڳالهڙي، لهي ويا لوهه،
آندر جا آندوهه، لٿا ڏک، سک ٿيا.

( ١١ )

عمر، آڄ ڳڏيام، ڏوٿي آنهين ڏيهه جا،
پارايا پرين جا، آهي آن چيام،
لهي لوهه پيام، لطف ساڻ، لطيف چئي.

وائي

ڪٿي منجهه ڪٽيائين، مارو جام ملير جو.
هرجي ٻهنوارن سين، لوئي ڏيچ لڏائين،
مارو جام ملير جو.
سيل نباهي، سومرا، پنهنجو پي پڇيائين،
مارو جام ملير جو.
جهوٽو جهانگيرن جو، ماڙيءَ سان نه مڃيائين،
مارو جام ملير جو.
سگر ساهيڙين سين، ڪانئو نبا ڪاڏائين،
مارو جام ملير جو.
ماروءَ پاس سير ۾، چما سي چکيائين،
مارو جام ملير جو.
آتي، عبداللطيف چئي، شرم رکين، رب سائين!
مارو جام ملير جو.

# سهڻي

## داستان پهريون

( ١ )

ساهڙ جا سينگار، آڻ ڏنا آڳي هيا،
نڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْنْ' هئي، نڪا ٻي پچار،
مَلَڪَنئان مَهندِ هئي، توڏيءَ جي تنوار،
مُحَبت ساڻ مهار، لايائين لطيف چئي.

( ٢ )

سهڻيءَ ڪي سينگار، آڻ ليکيا آڳي هئا،
'ڪُنْ فَيَڪُوْنْ' ڪان هئي، نڪا ٻي پچار،
مَرڪي ساڻ مهار، لايائين لئون لطيف چئي.

( ٣ )

گهيڙ لنگهيو گهاري، ميثاقان مهار سان،
'اَلَسْتُ بِرَبِڪُم، قَالُوا بَلىٰ'، ٻر اها ٻاري،
ڏسيو ڏيکاري، ٻرت ٻريان جو پيچرو.

(٤)

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن چيائون،
ميڙاڪان مهار ۾، لڏيون سون لائون،
سو سونهن ڪڻ پاهون، جو محفوظان معاف ٿيو.

(٥)

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن چيائين جيڻ،
"قالوا بلیٰ" قلب ۾، ٿيو تفاؤل تيڻ،
محبتي مهار جي، آئون لهوڙي نيهن،
مرتيون، ماهرُ سيڻن، هلق سون حق ٿيو.

(٦)

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن امر ڪيو احد،
هو من ڪاڍو مهار ڏي، سهڻي[4] سڪ سڏ،
دلو دور درياه جي، ڪيو ارادي آڏ،
جيڪين آيس ڏانهن عهد، سو پاري مند پاتار ۾.

(٧)

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن فرمايو فتاح،
هو من ڪاڍو مهار ڏي، سهڻي[4] سڪ ساه،
دلو دور درياه جي، ڪيو ارادي آڏاه،
جيڪين آيس ڏانهن الله، سو پاري مند پاتار ۾.

( ۸ )

"اَلَسْتُ" اَرواحن کي، جڏهن فائق فرمايو،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻيءَ کي ساعيو،
دلو دور درياهه جو، اوڏاهين آيو،
جيڪين هاديءَ هلايو، سو ياري منڊ پاتار ۾.

( ۹ )

"اَلَسْتُ" اَرواحن کي، جڏهن چيائين،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻيءَ سڏائين،
جيڪين آيس اوڏاهين، سو ياري منڊ پاتار ۾.

( ۱۰ )

"اَلَسْتُ" اَرواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل،
سٿين راهه سيڌ جٿي، سوئائون سبيل،
وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل،
درياهه جي دليل، لوڙهي لهوارا ڪيا.

( ۱۱ )

ڪامان، پڇان پڇران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس ٻرين جي، پيان نه ڏاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، ته ۽ سرڪيائي نه ٿئي.

( ۱۲ )

ڪاسان، ڦچان، نہ مران، مڙان ساري رات،
ڦن ڦيائي ڪي وجهي، ڪر ڦريان جي تات،
سيخون سنديون سٽين، آڦرن آڏيءَ رات،
نہ ڪي هٿ نہ ساٿ، ڏيهاڻيو چنگ چڙهان.

( ۱۳ )

اوراڙ نہ ڦراڙ، ويچاري وه وڃ ڦ!
ڪيءَ ڏنيءَ سپرين، ڦيو مڙوئي تار،
تون ڳهڙ، ڪيم نهار، ڦڏندن سين ڦاجهون ڪري.

( ۱۴ )

هن ڦار، نہ هن، ويچاري وهہ وڃ ڦ!
ليچ نهاري نہ ڳهڙي، تنهن ڦ ڦيس تن،
الله، ساڻ آمن، آران ڪنهن آڪارين.

( ۱۵ )

سهسين سائر ڦوڙيون، منڌ ڦوڙيو مهراڻ،
وهہ وڃائيو ڦاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

( ١٦ )

مَهَسين سائرِ ڪَجهه، توءِ سَهَج نہ مَنّي سَهڻي،
تہ ڪي نينهن ڇڄن، پر تهين پرين جي.

( ١٧ )

سِپيريان جي تَرَهي، ٻُڏين، هَٿ م لاءِ،
صَباحَ تان چوندا؛ ”آسان تو اڪاريو.“

( ١٨ )

سُپِريان جي تَرَهي، ٻُڏين توءِ م لَڳُ،
جي پاڻين پِرينءَ مِڙان، تہ پور آهِي وَڳُ،
پاءِ تيڏاهين پَڳُ، ناهِ جيڏاهين نِجَهرو.

( ١٩ )

سَڪيءَ جي سانباهہ ۾، ٻُڏين، توئي ٻُڏُ،
ڪَکَ، ڪانڌيرا، ڪانيون، ميڙي ٻُڌُ م مُڏُ،
نَڪو ساهُ مَڏُ، نَڪا سَجي سَهڻي.

( ٢٠ )

سَڪيءَ جي سانباهہ ۾، جڏهن ٻُڏيون جي،
ساهُ تنين ڪي، پيلي پِنهين ڪَنڌين.

( ٢١ )

سکي ٻڌن جي، ساهڙ سائي تن جو،
لهرن سر لطيف چئي، کلهن چاڙهيو ني،
جي پچن پند ٻري، تن آمائي اورهون.

## وائي

ويئي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري،
ديواني، يارا! ووا مستاني، دلبرا! جاني، ووا
لا! ويئي ڪين وساري.
جنهن کي سک ساهڙ جي، سا گهايل گهر نه گهاري،
لا! ويئي ڪين وساري.
ڏم ڏهيلو ڏکيو، سر ۾ سؤنما ماري،
لا! ويئي ڪين وساري.
ٻيلي ٻاس ٻرن جي، تن ڪرڪن وڏيس ڪاري،
لا! ويئي ڪين وساري.
ٻيلي ٻنهين ڪنڌيين، محب مينهون تو چاري،
لا! ويئي ڪين وساري.

هوءَ هونڪارون، پونءِ پوڪارون، تڙ تڙ دوس تنواري،
لا! ويٺي ڪين وساري.
هوءَ جا پڪ پرين جي، آهيان تنهن آساري.
لا! ويٺي ڪين وساري.

## داستان ٻيو

(١)

وه نِڪ، واهڙ نِڪ، جت تيئون نِڪ نرالي،
جن کي عشق عميق جو، مي خلوت خيالي،
وارِين ميءَ والي، هينئڙو جنهين هٿ ڪيو.

(٢)

اڏيءَ وڃون، ڪنڌيءَ وڃون، تنگڻان تي نه تِڪ،
صورت جا ساهڙ جي، ڏيل ٻنهي ڏک،
واهڙ تنهين وِک، جن ساڻيرا سيرڻ.

(٣)

واهڙ وهن توان، آيان وهه اکيِ ٿيو،
گهر ويٺيون گهٽا ڪريو، سرتيون، سگ سنوان،
صورت جا ساهڙ جي، ما جي ڏٺي آنءُ،
هوند نه هلو مانءُ، گهڙو سي گهڙا ڪٽي.

( ٤ )

جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساهڙ جام جي،
سڪ ٿي ستيون ڪين ڪي، ڪانڌن ڪاسي ڪي،
مونهان ٿي آکي، هونده گهڙيون سڀ گهڙا ڪٽي.

( ٥ )

ڏٺي جن هيڪار، صورت ساهڙ جام جي،
سڪ ٿي ستيون ڪين ڪي، پري مانڊ پتار،
گهڙي گهڙ تنان ڏار، هونده ڪاهي پيون ڪن ۾.

( ٦ )

ساهڙ سون جنن، سرتيون، جي ڏسو سيڻي،
ته سمهو ڪين سڪ ٿي، ڪاسو ور ڏيئي،
مونهان آکيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

( ٧ )

جيڪين ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيين،
گهر ورلن مان، هونده گهڻن گهوري ڇڏيا.

( ٨ )

آديون سڀ آندام، جڙن منهنجا جوريا،
لاڙن جا لنئون لائي، سا ڪئن آڇيان عار؟
لڳيس جنهن جي لام، سو دلاسا دوست مڃي،

( ٩ )

چوڏاري چڙا، پرن پلاڻن جا،
متي سنيارن جو، پيم ڪن پڙاءُ،
وهه مون نه وڙاءُ، سڀيو جهانءَ جهڃي هينئون.

( ١٠ )

چڙن چوري آهيان، سڪ ني سمهان ڪِئن،
ساريان ساهڙ چام ڪي، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن،
ميهار مرڻ سينئن، نير ٻاتر نيهن جو.

( ١١ )

ڪرڪن خوش ڪياس، محبتي ميهار جي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڏي ءَ آلياس،
متي جاڳاياس، سانير سپرين جي.

( ١٢ )

ٻيلي ٻار ٻري، مون ڪي چڙن چوريو،
محبتي مهار جي، متي شاخ چري.
متي جهوڪ جهري، ٻوڏيس ٻاريچن جي.

( ١٣ )

ھن ڀر سيرِ ھوءِ، ستي سنيارن جي،
چِتَ چڙنَ چوريون، جوُنگ ڏيڙمِ جوڙ،
محبتي مھار جي، باالله ڀيمِ ھوءِ،
وڃي روءِ پروءِ، ڏيکيان دوست مھار کي.

( ١٤ )

ھن ڀرِ سيم ھاڪ، ستي سنيارن جي،
محبتي مھار جي، جڙن جوريا ڀاڪ،
آنهين جي ئو طاق، وڃڻ واجب مون ٿيو.

( ١٥ )

جيارين سنيار، ڪه ڪريندين ڪڏ جي،
ويرو تار وجود ۾، پرين جي پچار،
مي مڃڻ ھونِ نه ڌار، جي ھينئين ۾ حق تياء

## وائي

سچا ساھڙ! مون کي تون، اي! وھيان واھر! مون کي تون،
اي! ٿيئي اول پريان جي ھار ڏي.

ڪن جي ڪڪارن ڀار ڇاڻ، ووا ڇپي آڙن پائيان پوڻ،
اي! ليئي اول پريان جي پار ڏي،
سندو ڇيڻ آسرو، ووا سندان لائو موڻ،
اي! ليئي اول پريان جي پار ڏي.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪرڪل ڪوچ ڪن گهڻا، جت جر واڪو جئيائين،
پاڻ آڇلي آب ۾، وهه ۾ وڏائين،
لهرين لنگهيائين، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ٢ )

ڪرڪل ڪوچ ڪنهن گهڻا، جت ڏڙڪو منجهه درياهه،
اڇيو آتاهين گهڙي، سانگو ڪري نه ساهه،
ساهڙ جي صلاح، پار لنگهايس پاڄهه سين.

( ٣ )

ڪارا ڪن، ڪاري تکي، جت ڪاريهر ڪڙڪا،
منهي مٿي مهراڻ ۾، آچن ڏيارا ڏڙڪا،
ويندي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان ٽڙس سير ۾.

( ٤ )

دهشت دم درياهہ ۾، جت هيبت هلاچو،
ورچي ويرن وچ ۾، ڪاڏي. ويو ڪچو،
ساهڙ چام سچو، ساڻي تينڊم سير ۾.

( ٥ )

دهشت دم درياهہ ۾، جت مڻاڻا ميسار،
بيحد ٻاڪو ٻحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ماريان ڪان سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهڙ چام ستار، سگهو رسج سير ۾.

( ٦ )

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪرڪا ڪن ڪرين،
ڇول ڇانديءَ ڇار ۾، آت لهريون لوڏا ڏين،
سنا ور سهميا، آت سيٺهايا نہ مناٻ ين،
جت ويريون واٽ نہ ڏين، آت ساهڙ سير لنگهائيين.

( ٧ )

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪرڪو ڪن ڪري،
توڏي تاڪن وچ ۾، مڻان وير وري،

آءٌ، ماڻهڙا! منهنجا سپرين، پرتان پير پري،
هادي! هٿ ڌري، اونهي مان آڪاريين.

( ٨ )

دهشت دم دريا ۾، جت ڪنن جا ڪڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل ڌڙڪا،
ماڻهڙا! تون مڙ ڪا، فريادي فقير جي.

( ٩ )

دهشت دم دريا ۾، جت ڪنن جو ڪڙڪو،
آهم آنهي پار جو، دل آندر ڌڙڪو،
پڇي سڪ سيد چئي، مير منڊو منڪو،
والي! ڪج وڙ ڪو، ته پار لنگهان پاڻهه ميڻ.

( ١٠ )

دهشت دم دريا ۾، جت لڙ، لهريون لس، ليٽ،
آئيو اوپارن ۾، پاندي پوڙي پيٽ،
جت چڪن جي چيٽ، آت، ماڻهڙا! مير لنگهاء تون.

( ١١ )

ڌمڻ ڏور ڏرياهه ۾، جت ٿڪون تارون،
منهنجون مان مهار آئيه ڀهچن ڀڪارون،
لهرن اهڙا منهارون [illegible] لڏي [illegible]

( ١٢ )

[illegible]

اڪر سنڌو سير جي، [illegible] نه ملاحن،
ڊرنا ڏرياهه ۾ [illegible] ڪيو وڙن،
[illegible] ڀوا پار [illegible]
[illegible] نه ٿئي تتر [illegible]
ڪر جو ٿهر ڪنن ۾ [illegible] ڪين وڙن،
آڏو آن تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون،

( ١٣ )

ڏرهڙ ڏونس ڏرياهه ۾، جت لهريون ڪن لوڙا،
مٿين آچي سمونڊ ۾، نيا سيٺهايا موڙها،
جي تارو هٿا توڙا، تن هرهو پانيو هيڪڙو.

( ١٤ )

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اَنيهہ اوللائي،
چنڊُ نالو ناهِ ڪو، دَرياهَ دَڙَ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهڻي، آڏي ٿي آئي،
اي ڪَر الاهِي، نات، ڪَنِ ۾ ڪير گهڙي.

( ١٥ )

ڪاري رات ڪچو گهڙو، لَڪا سِيٺهِ ساڻ،
وِجهي، ويرم نہ ڪري، پِريان ڪارڻ پاڻ،
مَحبت ڪي مِهراڻ، مَڪي سَپَ هڻ تيو.

( ١٦ )

ڪاري رات ڪچو گهڙو، مَتان وَسي مِينهن،
هڪو پٿو پيراهَ جو، پيو مائيارانِ سينهن،
شال م ڇڄي نِينهن، گهڙان، گهوريو جِندڙو.

وائي

هونيجِ هوشيارِ خبردار، تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
ڪَڏون، ڪوڀا، چِڪَ، چِڪنديون، تان ڪين لئي لِهار،
ترڪِڻ آهي تڙ ۾.

آڏيءَ سي آڪَڙنديون، آڪيون جن ڪپار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
سون سو سلاحن ڪانءَ، تَڙ آڙانڪا تار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
هوتَ هلنديَن ڪَنيو وهَن، مَنڌا! وسار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
ڪَه آتَن، ٻَن جيڏيون، ڏيراٽيون ڏٺار!
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
ڀڪو ڪَنج ڀان سين، ڀرين تنهنجو ڀار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
وينديَ واٽاڙن ڪي، ٻنيءَ ڪيم ٻچار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
ٻوليِن منهن مهارَ جي، ڏَم وَتِ ڏينهن م ڪهار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.
ساهڙ ڪي، مَن، سهٽي! ٻچل آڏي ٻار،
تَرڪَنِ آهي تَڙ ۾.

تارِ ترلدئن، لڙ لنگهندئن، عشق جي آڌارِ،
تِرڪڻ آهي ترُ ۾.
ڀاند ۾ ڇڏج ڀرينءَ جو، ڀِين جي ڀاتارِ،
تِرڪڻ آهي ترُ ۾.
ٿيندو سڏ ساهڙ جو، تُوڏي! تي تيارِ،
تِرڪڻ آهي ترُ ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

ترُ تکڻ تارِ کهڙڻ، اي ڪانيارِن ڪم،
ڏهه ڏهه ڀيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏم،
عقل مت شرم، ٿيئي تنهن نهوڙيا.

( ٢ )

کهڙن ڪري نه کهور، ترُ تکڙ ڪان نه لهي،
جنهن کي سِک ساهڙ جي، ڀورن مٿي ڀور،
ڪاري راتِ ڪنن ۾، وهمن ڪي وهلور،
جنهن کي ساڻ پريان جا سور، تنهن کي ندي ناهه نڪا ۾.

( ٣ )

جِتان گهِڙِي تِتان گهيڙ، ڪپر ڇَڄَنِ ڪوڙيون،
ڏَم سين جسو ظاهِرا، مَن ميهار مين ميڙ،
ما لَڌي پاڻِي نيڙ، جِنهن کي سِڪ ساهڙ جي.

( ٤ )

جِتان وَهِي تِتان واٽ، ڪپر ڇَڄَنِ ڪوڙيون،
جَنِ کي سِڪ ساهڙ جِي، سي گهيڙ نہ ڇَڄَنِ گهاٽ،
جَن کي عِشق جِي آساٽ، سي واهڙ پاڻيِن وِڪڙي.

( ٥ )

ڪنهن جِنهن گهيڙ گهڙي، جِنَ آوتران تڙ ٿيوس،
سالِم وِيِئي سهڻي، ڪَنَنِ ڪِي نہ ڪيوس،
آهِس آکڙين ۾، بِرهان جو ٻيوس،
حقان حق ٿيوس، هئي طالب حق جي.

( ٦ )

هئي طالب حق جي، توڏي لاکون تورَ،
نَہ ملاح نہ مکڙي لکي ٻڏي نورَ،
ٻاٽي ٻنيءِ ٻورَ، سهڻيءِ ليکي ميرُ ۾.

( ٧ )

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سهڻي،
ڪِجيءَ هار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سوڻائين، جيڏانهن عالم آسرو.

( ٨ )

توڏي! تهائين جي، سي هِتهين چڏ حرص،
ساهڙ ڏاران سهڻي، ڪوڻيون ڪن ڪرس،
وڏي ايءَ ورس، جئن ڏم وٽ ڏينهن گذاريين.

( ٩ )

توڏيءَ ڪي تعظيم، پين سيڻنان آڪري،
اوڏي تي آلف ڪي، من گڏيائين سين ميم،
جيلانهن ذات حليم، ملي تي مهار ڪي.

( ١٠ )

ساري سِڪ سبق، شريعت سندو، سهڻي!
طريقتان تِڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، آصل عاشقن جو.

( ۱۱ )

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي واصل ٿيا وصال ۾، سي ذرو نہ ظاهر ڪن،
ويٺا واهر ترن، هينئڙا جن هنجي ويا.

( ۱۲ )

ٻل ٻل ٿي ٻلي، ڏم ڏهائي ڪيترو،
ٻسي دور درياهہ جو، وڃان ڪين ولي،
ڪاري رات قريب ڏي، منجهان حب هلي،
نہ ڪنهن جهول جهلي، هٿي سمن ٻوري سهٽي.

( ۱۳ )

جهول نہ جهلي سهٽي، سائر ست سندياس،
جنهن اهڙي چائي عاجزا، سا مر مرڪي ماس،
ٻسين جي ٻياس، تہ ڪي عشق آئيين.

( ۱۴ )

نڪا جهول جهليس، نہ تانگهو نہ تار ڪي،
ڏم ڏيهائي ڪيترو، ٻر ۾ ٿو ٻليس،
تان تان جي جليس، ملي جان نہ مهار ڪي.

( ١٥ )

سه سيارو، ٻانِي ٻارو، جت جهڙ جهڪ ۽ جهول،
من آندر مهار جا، هيئڙي آچن هول،
جيلانهن ٻڌيس ٻول، تي اڙانگا آر ترن.

( ١٦ )

سياري سه رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو ته ٻچون سهڻي، جاڪر جاڻي لينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، مهار ني من ۾.

( ١٧ )

سانوڻ گهڙي سيڪا، هيءَ سرهي سياري،
تن وڏائين تار ۾، آرواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياه ۾.

( ١٨ )

ٻالڏي! جي ٻيلي ٿيين، ته حال ڪِرهيان هيءَ،
سکهو ساعت نه جنڊڙو، جر ري منهنجو جيءَ،
ساوڻ سيارو پانڻيان، وهه ٻريان جي ويءَ،
ٻار جنهين جو ٻيءَ، وڃڻ واجب تن تي.

( ١٩ )

واهڙا! پريون ۾ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيٺون،
سدا ساوڻ ڏينهڙا، هنئين نہ هونداءِ،
وهائيءَ ويندا، اوپر آتاهان لهي.

( ٢٠ )

واهڙا وهين ۾ شال، سڪي پيلانيون تيين!
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٿا، لوٽ ليار،
جنهن تو سپ چمار، آسائتيون پوڙيون.

( ٢١ )

ڪِرِ ڪَرِ، ڪن! ۾ وڃ، پاندي پوڙ ۾ پارِ ۾،
مون تي جا مهار جي، سا ڪِلن ڏٺان ڏڃ،
تو ءِ گهرلديس آڃ، جي آبتا آر ڪرين.

( ٢٢ )

آدا ڙي پاندي، توکي ڪڙهان ڪي پاڻ ڪي،
سوڏي خبر سڄنين، تو ڪا تڙ آندي،
تون پاتاريان پالڏي، آسان پنڌ پرين ڏي.

( ٢٣ )

مَحبتيءَ ميهار جيون، دِلِ اندر ڏونهيون،
آئيو وڄهي آر ۾، نهائو لوهيون،
جي ساهڙ جيون سونهيون، مير سراڙو تن کي.

وائي

مُدَتَ ٿي ميهار يار، ساهڙ! سائر سير ۾.
اونهان ڪُن، آتانگ تڙ، اولي هڻ آدارا
ساهڙ! سائر سير ۾.
ڏينهن ڏهلا ڏمَ مين، آهيان آهڻان ڏار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
پِچل پانڌي پار ڪري، آتِ آبتا آر،
ساهڙ! سائر سير ۾.
تِتي گهڙي سوهڻي، آکهه ريءَ آدار،
ساهڙ! سائر سير ۾.

”ڪاري راتِ، ڪچو ڪهڙو“، توڏيءَ ڪِي تنوار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
سنيوڙو ميٺاهِہ سين، سِکهو رَسُ، سَنگهارا!
ساهڙ! سائر سِير ۾.
اوراران آهون ڪريان، پهچان شالَ پرار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
سڻيو جهانءِ جهجهي هِيٺئون، سانيارن سنيار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
آيم رِيلي ريءَ سين، الله، تو آهار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
تارِ ترنديس، لڙ لنگهينديس، وِينديس وَٽ وچار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
هورِ بنديس هارِ سٽي، مهين جي سِسار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.
ڪولي ڪهاڪهائي ڪهڙي، جڪنِ ٿا جانار،
ساهڙ! سائر سِير ۾.

## داستان پنجون

( ١ )

ڪيڏانهن کهنبَ ڪَڙَن، ڪيڏانهن آئي ويئون،
تيڏانهن نيون چرنِ، جيڏانهن ٻيٽ ميهار جي.

( ٢ )

ڪِنئي نيو مِهار، ڪِنئي نو کهنبَ ڪَڙي،
ڪِنئي دونهين دوستَ جِي، ڪِنئي ٻَريون ٻار.
جنهن مون سَپَ چمار، جر ٻر جهوتون ڏنيون.

( ٣ )

وَچن سين وِڻي، سوَر وِباڇي، سهڻي،
آن ڪا نِي ڏِيِئي، مِينهَن جي مِهار سين.

( ٤ )

ٻِجيو ٻينگهن ٻالَ، وِٽِي روء وَچن سين،
ڪٿهِ ڪَرِينديس ڪالَ، کَهرَ ڀَکو تان کهورِيو.

( ٥ )

ڪِچِي ٻابو ٻانهن، وِٽِي روء وَچنِ سين،
لايان لال لِڱن کي، آئِين جي چَرو ڪالهن،
آئون اوهان جي دانهَن، سدا ڀَٽان سَنري.

( ٦ )

پينگھا پسيو روءِ، وڃيو وٽائن ۾،
ڏونھينءَ ھامي دوست جي، ھاڻ ٻچاڙيو ھوءِ،
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال آچي اورانھون ٿئي.

( ٧ )

پيلٽان جت پڪيون، آيون آت وري،
ڪانھي ٻي ڪري، مينھن کي مھار ري.

( ٨ )

ميھاران مرڪ، پيتائين ھر ھر جي،
تنھن منڌ متوالي ڪئي، سنديءَ ساءَ سرڪ،
لڪيس ڪام ڪرڪ، لوھان تکي، لطيف چئي.

( ٩ )

ميھاران مھي، پيتائين ارھر جي،
آرڪ سرڪ، سيڌ چئي، لڪيس ڏوت ڏھي،
سکھي تان نہ سھي، ملي جان نہ مھار کي.

( ١٠ )

مري تان ۾ مھار، وٽاڻ ولھو ۾ ٿئي،
وڃن جي وچار جو، ونگو ٿئي ۾ وار،
ساھڙ مون سينگار، ماڙھن ليکي مھٽون.

( ١١ )

مينهون مِن ميهار جيون، آلا سپ ٻچنِ،
وچون جي ڪيرنِ سين، سدا ٿيون سونهن،
مون کي ماڻڪين، تاڻي هنيو تارِ ۾.

( ١٢ )

مينهون مِن ميهار جيون، آلا سپ جينِ،
ڪاريون، ڪڪيون، ڪنڍيون، وارا ڪيو وِنِ،
جوءِ جا جاندارن جي، پيلا ٻهه ٻهه ڪنِ،
آڇي ريل رهنِ، مون سانپارا سهرين.

( ١٣ )

چاهڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي آر،
ڪوڙين ڪر ڪنديون، سٽي سڌ ڌرار،
مينهون ساڻ ميهار، ٻرچي پارِ لنگهنديون.

( ١٤ )

چاهڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي ٻيٽ،
لڙ لنگهينديون ليٽ، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ١٥ )

چاهڪ چري تارِ تري، آيون مٿي ڪَن،
ڪوڙيين ڪَر ڪَٽِنديون، ساهڙ جي سَمَن،
ميِنهون ساڻ آمَن، ٻرچِي پارِ لَنگهنديون.

( ١٦ )

چاهڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي ڪوهه،
مٿي سَڏ ساهڙ جو، راضي ٿيندن روح،
ميِنهون ساڻ صبوح، ٻرچِي پارِ لَنگهينديون.

( ١٧ )

جا مَهاڙِ مِهار، سو مَنهن ميِنهن نہ ٿيو،
ڪِهڙ ڪارونيار، ڪِئن لَنگهينديون ڪنڌِيون؟

وائي

سون ڪي ڪا مَ جهلي، ميڪا ٻاڻ ملي،
آئون وِڏڙي نينهن آڇلي.
وِيندي آئون پارِ پِريان ڏي، سون ڪي ڪا مَ جهلي،
آئون وِڏڙي نينهن آڇلي.

تن وڏائين تار ۾، آڌي رات آچلي،
آئون وڏڙي نينهن آچلي.
سي ڏونهيون دوست جيون، منهنجو جيءُ جلي.
آئون وڏڙي نينهن آچلي.

## داستان ڇهون

( ۱ )

سانده سپ درياه، پري ڪنڌي پار جي،
ڇڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جتي جي وڙاهه،
پسيو ڏوهه ڏکي هينئون آر متي آرواح،
جي توهه ٽئي توڏاهه، ته وير وهيڻون ناهه ڪي.

( ۲ )

سانده سپ درياه، پري ڪنڌي پار جي،
ڪنبي هينئون "ڪماحقه"، آر متي آرواح،
دلاسي دارين جي، سانڍيو سانڍي ساهه،
جي توهه ٽئي توڏانهن، ته وير وهيڻون ناهه ڪي.

( ۳ )

سِڪَنِ وارِنِ مَٽِرو، جي دَهشَت سان دَرياهَ،
اوڙَڪِ آلين جو نہ رَهي، آرَ بِنا آرواحُ،
وِ بندي ساهُڙ ساڻهيون، صدقو ڪَنديون ساهَ،
جنِ ڪَنِي حُبَّ آنهِي جِي آهہ، ساهُڙ ساٽِي تَنِ جو.

( ۴ )

گهڙيا ميِ چڙهيا، اِيهين آئيٺِي،
مٿِي مَتي، مِهراڻ ۾، ٿهو ٿيو ڏيٺِي،
تہ ميهار مِليٺِي، سَنيوڙو سِڻاهُ سين.

( ۵ )

آ ڪيون مَنهن ميهار ڏي، رَکيون جَنِ جوڙِي،
ريءُ سَنڌِ سيڌ ڇٺي، تارِ گهِڙَن توڙِي،
تَنهين ڪي ٻوڙِي، سائِرَ سکهِي ڪين ڪِي.

( ٦ )

آڏي اُڏاٿان، سَرتيون! مُک مِهار جا،
اَنکهي سِير سَوانُ ٿيا، ساهُڙَ سيباٿان،
ٻِني ءُ تي ٻاٿان، ٻسان ماڻُ ٻِرِينِ جا.

( ٧ )

آڏيءَ آڏائون، هينئڙو مون هڻن مان،
وهه پئي واهڙ تري، ساهڙ سيباڻون،
پيچ پنيءَ پاڻون، ٻيءَ جو ٻسي آئيو.

( ٨ )

جيڏانهن چت چاهه گهڻون، آر پ لوڏاهين،
وڃي وهه واڪا ڪيو، تڪو تيڏالهين،
ميهار ملائين، لهرڻ منجهه، لطيف چئي.

( ٩ )

ٻليان، ٻليو نہ رهي، نرتون نينهن نبار،
گهڙان، گهوريو جندڙو، آئل مون آهار،
جنين من مهار، هلڻ تنين حق ٿيو.

( ١٠ )

ٻس، ٻستان ٻري ٿيا، اوري سندن آر،
درياهه ري سهاڙ، ڏسڻ گهڻون ڏهلو.

( ١١ )

ڪاڏي وڃان، ووءِ! جتن وڻ وڃارن منيو،
ڏوڏي ڇڏي ڏيهہ جا، جر سر آيي جوءِ
شڪستي، سيد چئي، ڇيهان ڪريو ڇوءِ:
”ساهڙ! سانگ سندوءِ، اچي اوراهون ٿئي“.

( ١٢ )

سندو ڏم ڏھڪار، ھڏھين ڪونهي ھن ڪي،
ھيءَ پاڻيءَ سين پانهنجو، ٻسائي نہ سينگار،
ڪارڻ منڌ مهار، ڪاريءَ رات ڪُن تري.

( ١٣ )

ڏم ڏيهائي ڏي، سندا ميهر ميهٽا
جھلير ٿي جھوليءَ ۾، ٻلءِ پائيو سي،
مر جان چاليھہ چئي، مڱان ٻپرين جي.

( ١٤ )

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نہ هوءِ،
اوهير آڇيو، آديون! پهہ پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چونم ڪوءِ، تہ مرڪ پايان مهٽون.

( ١٥ )

هوءَ جا پري باهه، منهن ميهارن جي،
آڳهه تنهن آهاءِ، وڃي ڪن ڪپيندي.

( ١٦ )

ته ڪر ڪيئن سٿي، جي سير نه گهڙي سهڻي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نه هٿي،
چڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنس اَن ڏهي،
سهڻيءَ ڪي سيد چئي، وڌو قرب ڪهي،
هونهين هوند مٿي، پر پڏيءَ جا پيٽا ٿيا.

( ١٧ )

ڪا جا ڪن ڪرين، پنيءَ، پڻ جهڻ پاڻ پر.
آڪيون تنهن آب ڪي، آڏيءَ آڪيرين،
توٿي تڪون ڏين، تپ آچ انهين ڪي نه لهي.

( ١٨ )

دائم جا درياهه ۾، ما مڇي ڪني ڪوهه؟
آهس ايءَ آندوهه، پاڻي ڪٿي نه پيان.

( ١٩ )

ڪِير ڪَن، آئون ڪِير، ڪِير ڏِمر سَهي ڏَم جا،
قضا رِيءَ ڪِير ڏَري، مَٿي ماٺيءَ مِير،
پينر! پِنيءَ وير، لَڌو تي تِي لوڙيان.

( ٢٠ )

جي ٻُڌان تہ ٻَنِ، اولِجان آن ٻار ڏي،
ڪَنڌيءَ آڇيو سپرين، مان ”ٻرا ٻرا“ ڪن،
مَيائي مين تن، جيڪر آئِي نِڪران.

( ٢١ )

لَهر مِڙوئِي، لال، وَهَنِ ڪَٿوريان وِترو،
اوٻارا عَبير جا، جر مان آچن جال،
ڪَنِ گِهڙي ڪالهہ، سِڪ ٻِريان جي سَٽي،

( ٢٢ )

جيڪي ڏِنءِ تارِ ۾، ڪَنڌيءَ سو ڪهيج،
جر وڏو جهاجهہ گهڻي، ٻاند م ٻسائيج،
ساهُڙ ساڳاهيج، تہ ثابت لنگهين سير مان.

( ٢٣ )

ڳوُرا ٻڌي پار، هينئون حيرت ۾ پيو،
وِهان تہ وِيرم ٿئي، نينهن ۾ ٿيو نہار،
وِڃان تہ واڪو ٿئي، پاڙي پوءِ پچار،
هتِ ٿي وعدي وار، هتِ سوٽون ڏينئم سرتيون.

( ٢٤ )

جاهڙ آندر جي، ساهڙ ڏني ساهہ کي،
ساهڙ ڇڙي نہ ساهہ جي، ساهڙ ساهڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع! تہ ساهڙ ڇڙي ساهہ جي.

( ٢٥ )

ور آونداهي راتڙي، چانڊوڻي چالڊان،
آوري ٻهاران، منهن ۾ پسان ڪو پيو.

( ٢٦ )

جان جان هئي جيري، وِرچي نہ ويئي،
وڃي پوَن پيئي، سارينديءَ کي سڄڻين.

( ٢٧ )

جان جان هئي جيري، ويئي نہ ويساند،
لڳي لهرين پاند، مياڻي مهار ڏي.

## وائي

آڪيون پير ڪري، وڃجي، ووا وڃجي.

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

لڪائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

محبتي مهار جو، سور نہ ڪنهن سلجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

## داستان ستون

(١)

تڙ نہ ڳهڙي تون، توءِ من ڪاڏو مهار ڏي،

ڏاڍو دور درياءَ جو، سڪن وڏو سور،

من ۾ موج مهار جي، ٻهس ٻريان جو ٻور،

ٻيلي ٻنهين ڪنڌيين، نت نهاري نور،

منجهان جر ضرور، ڪچي ڪي ڪوم ٿئي.

( ٢ )

ڀوڙيين چاڙهيين تون ڏٺي! ڀي جو دعوا دمي نہ دم،
هن منهنجي حال جو، ميهر تي معلوم،
رک پيلي جو پرم، جو آچي پيو آجهور ۾.

( ٣ )

ڪالڙي ڪنگ ٿياس، وهن جنازو سهڻي،
ڀڪها جي ڀيڻن جا، ڪلها تن ڏناس،
آڪيين ملڪ ڏناس، توءِ من ڪاڏو ميهار ڏي.

( ٤ )

آيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آئون ڀڻ وجهان هتڙا، آئين ڀڻ وجهو چار،
گهوريون ڪارونيار، مان ملنئون سپرين.

( ٥ )

ميهار ملاحن کي آيو آچي آڄ،
آئون ڀڻ وجهان هتڙا، آئين ڀڻ وجهو رڄ،
سنڌيءَ ڪن ڪڄ، مان هون سلامت سپرين.

( ٦ )

ميھار مَلاحنِ کي، آيو ڪري سَڏَ،
آدا انهن ٻار جا، سوڙي آچو مَڏَ،
وِيا جي وَهَ گَڏَ، هلو تہ ڏوريون آنِ کي.

( ٧ )

ڪَنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق آيو آهون ڪري،
تو ڪِئن ٻوڙي سَهٽِي، ٻيلِي! منهنجي ٻانهن،
دَرياهَ توتِي دالهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

( ٨ )

جتي ٻير ٻرنِ، پِريون پونِ پواريون،
تانگهہ نہ لڏي تارئين، مَپَ نہ مانيڙن،
ڪَنڌيءَ آيا ڪيترا، سيٽاهيا سنڪن،
تون ڪِئن تن ترڻ، آڇيو آساري گهڙين.

( ٩ )

پِريون پِر دَرياهَ، پسَ، جي ٻارِ پوندِيون،
ٻڌَ توڪل تر هو، آهر ساڻُ اللهَ،
جن جِي ساهڙ ساڻُ صَلاح، سي ڪِين ٻڌنديون ڪذهين.

( ١٠ )

مانڍياران سڏ ڪيو، آيا چونم: "آهه"،
هڪ تکو تار وهي، پيو لڙ لهريون ۽ واءُ،
سائي جن الله، پجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١١ )

مانڍياران سڏ ڪيو، آيا چونم: "آچ"،
هڪ تکو ئي تار وهي، پيو هٿ ڪميٽي ڪچ،
سائي جنهين سچ، پجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١٢ )

هاري! حق رکيج، مانياران ساهڙ جو،
خواب، خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏيج،
الدر آئينو ڪري، پر ه سو پسيج،
انهين راه رميج، ته مشاهدو مائيين.

( ١٣ )

هاري! رکج حق، مانڍياران ساهڙ جو،
خواب، خيال، خطرا، تنهين ڏيج ترڪ،
ڪريين غير غرق، ته مشاهدو مائيين.

( ١٤ )

تنَ جنهين جو طالبو، سانپارا سيئي،
منَ پرِيان نيئي، پکِهيو پاڻ ڪري.

( ١٥ )

ليا ڏِنم لار، سانپاران ساهڙ جا،
هينئون هتِ نہ وندري، ڏارارئون ڏار،
منهنجو منَ مِهار، پکِهيو پاڻ ڪري.

( ١٦ )

ڪهڙي ۽ ڪهوري، مٿان پرينءَ جندڙو.
محبت جا مِهراڻ ۾، تسو ٿِي توري،
ڏم وِڏو ڏوري، نت ڪَنن ۾ ڪير ڪهڙي.

( ١٧ )

بارهن ڪن، پٽيهہ تڙ، تڙ تڙ مٿي نانگ،
عشق جنِ آتانگ، بجهان سي نہ بڏنديون.

وائي

آيلِ! امڙ! ٿي جيان، لا! جي سارِينم سپرين،
ساهڙ سنداءِ صدقو، ڏهين ڏم ڏِيان،
لا! جي سارِينم سپرين.

مَٿان ماڻڪ هيڪڙي، اَملَ آڻ ڏِيان،
لا! جي سارِينم سپرين.
آچين،عبداللطيف چئي، تہ،جانب نِتَ جِيان.
لا! جي سارِينم سپرين.

## داستان اٺون

(۱)

ٻُڏنديءَ ٻوڙَنَ کي، ڪي هانڪ هَٿَ وِجهن،
پسو لَڄَ، لطيف چئي، ڪيڏي کي ڏِکَن،
توڻي ڪَنڌيءَ ڪنِ، لاتَ ساڻِ وڃن سير ۾.

(۲)

ڪَڇي ڪانِي ڪانهن، ٻُڏا ڪيڏي پارِ مان،
يا لنگهائي لطيفَ چئي، يا ڏِرئان ڪري دانهن،
"ڪما حقه" ڪکن جي، آهي ڳالهه آ ڳانهن،
ڏِينِ ٻُڏن کي ٻانهن، لاتَ ساڻِ وڃي سير ۾.

(۳)

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهن، تان تاڻي ٻڌج تَرهو،
هَٿ هِرِيان جي هَٿ ۾، ٻِي کي ڏِج م ٻانهن،
سندي ڪپر دانهن، ڪِ تو ڪنين نہ مُڃئي.

( ۴ )

هاواٺا هلن، ڪپر ڪارونيار جا،
لهريون لڙ لطيف چئي، پيلي تي پلن،
جي ڪڇي ساڻ ڪهن، آقا تن اوباهيين.

( ٥ )

آهيين هت آمان، پڌ ترهو تار جو،
لهريون لڙ، لطيف چئي، جهليا جنگ جوان،
اونهي تڙ آ گهڻيا، آڏي پائي آڻ،
جي پيا منهن مهراڻ، تن پانڌين پيٽ نه آجهي.

( ٦ )

ڪچوڪان ڪنيار، اوکي! ڪنهيو لئيين،
ڪه تو ڪنين نه مئي، پيلي تي پلڪار،
لوڙهيا لک لطيف چئي، ڪوڙيين ڪارونيار،
آڪاريين آڌار، آران آڪي وارين.

( ٧ )

ڪڇي ساڻ ڪهي، ڪو هجي نه سهٽي،
لنکهيو لڙ، لطيف چئي، وچارن وهي،
ما ڪٽن نينهن نهي، جنهن کي نينهن نڌو ڪٽي.

( ٨ )

اونهي ۽ اوهري، کهي ڪچي ساڻ،
سپڪ جو سيد چئي، پچي نہ پرياڻ،
عشق واريون عبداللطيف چئي، سڌ نہ ڪٽن ساڻ،
جنهين پاسي پاڻ، سي آوتران ئي آ ڪتيون.

( ٩ )

آنگ پسي رنگ، ڪيو ڪو جو دور دلي،
پرپر پيلي لہ ٿيو، ڪچو منجهہ ڪلي،
تران ٿي تار گهٽون، تنهنجي بحر بلي،
سو ميهارم ملي، آهيان جنهن جي آسري.

( ١٠ )

پايم نہ پيلو، مون کي ڏاڄ ڏ تاريو،
آڪي مٿي آسري، روح ڏنو ريلو،
تيلاهين ويلو، پئم واهڙ وچ ۾.

( ١١ )

ڪديا جي ڪلال، سي پسي خال خوش ٿئي،
پاڻيءَ چت پسائيا، ڏاڄ نہ جهلي ڏمال،
سپڪ پانيا سهڻيءَ، جوين جي جمال،
آڪي جا احوال، معلم ٿيا مهراڻ ۾.

( ١٢ )

ڪڇو تان ڪوهہ، ھڪو نظر پرين جو،
ساھڙ منھنجو سپرين، ڏمر ڏئيئي ڏوھہ،
جي چڱو، جي چوھہ، تہ ڀوريندين پار مٿي.

( ١٣ )

آڪو تہ آڪو، ڪڇو آيم ڪم،
جي جنين جا جم، ھڪا سي پڇنديون.

( ١٤ )

ھڪا رڃ ڪنيار جا، ھڪي لھائين،
سون کي تتائين، ڀيلو ڀاڳي آئيو.

( ١٥ )

ڪچي ڪٽ نہ جھليو، ڀيلو ڀيو ڀري،
سار چڏيائين سير ۾، ٻانھن ڪان ٻري،
لئي لھريون ويئيون، ڇوڏاري چري،
ھينئڙي منجھہ ھري، ماھيت ملڪالموت جي.

( ١٦ )

ڪچي ڪٽ نہ جھليو، ڀيلو ڀيو ڀڄي،
ماھيت ملڪالموت جي، منجھہ وجود وڃي،
ساھڙ کي سڄي، آڪي جي احوال جي.

( ١٧ )

ڪڇي ڪٽ نہ جهليو، پيلو سهي نہ پر،
هٿين ھيرين آگريين، ٻانهن چڙيو ڀر،
ساهڙ! سکهو ور، ٻيس منهن مهراڻ جي.

( ١٨ )

پيلي ٻلائي، ٻسي چٽ چري ٿيي،
"ٻر ٻر! ٻڏي سهڻي،" ويرن ۾ وائي،
ڪڇي ڪيرائي، لال لهرن وچ ۾.

( ١٩ )

ٻکو ڪنج پاڻ سين، چڱون چتائي،
ڪڇو ڏيج ڪلال کي، منهن تي موٽائي،
سو سڻ هينئين سين، سهڻي! جيڪي فائق فرمائي.
موجون منجهائي، مارينئي مهراڻ ڄيون.

( ٢٠ )

ڪو جو وريو واءُ، جنّن ٻر ٻانهن چڙيو،
آکي اِن تڙاءُ، اوندا هيائي آکران.

( ۲۱ )

ھُندي نَڪرِ ھَٽَ، ھِينئڙي حَجوَن ڇڏيوَن،
لَڪَ لِھرِنِ ڳَنڍيو، موجوَن وِريون مَٽَ،
نيمِ ڪَن قوتَ، پِرِ، پَلِيرا سپرين.

( ۲۲ )

ھِينئڙي حَجوَن ڇڏيوَن، قوتَ رَھيمِ ڪانَ،
مُون تي مونِجَ، مُون پِرين ساھڙَ جامَ سَجانَ،
آھيان گھڻوَن آڄاڻَ، پِرِ، پَلِيرا سپرين!

( ۲۳ )

پِرَ پَاليرا سپرين، پَلا ۽ ٻِيراھَ،
توريءَ تاري ناھَ ڪا، والي! توريءَ واھَ،
ساھڙَ جي صَلاحَ، تَن کي ڪِڍي تار مان.

( ۲۴ )

تَن کي ڪڍي تار مان، صَلحَ ساھڙَ جو،
آتِ آڏو آڄي ڪِين ڪِي، ٻيلِھو ٻي جو،
ميھر! ڪِج مُنھنجو، ڪو اوڪَرَ اِنھين آرَ تان.

## وائي

مون پاريچيءَ سار، آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

ڏم م جاڳي، لوا! مون پاريچي سار،
مون کي تني ميڙيين، جت ڪنڊن جي قطار،
آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

ٻرن ٻيلاين جا، سانيارا سنيار،
آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

وڃ م هوءِ وصال کي، سباجها ستارا!
آئون جا ويندڙي وٽ وچار،

گهر گهر گلا جا وهي، هاڙي پنڌ پچار،
آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

تاڪن تڪي آهيان، سگهو رس، ...
آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

## داستان ٽئون

( ۱ )

جر تر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ وائي هڪڙي،
ميهٽي شيءَ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيين؟

( ٢ )

سيت ڀچار ڀرين جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟

( ٣ )

لهرن لڪ لباس، ڍاٽي ڀسڻ هيڪڙو،
اوڏهي تنهن عميق جي، واري چڏ وماس،
جت ناهه نهايت نينهن جي، ڪوءِ آت ڀنهنجي ڪاس،
تڙن جي تلاش، لاهه ته لالن لڪب ٿيين.

( ٤ )

جان ڪي گهران م وڃ، نات موٽ م سهٽي،
ڀيون ڀيري ڀڄ، هيڪڙائي هٿ ڪري.

( ٥ )

مرج وٽ ميهار، متان موٽين سهٽي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارين.

( ٦ )

چوڻم جي هيڪار: ”م وڃ موٽي سهٽي!“
دونهين ٤ ڀامي دوس جي، گهاريان سڀ چمار،
ڀانديٽان ڀيهار، هوند نه لڳين لائيان.

( ٧ )

وَڃان ڪين وَري، هوندَ ري ڇني رهي رهان،
دُونهينءَ ٻاهي دوس جي، ماکهن ٻَٽان مري،
صُورت نه سونهن ڪا، ڪيس چِت چري،
وِصالان فِراق جي، سڄي ڳالهه ڳري،
تيلاهين تري، منهن ڪٽيو موتيو وَڃان.

( ٨ )

آئون ڪ نه چاٽان ايئن، ته جَر کهڙئي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪنڌ ڪڍبو ڪيئن،
هِڪ لکئي، ٻِي نينهن، آئي اوليس اول ۾.

( ٩ )

ڪانيءَ نه ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
آڳ آتيئي لکيو، جت نه رسي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، قضا قلم وهائيو.

( ١٠ )

لکيو جو نراڙ، سو آنگ ڪياڙيءَ نه ٿئي،
ٻاريو ويٺي ٻار، جيڪي لکيو لوح ۾.

( ١١ )

جي قيام ميڙن، ته ڪر اوڏا سپرين،
تهان پري سڄڻ، واڌايون وصال جون.

( ١٢ )

گهڙن. واريون ترن تي، گهڙن گهٽيئي،
سيڪا چئي: "آن سهٽي، لئي پريان پيئي"،
صباح سيئي، پسبيون پاتار ۾.

( ١٣ )

ڪنڌي آيون ڪيتريون، "ساهڙ ساهڙ" ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي "گهوريس" ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

( ١٤ )

پرينءَ پر پريت مان، ته ساهڙ سڌ ڪري،
جي نه گهڙان موني وڃان، ته ڪا ساه سري،
وڙ حان ... پري، گهڙان گهوريو جندڙو.

( ١٥ )

گهڙي گهڙو همت ڪري، پهون نهاري پنگ،
"مرد رقدم بار فدا شد، چه بجا شد"، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، آلا! مي آڪارين.

( ١٦ )

جي تو بيت پاڻيا، سي آيتون آهين،
وجيو لنئون لائين، پريان سندي پار ڏي.

( ١٧ )

تڙن جا طعنا، سهڻا ڏينم سرتيون،
درياهه ديوانا! سڻ حقيقت حال جي.

( ١٨ )

تران لـئي طعني، متي وهه واڪا ڪيو،
آئي وڏيس آر ۾، درياهه ديواني،
قلم جي ڪاني، آئي اوليس اول ۾.

( ١٩ )

تران تان مران، وران تان وهه وترو،
هينڙي ۾ هوتن جا، آچن کهور کهڻان،
پسيو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهه ڏران،
وڃان ڪين وران، ڪنڌي ء منهنجو ڪارڻي.

( ٢٠ )

نڪو منڌو سور جو، نڪو منڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڄائي پاڻ لهي.

( ٢١ )

عدد ناهي عشق جو، سٽي ٿيءَ ساٽي،
ڪانهي ڀڃاٽي، مهندان منڊ! سيهار جي.

( ٢٢ )

سِڪ تنهنجي سپرين جئن تران تئن تار،
تونهين رهين روح ۾، تونهين آکنئان پار،
پرين! تنهنجي پار، مون واجهائيندي ورهه ٿيا.

( ٢٣ )

سِڪ تنهنجي، سپرين! ڪپي ۾ ڪوري،
سگهان نه چوري، ڏاڍو نير نينهن جو.

( ٢٤ )

سِڪ تنهنجي سپرين! آندر ٿي آجهل،
پرڪيو پاهر نڪري، ڪوري ڪائٺي ڪل،
ري سيراهيءَ سل، مون ڪي ڏنا سجڻين.

( ٢٥ )

سِڪ تنهنجي، سپرين! آندر ٿي آجهاڳ،
منجهه پريائين ماڳ، پلئيو پاريون ڪري.

( ٢٦ )

ڪي تران، ڪي تار مون، ڪي سکهان، ڪي سکهه،
آڏو ڏيج م لڳ، مون هيڪلي ولها.

( ٢٧ )

سڪ سڪندين لاهه، وڇوڙيا ميڙ پرين.
ايڏي سکهه، سچا ڏٺي، تو هي ڪي جڳاء،
من جنهين جو طالبو، مهر تنين ڪي پاء،
ميڙائي جو، ماء! ڪانگ لوندو ڪڏهين.

( ٢٨ )

ڏٺي ٿيم ڏينهن، ڪهه جاڻان ڪهڙا پرين،
نيڻ پرجي لينهن، ڀلئيا پاريون ڪري.

( ٢٩ )

ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪهه جاڻان ڪهڙا پرين،
ولن جڻن وريام، ڳوندر غم پرين جا.

( ٣٠ )

ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪهه جاڻان ڪهڙا پرين،
سهسين سج الهي، واجهائيندي ويام،
تنهين سال ٿيام، جنهين ساعت نه سهان.

( ٣١ )

ڳهڙ، نہ وڙ، نہ وٽ ڪا، آهہ مَن مهار،
اِنَ اوسيڙي آئيان، سنجهي ڪري سينگار،
ٻرين تنهنجو ٻار، پسان مانَ ٻر ڪهين.

وائي

نهين نهين سيڏي وَس، ووا ٻنا دلبر هٿي دل ماندي.
سڪان ٿي سنگهار ڪي، باب نہ منهنجي بس.
مون ڪي مت ميهارجي، ڪان آڇي ٻي ڪس.
درد دسي آهيان، درد سهين جو دس.
سَڪ نہ ٻچي سهٽي، ڏکَ ڏکيءَ کي ڏس.

## داستان ڏهون

( ١ )

ساهڙ ڏاران سهٽي، آڏو ٽي آهي،
ڪنڌيون جو ڪاهي، ٻاسي ٿهين ٻاڪ ٿئي.

( ٢ )

ساهڙ ڏاران سهٽي، نسوري ناپاڪ،
نجاست ناهہ ڪري، آنهين جي اوطاق،
هوءَ جي ڪير ٻياڪ، ٻاسي تنين ٻاڪ ٿئي.

( ٣ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جنبي جوءِ،
هن ڀاڻيءَ سين ڀانهنجو، مور نه متو ڏوءِ،
جي ڀرينءَ ڀاسي هوءِ، ته ڪر توڏيءَ تڙ ڪيو.

( ٤ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جهڪي زال،
توڏيءَ تپ شروع ٿيو، هئي! هيٺيءَ جي حال،
جڏي ري جمال، آگهي ٿي آهون ڪري.

( ٥ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏم ڀاسي ۾ ڏکندو، صحت وٽ سنگهار،
توڏيءَ سندي تن جي، دوا ۾ ديدار،
جي ڀسي منهن مهار، ته سگهيائي سگهي ٿئي.

( ٦ )

متان گهڙين، سهڻي، آڄ درياهه ۾ ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، کهڙو آٿئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين.

( ٧ )

پڇي پاڙي واريون، ڪوھ ڪرينديون ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، آھي ڪاٺيارن ڪم،
ھيءَ ھڏو ۽ چم، گھوريو سجڻ مهار تان.

( ٨ )

مدا پيچ م، سهڻي! اونداھيءَ آڌ رات،
پريان ڏي پريات، وانءُ ڏيناري ڏيھ ڪي.

( ٩ )

مائر پوڙي سهڻي، نه ڪنهن ڏوري ڏني،
آکن منجھ اکنديءِ، مياڻي مهار ڏي.

( ١٠ )

ڏيهاڻي ڏمر ڪري، مٿي محبت مون،
تنهن ڪي آڇي تون، پريم! ڪوھ نه هلين.

( ١١ )

ساھڙ سڪيءَ ۾ نيو، پاڻيءَ منجھ پنو،
سندو ڪچ ڪنو، تار ترندو ڪيترو؟

## وائي

( ١ )

ڪھ چاڻان ڪيڏاهين؟ منهنجو تن تـئي تيڏاهين،
سائين! نيڻن نينهڙو لڳائي وِڌا۔
جيڏانهن عالم آسرو، مون ٻن آهي اوڏاهين۔
ڏونهين دوست مهار جي، ڏئي جڻن ڏنائين۔
ساري سپيرين کي، رھ ھر رت رنائين۔

## وائي

( ٢ )

منهنجيون سيڻي، آيل! ماءِ! من مرادون پنيون۔
جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نہ ڪاءِ.
ڪجي تان ڪوڙ ٿئي، سجي تان سيباءِ.
ويھ داتا جي در تي، شڪر جنهن جڳاءِ.
ڪانهي حد حمد جي، تہ ڪريان لالن لاءِ.
ڳنيو ڳـٺيان ڪيترئون، وڏيون وڏاياءِ؟
سو مون ھٿان نہ ٿئي، جيڪي تو جڳاءِ.

تو سچِيون، تو سنڌيون، سڪن تو هِين ساءِ،
آءٌ تنهنجي آچِيون، لوچن تو هِين لاءِ.
دل دانهن ري نہ رهي، مون کي مات جڳاءِ.

## داستان يارهون

( ۱ )

وٽن ويٺا ڪانگ، وچينءَ ني ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري سٽي سانجهيءَ بانگ،
سيني ڏوندي سانگ، جتي ساهڙ سپرين.

( ۲ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، پهون نهاري پنگ،
"و آمامن خاف مقام ربه" اِي لنگهيائين لنگهہ،
سڪندين کي سيد چئي، ڪين جهليندو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! مي آڪارئين.

( ۳ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو،
منهنجو من ميهار کي، ٻار وجي ٻهتو،
گهوتي ۽ گهوتو، مون کي محب ميهار جو.

( ٤ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سانگو چڏي ساهه،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، دانهون سجهه درياهه،
ٻر ٻانهن چڏيو، ويس سيئي واهه،
مدد ري ميهار جي، غرض سڀ گناهه،
نوري ڪر نگاهه، ته ساهڙ لنگهيان سير کي.

( ٥ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ دريا دانهون،
موٽ محب! ٻانهون، تاڪن تڪي آهيان.

( ٦ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي تهارا
چنگهه چرڪي وات ۾، مسي کي سيسار،
چوڙا ٻيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙيس وار،
لکين چهنيس لوهٽيون، تيليون ترنئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ٻاگا ٽيندي سوهٽي!

( ٧ )

منهن جنهين جي مون، ڏٺو، منهن ميهار جو،
آهِ ساهُه سنئون، سو ڪٿ ڳهڙو گهوريان.

( ٨ )

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، مر چور ٿئي چوڙو،
"طالبُ المولىٰ مذڪرٌ"، ايءَ ٻڌندن ٻوڙو،
ڪوڙهيو ڏم ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾.

( ٩ )

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، مر ٻيڙ ٿئي ٻانهين،
"طالبُ المولىٰ مذڪرٌ"، ايءَ ٻر هين،
ٻران ته ٻانهين، مون ميهار مَن ۾.

( ١٠ )

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، ٻاٽان هو حجاب،
واجٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءَ ثواب، آئون گهٽوئي گهوريان.

( ١١ )

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، تون ڪين ترُ هينئان!
آدب آڪڙين ڪي، ڏيهاڙي ڏيان،
ميهارن ميان، سئون سونهاين ٻيڙو.

( ١٢ )١

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسر م لاهيج،
"لاتقنطوا من رحمة الله"، ترهي اِن تربج،
حبيباڻي هيج، پسين منهن ميهار جو.

( ١٣ )

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، ويا وسيلا،
سار ڇڏيائين سير ۾، هئي! رهيا هيلا،
سهڻيءَ جا سيلا، وحدت سڀ وڃائيا.

( ١٤ )

گهڙو ڀڳو، منڌ مئي، وسيلا وڻا،
تنهان پوءِ سڻا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

( ١٥ )

جڏهن وسيلن، لوڙهي ڇڏي لڙ ۾.
پاراران پرين، تڏهن ٻچي سهڻي.

( ١٦ )

پاڻ م ڪنج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ آڻاءِ، پير پريان جي پار ڏي.

( ١٧ )

ڀاڻ ۾ ڪنج ڀاڻ سين، ريءَ وسيلي وانءَ،

مَتاع مائر، سوهڻي! پرت ونجي پاڻهي،

نينهن ڳنهندي نانءَ، ونءَ پريان جي پار ڏي.

( ١٨ )

ڀاڻ ۾ ڪنج ڀاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ،

لالن تنين لڌ، عشق جن جي آڳ ۾.

( ١٩ )

ڀاڻ ۾ ڪنج ڀاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ،

ڀيلو ڀيري ڀڄ، اڪنڊ ڪن عميق ۾.

( ٢٠ )

ڀاڻ ۾ ڪنج ڀاڻ سين، وسيلا وسار،

لڙ لنگهائي، سهڻي! پرت وڃهنديئي پار،

سي ترت لنگهيتديون تار، اڪنڊ آڳهه جن سين.

( ٢١ )

ڪونهي آڳهه اهڙو، جهڙي محبت من،

آڀيون اوربين ڀار ڏي، ڪوڙيون ڪک ڀڄن،

ندي تن نيڙ نٿي، جي ريءَ ترهي ترن،

سڪ رسائي، سهڻي! اَصل عاشقن،
مي جهلبون ڪين ڪنن، ڄڃن جي ميهار ڪي.

( ٢٢ )

ڄڃن جي ميهار ڪي، ڄڃي مي ميهار،
تَرهو تنهين يار، عشق جنين کي آڪرو.

( ٢٣ )

عشق جنهين کي آڪرو، تَرهو مٿي تن،
جي ساهڙ کي سِڪن، تنين جَر جنڊ ٿئي.

( ٢٤ )

تَرهو آڇ م تن کي، جن عشق مين آگاهه،
ڄڃي مس ملاح، ساهڙ مٿي سوهڻي.

( ٢٥ )

ساهڙ، سا سوهڻي، سائر ٻئي سوئي،
آهي نجوئي، ڪجهه: ڪجهاندر ڳالهڙي.

واڻي

کهڙي منجهه حساب، هڻڻ منهنجو هوت ري، لا!
گولي! پڇ گناهه ڪان، ڪونهي سول ثواب،
هڻڻ منهنجو هوت ري، لا!

نَڪِين تَـفَـاوَت ۾، نَـڪـيـنِ مَـنـجهـہ رَبـاب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
خـوديـائـِي خَـوبَ نِيِـين، لايِن جَـي لَعاب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
پَلِيتَ ٿِي پـاڪَ ٿِـئـي، جَنْبِـيـو مَنجهہ جناب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
سـو نہ ڪهِين شيءِ ۾، جيڪِين مَنجهہ تـراب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
هوءَ جي جَرَڪن جَرَ تِي، سِي تان سَيِ حَباب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
هاديءَ سين هَنَ پارَ ڏِي، رِڙهِين ساڻ رِڪاب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
چَنْبو وِجـهـي چـورَ ڪـي، آءٌ چَـڙ، عقاب!
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!
دِيدَ وِجهاءِ ۾ دوستَ جـو، هَلِي مَنجهہ حِجاب،
هُنَ مَنهِنجو هوتَ رِيءَ، لا!

كَثْرَت آهي قَرب ۾، اُدغام ۾ اعراب،

هَڻَ منهنجو هوت ري، لا!

فَنا وِجهي فَم ۾، ڪارڻ تي ڪباب،

هَڻَ منهنجو هوت ري، لا!

ڏي طَهُورا تَنِ کي، جي سِڪن لاءِ شراب،

هَڻَ منهنجو هوت ري، لا!

مَنِيءَ ڪِيا مَرض ۾، جاوا سَي جَواب،

هَڻَ منهنجو هوت ري، لا!

هندوا: سينهن وساوڙا(ڳاڙها جيت).
هُنگ: هُونگار. هڪل.
هِنگلور: هنگلاج.
هِنهان: هن ڪان پوءِ.
هِنُئار: هن سال. هينئر.
هَٿِي ويا: ٿري ويا.
هوائون: وهم. اجايا خيال.
هوائي: نابود. خام.
هوتُ: بلوچن جي 'هوت' قبيلي جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتائي: 'هوت' بلوچن سنجهان. پنهون. محبوب.
هور: هرڪر. ڪُتڪو.
هورا: ڳِٽِتي. انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو. ننڍي پيڙي.
هول: ڊپ. فڪر.
هُونِ: هُجن.

هُون: سان. آءٌ.
هوندو: جيڪي سوجود هجي.
هِئان: هِتان.
هئائين: هِتائين.
هُنُئڻ: هٺ. هستي.
هِيُ: هيءُ وجود. هستي.
هيجان: هيج سان. پيار مان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيدي: اڻ جي واڳ. پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: سيلاپ. گڏ جائي.
هَيَنِ: سُيَنِ. مُئَنِيَنِ.
هيهات: افسوس- هاءِ هاءِ.
هَيُهاتَ هَيهاتَ لِما توعدون:
هاءِ شل (پري هجي) اها
ڳالهه جنهن جو توهان کي
ڊپ ڏنو ويو آهي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

**پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation**

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)